
تو بِن اُداس من
[ناول]
ايس نرگس حق

# تو بنِ اُداس من

## ايس نرگس حق

الشفيع پبليڪيشن دادو

2021ع

**ڊجيٽل ايڊيشن**

2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: توبِن اداس من

ليکڪ: ايس نرگس حق

موضوع: ناول

ڇاپو: پهريون

سال: 2021ع

ٽائيٽل ڊزائن: مور ساگر

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: ثريا سولنگي

ڇپائيندڙ: الشفيع پبليڪيشن مارڪيٽ روڊ دادو

قيمت 500 روپيه

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

**www.sindhsalamat.com**

TO BIN UDAAS MUNN

NOVEL

By S. NARGIS HAQUE

First Edition 2020

Computer composing Suraiya Solangi

Title Mour Sagar

Published by Al Shafi Publication

Market Road Dadu Sindh

Price Rs. 500/

# انتساب

منسوب ڪيان ٿي

**ڀاءُ محمد بخش سميجو**

جي نانء

جنهن منهنجي هن ڪهاڻيءَ جو اسڪرپٽ ڏسي

مونکي وڏيڪ لکڻ لاء اتساهيو

۽

**ڀاءُ روشن علي سولنگي**

ڏانهن

جنهن منهنجي آڏين ابتين لکڻين تي بہ

وڏو فخر محسوس ڪيو.

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران **ايس نرگس حق** جو لکيل ٻيو ناول **”تو بِن اُداس مَن“** اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.

محترمہ ايس نرگس حق ادب جي اهڙي خدمتگار آهي، جيڪا سنجيدگيءَ سان پنهنجي قلم کان ڪم وٺي رهي آهي ۽ سنڌي ادب ۾ پنهنجو حصو مَنَ جي سچائيءَ سان شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ناول بابت محترمہ ايس نرگس لکي ٿي تہ هن ناول جي ڪهاڻيءَ جو اسڪرپٽ يا ائين کڻي چئجي تہ مختصر خاڪو 2004ع ۾ لکي ٽي وي پروڊيوسر ٻاءُ محمد بخش سميجو (مرحوم) آڏو راءِ وٺڻ لاءِ ڪٽي ويس . جنهن اسڪرپٽ پڙهي چيو تہ تمام سٺو لکيو اٿو، لڳي نہ ٿو تہ ڪنهن پهريون دفعو طبع آزمائي ڪئي آهي.توهان ڪهاڻي کي ٻيهر لکڻ جي ڪوشش ڪيو، اجا وڌيڪ سٺو لکي وٺندا. هي اسڪرپٽ دير سان ئي پر وري نئين سر سنواري ناول جي صورت ۾ ڇپايو ويو آهي.

هي ڪتاب الشفيع پبليڪيشن، دادو پاران 2021ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون رجب آزاد جا جن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# اداري پاران

ادبي کيتر ۾ جتي نوجوان اديب ۽ تخليق ڪارادبي ڪاوشن کي مالامال ڪرڻ ۾ مضروفِ عمل آهن، اتي اسان جا سينئر اديب بہ پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي کي يڪجاء ڪري پنهنجون نکور تخليقون، مختلف صنفن جي حوالي سان ادب جي جهول ۾ وجهي رهيا آهن. جيڪي نوجوان ليکڪن لاء وڏي اتساه جو سبب بنجن ٿيون

محترم ايس نرگس حق ادب جي اهڙي خدمتگار آهي، جيڪا سنجيدگيء سان پنهنجي قلم کان ڪم وٺي رهي آهي ۽ سنڌي ادب ۾ پنهنجو حصو مَنَ جي سچائيء سان شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

سال 2015ع ۾ سندس ناول ”اداس راهون مان تنها“ ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو هو جنهن کي سنجيده اديبن ۽ پڙهندڙن ماناڻتي موٽ ڏني هئي ۽ اهائي موٽ سندس اتساه جو باعث بڻي. جنهن جي نتيجي ۾ سندس هي ٻيو ناول، " تو بن اداس من " اوهان سڄاڻ سڄڻن جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ بيحد خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. مشهور شاعر ۽ مفڪر جان هينري نيومن انساني فڪر خيال ۽ احساس، جيڪي زبان ذريعي لفظن ۾ بيان ڪيل هجن، تن لفظن کي ”ادب “ ڪوٺي ٿو. يعني ادب زندگي جو ترجمان آهي ۽ اظهار جو مئوثر ذريعو پڻ، جنهن جي رستي تي هر اديب پنهنجي وس آهر عمل پيرا آهي. اميد تہ الشفيع پبليڪيشن دادوءَ جي هي ننڍڙي ڪاوش اوهان وٽ عزت ۽ مانُ لهندي.

اوهان جي مثبت موٽ ۽ راءِ جو انتظار رهندو.

**رجب آزاد**

سيڪريٽري

الشفيع پبليڪيشن دادو

# پنهنجي پاران

مون هن کان اڳ ۾ ٻه حادثاتي طور هڪ ڊرامه / ڪم ناول لکڻ جي ادني ڪوشش ڪئي هئي جنهن جو مڪمل احوال "اداس راهون مان تنها" جي پيش لفظن ۾ ڪيو هيم. مان نه ته اديب آهيان نه مصنف. جو منهنجي ڪا لکڻي ان معيار تي پرکجي سگهي. بس لکڻ جو ننڍپڻ کان شوق رهيو آهي, ان ڪري آڏا ابتا جملہ جوڙي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏئي پنهنجي ان شوق کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهندي آهيان. مونکي ياد آهي جڏهن منهنجو گهر وارو حق نواز نوڪري سانگي سکر ويل هو ۽ مان ڪڏهن ڪڏهن کو خط يا مراسلو موڪليندي هئس, ته هو هميشه ان تي تبصرو ڪندي چوندو هو ته "سنو ٿا لکو ته پوءِ لکو چونه ٿا." ائين اديب يا مصنف ته نه بنجي سگهيس البته لکاري يا لکڻ واري چئي سگهجي ٿو.

موجوده ڪهاڻي جو اسڪرپٽ يا ائين کڻي چئجي ته مختصر خاڪو 2004ع ۾ لکي ياءُ محمد بخش سميجو (مرحوم) آڏو راءِ وٺڻ لاءِ کڻي ويس . جنهن اسڪرپٽ پڙهي چيو ته تمام سنو لکيو اٿو, لڳي نه ٿو ته ڪنهن پهريون دفعو طبع آزمائي ڪئي آهي.توهان ڪهاڻي کي ٻيهر لکڻ جي ڪوشش ڪيو, اجا وڌيڪ سنو لکي وٺندا. ان کانپوءِ مون کيس "اداس راهون مان تنها" سيريل جو اسڪرپٽ ڏيکاريو ته پاڻ چيو هئائون ته مان اها سيريل پاڻ ڪندس. پر بدقسمتي سان سندن طبعيت خراب ٿي وئي ۽ جلد هو اسان سان نه رهيا. ان کان پوءِ مون اهو سيريل پي ٽي وي جي سينئر پروڊيوسر جناب مقبول شجراه صاحب کي ڏيکاريو جنهن جو احوال مان پنهنجي گذريل ناول "اداس راهون مان تنها" ۾ تفصيل سان ڪيو آهي. اهو سيريل آن ايئر ته نه ٿي

سگهيو. البتہ مقبول شجراه صاحب ڪمپنسيٽ ڪندي منهنجا ٻہ سولو پلي ”انتها“ ۽ ”لمحن جو احساس“ ضرور ٿيلي ڪاسٽ ڪيا.

هي اسڪرپٽ ائين ئي پيل رهيو. مصروفيتن جي باعث مان ان تي ڪم نہ ڪري سگهيس. ”تو بن اداس من“ جي ڪهاڻي مونکي تمام گهڻي دل کي ڇهندڙ لڳي هئي ۽ جيئن ئي فرصت جا لمحا ميسر ٿيا تہ مون ان تي طبع آزمائي شروع ڪئي. ائين ڪتابي شڪل ۾ اوهان پڙهندڙن آڏو حاضر آهي. لکندي لکندي شايد ليکڪ بنجي سگهان. دعا ڪري سگهجي ٿي، آمين.

**ايس نرگس حق**

# فيس بڪ تي دوستن جي راءِ لاءِ رکيل ناول ’تو بن اُداس من‘ جون ڪجهه سٽون

”ماريہ تون بہ عجيب آهين. توکي پيلا ڪهڙي ڄاڻ. توکي تہ بنا سپنا پسڻ جي، سڀ ڪجهہ ساپيان ۾ ملي ويو. تشنہ آرزوئون جڏهن خوابن ۾ پوريون ٿيڻ لڳنديون آهن نہ تہ سڄاڳ ٿيڻ ڪانپوءِ اهو درد اڄان بہ سوايو ٿي ويندو آهي، هر شي اسان جي پهچ کان دور جو هوندي آهي.......“

” اڄ جو ڏينهن غزل لاءِ ڪيترائي سرپرائيز ۽ پيغام ڪٺي آيو هو. هوءِ پاڻ کي هلڪو ڦلڪو ۽ هوائن ۾ محسوس ڪري رهي هئي. ورهين جا ٿڪ دور ٿي ويا هئس. ڪيس زندگي گذارڻ جي نئين جهت ملي وئي هئي. ايترو عرصو رُڃ پوبان ڊوڙندي ڊوڙندي پير پٿون جو ڪري ڇڏيا هئائين، اڄ ڪيس اها پروڙ پئي هئي. تہ اسان انسان ڪيترا خودغرض، مطلبي ۽ موقعا پرست هوندا آهيون، پاڻ ئي خواب اڻندا آهيون ۽ تعبير نہ ملي تہ پاڻ کي ئي لهولهان ڪري ڇڏيندا آهيون، “

”مونکي الائي ڇو ائين پيو لڳي تہ هي صورت منهنجي لاءِ اجنبي ناهي، بلڪ هن سان ورهين جي ڪا شناسائي آهي، وري وري منهنجي اندر مان هڪ آواز اڀري ٿو تہ هن مورت جو منهنجي جيون سان ڪو گهرو ناتو آهي، ” بس ڪر غزل پليز. ڪنهن ٻڌي ورتو تہ هرو ڀرو تنهنجي ذهني حالت تي شڪ ڪرڻ لڳندو.........“

”مس غزل شفيع پنهنجي ئي تراشيل هن شاهڪار مورت ۾ ايڏي گم ٿي وئي آهين جو دنيا و مافيها کان بي خبر الائي ڪهڙن خيالن ۾ غرق آهين، مجسمي کي حقيقت جو روپ ڏيڻ جو پروگرام آهي ڇا؟ “

غزل اچانڪ پارس جي ائين تبصرو ڪرڻ تي ڇرڪجي هن طرف نهاريو ۽ بي يقيني واري ڪيفيت ۾ ڪانئس پڇڻ لڳي، ”ڏس پارس هي مورت ڪيڏي نہ پر ڪشش پئي لڳي. بلڪل منهنجي تصورات وانگيان.سوچيان

پئي تہ ڇا هي صورت حادثاتي طور وجود ۾ اچي وئي آهي يا ان ۾ منهنجي اندر جي ڪنهن دبيل خواهش جو اظهار پوشيده آهي.“ پارس هن جي اهڙي فلسفيانہ اندازِ گفتگو تي ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳي.

## مٿي لکيل فيس بڪ تي رکيل سِٽن تي پڙهندڙن جي راءِ

**جناب اعجاز سمون**...... هر تخليق پنهنجي سڃاڻپ پاڻ کڻي ايندي آهي...... هي ناول بہ پنهنجي سڃاڻپ سان گڏ سنڌي ادب ۾ هڪ پنهنجي سٽي ۽ الڳ جڳهہ ٺاهيندو ۽ سنڌي ادب ۾ ناول جي کوٽ کي پورو ڪندو.

**جناب صلاح الدين پنهور**....... پليون سٽون

**جناب امان پٽي**........ واه! سپر ٿاٽ ..بهترين سٽون ميڊم سدا سُرها هجو. سلامت رهو.

**جناب محمد اشرف جويو**...... دوز ڊيز دوز لائينس

**جناب مصطفيٰ ڪمال پناڻ**.... ميڊم تمام شاهڪار سٽون.

**جناب سولنگي منظور**.... آپا هي سٽون واه جون آهن. وڏو خوش نصيب آهي اهو ڪردار، جنهن لاء اهي لفظ لکيا ويا هجن.

**جناب غلام سرور لغاري**...... واه ! ناول لاءِ بيچيني سان انتظار رهندو.

**جناب مهر احسن الحق**..... زبردست

**محترمہ ايڊوڪيٽ فائزه سولنگي**..... بيوٽيفل لائينز

**محترمہ عذرا سلطان**........ زبردست سپرب

**محترمہ قمرالنساء شورو**... واه! واه! زبردست سٽون آهن ناول ڪڏهن ايندو،پليز ايترو انتظار نہ ڪرايو جلد ناول جو ديدار ڪرايو

**محترمہ نسيم خان محمد انڙ**..... نائس لائينس لَو دس

**محترمہ بلقيس شفيع**......اها وندر زبردست آهي، لکيل بهترين آهي، گڏ رائيٽر واه! زبردست

**محترمہ للين چارلس**........يو آر جينيس لوَلي لائيز

**جناب شير محمد کھاوڙ**.....واه ! هارٽ ٽچنگ لائنز

**جناب عابد خان**........ بهترين

**جناب راشد مرڪياڻي**.....تمام سٺيون لائينز ميڊم

**جناب مظهر ملاح**........ سو نائيس

**جناب علي فهد**..... تمام سٺو لکيو اٿوَ ڪڏهن ٿو اچي ناول، انتظار رهندو

**جناب رابيل سولنگي**... سٽون پڙهندي ائين لڳو ڄڻ هي صرف منهنجي لاءِ لکيون ويون هجن، الائي غزل جو اهو آئيڊيل شاهڪار ڪير هوندو .اشتياق وڌي ويو آهي.

**محترمہ پنڪي سولنگي**....ايڏي مشڪل سنڌي اسان لاءِ تہ پڙهڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو، اڳيون توهان جو ناول بہ اٽڪي اٽڪي پڙهيو هيم پر نيڪ آ ائين پڙهندي پڙهندي سکي وينداسين بهرحال دل کي ڇهندڙ لائينز آهن، ناول اچي تہ خبر پوي. اميد تہ توهان نيڪسٽ اردو ناول لکندا، انشاء الله

**محترمہ عظميٰ شاهہ**.........بهترين سٽون، لَويو نائيس لائينز

**محترمہ ماريہ ميمڻ**.......آنٽي آپ ني ميرا نام ناول مين يوز کيا هي ٿينڪس، ويري نائيس لائينز.....

♥

هر طرف رنگ برنگي لباس اوڍيل ناريون ڪن جي هٿن ۾ برش ڪينواس ۽ ايزل جي سامهون پنهنجي ناهيل تصوير جي نوڪ پلڪ سنوارڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ته ڪي پٿر ۽ ميڻ جي تراشڻ جا قلم ڪنيو پنهنجي پنهنجي گهڙيل مورتن ڪي غور سان نهاريندي انهن جي نقش و نگار کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ جي پنهنجي پنهنجي ڪاوشن ۾ رڌل هيون.

لاهور جي آرٽ ڪاليج ۾ سنڌ سان تعلق رکندڙ غزل شفيع فائن آرٽ جي تربيت لاءِ هتي آيل هئي . غزل چوويهن ستاويهن سالن جي هڪ نازڪ نفيس، من موهڻي صورت جي مالڪ ناري جنهن جو تعلق وچولي درجي جي خاندان سان آهي جنهن سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان فائن آرٽ جي تعليم حاصل ڪئي. ڪيس مجسمه سازي جو شوق جنون جي حد تائين هو ۽ هن ان شعبي ۾ مهارت حاصل ڪرڻ ٿي چاهي، هن جي ان شوق کي آڏو رکندي سندس والد ڪيس وڌيڪ سکيا لاءِ لاهور اماڻيو. جتي هوءَ نهايت لڳاو ۽ شوق سان مجسمه سازي جي سکيا لاءِ ڪوشان آهي. هن پنهنجي تربيت دوران ڪئي مجسمه گهڙيا. هن جو هٿ آهستي آهستي صاف ٿيندو پئي ويو. فائينل سال ۾ ڪيس هڪ نوجوان جو مجسمو گهڙڻ جي اسائنمينٽ ملي، ڪاليج ۾ هن جي ساٿي فنڪارن کي پڻ مختلف قسم جون اسائنمينٽس ڏنيون ويون هيون جن تي هرڪو گهڻي کان گهڻي محنت ۽ فن جو مظاهرو ڪري پاڻ ملهائڻ جا جتن ڪري رهيو هئو. هر هڪ جي اهائي ڪوشش

هئي ته هن ڪاليج کي الوداع ڪرڻ وقت هو پنهنجي سڪيا جا شاهڪار نشان ڇڏي ويچي.

غزل شفيع به جنهن مجسمي تي ڪم پئي ڪيو سندس هر ممڪن سعي هئي ته سندس تراشيل مورت فن جي معراج جي بلندين کي ڇهي. ان ڪري هوءَ باقي سڀني جيان پنهنجي اندر جي تمام تر اونهائين سان ان جي نوڪ پلڪ سنوارڻ ۾ پنهنجو گهڻو وقت صرف ڪرڻ لڳي ۽ جيئن جيئن هن جي گهڙيل مورت جا نيڻ و نقش اجاگر ٿيڻ لڳا ته هوءَ اهو ڏسي دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳندي هئي،

”هيءُ صورت ته منهنجي جاتل سڃاتل ٿي لڳي، هو ڀهو منهنجي خوابن ۽ خيالن ۾ وسندڙ ان آدرش جهڙي. ڀلا اهو ڪيئن ممڪن ٿي ٿو سگهي، شايد منهنجي سالها سال اندر جي اونهاين ۾ پلجندڙ ان تخيل کي منهنجي هٿن حقيقت جي روپ ۾ گهڙي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي.“

هن مورت کي پسندي ڪنهن ڪنهن پل هن جي دل ۾ هڪ بي معنيٰ خواهش ڪر ڪڻڻ لڳندي هئي،

”ڪاش! هن دنيا ۾ هن مجسمي جهڙو جيئرو جاڳندو ڪو وجود ظاهر ٿي پوي جيئن منهنجي هٿن هن ميڻ کي صورت ڏني آهي.“

پنهنجي ..ئي خيال ۽ بيوقوفاڻي سوچ تي ڪيس شرمساري ٿيندي هئي. ليڪن جيئن جيئن ان شڪل جا خد و خال وڌيڪ واضع ٿيندا ويا هن جي اها لا حاصل خواهش به پختي ٿيندي پئي وئي. هڪ ڏينهن هن جي ساٿي فنڪاره پارس، جيڪا هن سان گڏ هاسٽل جي روم ميٽ هئي، سندس واسطوسنڌ جي حيدرآباد ضلعي سان هو ۽ ان دوران هن سان ڪافي گهرائپ ۽ ويجهڙائي ٿي وئي هئي، هن جي پير ۾ اچي ويٺي، غزل ان وقت مجسمي جي آڏو اهڙي انداز ۾ ويٺي هئي جڻ ڪا پوڄارڻ پنهنجي ديوتا آڏو ويٺي هجي.

پارس هن کي اهڙي ڳوڙهي سوچ ۽ انهماڪ ۾ غلطان ڏسي وائڙي ٿي وئي ۽ سندس نگاهن جي مرڪز ڏانهن سندس نظرون کڄي ويون ته رڙ ڪندي چوڻ لڳي.

”اومس غزل شفيع !پنهنجي ئي تراشيل شاهڪار ۾ ايڏي گم ٿي وئي آهين جو دنيا ومافيها کان بي خبر الائي ڪهڙن ويچارن ۾ غرق ٿي وئي آهين. مجسمي کي حقيقت جو روپ ڏيڻ جو پروگرام آهي ڇا.؟“

غزل اچانڪ هن جي ائين تبصرو ڪرڻ تي ڇرڪجي هِن طرف نهاريوءِ بي يقيني واري ڪيفيت ۾ ڪانئس پڇڻ لڳي،

”ڏس پارس! هيءَ مورت ڪيڏي نہ پرڪشش ۽ حقيقت جي ويجهو پئي لڳي، بلڪل منهنجي تصورات وانگيان. سوچيان پئي تہ ڇا هيءَ صورت حادثاتي طور وجود ۾ اچي وئي آهي يا ان ۾ منهنجي اندر جي ڪنهن دبيل خواهش جو اظهار پوشيده آهي.

پارس هن جي اهڙي فلسفيانہ انداز گفتگو تي ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳي.

”واه غزل بيگم واه ! ڪاٿي ائين نہ ٿئي جو تون هن مجسمي کي زنده ـ سلامت ڏسڻ جي تمنا دل ۾ پالي ويهينءِ شهر شهر گائون گائون نڪري پوين ان پنهونءَ جي تلاش ۾ ۽ وتين سسئي جيان پنهون پنهون ڪندي جبل جهاڳيندي. منهنجي دوست ڪڏهن ڪڏهن مصور پنهنجي خيالي تصويرن ۾ اهڙا تہ رنگ ڀريندو آهي جو ان تي حقيقت هجڻ جو گمان ٿيڻ لڳندو آهي، پر اهو صرف ان مصور جي تخيلاتي ڪاوشن جو ڪمال هوندو آهي. مصور هجي يا مجسمہ ساز ، هو پنهنجي آڱرين جي جنبش سان اهڙا حسين يا ڀيانڪ چِٽ چِٽيندا آهن جو اهي فن جي دنيا جا عظيم شاهڪار بنجي ويندا آهن، جيئن مونالزا جي مُرڪ جيڪا ڪنهن مصور جو اهو عظيم شاهڪار آهي جنهن رهندي دنيا لاءِ ان مُرڪ کي مثالي بنائي ڇڏيو. ۽ اڄ بہ ڪنهن حسين مسڪراهٽ کي ان سان تشبيهہ ڏني ويندي آهي. پر حقيقت اها آهي تہ اهي خيالي ئي هوندا آهن. ۽ فنڪار جي اندر جي گهراين ۾ ڪٿي ضرور موجود هوندا آهن ، اهي هن ڌرتيءَ تي موجود ڪنهن شخص جي شبيهہ بہ ٿي سگهن ٿا، يا جيڪڏهن ڪوانهن کي ڪنهن زنده شخص سان مشابهت ڏيڻ چاهي تہ اهو ان فنڪار جي تصور جو حقيقي روپ ٿي سگهي ٿو..“

غزل سندس ڳالهيون ٻڌيون اڻ ٻڌيون ڪندي سندس هٿ جهلي ٽيبل تي رکيل ان مجسمي جي آڏو آڻي بيهاريو.

”پر مونکي الائي ڇو ائين پيو لڳي تہ هي صورت منهنجي لاءِ اجنبي ناهي بلڪ هن سان ورهين جي شناسائي آهي. بار بار منهنجي اندر مان هڪ آواز اڀري ٿو تہ هن مورت جو منهنجي جيون سان ڪو گهرو ناتو آهي. “

پارس هن جي اهڙين تخيلاتي ڳالهين تي زچ ٿي وڃي ٿي ۽ چڙ مان چوڻ لڳي،

”بس ڪر غزل پليز! ڪنهن ٻڌي ورتو تہ تنهنجي ذهني حالت تي شڪ ڪرڻ لڳندو. اٿي تہ هاسٽل هلون، گهڻي دير هتي ويٺينءَ تہ الائي ڪهڙي دنيا ۾ پهچي ويندينءَ. “

ائين چئي ڪيس ٻانهن کان جهليائين تہ هوءَ بي دليءَ سان اتان هتي پارس سان گڏ هاسٽل هلي آئي.

غزل ننڍپڻ کان ئي فنڪاراڻ طبعيت ماڻي هئي، گڏين راند ڪندي هئي تہ اهڙيون خوبصورت گڏيون ٺاهيندي هئي جو انهن کي ڏسي ڏندين آڱريون اچي ونديون هيون. سندس اهو شوق ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. هاءِ اسڪول ۾ پهتي تہ مٽيءَ جا خوبصورت مجسما جوڙڻ هن جو خاص مشغلو بنجي ويو.

گهر ۾ سيني شروع ۾ تہ هن جي ان شوق تي ڪافي اعتراض واريا، ماءَ جا هر وقت دڙڪا کائيندي هئي تہ،

”ڪيس ڪو ڏياڻو ارڪان ڪونهي نہ سلائي ڪڙهائيءَ جو ڏيان نہ رڌ پچاء سان ڪو لڳاءُ ۽ نہ وري گهر جي سجاوٽ جو ڪو سليقو“ اَن جو منهن جنڊ ڏانهن“ آخر تہ ڪيس پرائي گهر وداع ٿيڻو آهي. اتي وڃي هن کي ڏينهن رات طعنہ ٿُنڪا ٻڌڻا پوندا تہ واه جو ماٽن ڪيس ارڪان سيکاريو آهي. اتي مائٽ پيا پٽبا، خاص طرح ويچاري ماءُ جي شآمت آيل هوندي، ڪجھ تہ ڏيٽپو بہ سِک. پر هن هميشہ هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي کان ڪڍي پيئي ڇڏيو ۽ پنهنجي ئي ڌُن ۾ مست مگن رهي. سندس شوق ويو وڌندو. سندس پيءُ هن جو جنون جي حد تائين پهتل شوق ڏسي پهرين تہ ڪيس فائن آرٽ جي ٽعليم حاصل ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي ۾ داخلا وٺرائي . جتي هن فنِ مجسمہ سازي ۾ سکيا ورتي. پر اتي بہ هن جي شوق جو پورائو نہ ٿيو تہ هن لاهور جي آرٽ ڪاليج ۾ مزيد سکيا لاءِ پيءُ کي مجبور ڪيو. پٽس ڪيس پنهنجي مالي

مجبوري ٻڌائي ته.

”هو ڪيس ايترو پري نٿو موڪلي سگهي. هن جا ٻيا ٻه پيڻ به زير تعليم آهن هو هڪ سترهين گريڊ جو سرڪاري آفيسر آهي، جنهن وٽ ايڏا وسيلا ڪونهن جو هو لاهور جي پڙهائي جو خرچ برداشت ڪري سگهي.“

پر هوءِ پنهنجي ضد تي ڳنڍ ڏئي ويهي رهي.

”بابا مان ڪوشش ڪنديس ته شام جا ڪلاس جوائن ڪريان ۽ ڏينهن جو ڪا ننڍي وڏي نوڪري ڪري پنهنجي ضرورتن جو پورائو ڪري سگهان.يقين ڪريو مان توهان تي وڌيڪ بار بنجڻ به نه ٿي چاهيان. “

”ٺيڪ آ، جيئن تنهنجي مرضي، مان تنهنجي شوق آڏو رڪاوٽ بنجڻ نه ٿو چاهيان .“

ماءُ گهڻوئي سمجهايس، دڙڪا دهمان ڏنائينس، پر هوءِ نه مڙي ۽ هڪ تي ٿي بيٺي. اهڙي طرح هن آن لائين ڪاليج ۾ داخلا وٺي ڇڏي. گذريل ٻن سالن کان هوءِ اتي سکيا وٺي رهي هئي.

مجسمي تي ڪم ڪندي غزل جي محويت جو اهو عالم هوندو هوجو هوءَ ارد گرد جي ماحول کان بيخبر ٿي ويندي هئي. ڪير آيو ڪير ويو هن کي ان سان ڪا غرض نه هئي. هن تي ته بس اهو جنون سوار هو ته هي مجسمو ڪنهن به طرح سندس تخليق جو اڻ وسرندڙ شاهڪار بنجي وڃي.جيئن جيئن مجسمي جا نقش و نيڻ چٽا ٿيندا پئي ويا، هن جي اندر جي آنڌ مانڌ وڌندي پئي وئي. من اندر هڪ مانڌاڻ متل هو. ڇا هي هنجي انهن خوابن جو شهزادو آهي جنهن جي تصوير من اندر ورهين کان سانڍيو پئي وتي. ڏينهون ڏينهن اها صورت واضع ٿيندي پئي وئي، اهي احمقانه سوچون کيس بيچين ڪنديون رهيون. ڪنهن ڪنهن مهل کيس پنهنجي ذهني حالت تي شڪ ٿيڻ لڳندو هو ڪاٿي هوءِ ديوانگي طرف ته نه پئي وڃي.

آخر اهو مرحلو به اچي پهتو جڏهن سندس اهو مجسمو جُڙي راس ٿي ويو پر ان دوران اها صورت هن جي من مندر ۾ اهڙو ته واسو ڪري وئي جو ڏينهون ڏينهن هن جي اها خواهش شديد کان شديد تر ٿيندي وئي ته ڪاش! اهو سڀ ساپيان ٿي وڃي ۽ سندس من مندر جو هي ديوتا حقيقت جو روپ

ڏاري هن جي آڏو اچي بيهي، پر جتي ڪاش! جو لفظ هجي تہ اتي ڪڏهن نائون پايہ تڪميل تي پهچي سگهنديون آهن. ڀلا ڏينهن جا ڏٺل خواب بہ تعبير ماڻي سگهندا آهن . اهو سڀ ڪجھ ڄاڻ رکڻ جي باوجود، انسان ڪيڏو نہ ڀورڙو ۽ احمق ٿئي ٿو جيڪو انهن ناحاصل آشائن جي تقاضا ۾ پنهنجن ئي آرزوئن جي رسواين جو سامان بڻجي ٿو.

هن پنهنجي ڪيمرا سان ان مورت جون ڪئي زاوين کان تصويرون ڪڍيون، سندس استادن هن جي ڪم کي تمام گهڻو ساراهيو. ڪيس تمام گهڻو داد تہ وصول ٿيو پر اندر جي اها تشنگي گهٽ نہ ٿي سگهي ۽ اها اڄ اندر ۾ ڪٺي هن لاهور جي آرٽ ڪاليج کي الوداع چيو.

❤

هوءَ جڏهن گهر واپس پهتي هئي تہ کيس خبر پئي تہ سندس پرپُٺ سندس  نندڍي ڀيڻ جو رشتو طئي ٿي ويو هو ۽ گهر ۾ زور شور سان سندس شاديءَ جون تياريون ٿي رهيون هيون . جڏهن هوءَ اڃان لاهور ۾ ئي هئي تہ کيس ٻڌايو ويو هو تہ هڪ سٺو رشتو سندس ڀيڻ لاءِ آيو آهي جيڪو هو وڃائڻ نہ ٿا چاهن. اهو ٻڌي سندس اندر ڄڻ ڪا شي ڀورا ڀورا ٿي پئي هئي. ڪومل هن کان عمر ۾ ڇهہ ست سال ننڍي هئي وچ ۾ ٻہ ڀائر هئا، تہ پوءِ گهر وارن کي کيس نظرانداز ڪري هُن جي ڪاج جي ڪهڙي ڳڻتي اچي ورايو هو. پر پوءِ بغير ڪا شڪايت ڪرڻ جي، رب جي رضا تي راضي ٿي خاموش ٿي وئي هئي.

گهر ۾ شادمانہ ڏسي هوءَ بلڪل وسامجي وئي. ڪنوار بنجڻ جو وارو تہ هن جو هو، تہ پوءِ امان ائين ڇو ڪيو؟ بابا ئي ڪٽي اميءَ کي منع ڪري ها، تہ وڏي کي ويهاري ننڍي جو گهر وسائڻ ، هن سان نا انصافي ٿيندي. پر ڪنهن بہ هن جي دل جي دکن ۽ محرومين جو نہ سوچيو. ڪومل جي شاديءَ کان پوءِ هوءَ گهر ۾ اڪيلي ڀيڻ رهجي وئي. ائين زندگي بغير ڪنهن خاص مصروفيت جي گذرڻ لڳي، ٽي سال بغير ڪنهن مقصد جي گذري ويا هن تعليمي سلسلي ۾ اهڙي فيلڊ جي چونڊ ڪئي هئي. جنهن کي عملي شڪل ۾ استعمال ڪرڻ جي سندس شهر ۾ تہ ڪا گنجائش ڪانہ هئي.

هڪ ڏينهن هوءَ صبح جي وقت اخبار جي ورق گرداني ڪري رهي هئي تہ سندس نگاه هڪ اشتهار تي پئي. ڪراچيءَ ۾ هڪ پرائيويٽ آرٽ انسٽيٽيوٽ ۾ هڪ جاب جي آفر هئي، جيڪا هن جي تعليمي قابليت سان بلڪل ٺهڪي پئي آئي. هن جي اندر ۾ اها نوڪري ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿي. ڪو تہ پلا مصروفيت جو سامان هجي، اهو سوچي هن ڪاغذ قلم کڻي نوڪريءَ لاءِ اپلاءِ ڪيو. ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ کيس انٽرويو لاءِ سڏايو ويو تہ هن گهر وارن کان اجازت گهري. پهرين تہ سندس والد اعتراض واريو تہ

ڪيس ايترو پري نوڪري ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي.جي ڪرڻ ئي آهي ته هتي پنهنجي شهر ۾ ئي ڪا ننڍي وڏي ڪري وٺي. احمد شفيع ( والد )صاحب ته اهو به اعتراض ڪيو ته جي ڪيس اها نوڪري ملي به وڃي ٿي ته هوء ڪٿي رهائش اختيار ڪندي.

احمد شفيع صاحب جو اهو دليل خاصو وزنائتو هو. هوء سوچ ۾ پئجي وئي ته واقعي جيڪڏهن نوڪري ملي ٿي ته ايڏي وڏي شهر ۾ هوء ڪٿي رهندي. اُتي ڪو ويجهو مائٽ عزيز به ڪونهي, سوچيندي سوچيندي اچانڪ ڪيس پنهنجي يونيورسٽي فيلو ماريه جو خيال اچي ويو. جيڪا فائن آرٽ ۾ آنرز ڪرڻ آئي هئي ۽ حيدرآباد شهر ۾ رهندي هئي. ليڪن سال ڪان پوءِ هن جي شادي ٿي وئي هئي ۽ هوء ڪراچي هلي وئي هئي. ماريه سان اڪثر فون تي سندس ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهندي هئي. اهو سوچي ڪيس ڪجه اطمينان ٿيو ۽ پيء کي به اطمينان ڏياريائين ته ماريه هڪ سلجهيل چوڪري آهي, هن جي فيمليء ۾ ستن اٺن سالن جو پُٽ عاشر ۽ گهر وارو آهي جيڪو جاب جي سلسلي ۾ اسلام آباد ۾ رهندو آهي. اهڙي حالت ۾ هوءَ ماريه سان گڏ پي اِنگ گيسٽ جي حيثيت سان رهي سگهي ٿي. ماريه پاڻ به ڪراچيء ۾ نوڪري ڪندي آهي ۽ پُٽ جي تعليم جي ڪري مڙس سان گڏ اسلام آباد نه ٿي وڃي سگهي. سندس سمورا دليل سندس پيا.ئرن ۽ ماءُ کي قائل ڪرڻ لاءِ بلڪل به ڪافي نه هئا. هُن گهڻو ٻاهر رهي ورتو هو. هاڻي ڪيس گهر رهي گهر داريء ۾ ڀين جو ٻانهن ٻيلي ٿيڻ کپي. اهي سڀ گهر ڪان فراريت جا بهانا آهن, پر سندس بابا هميشه هن جي خواهشن آڏو بيوس بنجي ويندو هو. هوء گهر ۾ سڀني ڪان وڏي هئڻ ناتي پيء جي لاڏلي رهي هئي.ان ڪري به سندس ماء هن تي خارون کائيندي رهندي هئي.

نه چاهڻ جي باوجود به ڪيس اجازت ملي ئي وئي, ۽ هن وڃڻ جي تياري شروع ڪري ڇڏي. انٽرويو ڪان پوءِ خوش قسمتيء يا بدقسمتيء سان ڪيس اها جاب ملي وئي, هوءَ تمام گهڻي خوش هئي. ڇاڪاڻ ته ڪيس پنهنجي هنر ڏيکارڻ ۽ استعمال ڪرڻ جو موقعو جو ملي رهيو هو. ماريه کي هن اڳواٽ ئي فون ڪري ٻڌائي ڇڏيو هو. جنهن ڪيس گهر جي ائڊريس سمجهائي ڇڏي هئي.

جڏهن هوءِ ماريه جي فليٽ تي پهتي ته ڪيس ڄاڻ پئي ته ماريه جو گهر وارو ڇوته اسلام آباد پئي رهيو ان ڪري ماريه پنهنجي ننڍي ڀاءُ افراز کي حيدرآباد مان گهرائي پاڻ وٽ اچي رهايو هو. هو ايم بي اي جو شاگرد هو. پهرين ته هوءِ پريشان ٿي وئي ليڪن جڏهن هن سان سربستي ڳالهه ٻولهه ٿي ته افراز به ڪيس ماريه جيان انتهائي بردبار ۽ سلجهيل نوجوان لڳو. هو عمر ۾ به ڪائنس چار پنج سال ننڍو هو ۽ هميشه احترام جي دائري ۾ رهي ساڻس ملندو هو. انڪري غزل کي ان طرف کان به اطمينان ٿي ويو ۽ هوءِ پاڻ کي پرسڪون ۽ مطمئن محسوس ڪرڻ لڳي.

❤

غزل انسٽيٽيوٽ جوائن ڪيو. نئون ڪم نئون ماحول نوان ساٿي، هن جو وقت تمام سٺو گذرڻ لڳو. ليڪن هن کي هميشہ هڪ خلش بيچين ڪندي رهندي هئي تہ هن جي مائٽن هن سان زيادتي ڪئي آهي. هن جي ڪراچي وڃڻ ڪان پوءِ تہ هن جو ڪو اونو ڪو اوسيئڙو ئي نہ رهيو هئن. هن جي ڪم جي ساٿين ۾ پارس فاطمہ ۽ ناصر صاحب جيڪي ٻہ تہ ڪافي سينئر هئا ۽ ٻنهي جو تعلق مصوري جي شعبي سان هئو هو ٻئي غزل سان ڪافي ڪو آپريٽو هئا. هن جو گهر ڪان پري هجڻ جي ڪري تمام گهڻو خيال رکندا هئا. پارس فاطمہ تہ ڪئي دفعہ بلڪ تقريبا“ روزانہ گهران لنچ ڪٽي ايندي هئي ۽ غزل کي پاڻ سان ضرور شيئر ڪرائيندي هئي. پارس فاطمہ شادي شده ۽ ٻن ٻارن جي ماء هجڻ باوجود نهايت سمارٽ ۽ ايڪٽو رهندي هئي ڪيس اهڙو چاڪ و چوبند ڏسي غزل جي ٻہ ڪافي همت افزائي ٿيندي هئي. ۽ ڪيس حيرت پڻ ٿيندي هئي تہ هوءَ فيملي لائيف ۽ نوڪري کي ڪيئن گڏ ڪٽي هلي پئي پارس فاطمہ هڪ تمام سٺي مصوره هئي ۽ اهڙيون تہ خوبصورت پينٽنگس ٺاهيندي هئي جو ڏسي دل خوش ٿي وڃي. ان سڀ جي باوجود هوءَ تصوراتي دنيا ۾ رهڻ جي بجاء تمام گهڻي پريڪٽيڪل هئي ۽ زندگي کي ان جي اصلي معني ۾ جيئڻ کي ترجيح ڏيندي هئي هن سان رهندي غزل ۾ ٻہ حوصلو پيدا ٿي پوندو هو. پر وري ازل کان تصوراتي دنيا ۾ رهڻ واري غزل الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويندي هئي. ائين هوءَ پنهنجي عملي زندگي کي بس گهليندي رهي.

ماريہ سان گڏ رهندي کيس ٻہ سال گذري ويا. ان سڄي عرصي دوران هوءَ صرف عيد تهوار تي ئي ڳوٺ ويندي هئي، گهر وارن ٻہ آهستہ آهستہ هن جي چنتا ڪرڻ ڇڏي ڏني بلڪ بي فڪر ٿي ويا. نياڻي جڏهن وڏي ٿيندي آهي تہ والدين جي خواهش هوندي آهي تہ ڪو سٺو سڱ ٿئي تہ جيئن نياڻي وڃي شينهن ڪلهي چڙهي ۽ ماء پيءُ جو بار هلڪو ٿئي ۽ هوسک جو ساه کڻن تہ هنن خير خوبي سان پنهنجو فرض ادا ڪري ڇڏيو. پر انهن نياڻين جو اهو الميو هوندو آهي تہ جيڪڏهن هو ڪنهن ڪرت سان لڳي وڃن تہ

گھر وارن جو بوجھ بہ گھٽجي ويو ۽ آھستي آھستي ھو بہ شايد ان ڳالھ جا عادي ٿي ويندا آھن تہ ھنن جو فرض ادا ٿي ويو. ائين ھو انھن جي طرف کان بي الڪا ٿي ويندا آھن. يا جي ڪنھن کين احساس ڏياريو بہ ڪٿي تہ ڪلي چوندا تہ.

”الله مالڪ آ نياڻيءَ جو جڏھن نصيب ھوندو تہ ڪو نہ ڪو وسيلو ٿي پوندو. موت ۽ پرڻي جو وقت قدرت طرفان طئي ھوندو آھي ۽لا قدرت جي ڪمن ۾ ڪنھن جو دخل. خدا چڱي قسمت ڪندس. “

غزل گھر کان ٻاھر دور ٿي ڄڻ سڀني ان جو اوسيئڙو ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو. ڪجھ ڏينھن لاءِ آئي خوش ٿي ويا. مھمان وانگر خاطرداري ڪيائون ۽ جيئن وڃڻ لڳندي ھئي تہ موڪلائي چوندا ھئس،

”ڪجھہ ڏينھن ٻيا رھي پوين ھا اڄان دل ئي ڪونہ ڀري ھئي. پر توکي وڏيڪ روڪي بہ نہ ٿو سگھجي، نوڪري جو معاملو آھي. پرائي بزاگيري آھي. “

ھوءِ ھميشہ سوچڻ لڳندي ھئي ،

”ڪاش! امي ئي زور ڀري ھا تہ ڪڏ ۾ وڃي پوي اھا نوڪري جيڪا تنھنجي قدمن جي زنجير بڻجي وئي آھي. ڦٽي ڪرينس، پرائي گھر آخر ڪيترو جاليندينءَ يا ائين ڪٿي چون، اسان کي تنھنجي آئيندي جي ڳڻتي سمھڻ نہ ٿي ڏئي، اڄ آھيون صبحاڻي نہ ھونداسين پوءِ تون ڇا ڪندينءَ. پائرن پيٽن جو ڪھڙو آسرو. پر نہ . ھو تہ صرف رسمي جملا چئي،

”ٻيا ڪجي نوڪري ٿوڪري آ. پرائي بزاگيري آ.“

ائين صرف رسمي جملا ادا ڪري کيس پنھنجي ھجڻ جو نالي ماتر احساس ڏياريندا ھئا ۽ جڏھن ھلي ويندي ھئي تہ مھيني ماسي فون ڪري حال احوال وٺندا ھئا. بس ھاڻي ايترو ئي گھر وارن سان واسطو تعلق رھجي ويو ھئو.

♥

ماريہ پنهنجي دوستي جو حق خوب نڀايو هو. هونئن بہ غزل سندس ڏک سک جي ساٿياڻي بنجي وئي هئي ۽ نوڪري پيشہ هيون ان ڪري صبح جو نيرن پاڻي ڪري سڀ پنهنجي پنهنجي ڪمين ڪارئين نڪرندا هئا تہ شام جو اچي گڏجندا هئا. ماريہ جي ننڍي ڀيڻ مرينہ جيڪا نائين ڪلاس ۾ پڙهندي هئي، ان جي بہ غزل سان ڪافي انسيت ٿي وئي هئي، پنهنجي اسٽڊيز جي باري ۾ ڪانئس مدد وٺڻ نيون، نيون ڊشز ٺاهڻ ۽ سکڻ، جيڪي هوءِ پارس فاطمہ کان سکي ايندي هئي. ۽ گهر اچي هو ٻئي ڪوشش ڪنديون هيون ،اهڙي طرح هوءِ گهڻو وقت غزل سان گڏ هوندي هئي..

هڪ ڏينهن سيني جي موڪل هئي، رات جي ماني تي افراز تجويز ڏني تہ چونہ صبحاڻي ڪيڏانهن آئوٽنگ لاءِ هلجي. هن اجان چيوئي مس تہ مرينہ ۽ عاشر جي تہ جڻ لاٽري نڪري آئي، ٻئي هڪ آواز ٿي چوڻ لڳا،

”واقعي ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن، ڪيڏانهن گهمڻ ناهيون ويا، آپي غزل ڇا خيال آ، هاڪس بي تي هلون.“

ماريہ ٻارن جي دل رکڻ لاءِ چوڻ لڳي،

”ٺيڪ آ هلون ٿا هاڪس بي، غزل ٺيڪ آهي نہ.“

غزل جيڪا هميشہ اهڙن پروگرامن کان گهبرائيندي هئي، هڪدم چوڻ لڳي،

”توهان گهمي اچو نہ، مان گهر ۾ آرام ڪنديس.“

اهو ٻڌي عاشر بضد ٿي ويو،

”آنٽي پليز! هلو نہ، نہ تہ امي ڪونہ وٺي ويندي.“

انهي سموري گفتگو دوران افراز چپ چاپ غور سان غزل ڏانهن نهاري رهيو هو. جڏهن کان غزل هنن سان گڏ رهڻ لڳي هئي، هو پنهنجي دل ۾ هن لاءِ عجيب قسم جي انسيت محسوس ڪرڻ لڳو هو. هن جي دل چوندي هئي تہ هوءَ ڳالهائيندي رهي ۽ هو ڪيس ٻڌندو رهي. جڏهن هن وجڻ کان انڪار

ڪيو تہ هن جي اندر ۾ عجيب بيچينيءَ جو احساس پيدا ٿيو.

”هي مونکي اچانڪ ڇا ٿيو ٿئي هن کان اڳ تہ مون هن لاءِ اهڙا احساس ڪڏهن بہ ڪونہ محسوس ڪيا هئا تہ پوءِ اڄ مونکي هن جي ايتري اهميت ڇوٿي محسوس ٿئي. هن جو ائين انڪار مونکي ڇو بيچين ڪري رهيو آهي“.

افراز چوويهن پنجويهن ورهين جو هڪ پُرڪشش شخصيت جو مالڪ نوجوان هو. ذهانت هن جي چهري تي هميشہ پئي بکندي هئي هن ۾ صنف مخالف کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪرڻ جي پوري خاصيت موجود هئي ۽ سندس اهڙي پُر ڪشش شخصيت جي ڪري يونيورسٽي جون ڪئي جذباتي ڇوڪريون سدائين هن جي توجہ حاصل ڪرڻ لاءِ اڳيان پويان پيون ڦرنديون هيون. ليڪن هو نهايت بردبار ۽ سنجيده طبعيت جو مالڪ نوجوان هو. هن جو رويو انهن سڀني لاءِ سدائين غير جذباتي رهيو. هو اتي صرف تعليم جي حاصلات لاءِ ويندو هو ۽ اهڙي ڪنهن بہ فضوليات ۾ پاڻ کي ڦاسائڻ جو ڪڏهن بہ خيال نہ آيو. تہ پوءِ اڄ هو غزل لاءِ ائين ڇو پيو سمجهي تہ هوءَ نہ هلي تہ پوءِ هنجي تفريح جو سڄو پروگرام ضايع ٿي ويندو. آئسڪريم تي ئي ٽرڪائي ڇڏيندي ۽ سندن ويڪ اينڊ بيڪار ٿي ويندو. ان ڪري هو ٻئي ڪيس منٿون، ايلاز ڪرڻ لڳا، آخر سندن گهڻو ضد ڪرڻ کان پوءِ هن هلڻ جو راضپو ڏيکاريو.تہ افراز جي چهري تي بہ رونق اچي وئي. ڊنر ختم ڪرڻ کان پوءِ هو صبح جي پروگرام لاءِ سوچڻ لڳا، طئي ٿيو تہ صبح جو نماز کان پوءِ چانهہ پي نڪرندا ناشتو بہ اُتي وڃي ڪندا، جيئن هاڪس بي تي سوير ئي پهچي سج نڪرڻ جو نظارو ڪجي.

صبح جو سوير جڏهن هو نيلم پوائنٽ تي پهتا تہ آسمان تي هلڪا هلڪا بادل ڇانيل هئا ٽڏڙي ٽڏڙي هير گهُلي رهي هئي، ڏور پري سمنڊ جي ڇولين تي سج جا هلڪا هلڪا ڪرڻا پئجي رهيا هئا، ائين پئي لڳو جڻ ڪنهن چاندي جي چادر وڇائي ڇڏي هجي. جيئن جيئن هوائون تيز گهلڻ لڳيو تہ سمنڊ جون لهرون هوا جي زور تي تمام اوچائي تي پهچي رهيون

هيون ۽ آس پاس موجود ٽڪرين سان ٽڪرائجي عجيب پُر اسرار آواز پيدا ڪري رهيون هيون.

نانيڙو عاشر ۽ مرينه واريءَ ۾ پيل سپين جا خول ۽ گهونگها گڏ ڪرڻ لڳا، هر طرف هنن جون خوشيءَ ڀريون رڙيون ٻڌي ماريه ڪين پيار ڀرين نگاهن سان نهاري رهي هئي، ڪيس ائين پئي لڳو ڄڻ هن پنهنجي ٻارن آڏو دنيا جهان جو خزانو آڻي رکيو هجي.

غزل هڪ نانيڙي ٽڪريءَ تي وڃي ويٺي ۽ بي مقصد خلائن ۾ گهوريندي رهي ڄڻ پنهنجي وجود جي ڪنهن وڃايل حصي کي ڳولهيندي هجي. هوا تيز ٿيندي پئي وئي ۽ سمنڊ جو لهرون هوا جي زور تي تمام بلندي تي وڃي رهيون هيون، هوا جا تيز زوزاٽ ٽڪرين سان ٽڪرائجي عجيب ڀوا ئتا آواز پيدا ڪري رهيا هئا.

افراز نيلم پوائنٽ طرف وڌي ويو هو. ۽ ان ٽڪري ڏانهن وڃڻ لڳو جنهن کي هوا جي ڇولين پنهنجو مٿو ٽڪرائي ٽڪرائي ان جي اندر ۾ هڪ وڏو خلا ٺاهي ڇڏيو هو. اها ٽڪري ايڏو ته خوبصورت هئي جو اڪثر پاڪستائي فلم ڊئريڪٽر هيرو هيروئن تي رومانوي منظر هتي رڪارڊ ڪرڻ ايندا رهندا هئا.

اتي پهچي افراز به گهڙي پل لاءِ پاڻ کي اهڙي ئي فلمي سچوئيشن ۾ محسوس ڪرڻ لڳو ۽ تصور ئي تصور ۾ پاڻ سان گڏ غزل کي ڏسي رهيو هو. پر غزل هن جي دلي ڪيفيتن کان بيخبر ٽڪري تان لهي هيٺ واري تي اچي ويٺي ۽ هٿ جي آڱرين سان واريءَ تي آڏا ابتا ليڪا پائڻ لڳي ۽ اهو ڏسي هن کي حيرت لڳي ته ان تصوير جا خد و خال هوبهو ان مورت جيان اجاگر ٿيندا پئي ويا، جيڪا ڪئين سال پهرين هن لاهور جي آرٽ ڪاليج ۾ ٺاهي هئي ۽ هميشه هن جون نگاهون هڪ بيسود تلاش ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ لڳنديون هيون.

ڪجهه ئي دير ڪانپوءِ جڏهن سج پنهنجي پوري آب و تاب سان نکري نروار ٿيو ته سمند جون لهرون به تيز ٿينديون ويون. ۽ جلدئي جتي ٻارن سپيون ۽ گهونگها پئي ڳولهيا. ۽ ماريه ۽ غزل واري تي پير پساري

وينيون هيون تہ پاڻي جي هڪ تيز ڇولي سندن هيٺان گذري وئي ۽ سندن ڪپڙا پُسي ويا تہ ٻئي اٿي کڙيون ٿيون. ڏاڍو ڏاڍو پاڻي بہ غزل جي اندر جي آڳ اُجهائڻ ۾ ناڪام ٿي ويو. البتہ ماريہ ان صورتحال کي ڏاڍو انجواءِ ڪيو.

”غزل ڏس نہ، صبح جي وقت سمنڊ جو پاڻي ڪيڏو نہ يخ ٿڌو پيو لڳي. سچ پچ مزو اچي ويو.“

”واقعي سچ پئي چوين. ورهين کان پوءِ مان ائين پاڻيءَ ۾ پُسي آهيان. نہ تہ مونکي هميشہ پاڻيءَ کان ڊپ لڳندو آهي. سمنڊ جون تيز ڇوليون واري تي آڏا ابتا نشان ڇڏي واپس سمنڊ جي اندر موٽي وينديون آهن تہ ڪڏهن واري تي چٽيل انهن تصويرن کي بہ ميساري ڇڏينديون آهن جيڪي ڪنهن وڏي محبت ۽ عقيدت سان اتي چٽيون هونديون آهن.“

ماريہ نهايت پيار ۽ پاٻوهہ مان سندس هٿ جهليو.

”تون اهڙي پُر فضا ۽ خوبصورت ماحول ۾ ڇو اهڙي قنوطي پئي ٿين. جيڪي لمحہ اسان کي خوشيون سهيڙڻ لاءِ ميسر ٿين انهن کي تلخ ۽ بيجا قسم جي سوچن جي ڪري ضايع ڪرڻ نہ گهرجي. جيڪي پل انجواءِ ڪرڻ لاءِ ملي وڃن انهن مان ڀرپور مزو ماڻڻ گهرجي. هيڏانهن نهار! آشر ۽ مرينہ دنيا جي سيني فريبن، دکن ۽ پريشانين کان بيخبر ڪيئن نہ موج مستيون پيا ڪن. ڪين ائين خوش ڏسي منهنجو تہ سيرن جي حساب سان خون وڌي ويو آهي. وري هوڏانهن نظر ڪر! افراز نيلم پوائنٽ جي اندر ويهي پاڻ کي ڪنهن فلم جو هيرو پيو ڀانئي. اڄ تہ اوڏانهن ٿا هلون.“

ماريہ مرينہ کي عاشر جو خيال رکڻ جو چئي غزل کي ساڻ ڪري افراز ڏانهن وڌي وئي. ڪين پاڻ طرف ايندو ڏسي افراز جي چهري تي رونق اچي وئي. نہ تہ هو اهڙي حسين منظر ۾ بہ پاڻ کي اڪيلو ڏسي بور ٿي رهيو هو.

”زهي نصيب! گهڻي دير کان پوءِ خواتين کي احساس ٿيو تہ هڪ عدد مرد حضرت بہ توهان سان گڏجي هتي آيو آهي. ورنہ مون تہ سمجهو هو تہ منهنجو هي پروگرام هنن بي زبان پهاڙين سان مٿو هڻي ائين بي مزہ ئي گذري ويندو.“

ماريہ سندس ان شڪايتي تبصري تي کلندي ڪيس پيار ڀرين نگاهن سان ڏسندي چوڻ لڳي.

”واهه! اسان تہ سمجهو تہ اسان جو ننڍڙو ياء شايد ڪنهن فلم جي شوٽنگ ۾ مصروف آهي، جو سندس نظر اسان تي پڌي ئي ڪونہ ٿي، ڪيئن غزل سچ پئي چوان نہ. “

غزل ڪو جواب ڏيڻ بجاء مرڪي چپ ٿي وئي. افراز م خيز نگاهن سان هن طرف نهارڻ لڳو. ليڪن غزل هن جي احساسات کان بي خبر پنهنجي ئي ڌُن ۾ مگن نيلم پوائنٽ جي هن پار کان اچي داخل ٿيندڙ ڇولين کي گهرين نگاهن سان گهوري رهي هئي.

ڪجهہ دير کان پوءِ هو هڪ ڇانوري ۾ چادر پکيڙي اچي ويٺا ۽ گهران آندل لنچ ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويا.

❤

زندگي ائين ئي پنهنجي معمول مطابق گذرندي پئي وئي، هاڻي تہ غزل کي ائين لڳڻ لڳو هو تہ هن جي زندگيءَ جو مقصد ڪمائڻ ۽ ڪائڻ پيئڻ کان علاوه ٻيو ڪجه بہ نہ رهيو هو. انسٽيٽيوٽ وڃڻ سڄو وقت اسٽوڊنٽس کي مجسمہ سازي جي سکيا ڏيڻ. جنهن سان ڪنهن وقت ۾ کيس جنون جي حد تائين لڳاءُ هو، ليڪن هاڻي صرف ڪمائڻ لاءِ اهو ڪم پئي ڪيائين ۽ ڪمائڻ بہ بس ان لاءِ هو تہ زندگي جو ٻيو ڪو مصرف باقي کيس نہ پئي لڳو. ٻلا ماني کائڻ لاءِ ڪمائڻ بہ ڪو جيئڻ آهي، جنهن لاءِ پراون درن تي پيو رهجي. اها ماني تہ کيس پنهنجي گهر ۾ بہ پئي ملندي هئي تہ پوءِ هوءِ ائين ڇو آواره ڪڪرن وانگيان هوا جي زور تي هيڏانهن هوڏانهن ترندي پئي وتي. ائين انسٽيٽيوٽ ۾ وقت کي گذاري شام جو واپس اچي آرام ڪرڻ ۽ پوءِ ڊنر ۾ ماريہ جي مدد ڪرڻ، جيڪو رکو سکو آڌو آيو اهو کائي واپس ڪمري ۾ وڃي ڪنهن رسالي ڪتاب جي ورق گرداني ڪرڻ، بس ٿوري دير لاءِ ڪمري ۾ جڏهن مرينہ اچي ساڻس گپ شپ ڪندي هئي تہ مڙئي گهڙي پل لاءِ وقت گذارڻ جو ڪو سبب بنجي ويندو هو.

رات جو ڪڏهن ڪڏهن جنهن مهل ننڊ کائنس رُسي ويندي هئي تہ مايوس ڪندڙ سوچون اچي گهيرو تنگ ڪنديون هيس. گهر وارن جون بي اعتنايون کيس ڏکارو ڪري وجهنديون هيون، ڪڏهن والدين بہ پنهنجي ڪنهن هڪ اولاد کي ائين نظرانداز ڪندا آهن . ٻين سيني ڀائرن ڀينرن جا رشتہ ناتا طئي ٿي ويا تہ شاديون بہ ٿي ويون۽ هوءَ بہ مهمانن وانگر شريڪ ٿي ايندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن بزرگ رشتيدار کيس ائين ويڳاڻو ڦرندو ڏسي از راه همدردي يا پنهنجي عادت کان مجبور ٿي ماڻس کان پڇي ورتو تہ،

”ڇو ٻلا غزل جي لاءِ ڪجه نہ ٿا سوچيو.“

تہ امي سندس مٿي تي هٿ رکي ڏُکاري لهجي ۾ چوندي هئي،

” رب سائين ياڳ ڀلا ڪندس. جڏهن جُڙي ايندي تہ وجي شينهن ڪلهي چڙهندي. هونئن بہ ڀلا هن ڪي ڪهڙي گهٽتائي آهي سئي پگهار اٿس، عيش سان زندگي پئي ٽي گذريس. ٻيو ڪو گهر گهاٽ جو نہ اُلڪو نہ اوسيئڙو، ٻيو اسان کي ڇا کپي.“

اهڙي ڳالهہ ٻڌي اها بزرگ عورت منهن کي موڙو ڏئي چوندي هئي،

” واه جي ڳالهہ ڪيئي ثمينہ ! نياڻيون پنهنجي گهرن ۾ ئي سونهن ٿيون ، سڄي حياتي نوڪري ڪري تہ نہ گذاريندي، وڃيس ٿي عمر ڳرندي.“

” ڀقي ڳٽتي تہ مونکي بہ آهي پر هڪ تہ اسان کان پري وڃي رهي آهي، ماڻهن کي تہ خبر ئي ڪونهي تہ اسان جي ڪا وڏي نياڻي بہ آهي، الله ضرور سندس واه ڪندو. هونئن بہ رشتہ آسمانن ۾ طئي ٿيل هوندا آهن، اسان جي نياڻي لاءِ بہ رب سائين ضرور ڪو ور لکيو هوندو. هر ڳالهہ وقت ۾ ڳهہ ڀيل هوندي آهي.“

هنن جون ڳالهيون ٻڌي دل تي وڏو بوجھ کڻي واپس موٽي ايندي هئي. هميشہ اهو فيصلو ڪري ورندي هئي تہ ٻيهر هتي نہ ايندي ، ليڪن وري پنهنجن جي ڪمي جو شدت سان احساس ٿيڻ لڳندو هيس، دل رڙيون ڪري سڏڪا ڀري روئڻ چاهيندي هئي، ليڪن اهو بہ هن جي وس ۾ نہ هو ٻين کي ائين پريشان ڪرڻ ڀلا ڪيئن مناسب هو.وري جڏهن اهڙي آسيس ماڻڻ لاءِ پنهنجن جي ماڳ رسندي هئي تہ اتي بہ شدت سان کيس اوپرائپ جو احساس ٿيندو هو. هو بہ کيس مهمانن جيان پيش ايندا هئا ۽ اتي بہ کيس ان حجت ان محبت جنهنجي هوءِ آس کڻي ايندي هئي کيس حاصل نہ ٿي سگهندي هئي بلڪہ هوءِ پاڻ سمجهندي هئي تہ متان منهنجي ڪا حجت گهر وارن لاءِ پسنديده نہ هجي. ائين هوءَ هر هنڌ پاڻ کي اوپرو ۽ اجنبي ڄاڻندي هئي.عجيب طبعيت ٿي وئي هئس. هر وقت ڪنهن خلوص سان ڀرپور پيار جي متلاشي بس پئي ٿي ڏوريائين.

♥

ماريه جو پيڪاٽو گهر ته حيدرآباد ۾ هو هو پاڻ ۾ پنج ڀاءُ ڀيڻ هئا، سڀ کان وڏن ٻن ڀائرن کان پوءِ ماريه جو نمبر هو. هوءِ يونيورسٽي ۾ فائن آرٽ ۾ آنرز ڪري رهي هئي ٽئين سال ۾ هئي ته اتي سندس ملاقات ڪراچي سان تعلق رکندڙ ارسلان سان ٿي جيڪو پنهنجي هڪ دوست سان گڏجي ڪنهن ڪم سانگي يونيورسٽي آيو هو. ماريه کيس پهرين نظر ۾ ئي دل ڪي ايڏو وڻي جو هو پنهنجي دوست کان سندس باري ۾ تفصيل سان پڇي ويٺو. سندس ماءُ پيءُ ته نندپڻ ۾ ئي کيس ڇڏي ويا هئا، هن کي سندس چاچي جيڪو پڻ ميرپورخاص ۾ رهندو هو، پڙهائي لکائي وڏو ڪيو پاڻ ان وقت هڪ وفاقي سرڪاري اداري ۾ ارڙهين گريڊ ۾ نوڪري ڪندو هو. هن جلد ئي چاچي چاچيءَ کي ماريه جي گهر سڱ ڇڪرائڻ لاءِ موڪليو. ماريه جي گهر وارن کي اهو سڱ گهڻو پسند آيو جو هنن سندس پڙهائي اڌ ۾ ڇڏرائي شادي ڪري ڇڏي. ۽ ائين هوءِ شادي جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌجي ارسلان سان گڏ ڪراچي اچي وئي. ارسلان ڪرايه تي هڪ فليٽ ۾ رهائش پذير هو. جلد ئي سندن گهر ۾ ننڍڙو آشر اچي ويو، انهي دوران ماريه به پرائيويٽ گريجوئيشن ڪري ڇڏي هئي. ۽ هڪ پرائيويٽ ڪمپني ۾ ملازمت اختيار ڪئي هئائين پهرين ته آشر کي سنڀالڻ لاءِ هڪ آيا رکي هئائون ليڪن هو جڏهن ٽن سالن جو ٿيو ته ان کي هڪ ويجهڙائيءَ واري اسڪول ۾ داخل ڪري ڇڏيائين. هڪ ڏينهن هوءِ اجان آفيس مان گهرمس پهتي هئي، ته ارسلان ٿڪل ٽُٽل گهر ۾ داخل ٿيو. سندس چهري تي فڪر ۽ پريشانيءَ جا آثار هئا. ماريه کيس ائين ملول ڏسي پڇڻ لڳي،

”ڇا ٿيو آ ڏاڍا منڌل منڌل پيا لڳو، خير ته آهي نه؟“

ڦڪي مرڪ مرڪندي ارسلان وراڻيو،

”مان به ڪيڏو نه ناشڪرو آهيان، جو منهنجو اوڻويهن گريڊ ۾ پروموشن ٿيو آهي ۽ مان پيو پريشان ٿيان.“

”ڪمال پيا ڪيو اهڙي خوشخبري ۽ اهڙو پاروتو منهن، حد ٿا ڪريو.“

”خبر ته خوشيءَ جي آهي، پر پريشاني اها آهي ته مونکي اهو پروموشن ڏئي اسلام آباد پيو موڪليو وڃي، سوچيان پيو ته فورگو ڪري ڇڏيان،“

”پر ڇو؟ اسلام آباد وڃڻ ۾ ڇا آهي.“

”ڇري توهان جي ڳڻتي اٿم توهان هتي اڪيلا ڪيئن رهندئو توڪي جاب ڇڏڻي پوندي ۽ مان اهو نه ٿو چاهيان، توهان وڏي شوق سان اها نوڪري ڪئي هئي.“

”ته ڇا ٿي پيو ڇڏي ٿي ڏيان.“

”نه نه اهو ممڪن ناهي، پيو ته عاشر کي مشڪل سان هڪ سُٺي اسڪول ۾ داخلا ملي آهي ۽ مس مس وڃي هريو آهي.“

ماريه سوچ ۾ پئجي وئي، ڇئي ته ٺيڪ ٿو ڪافي غور و فڪر کان پوءِ ڪيس ان مسئلي جو هڪڙو حل سمجه ۾ آيو ڇونه مرينا ۽ افراز کي گهرائي وٺجي. هو هتي پنهنجي تعليم به جاري رکي سگهندا ۽ اسان جي اڪيلائي جو مسئلو به حل ٿي ويندو اهو سوچي مڙس سان صلاح ڪيائين ته ان جي ڇهري تي به رونق اچي وئي. پر وري ڪجه سوچي چوڻ لڳو.

”بابا ۽ امي ڪين ان جي اجازت ڏيندا.؟

”مان ڳالهائي ٿي ڏسانِ بلڪ هيئن ٿا ڪيون، صبحاڻي ڇنڇر آهي، منهنجي به موڪل آهي ته پوءِ ڇونه حيدرآباد هلجي، روبرو ڳالهائڻ درست ٿيندو.“

اهو ٻڌي ارسلان مطمئن ٿي ويو.

”ٺيڪ آهي ته پوءِ تياري ڪري وٺو صبحاڻي مان جلدي آفيس مان اچي ويندس ته پوءِ هليا هلنداسين.“

ائين ارسلان ته خير سان اسلام آباد روانو ٿي ويو ۽ مرينه ۽ افراز ماريه سان گڏ رهڻ لڳا. ٻنهي جون داخلائون به ڪراچي جي اسڪول ۽ ڪاليج ۾ ٿي ويون. ائين ڪيترو عرصو گذري ويو ته هڪ ڏينهن غزل به ماريه جا پار پته پڇائيندي اچي اُتي پهچي ۽ گذريل ٻن سالن کان ماريه سان گڏ رهندي پئي آئي.

♥

افراز حيدرآباد مان ڪراچي آيو تہ هن پنهنجي ڪاليج جي پڙهائي مڪمل ڪري ايم بي اي جا ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ شروع ڪيا، جتي سندس دوستي فهد سان ٿي وئي. هن جي ۽ فهد جي دوستي ايتري تہ گهاٽي ٿي وئي جو هڪ ڏينهن بہ هڪ ٻئي کانسواءِ نہ سرندي هئن. ڪلاسز کانپوءِ هو اڪثر گهمڻ ڦرڻ لاءِ نڪري پوندا هئا. هڪ ڏينهن فهد کيس پنهنجي جنم ڏينهن تي گهر اچڻ جي دعوت ڏني. هنن جي دوستي جيتوڻيڪ سال کن کان هئي پر افراز هن کان پهرين ڪڏهن بہ فهد جي گهر نہ ويو هو. فهد جو والد هڪ تاجر پيشہ شخص هو ۽ ڪلفٽن جي گلف مارڪيٽ ۾ هن جو وڏو بزنس هو، سندن رهائش بہ ڪلفٽن جي پوش علائقي ۾ هئي.

گهر اچي تيار ٿي پيڻ کان گاڏي جي اجازت وٺي سندس نئڊڙي مهراڻ ڪار ڪٽي هو ٻڌايل ائڊريس تي ڪاشيانہ سرفراز پهتو. فهد جو هڪ ننڍڙو خوبصورت بنگلو هو. ٻاهران اهو ننڍڙو پئي لڳو پر اندر داخل ٿيڻ سان ڪافي ڪشادو هو. فهد کيس وٺي ڊرائينگ روم ۾ آيو ڊرائينگ روم خوبصورت فرنيچر سان سينگاريل هو. جنهن مان گهر وارن جي خوش ذوقي جو اندازو ٿي رهيو هو. افراز کي ڪارنر جي هڪ صوفي تي ويهڻ جو چئي فهد اندر هليو ويو ۽ ڪجه گهڙين کان پوءِ ڪولڊ ڊرنڪس کڻي واپس آيو، ٻئي ڪولڊ ڊرنڪس سان شغل ڪرڻ لڳا.

ڪجهہ دير کان پوءِ ملازمہ فهد کي اچي چيو تہ.

”بيگم صاحبہ چوي ٿي تہ ڪيڪ ڪٽڻ جو وقت ٿي ويو آهي.“

ٻئي اٿي گهر جي داخلي دروازي جي ذريعي لائونج ۾ پهتا، لائونج ڪافي ڪشادو هو ۽ موقعي مناسبت سان سينگاريل هو ليڪن اتي مهمان صرف اڪيلو افراز هو باقي سڀ گهر جا فرد هئا. اهو ڏسي هو نہ صرف پريشان ٿي ويو پر دل ئي دل ۾ شرمسار بہ ٿي ويو، سوچڻ لڳو تہ گهر وارا ڇا سوچيندا هوندا تہ هي ڪٿان ڪباب ۾ هڏي بنجي پهتو آهي.

فهد اچڻ شرط پنهنجي والده ۽ پيءُ سان هن جو تعارف ڪرايو.

”بابا هي منهنجو گهاٽو دوست افراز جنهن جو ذڪر مان اڪثر ڪندو رهندو آهيان. “

فهد جو والد سرفراز گرمجوشيءَ سان ساڻس مليو هن فهد جي والده کي سلام ڪيو هن به کيس دعائون ڏنيون. تمام ڊيسينٽ ۽ سلجهيل خاندان هو. فهد جو ننڍو ڀاءُ فاران منهن مان گهڻو شرارتي پئي لڳو. هو ڪيڪ تي ميڻ بتيون سينگاري رهيو هو فهد کي ڏسي شرارتي انداز ۾ چوڻ لڳو.

”ادا ڪيڏو نه سُٺو ٿئي ها جو منهنجو جنم ڏينهن به توهان سان گڏ هجي ها بلڪ مان هر مهيني پنهنجو برٿ ڊي سيليبريٽ ڪيان ها. ريئلي آءِ لو برٿڊي ڪيڪ اينڊ پارٽيز. “

پٽ جي اهڙي ڳالهه تي سرفراز صاحب ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳو. انهيءَ وقت هڪ نازڪ نفيس ڇوڪري جيڪا ماڊرن لباس اوڍيل هئي پنهي هٿن ۾ گلاب جي پنکڙين سان ڀريل پليٽ کڻي ڪمري ۾ داخل ٿي. ان ڳالهه کان بيخبر ته ڪو اجنبي مهمان به هنن جي هن فيملي دعوت ۾ شريڪ آهي. اچڻ شرط پنکڙين جون منيون ڀري ڀاءُ جي مٿان نڇاور ڪرڻ لڳي. هوءَ بلو جينز ۽ وڏن گلن واري زرد شارٽ شرٽ ۾ تمام گهڻي خوبصورت لڳي رهي هئي خاص طور تي هن جا سلڪي سونهري وار جيڪي ڇيلهه تائين پئي پيا گلابي چهرو هلڪي ميڪ اپ سان سينگاريل هن کي وڌيڪ حسين بنائي رهيو هو.فهد پرسان بيٺل افراز کي آهسته آواز ۾ ٻڌايو.

”هيءَ عرشيه آهي منهنجي ننڍي ڀيڻ فيشن ڊزائيننگ ۾ ڊپلومه پئي ڪري“

افراز هڪ سرسري نگاه مٿس وڌي ۽ وري نظرون ٻئي طرف ڪري ڇڏيون . انهي وقت عريشه کي به احساس ٿي ويو ته اسان جي وچ ۾ ڪو مهمان شخص به موجود آهي ۽ جيئن ئي هن نظر ڀري افراز ڏانهن نهاريو ته بس نهاريندي ئي رهجي وئي. افراز مردانه وجاهت جو مڪمل نمونو هو گهري سائي رنگ جي پٽاپٽي قميص ۽ ڪاري پينٽ ۾ هو تمام هينڊسم ۽ ڊيشنگ پئي لڳو. پهرين نظر ۾ هن جي شخصيت ۾ اهڙي ته گم ٿي وئي جو ڪيس هوش ئي نه رهيو.۽ هوش ان وقت آيس جڏهن ماءُ جو آواز ڪن تي پيس,

”عريشه ڪيڏانهن گم ٿي وئينءَ. ڇري کڻي ڀاءُ کي ڏي ته ڪيڪ

ڪٿي سچ لھڻ وارو آھي. “

هوءِ شرمسار ٿي وئي جڻ ڪنھن سندس چوري پڪڙي ورتي هجي. ليڪن باقي سڀ هن جي احساسات کان بيخبر خوش گپين ۾ مصروف هئا. تاڙين ۽ جنم ڏينهن مبارڪ جي پڙلاءَ ۾ ڪيڪ ڪٽجي ويو. رفريشمينٽ جو دور هليو. فارغ ٿي افراز موڪلائي اٿڻ لڳو ته عريشه کان رهيو نه ٿيو ۽ اٿي اچي پاءُ جي پر ۾ صوفي تي ويٺي ۽ رازداراڻه انداز ۾ پڇڻ لڳي،

” ادا توهان اڳ ۾ ته ڪڏهن پنهنجي دوست جو گهر ۾ ذڪر نه ڪيو ۽ اڄ اچانڪ فيملي گيدرنگ ۾ مدعو ڪري ورتو ۽ هاڻي وري بغير تعارف جي وڃڻ پيا ڏيوس. “

فهد پيڻ جي شرارت کي سمجهي ويو.

”اوهه سوري ماءِ ينگ ليڊي ! آئينده ڪنهن کي مدعو ڪرڻ وقت اوهان کان ضرور اجازت طلب ڪبي. باءِ دي وي ، هي افراز آهي منهنجو پيارو دوست ۽ يونيورسٽي فيلو. ٿي ويو تعارف يا اڃان ڪجھ باقي رهي ٿو. “

ڀاءُ ڀيڻ جي بحث تي افراز زيرِ لب مسڪرائيندو رهيو. ڪجھ دير ڪانپوءِ هو سڀني کان موڪلائي هليو ويو.

عرشيه پنهنجي ڪمري ۾ پهچي ڏڙام سان پاڻ کي بيڊ تي اڇي سٽيو. ۽ هڪ رومانوي ڌن جهونگارڻ لڳي. افراز پهرين نظر ۾ هن جي اندر ۾ گهڙي ويو هو. هن اهڙي ئي ڪنهن پرڪشش شخصيت جي مالڪ شخص کي پنهنجو آدرش بنائي رکيو هو. ۽ ائين اچانڪ سامهون اچي هن جي اندر ۾ عجيب هلچل مچائي ڇڏي هئي. هوءِ هن سان ملڻ، کوڙ ساريون ڳالهيون ڪرڻ، اندر جو حال اورڻ لاءِ بيچين ٿي وئي هئي.

❤

افراز هن جي جذبات کان بيخبر پنهنجي ئي ڌن ۾ مگن ٿڪل ٽٽل گهر ۾ داخل ٿيو ته ماريه سندس انتظار ڪري رهي هئي. ماريه کي پنهنجي انتظار ۾ جاڳندو ڏسي هو دل ئي دل ۾ شرمسار ٿي ويو،

” آپا اڃان تائين ويٺا آهيو. “

” تنهنجو ئي انتظار پئي ڪيم. “

” ڇو؟ خير ته آهي نه .......... “

” ها، ها، خير آهي، فواد شارجه مان موٽي آيو آهي، فون ڪئي هئائين، مون صبحاڻي ڊنر تي ڪيس سڏيو آهي، تنهنجو ڇا خيال آ. “

”ويل ڪم! مونکي ڀلا ڪهڙو اعتراض ٿي ٿو سگهي..... صبحاڻي موڪل به آهي ۽ ٻي ڪا مصروفيت به ڪونهي. “

”ته پوءِ صبحاڻي گهر ۾ ئي هججانءِ ۽ ها ان باري ۾ في الحال غزل سان ذڪر ڪرڻ جي ضرورت ناهي. هوءِ شايد ڪمفرٽيبل فيل نه ڪري. “

”توهانجي مرضي... “

اهو چئي هو اٿي پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو.

❤

صبح ساڻ موسم جهڙالي ٿي وئي هئي، سرد هوا گهلي رهي هئي. ڪراچي ۾ عام طرح تہ موسم هميشہ معتدل هوندي آهي، نہ گهڻي گرمي نہ گهڻي سردي، البتہ ڪنهن ڏينهن جيڪڏهن ٿڌ پوندي آهي تہ ساه ئي سڪائي ڇڏيندي آهي. سرد هوائون ماڻهن کي گهرن تائين محدود ڪري ڇڏينديون آهن. اج بہ صبح ساڻ آسمان تي الائي ڪٿان ڪڪر ٿهي آيا، هوائن سان رانديون ڪندي تيز تيز ڊوڙي رهيا هئا جڻ لٺ ڪٽي ڪو پوپيان پيو هجين. منظر ايترو تہ دلفريب هو جو غزل جيڪا هونئن سدائين اهڙي موسم ۾ اداس ٿي ويندي هئي، اج سندس دل چاهيو تہ ڇونہ ان خوبصورت موسم مان ڪجھ حِظ حاصل ڪجي، هوءَ چانهہ جو مڳو ڪڻي اچي گيلريءَ ۾ بيٺي هئي ۽ ڪڪرن کي هوائن ۾ ترندي ڏسي رهي هئي هوءَ ڪوڙ دير تائين ائين بي مقصد خلائن ۾ نهاريندي رهي، اچانڪ هوا جو سرد جهوٽو هن جي چهري سان ٽڪرايو تہ سردي وچان ڪيس ڏڪڻي وٺي وئي، ليڪن پوءِ بہ هوءَ اتان نہ هٽي ۽ بادلن کي هڪ ٻئي سان رانديون ڪندي ڏسندي رهي. سندس محويت جو اهو عالم هو جو کيس خبر ئي نہ پئي تہ افراز ڪيڏي مهل هن جي پويان اچي بيٺو ۽ کيس ائين گم سم بادلن ۾ ڪجھ تلاش ڪندو ڏسندو رهيو. هن کيس ڊسٽرب ڪرڻ نہ ٿي چاهيو. هوءَ ان لمحي کيس دنيا جي حسين ترين عورت لڳي رهي هئي، جڻ ڪا اپسرا هجي. سندس ڇهري جي گرد وکريل وار جيڪي هوا جي جهوٽن وڏيڪ وکيري ڇڏيا هئا. افراز کي ائين لڳو جڻ چنڊ ڪارن ڪڪرن جي اوڍر مان جهاتي پائيندو هجي. سندس نگاهن جي تپش هئي يا ٻيو ڪو سبب، غزل اچانڪ گيلريءَ کان هٽي واپس مُڙي تہ اتي افراز کي بيٺل ڏسي حيرت مان پڇڻ لڳي،

"هيلو وينگ مئن! توهان ڪيڏي مهل کان هتي آهيو."

افراز شڪي ٿي ويو. پر پاڻ سنڀاليندي چيائين،

"بس هينئر ئي آيو آهيان. در اصل آپا توهان کي سڏيو پئي، مرينہ ۽

عاشر اجان ننڍ پيا آهن نہ ان ڪري مونکي موڪليائين.“
”ٺيڪ آ، توهان هلو مان بس ڏهن منٽن ۾ اچان پئي.“
افراز اتان هليو ويو تہ وري بي سروپا خيالن ۾ گم ٿي وئي.

شام جو چانهہ ڪان پوءِ حسبِ معمول هو رات جي ماني لاءِ ماريہ جي مدد ڪرڻ لاءِ ڪچن ۾ وئي تہ ماريہ ڏاڍي اهتمام سان هڪ بہ وڏيڪ ڊشز پئي تيار ڪيون.
”چو پلا اڄ ڊنر تي ڏاڍو اهتمام پيو ٿئي، ڪي خاص مهمان اچڻا آهن ڇا.؟
ماريہ ڪلندي سندس ئي انداز ۾ چوڻ لڳي،
”چو پلا، اسان ڪي موڪل ڏهاڙي ڪي انجواء نہ ڪرڻ ڪپي.....؟ “
”بلڪل ڪرڻ ڪپي، پلا ان ۾ قباحت بہ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي.“
ائين ڳالهہ آئي وئي ٿي وئي. ڊنر تيار ڪري هوءِ پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي.

❤

غزل جڏهن کان ماريہ جي گهر اچي رهي هئي، هن جي ڪوشش هوندي هئي تہ هوءَ ڪنهن جي ذاتي زندگي يا پرائيويسي ۾ ڪنهن بہ نموني مُخل نہ ٿئي ۽ هر وقت گهر وارن جي سر تي سوار نہ رهي. پنهنجي ڪمري مان ايندي هئي گهڙي سوا سيني سان ڪچهري ڪندي هئي ۽ پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ڪو نہ ڪو ڪم ڪار ڪندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن مرينہ، عاشر يا افراز گهڙي ساعت لاءِ سندس ڪمري ۾ ايندا هئا، افراز تہ صرف ان مهل جڏهن هو ٻاهر وڃي رهيو هوندو هو تہ پڇڻ ايندو هو تہ ٻاهران ڪنهن شيءِ جي ضرورت تہ ناهي. ائين سيني جي زندگي سولائي سان پئي گذري.

رات جو ڊنر تي مرينہ کيس سڏڻ آئي،

"آپي ڊنر لڳائي ڇڏي آهي سڀ انتظار پيا ڪن."

"ٺيڪ آ توهان هلو مان اچان پئي."

مرينہ جي وڃڻ کان پوءِ هوءَ بيڊ تان اٿي بي مقصد هلندي پٽ ۾ لڳل آئيني جي آڏو اچي بيٺي ۽ ڦٽي ڪٽي وڪريل وارن کي سنواريائين، رئو ٺيڪ ڪري ڪمري مان نڪري آئي لائونج ۾ رکيل ڊائيننگ ميز وٽ اچي پنهنجي لاءِ مخصوص ٿيل ڪرسي سرڪائي ويهڻ واري هئي تہ کيس لڳو تہ گهر ڀاتين کان علاوہ بہ ڪير ميز تي موجود آهي، اچانڪ سندس نگاهون اوڏانهن کڄي ويون، جيئن ئي هن جي نگاہ ان اجنبي شخص جي چهري تي پئي، حيرت ۽ صدمي وچان هوءَ اکيون ڇنڀڻ جهپڪائڻ ئي وسري ويس. ذري گهٽ رڙ ڪندي ڪندي پاڻ تي قابوپائي ورتائين. هوءَ واٽڙن وانگي اوڏانهن ڏسندي پنهنجي منهن ۾ٽڪندي چوڻ لڳي ،

"حيرت انگيز.............!"

سندس سامهون واري ڪرسيءَ تي ويٺل افراز جيڪو چور نگاهن سان سندس جائزو وٺي رهيو هو هن جو آواز ٻڌي ڏانهس نهارڻ لڳو هن جي

نگاهن جي تپش محسوس ڪندي غزل پنهنجي بيساختگيءَ تي دل ئي دل ۾ شرمسار ٿي جلدي ڪرسيءَ تي ويهي رهي ۽ سواليہ نگاهن سان ماريہ ڏي ڏسڻ لڳي ، ماريہ سندس نگاهن جو مطلب سمجهندي.

”هي فواد آهي احمد فواد ! منهنجو ڪزن.... “

”حيرت آ..... ! مون ٻن سالن ۾ توهان جي ڪزن کي پهرين تہ ڪڏهن بہ هتي ناهي ڏٺو اڄ اوچتو...... “

.”اصل ۾ فواد امپورٽ ايڪسپورٽ جو ڪاروبار ڪندو آهي...... مذاقيہ انداز ۾ چيا امپورٽ ايڪسپورٽ ڪندو آهي ان جي چاڻ ڪونہ اٿم پر هو ان سلسلي ۾ ڪڏهن دبئي ڪڏهن شارجہ ، پيو ملڪ گهمندو آهي. سال کن پهرين جڏهن اسان اسلام آباد ويا هئاسين اتي مليو هو تہ وري اڄ آيو آهي.“

غزل حيران هئي، من اندر سجايل مورت هيئن سندس آڏو اچي بيٺي هئي . ورهين کان هوءَ جنهن تصوير کي پنهنجي اندر ۾ سجايو سانڍيو پئي وتي، اها هيئن حقيقت جو روپ وٺي زنده سلامت هن جي سامهون موجود هئي. ڪيس يقين نہ پئي آيو ائين پئي لڳو ڄڻ هوءَ جاڳندي جو خواب پئي ڏسي. باقي سڀ هن جي اندروني ڪيفيت کان بي خبرهئا، ماريہ فواد سان سندس تعارف ڪرائي رهي هئي.

”هي غزل آهي، منهنجي يونيورسٽي جي دوست . سندس گهر وارا اتر سنڌ ۾ رهن ٿا، پاڻ جاب جي سلسلي ۾ ڪراچي آئي ۽ منهنجي بيحد اصرار تي مون وٽ رهي پئي. غزل منهنجي تمام پياري دوست آهي. “

فواد هن جي ذهني حالت کان بيخبر صرف اخلاقي تقاضا تحت ڪانئس سرسري انداز ۾ پڇيو.

”توهان هتي ڪهڙي جاب پيا ڪيو. “

غزل پنهنجي ذهني ڪيفيت تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪندي هٻڪندي چيو

”جي مان هڪ آرٽ انسٽيٽيوٽ ۾ مجسمہ سازي جي سکيا ڏيندي آهيان.“

”واه ! ان جو مطلب تہ سنگ تراش آهيو پوءِ تہ دل بہ پٿر جي رکندا

هوندا . فواد خوشدلي جو مظاهرو ڪندي چيو. فواد جي شخصيت ۾ ڳالهيون هن جي دل کي بيچين ڪري رهيون هيون، من اندر ماندڙ متل هو پوءِ بہ پنهنجي انهي حالت کي لڪائڻ خاطر سندس ئي نموني ڪيل سوال جو ساڳئي انداز ۾ جواب ڏيڻ ضروري سمجهو يا هن کي ڏسي هن جي اندر جي خوشدلي جاڳي پئي هئي،

”نہ جناب ! نہ تہ مان سنگتراش آهيان ۽ نہ پٿر جي دل رکان ٿي، ميڻ جا مجسمہ ٺاهيندي آهيان ۽ ميڻ جهڙي ئي نرم و نازڪ دل جي مالڪ آهيان، خيال رهي گهٽي تپش تي رجي پاٽي ٿي ويندي آهيان. “

پنهنجي ئي جواب تي کيس حيرت ٿي رهي هئي. هوڏانهن سندس اهڙي نہ پهہ جواب تي فواد گهڙي ساعت لاءِ تہ لا جواب ٿي ويو پر پوءِ ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳو.

افراز بن سالن ۾ پهريون ڀيرو غزل کي اهڙي خوش دلي جو مظاهرو ڪندي ڏٺو هو. هو سوچي رهيو هو تہ اڄ تہ هن گهٽ ڳالهائيندڙ عورت ، فواد جهڙي گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيئندڙ گهاگه انسان کي واه جو نہ پهہ جواب ڏنو آهي جو في الحال تہ فواد صاحب جي ٻولتي ئي بند ٿي وئي هئي.

فواد، غزل جي حاضر جوابي کان ڪافي متاثر ٿيو هو. ڊنر کان پوءِ ڪافيءِ جو دور شروع ٿيو تہ سڀ اچي صوفن تي ويٺا ۽ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. شارجہ جا حال احوال ، سڀ پنهنجي پنهنجي ڌُن ۾ مگن هئا. غزل جي بيچيني سوائي ٿيندي پئي وئي، انڪري هوءِ جلدي جلدي ڪافي ختم ڪري اجازت وٺي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي، هن نہ ٿي چاهيو تہ ڪو هن جي اندروني پيچ ڊاه واري حالت جي ڪنهن کي ڪٿڪ بہ پئي.

فواد سندس وڃڻ کان پوءِ ماريہ کي چوڻ لڳو

”لڳي ٿو توهان جي گيسٽ کي اسان جي ڪمپني پسند نہ آئي. “

ماريہ جي جواب ڏيڻ کان پهرين ئي افراز چوڻ لڳو

”اهڙي ڳالهہ ناهي، مس غزل ڪافي محتاط طبعيت جي مالڪ آهي،اسان سان بہ گهٽي بي تڪلف ناهي ٿيندي ۽ صرف خاص ٽائيمنگس تي پنهنجي ڪمري کان ٻاهر ايندي آهي . “

”پوءِ تہ توهان کي بہ ڪافي محتاط رهڻو پوندو هوندو. “

اهو ٻڌي مرينہ وچ ۾ ٽپڪو ڪاڏو.

”نہ لالہ نہ ، ! اهڙي بہ ڳالهہ ناهي آپي منهنجي تہ پڪي سهيلي آهي، پڙهائي ۾ منهنجي مدد ڪرڻ، نيون نيون ڊشز ٺاهڻ جي ماهر. مون بہ ڪوڙ ساريون شيون ٺاهڻ هن کان سکيون آهن. “

”اهو تہ ڏاڍو سٺو ٿيو. ان بهاني اسان کي بہ نوان سواد چکڻ جو موقعو ملندو. چڱو مان هاڻي هلندس. “

اهو چئي فواد اٿي موڪلائي هليو ويو.

غزل ڪمري ۾ هلي تہ وئي پر هن جي دل ٻاهر ئي اٽڪيل رهي. هن جي منزل مقصود ائين اچانڪ هن جي آڏو ساڀيان جي شڪل ۾ اچي بيهندي ، هن ڪڏهن سوچيو بہ ڪونہ هو ۽ اهو بہ هن جي پنهنجي دوست جي گهر ۾، جن وٽ گذريل ٻن سالن کان هوءِ موجود هئي ماريہ ڪڏهن اهڙو ڪو ذڪر بہ نہ ڪيو. پر ماريہ پنهنجي ڪنهن اهڙي ڪزن جو ذڪر ڀلا ڪري بہ ڇو ها، جنهن سان هن جو نہ وڙ نہ واسطو. هو پنهنجو وقت ٻاهرين ملڪن ۾ گذاريندو هو. هو ڪير هو. ڇو هو. ڀلا ماريہ هن کي ان جي باري ۾ ڇو ٻڌائي ها. ڪيس پارس جا چيل اهي لفظ ياد اچڻ لڳا،

”منهنجي منڙي غزل ! ڪيپچر ضرور ڪيو پر پرستش لاءِ نہ ، بت ڀلي جوڙجن پر انهن کي پوڄيو نہ ، بت هميشہ ٽُٽڻ لاءِ هوندا آهن ۽ اهو ئي سندن مقدر هوندو آهي. “

فواد کي ڏسي هن جي دل ۾ ڪوڙ ساري خوشي ۽ سرشاري ڀرجي وئي هئي.اڄ پارس جا اهي لفظ ڪيس بي معنيٰ لڳي رهيا هئا. اڄ تہ هن جي ورهين جي تپسيہ پوري ٿي هئي، ڪيس ائين پئي لڳو ڄڻ اچانڪ سندس اهو وڃايل خزانو هٿ اچي ويو هجي جنهنجي آس ئي ڇڏي ڏني هئائين. ايترن سالن ۾ تہ هوءِ ان مجسمي کي ئي وساري ويٺي هئي، جيڪو هن جي مخروطي آڱرين جي جنبش سان جُڙي راس ٿيو هو تہ هن جي حيرت جي انتها نہ رهي هئي. ڇو جو اهو هوبهو هن جي آدرش جو پرتوو هو. ڪڏهن ڪڏهن انسان جا تصورات ۽ تخيلات ايترا تہ طاقتور ٿي ويندا اهن جو اهي حقيقت جو روپ وٺي ان جي سامهون اچي بيهندا اهن. غزل سان بہ اڄ اهڙوئي واقعو ٿيو هو يا

تہ هوءَ قنوطيت ۽ غير يقينيءَ جو شڪار ٿي وئي هئي.

”تي سگهي ٿو تہ اهو شخص هرويرو مونکي ان مجسمي جيان لڳندو هجي، يا اها منهنجي خام خيالي هجي. ڀلا ڪو شخص جيڪو مون زندگي ۾ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو نہ هن سان مليس، اهو منهنجي خيالن ۾ ڪيئن اچي ٿو سگهي. يقينا“ مون ئي ان اجنبي شخص ۾ پنهنجي من مندر جي ديوتا جي تصوير ڪيپچر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي، تڏهن هو مون کي پنهنجي تصورات جيان لڳو هوندو، ورنہ هن جي، منهنجي ان اوچتو ٿي ويل مورت سان ڪهڙي مشابهت... شايد وڌندڙ عمر ۾ احساس محرومي مونکي هن ڏانهن راغب ڪرڻ چاهيو هوندو. جيڪڏهن ڪنهن کي منهنجي اهڙي سوچ جي ڄاڻ پئي تہ هو مونکي يا تہ ديواني سمجهندو يا بيوقوف يا هو اهو سمجهندو تہ مان خوش فهميءَ جو شڪار ٿيندي پئي وڃان.. “

انهن ئي سوچن ۾ خبر ناهي ڪيڏي مهل ننڊ جي ديوي ڪيس خوابن جي دنيا ۾ وٺي وئي.

❤

سڄي رات خواب ڪيس بيچين ڪندا رهيا، ڪڏهن هوءَ سمنڊ ڪناري ٿڌي واريءَ تي پيرين اگهاڙي فواد سان هٿ هٿ ۾ ڏئي پسار ڪري رهي هئي، ته ڪڏهن تاج محل جي سفيد چمڪندڙ مَر مَرين فرش تي هلندي فواد سان پيار و محبت جون ٻوليون ٻوليندي نظر آئي. سڄي رات ائين وهامي وئي، صبح جو سجاڳ ٿي ته طبعيت ۾ عجيب بيقراري ۽ ڳوراڻ محسوس ڪري رهي هئي. دل نه پئي چاهيس ته اٿي نوڪري تي وڃڻ جي تياري ڪري. ليڪن ماريه جي پريشانيءَ جو سوچي بي دليو اٿي تيار ٿيڻ لاءِ هلي وئي.

ماريه ناشتي تي سندس انتظار پئي ڪيو. البته افراز مرينه ۽ عاشر پڙهڻ لاءِ وڃي چڪا هئا. غزل ٿڪل ٿڪل قدمن سان ڊائننگ ميز ڏانهن وڌي ۽ ڪرسي سيري ويهي رهي. ماريه غور سان ڪيس ڏسندي چيو.

”لڳي ٿو ته رات پوري طرح ننڊ نه ڪئي اٿئي، اکيون ٿڪل ٿڪل پيون لڳني. “

”نه ، نه، ننڊ ته ڏاڍي سٺي آئي، پر عجيب وغريب خوابن سڄي رات بيچين رکيو. ان ڪري طبعيت وساميل وساميل پئي محسوس ٿئي. “

ماريه ڪلندي،

”ته پوءِ اهڙا خواب نه ڏسندي ڪر نه. “

غزل جي لبن تي هڪ اداس مرڪ ڇانئجي وئي،

”پلا خواب به ڪنهنجي وس ۾ هوندا آهن. انسان به عجيب مخلوق آهي، هر اها خواهش جيڪا عام زندگيءَ ۾ سندس دسترس ۾ نه اچي سگهي، اها اوتري ئي شدت سان لاشعور جي ڪنهن گوشي ۾ موجود هجي ٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن نامڪمل خواهشون لاشعور جا بند ٽوڙي خوابن جي شڪل ۾ تڪميل جا سڀ مرحلا طئي ڪري وٺنديون آهن. “

ماريه غور سان سندس چهري جي ايرندڙ لهندڙ تاثرات کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. سندس ڳالهه وچ ۾ ڪاٽي مسڪرائي چوڻ لڳي،

”ائين ئي سهي، انسان پوءِ بہ خوش نصيب آهي، ڪير ڪيس پنهنجي مرضيء جا خواب ڏسڻ کان تہ روڪي نہ ٿو سگهي نہ، گهڙي کن لاءِ ئي سهي ماڻهو پنهنجي خوابن جي حسين ۽ دلڪش وادين ۾ بغير ڪنهن ڊپ ڊاء ۽ روڪ ٽوڪ جي مزا ماڻي سگهي ٿو. “

غزل جي منهن تي اداس مرڪ ڇانئجي وئي،

هوءَ وساڻل انداز ۾ چوڻ لڳي،

”ماريہ تون بہ عجيب آهين . توکي پلا کهڙي ڄاڻ. توکي تہ بنا سپنا

پَسڻ جي سڀ ڪجه ساپيان ۾ ملي ويو. تشنہ آرزوئون جڏهن خوابن ۾ پوريون ٿيڻ لڳنديون آهن نہ، تہ سجاڳ ٿيڻ کان پوءِ اهو درد اجان بہ سوايو ٿي ويندو آهي، هر شيء اسان جي پهچ کان پري جو هوندي آهي. “

”صبح ساڻ کهڙي فلسفي ۾ اچي منجهيا آهيون، ڇڏ انهن ڳالهين کي نيرن ڪري وٺ تہ هلي ڪيون ڪا جر جي. “

ٻئي تڪڙ ۾ ناشتو ڪرڻ لڳيون.

❤

فواد ان ڏينهن کان پوءِ ڪئين ڏينهن گذري وڃڻ باوجود وري ماريہ وارن وٽ ڦيهر نہ آيو هو. غزل اندر ۾ موجود چور جي ڪري ماريہ کان بہ سندس باري ۾ پڇي نہ پئي سگهي. هن سان ملڻ ۽ هن کي هڪ ڀيرو وري ڏسڻ جي خواهش ڏينهون ڏينهن شدت اختيار ڪندي پئي وئي، ليڪن فواد تہ ڄڻ ان ڏينهن کان پوءِ ماريہ جي گهر اچڻ جو رستو ئي وسري ويو هو. ٻئي طرف ماريہ وارن مان بہ ڪنهن ڪڏهن بہ سرسري طور بہ هن جو ذڪر ڪرڻ ضروري نہ سمجهو هو.

ڪئي ڏينهن پڄاڻا هڪ ڏينهن هوءِ جيئن صبح جو سجاڳ ٿي، اٿي دريءَ جو پردو هٽايائين تہ سامهون آسمان تي گهنگهور گهٽائون ، ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا. موسم ڏاڍي دلفريب ۽ دل لڀائيندڙ پئي لڳي. ٿڌڙي هوا جي جهوٽي جيئن ئي سندس مُک کي ڇهيوتہ هن جي دل کي فرحت ۽ آسودگي محسوس ٿيڻ لڳي. ڪجه دير لاءِ هو دريءَ مان آسمان ۾ ڊوڙندڙ بادلن کي نهاريندي رهي جيڪي هوا جي تيز جهوٽن تي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندا پئي وتيا. بادلن کي ائين هڪ ٻئي پويان ترندي ۽ ڊوڙندي ڏسي هن جي چپن تي هڪ آسوده مرڪ ڇانئجي وئي. ڪافي دير تائين هوءِ ان حسين نظاري ۾ گم هئي تہ اوچتو کيس خيال ايو تہ نوڪريءَ تي بہ وڃڻو آهي، ماريہ سندس انتظار ڪندي هوندي. هوءِ جلدي جلدي تيار ٿي ٻاهر نڪري آئي تہ ماريہ ناشتي تي هن جو انتظار پئي ڪيو اڄ هن موسم جي مناسبت سان سرمائي سلڪ جو جوڙو پهريو هو ڍڳها ڪارا گهٽائن جهڙا وار، جنکي ڦٽي ڏئي، صرف بہ پنون هٽي پُٺاڙن تي کولي ڇڏيو هئائين. هلڪي لپ اسٽڪ لڳل تمام خوبصورت لڳي رهي هئي رنگ تہ اڳ ۾ ئي ڳورو چٽو هئس وهنجڻ سان وڌيڪ فريش ٿي وئي هئي. ماريہ مٿس سرسري نگاه وجهندي زيرِ لب مسڪرائيندي شوخ انداز ۾ ڇيڙڻ لڳي.

”اڄ ڪنهن کي قتل ڪرڻ جو پورو پورو اهتمام ڪيو اٿئي خير تہ

آهي نہ، واقعي اڄ تون ڏاڍي پياري پئي لڳين.“

”بس اڄ موسم اهڙي تہ خوبصورت آهي, جو دل چيو تہ موسم جي حساب سان هلجي. سوري مونکي ڪجھ دير ٿي وئي.“

”اونو! توکي ائين سينگارجڻ سنورجڻ جو پورو پورو حق آهي, بس تون سدائين سادي رهندي آهين نہ, ان ڪري پئي چيم ، چڱو تون ويهہ اڄ مون بہ موسم جي حساب سان ناشتو ٺاهيو آ, حلوو پوريون ۽ آمليٽ ، گهہ گرم لڳو پيو آ تولاءِ بہ گرم گرم پوريون تري ٿي اچان.“

”ماريہ پليز ! تون منهنجي لاءِ ايتري تڪليف نہ ڪندي ڪر, ٺاهي ڇڏين ها سيني سان گڏ, ڇڏ مان پاڻ ٿي تري اچان . “

”نہ نہ ويليون پيون اهن صرف گهہ ۾ وجهڻيون آهن گرم گرم پوري جو مزو ئي پنهنجو هوندو اهي. “

ائين چئي پوريون تري ڪڻي آئي ۽ٻنهي ناشتو ڪيو ۽ آفيس لاءِ نڪري ويون.

❤

شام جي وقت ڪڪر ڪارونيار ٿي ويا, آسمان لس پٽ ٿي ويو ڏور پري اوڀر ڏکڻ جي ڪنڌ تي وڄن جا چمڪاٽ هجن, بس اجهو ڪي وسيو غزل ۽ ٻين اهڙي موسم ڏسندي پنهنجا ڪم سهيڙڻ شروع ڪيا ان نيت سان ته مينهن وسڻ کان پهرين پنهنجي پنهنجي اسٽاپن تي پهچي سوارين جو وڄي پاسو وٺن ، جو ڪين خبر هئي ته ٿورو مينهن وسيو ناهي سواريون غائب ٿيون ناهن ۽ پوءِ رستن تي باقي بچيل سوارين جا ته ماٺا ئي پنهنجا هوندا آهن . ڪم سهيڙي سڀ ٻاهر نڪتا ته جيڪو انديشو هو اهو ٿيو هلڪو هلڪو وسڪارو شروع ٿي ويو.سڀئي جلدي جلدي پنهنجي پنهنجي بس اسٽاپن ڏانهن وڌي ويا . غزل جيڪا گهٽو ڪري رڪشه ٽيڪسي ۾ گهر ويندي هئي, ڇو ته سندس گهر گهٽو پري ڪونه هئو جو هوءِ بيهي روٽ بسن جو انتظار ڪري. پر اڄ ته برسات سندس نڪرندي ئي وسڻ شروع ٿي وئي جيئن هوءِ گيٽ کان نڪتي ته مختلف گاڏيون تيز رفتاريءَ سان پنهنجي پنهنجي منزلن طرف روان دوان هيون. هلڪو هلڪو مينهن موسم کي ڏاڍو دلفريب ۽ رومانوي بنائي رهيو هو. هونئن به جيڪڏهن روڊ رستا صاف سٿرا هجن پاڻيءَ جو نيڪال سولو هجي ته موسم جو مزو به ماڻي سگهجي ٿو پر جي روڊ رستا ڀڳل ٽٽل ڪنهن برباد ٿيل وسندي جو ڏيک ڏيڻ لڳن پاڻي تلائن جي شڪل ۾ بيهي وڃي ۽ گهرن جي گندگي گٽرن مان ابري انهن تلائن ۾ شامل ٿي وڃي ته پوءِ اهڙيون حسين موسمون به ماڻهن لاءِ بجاءِ رحمت جي زحمت ۽ عذاب بنجي ونديون آهن جيئن اسان جي سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جا روڊ رستا ٿوڙي مينهن وسڻ سان ماڻهن لاءِ مصيبت جو باعث ٿي ويندا آهن ان ڪري اڃان آسمان ۾ ڪڪر ڏسبا ناهن دل ئي دل ۾ ٻيون دعائون گهربيون آهن ته مولا مينهن ڀلي وساءِ پر اسان جا جهوپا جهڻ نه ٿين.

غزل جون نگاهون رڪشه ٽيڪسي جي تلاش ۾ هيڏانهن هوڏانهن

واجهائي رهيون هيون پر هر رڪشہ ٽيڪسي ماڻهن سان سٽي پئي آئي. هڪ اڌ رڪشہ بيٺي بہ پر ويجهڙو پاڙو ٻڌي انڪار ۾ ڪنڌ لوڏي هلي پئي وئي. هاڻي تہ غزل ڪجه پريشان ٿيڻ لڳي هئي، ان وقت هڪ ميڊيان سلور ڪلر جي ڪرولا ڪار تيز رفتاريءَ سان سندس پر مان گذري اڳتي نڪري وئي، غزل ان طرف ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو ڇو تہ هن گذريل ٻن سالن دوران هتي رهندي ڪنهن بہ سچوئيشن ۾ ڪنهن ڪان لفٽ وٺڻ جو سوچيو بہ ڪونہ هو. هوءِ اجان اتي بيٺي ئي هئي تہ هڪ گاڏي اچانڪ سندس سامهون اچي بريڪ هنئي.، هن سمجهو تہ ڪا ٽيڪسي آهي ، پر جيئن سندس نظر سلور ڪار تي پئي تہ بيساختہ سندس نگاه ڊرائيونگ سيٽ ڏانهن ڪڄي وئي.نگاه پوندي ئي هن جي دل اهڙي تہ زور سان ڌڙڪي جڻ ڪجه دير ڪان پوءِ ڌڙڪڻ ئي ڇڏي ڏيندي. سامهون سيٽ تي ٻيو ڪير نہ سندس خوابن ۽ خيالن تي قبضو ڪندڙ فواد موجود هو ۽ خوبصورت انداز ۾ مرڪندي سندس ڪيفيت ڪان لطف اندوز ٿي رهيو هو هونئن بہ فواد سحر انگيز شخصيت جو مالڪ شخص هو. هوڪٽڪ رنگو، مردانہ وجاهت جو هڪ مڪمل نمونو هو هن جي پُر ڪشش ۽ پُر فريب مسڪراهٽ صنف مخالف کي پاڻ طرف راغب ڪرڻ ۽ پنهنجي سحر ۾ گرفتار ڪرڻ جي مڪمل طاقت رکندي هئي ۽ ان جو ڪيس پلي پت احساس بہ هئو. سندس نگاهن ۾ اهڙي تہ بي باڪي ۽ چمڪ هئي جو غزل هڪدم شرمائي نظرون جهڪائي ڇڏيون. هوءِ تہ اجان ان سحر مان ئي آزاد نہ ٿي هئي تہ هن جو مطلوبِ نگاه ائين اچانڪ اهڙي سچوئيشن ۾ آڏو اچي بيهندو . ۽ وري اهڙين بي باڪ نگاهن جو تاب پلا ڪٿان پئي سهي سگهي،هن جو ائين نطرون جهڪايون تہ سندس ان ادا تي فواد جڻ تہ فدا پئي ٿيو پر پوءِ جلدئي پنهنجي جذباتي ڪيفيت تي ضابطو آڻي ورتائين ۽ جهڪي پر واري سيٽ جو دروازو کوليائين،

"اچو مان توهان کي ڊراپ ڪندو ٿو وڃان . نہ تہ ماريہ آپي چوندي تہ سندس پياري سهيلي وچ رستي تي پريشان حال مينهن ۾ پئي ڀِني ۽ مون سندس خيال نہ ڪيو. "

غزل تہ پاڻ ڪيترن ڏينهن ڪان فواد سان ملڻ پئي چاهيو انڌو تہ

هڪڙي اک ئي غنيمت ڄاڻندو آهي ۽ ائين جي ڪيس اچانڪ ٻئي اکيون ملي وڃن تہ هو پلا قدرت جي اهڙي سخاوت تي شڪر گذاري جي ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهي. هوءِ قدرت جي فراهم ڪيل موقعي کي پلا ڪيئن وڃائي پئي سگهي، پر هن اهو بہ نہ ٿي چاهيو تہ فواد هن جي دل جي حالت کي ڄاڻي وٺي ان ڪري مصنوعي طرح تڪلف ڪندي چوڻ لڳي،

”توهان کي هروڀرو تڪليف ٿيندي، مان تہ روز ڪنهن نہ ڪنهن رڪشہ ٽيڪسيءَ ۾ هلي ويندي آهيان. “

”تڪلف ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي، موسم حسين آهي ان ۾ ڪو خوبصورت ساٿي هجي تہ آسودگي جو باعث بنجي ويندو آهي هن جي انداز گفتگو ۾ بي تڪلفي ۽ بي ساختگي هئي، هن کي پس وپيش ڪندو ڏسي ،

”جلدي ڪيو ڏسو ٽريفڪ جام ٿي وئي آهي. “

پويان هارن ٻڌي ڪجه توقف ڪندي هوءِ گاڏيءَ ۾ اچي ويٺي هن جو پنل پنل مک شرمايل انداز فواد جي دل کي ليائي رهيو هو هن گاڏي کي گيئر ۾ وڌو تہ رفتار تيز ٿي وئي. هواجان ٿوروئي اڳتي ويا هوندا تہ برسات ايڏي تہ تيز ٿي وئي جو سامهون واري هر شيءِ ڌنڌلي ٿي وئي گاڏين جا وائيپر مشيني انداز ۾ ونڊ اسڪرينن تي گردش ڪري وسندڙ پاڻي کي هٽائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا هئا. فواد گاڏيءِ جي رفتار گهٽائي ڇڏي. ان جي باوجود سامهون ونڊ اسڪرين تي ڪجه بہ نظر نہ پئي آيو اهو ڏسي فواد هڪ ڪٽ ڪان گاڏي آهستہ رفتار سان يو ٽرن وٺندي گاڏي سروس روڊ طرف موڙي ڇڏي ۽ هڪ ريسٽورنٽ جي سامهون اچي بريڪ هئين. ۽ غزل ڏانهن منهن ڪندي،

”ڇا خيال آ. ڪجه دير برسات جهڪي ٿيڻ جو انتظار ڪجي، سامهون ريسٽورنٽ ۾ هلي ڪافي ٿا پيون، ايستائين برسات بہ خدا ڪندو تہ گهٽجي ويندي. “

غزل جي تہ دل جي مراد پوري ٿي رهي هئي. پلا ماريہ وارن جي موجودگيءَ ۾ هوءِ فواد متعلق ايڏي ڄاڻ ڪيئن حاصل ڪري سگهي ها، پر هوءِ فواد آڏو پنهنجي ان ڪيفيت کي هڪدم ظاهر بہ نہ پئي ڪرڻ چاهي.

ان ڪري خاموش ٿي وئي. فواد سندس خاموشيءَ کي روائتي تڪلف سمجهندي بي تڪلفانا انداز اختيار ڪندي چوڻ لڳو.

”ڏسو غزل صاحبہ توهان وٽ بہ آپشن آهن. يا تہ هتي گاڏيءَ ۾ ويهي چپ چاپ برسات گهٽجڻ جو انتظار ڪجي. يا اندر هلي گرما گرم ڪافيءَ سان لطف اندوز ٿجي. شام جو پهر آ. ڪافيءَ جي خواهش شدت اختيار ڪري رهي آهي. “

غزل ڪجهہ جواب ڏيڻ بجاءِ ٿوري پس و پيش ڪندي پنهنجي طرف جو دروازو کوليو تہ فواد بہ مسڪرائيندو ٻاهر نڪري آيو۽ گاڏي لاڪ ڪري ريسٽورنٽ طرف تيزيءَ سان وڌيا. پر پوءِ بہ سندن ڪپڙا چڱا خاصا پسجي ويا. تڪڙا تڪڙا قدم کڻندا اندر داخل ٿي ويا ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاري دروازي جي ڀر واري ٽيبل تي اچي ويٺا . ان وقت ريسٽورنٽ اندر ايڪڙ ٻيڪڙ ميزون ڀريل هيون . هنن جي ويهندي ئي ويٽر ميز جي ويجهو پهچي ويو تہ فواد سواليہ انداز ۾ غزل ڏانهن نهاريو جيئن هن جي مرضي معلوم ڪري سگهي پر هوءَ لا تعلق بني ويٺي رهي. فواد اهو ڏسي پاڻ ئي ڪافي ۽ سينڊوچ جو آرڊر ڏنو. ويٽر جي وڃڻ کان پوءِ هو رسمي انداز ۾ گفتگو ڪرڻ لاءِ کيس مخاطب ٿيو.

”توهان ڪڏهن کان ادي ماريہ وارن سان گڏ آهيو. “

”بہ سال کن ٿي ويا هوندا. “ هن مختصر جواب ڏنو.

”جاب کان علاوه بہ ڪا مصروفيت آهي. “

”نہ ڪا خاص تہ نہ . ڪڏهن ڪڏهن شاعريءَ ۾ طبع آزمائي ڪري وٺندي آهيان. پر فقط پنهنجي شوق جي خاطر آڏيون ابتيون چند سٽون. “

فواد وڌيڪ بي تڪلفانہ لهجو اختيار ڪندي سندس حوصلو وڌائڻ خاطر.

”ان جو مطلب تہ فنونِ لطيفہ جي سيني صنفن جو شغف رکو ٿا. سٺي ڳالهہ آهي. حسن سان گڏ جيڪڏهن شوق بہ حسين هجن تہ اهو تہ سون تي سهاڳو ٿيو نہ. “

آهستہ آهستہ غزل جو حجاب بہ گهٽجندو پئي ويو. هوءَ ڪا الهڙ دوشيزه تہ هئي ڪونہ. عمر جي جنهن سنجيده دور مان هوءَ گذري پئي. اتي

حجاب گهڻي دير قائم رهي ناهي سگهندو. فواد بہ ذري گهٽ سندس ئي هم عمر ٿي لڳو ۽ وڏيڪ اهو تہ ورهين کان هن جي من مندر جو ديوتا هو. جنهن سان هن پنهنجي اڪيلاين ۾ ڪيترين ئي پيار محبت جون ڳالهيون سليون هيون. خيالن ۽ خوابن ۾ هو هميشہ ساڻس گڏ رهيو هو اهوئي سبب هو تہ غزل کي پهرين دفعي ملڻ مهل بہ اجنبي نہ لڳو هو. اڄ قدرت جي طرفان جيڪو موقعو کيس مليو هو هوءِ انکي فضول ۽ فرسوده قسم جي حجاب جي نذر ڪرڻ نہ پئي چاهي، ان ڪري هن پڪو پهہ ڪري ورتو تہ، اڄوڪي هن اوچتي ملاقات ۾ هوءِ کيس اهو سڀ ڪجه ٻڌائيندي جيڪو هن جي باري ۾ محسوس ڪندي آئي آهي. اچانڪ کيس ڪجه ياد اچي ويو. جنهن کيس اهو سڀ ڪجه ٻڌائڻ جو سبب پيدا ڪيو. فواد ان دوران کيس ائين سوچن جي گهري سمنڊ ۾ گم ڏسي هن جي لمحي بہ لمحي بدلجندڙ تاثرات کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. ان وقت ويٽر سندن آرڊر سرو ڪري هليو ويو تہ غزل پنهنجي پرس مان موبائيل فون ڪڍيو. فواد سمجهو تہ هوءِ گهر وارن کي پنهنجي دير ٿيڻ بابت ٻڌائڻ پئي چاهي،

"نيڪ آ توهان پلي ادي ماريہ کي ٻڌائي ڇڏيو تہ توهان برسات ۾ ڦاسي ويا آهيو. هو هرويرو پيا ڳڻتي ڪندا. "

نہ نہ مون گهر فون نہ پئي ڪئي، در اصل مون توهان کي ڪجه ڏيکارڻ پئي چاهيو. فواد صاحب منهنجي شاعري تہ ضرور بي ربط هوندي آهي پر مان توهان کي پنهنجو ناهيل هڪ مجسمو ضرور ڏيکارڻ چاهيندس، جيڪو منهنجي خيال ۾ منهنجي هن سڄي ڪيريئر جو شاهڪار هو. "

فواد حيران ٿي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو ۽ از راهِ مذاق چوڻ لڳو.

"يقينا" توهان جي خوبصورت مخروطي آڱرين ڪو نہ ڪو شاهڪار ضرور گهڙيو هوندو. پر هتي تہ ڪجه نظر نہ ٿو اچي، ڇا توهان جي شولڊ بيگ ۾ آهي. "

"نہ نہ اهو تہ لاهور آرٽ ڪاليج جي پراپرٽي هو. پر مون ان جون مختلف زاوين کان ڪجه تصويرون ضرور ڪڍيون هيون. جن کي وقت بہ وقت ڏسي، پنهنجي ئي تراشيل ان مورت سان دل وندرائيندي رهندي هيس، ۽ پوءِ دنيا جي ڪمن ڪارين ۾ اهو شغل بہ ختم ٿي ويو هو. توهان ڏسڻ

پسند ڪندئو.“

”واه نات ! “

هن ايسٽائين موبائيل مان سرچ ڪري اهو پيج ڪڍي ورتو ۽ فواد ڏي وڌايو.

”توهان ڪلڪ ڪندا وڃجو ڪئي تصويرون آهن, پوءِ فيصلو ڪري ٻڌائجو تہ منهنجو ورڪ آئوٽ توهان کي ڪيئن لڳو. “

فواد پهرين تصوير ڏٺي پر هن جي چهري تي ڪو خاص تاثر ڪونہ ابريو. غزل غور سان سندس چهري جي تاثرات کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي., فواد جيئن جيئن تصويرون ڏسندو ويو, سندس چهري جا تاثرات بدلجندا ويا, حيرت سندس منهن مان صاف بکي رهي هئي. محويت جو اهو عالم هو جو سندس ڪافي ۽ سينڊوچ ٿڌا پئي ٿيا, پر هو تہ بس تصويرن کي ڪڏهن زوم تہ ڪڏهن نارمل ڏسندو پئي ويو. آخر جڏهن سڀ فوٽو ختم ٿي ويا تہ هن جي چهري جا تاثرات ڏسڻ جهڙا هئا, بي ساختہ سندس زبان مان نڪتو.

”حيرت انگيز! حيرت انگيز ! ايڏي مشابهت. ڇا ڪو شخص ايڏو وڏو فنڪار ٿي سگهي ٿو, جيڪو هو بهو اهڙي تصوير چِٽي يا ڪو اهڙو فن پارو گهڙي سگهي, جيڪو وجود اختيار ڪري وٺي, ناممڪن ! ڪنهن تصوير ۾ ڪنهن ماڻهو جي ٿوري گهڻي شبيهہ تہ مماثلت رکي سگهي ٿي, ليڪن ڪنهن جئري جاڳندي شخص جي مڪمل شبيهہ, پلا ڪنهن جي تصور ۾ ڪيئن اجاگر ٿي سگهي ٿي. يقينا“ ڪڏهن ماريہ جي ڪنهن آلبم ۾ منهنجي ڪا تصوير اوهان جي نظر مان گذري هوندي ۽ اها لاشعور جي ڪنهن ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهجي وئي هوندي.پوءِ جڏهن توهان هي مجسمو گهڙي رهيا هوندئو تہ ان جا خد وخال توهان جي لاشعور جي ان گوشي مان نڪري نروار ٿيا هوندا ۽ ان مجسمي کي گهڙڻ ۾ توهان جي مدد ڪئي هوندي. “

”نہ بلڪل نہ اهڙي ڪا ڳالهہ نہ ٿي هئي, ماريہ سان منهنجي ڄاڻ سڃاڻ يونيورسٽي ۾ ٿوري وقت لاءِ رهي هئي, ان کان پوءِ هن جي شادي ٿي وئي. مان لاهور هلي ويس, اسان ڪڏهن بہ هڪ ٻئي سان ڪي فوٽوگراف شيئر نہ ڪيا هئا, نہ تڏهن, نہ وري هن سان گڏ رهائش اختيار ڪرڻ دوران.

حيرت تہ مونکي بہ ٿي هئي جڏهن مون توهان کي ماريہ وٽ ڏٺو هو. ماريہ کي تہ اجان تائين بہ منهنجي هن تخليق بابت ڪا ڄاڻ ڪانهي ۽. ۽ حقيقت اها آهي تہ مان انهن گڏريل ٽن چئن سالن ۾ ان متعلق ذري گهٽ وسري ئي وئي هئس. اهو تہ جڏهن توهان منهنجي روبرو آيا تہ ذهن هڪ جهٽڪو کاڌو هو.“

”پوءِ تہ داد ڏيڻو پوندو توهان جي ان تصوراتي دنيا کي، جيڪا ايڏي تہ طاقتور آهي جيڪا پنهنجي ان تخئيلاتي قوت سان هڪ اهڙو شاهڪار گهڙي وٺي، جنهن جو وجود هن دنيا ۾ موجود هجي. ڪمال آهي، ! مس غزل توهان بهترين مجسمہ ساز آهيو نہ صرف بهترين مورت گهڙيندڙ بلڪہ نهايت طاقتور تخليق ڪار پڻ. جنهنجي مخروتي آڱرين جي جنبش سان اهڙو شاهڪار سرجي وڃي جيڪو ڪٿي نہ ڪٿي پنهنجو هڪ حقيقي وجود رکندو هجي. ان جو تہ ا مطلب ٿيو تہ اسان جو ماريہ وٽ ملڻ بہ ڪو اتفاق نہ هو. پر اها بہ توهان جي لاشعور ۾ دبيل خواهش جي شدت هئي، جنهن ان حقيقي وجود کي اوهان جي آڏو آڻي بيهاريو. ۽ اهو سڀ موجوده دور جي ماديت پرست دنيا ۾ ، جتي انسان انسان جي رت جو پياسوهجي،هر طرف نهاريو صرف نفسا نفسي ڪر ڪنيو بيٺي آهي هر ماڻهو بئي لاءِ منفي سوچ، ساڙ ۽ حسد ڪنيو پيو موقعا تلاش ڪندو وتي تہ ڪيئن هن کي تڪليف پهچائي سگهجي ٿي، رُڃ هر طرف واڪا پئي ڪري، جتي لطيف جذبن ۽ خوبصورت خواهشن جي متعلق سوچڻ کي وقت جو زيان سمجهيو وڃي، اهڙي ڪم ظرفي جي ماحول ۾ ڪو شخص پنهنجي ان حسين تصوراتي دنيا کي ائين سجايو سنواريو وتي جو آخر ڪار سندس تخيل حقيقي روپ ڌاري وٺي . مونکي تہ اهو سڀ ان دور جي خيالي ڪهاڻي پيو لڳي، جڏهن ڪو شهزادو ڪنهن سونهري مڇيءَ جي پيٽ مان نڪتل سونهري وار ڏسي ضد ڪري ويهندو هو تہ جنهن ڇوڪريءَ جو هي خوبصورت وار آهي ان سان شادي ڪندو ۽ پوءِ سندس تلاش، آخر ان ڇوڪريءَ تائين پهچي ئي تڪميل تي پهچندي هئي. “

”چڏيو فواد صاحب توهان بہ ڪهڙين پرين ۽ شهزادين جي ديس وڃي پهتا آهيو ڪافي پيو. ڏسو نہ برسات بہ بيهي وئي آهي. هاڻي گهر هلڻ گهرجي نہ تہ ماريہ پريشان ٿيندي. “

ٻئي ڪافي ختم ڪري ٻي دليو اٿن ٿا،نہ تہ ٻنهي جي دل نہ پئي چاهيو تہ هي حسين قربت ائين ختم ٿي وڃي.

رستي ۾ غزل فهد کي هڪ گذارش ڪئي تہ هوان مجسمي جي حقيقت جي متعلق ماريہ يا ڪنهن ٻئي سان ان جو ڪوبہ ذڪرنہ ڪري تہ بهتر ٿيندو.گهر پهتا تہ ماريہ افراز ٻئي ٻار غزل جو انتظار ڪري رهيا هئا، ڪيس ڏسندي ئي ماريہ پريشانيءَ مان ڪانئس پڇيو تہ هوءَ اهڙي برسات ۾ ايتري دير ڪٿي رهجي وئي هئي، ليڪن پويان ايندڙ فواد کي ڏسي خاموش ٿي وئي ، البتہ افراز جي چهري تي عجيب قسم جي شڪايت ۽ ناگواري جا مليل جليل تاثرات ابري آيا هئا، فواد ماريہ ۽ افراز جي معني خيز تاثرات کي هڪدم تاڙي ورتو ۽ ڳالهہ کي نباهيندي خوشدليءَ سان ماريہ کي مخاطب ٿي،

”هي توهان جي غزل صاحبہ ، برسات ۾ پسار ڪرڻ جو شوق فرمائي رهي هئي تہ اچانڪ منهنجي نگاه مٿس پئجي وئي تہ از راهِ همدردي مون ڪيس گهر تائين لفٽ جي دعوت ڏني، پر همدردي اهڙي تہ ڳچيءَ ۾ پئجي وئي جو محترمہ جي گاڏيءَ ۾ ويهندي ئي برسات ايڏي تہ تيز ٿي وئي جو ڪجه بہ نظر نہ پئي آيو. مجبورا“ سامهون واري هڪ ريسٽورينٽ ۾ پناه وٺڻي پئي ۽ پوءِ برسات رڪجندي ئي توهان جي غزل صاحبہ کي گهر پهچائڻ جو فرض پورو ڪرڻو پيو. بس اهائي ڪل ڪهاڻي آهي . “

ماريہ ايڏي وضاحت پيش ڪرڻ تي ڪلي ڏنو ليڪن افراز کي غزل جو ائين بي تڪلف ٿي فواد سان گڏجي اچڻ دل کي بيچين ڪري ويو. هن کي فواد سان عجيب طرح جي بيزاري محسوس ٿيڻ لڳي، پر دل جو سور دل ۾ ئي پي ويو. چو تہ هو چڱي پر ڄاڻي پيو تہ هن کي اهو سڀ سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو ڪو اختيار ڪونهي ۽ نہ وري ڪو حق. هر ڪنهن کي پنهنجي زندگي پنهنجي انداز سان جيئڻ جو پورو حق آهي.

غزل ڪپڙا تبديل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي تہ فواد بہ موڪلائڻ لڳو پر ماريہ اهو مناسب نہ سمجهندي ڪيس اهو چئي روڪي ورتو تہ هاڻي جي موقعي سان اچي ئي ويو آهي تہ رات جي ماني ڪائي پوءِ وڃي.

♥

ڪجھ ڏينهن لاڳيتو وقفي وقفي سان برسات پوندي رهي، سڄو ماحول ڌوپي صاف ستھرو ٿي ويو هو برسات ختم ٿي تہ موسم ڪافي خوشگوار ٿي وئي هئي گهٽ ٻوسٽ ۽ گهميل موسم ڪانپوءِ ڪراچيءَ ۾ جڏهن ڪڪر کُلي وسندا آهن تہ آسپاس جي هر شيءِ ڌوپي نکري پوندي آهي،گاڏين جي اوڳاڇيل دونهين ۾ ڪاراٽيل وڻ ٽڻ ڌوپجي ڇهڇ ساوا پيا لڳندا آهن، فضا ۾ عجيب قسم جي هٻڪار مَن کي معطر ڪري ڇڏيندي آهي. اهڙي موسم ۾ ڪهڙي ڪافر جي دل نہ چاهيندي تہ ڪنهن پُر فضا مقام تي وڃي موسم کي انجواءِ ڪري.

هوڏانهن غزل بہ ان ڏينهن ڪانپوءِ نهايت پُر جوش، خوشگوار ۽ پُر بهار موڊ ۾ رهڻ لڳي هئي سندس ان تبديلي کي ٻئي ڪنهن نوٽ ڪيو يا نہ، ليڪن افراز کي الائي ڇو ائين لڳي رهيو هو تہ هوءَ ڪافي بدلجي وئي آهي، روزانہ سٺي نموني ڊريس اپ ٿيڻ ، هر وقت شاعراڻہ ڳالهيون، ڳالھ ڳالھ تي لبن تي دلفريب مرڪ، هر ڪم ۾ وڌي چڙهي حصو وٺڻ، رڌ پچاءُ ڪندي جهونگارڻ ، پيلا غزل جي فطرت ۾ اهي سڀ ڳالهيون افراز گذريل ٻن سالن ۾ ڪٿي محسوس ڪيون هيون . بجاءِ خوش ٿيڻ جي، هن جي بيچيني ۽ بيقراري وڌندي پئي وئي. ڇا فواد ۽ غزل جو ان ڏينهن ملڻ محض اتفاق هو؟ اهي شڪ شبها هن جي اندر ۾ وڌ وجهي رهيا هئا.

❤

اڄ موڪل جو ڏينهن هو، سيئي ڪجھ دير ڪري اٿيا. غزل هلڪو ڦلڪو تيار ٿي ٻاهر نڪري آئي، هوءِ ڪافي فريش پئي لڳي، افراز ڪيس چور نگاهن سان نهاريندو رهيو. ليڪن هوءِ سندس احساسن کان بيخبر سڌو ڪچن ڏانهن هلي وئي. ۽ بيضا کير ۾ ڪنڌ مڪس ڪري فرينچ ٽوش ٺاهڻ لڳي، ماريه آمليٽ ۽ اوڦراٺا پئي ٺاهيا، ڪيس ٽوسٽ ٺاهيندو ڏسي ڪلندي چيائين،

”لڳي ٿو اڄ منو ڪائڻ جو موڊ آهي.“

”بس جسٽ فار سم چينج.“

”چو ڪونه، ڪڏهن ڪڏهن معمول کان هٽي به ڪجھ ڪرڻ گهرجي.“

هي ٻئي اڃان اهي ڳالهيون ڪري رهيون هيون ته ٻاهريون در کڙڪيو، ماريه جي نگاه فورا“ سامهون لڳل گهڙيال ڏي وئي، وقت ڏسي چوڻ لڳي،

”هينئر پلا ڪير آيو هوندو.“

آواز تي افراز بي دليو اٿيو، هن جي چهري تي بيزاري صاف بڪي رهي هئي آهستي آواز ۾ ڪجھ پڙڪندو دروازي ڏانهن ويو، جيئن ئي دروازو کوليائين ته سامهون فواد تي نظر پوندي ئي اندر ۾ به تي ٻُلتار ڏيندي بظاهر خوشدلي ڏيکاريندي، سلام ڪري کيس اندر وٺي آيو. فواد اندر داخل ٿيندي ئي بورچيخاني ۾ موجود خواتين تي نظر وجهي مسڪرائيندي چوڻ لڳو

”خوشبو ته واه جي پئي اچي، لڳي ٿو ته ماريه ڀيڀي آمليٽ پئي ٺاهي، واه جو وقت تي پهتو آهيان، اڄ جيئن سجاڳ ٿيس ته سوچيم چونه ناشتو توهان سان ڪجي.“

اهو ٻڌي افراز جو ته هانو ئي سڙي ويو پر هو نندِو هئڻ جي ناتي ۽ اخلاقي تقاضائن جي پيشِ نظر ڪُڇي پُڇي نه ٿي سگهيو. ماريه البته ساڳي خوشدلي سان چوڻ لڳي ،

”خبر اٿم توکي آمليٽ ۽ گرم گرم اوڦراٺوءِ اهو به منهنجي هٿن جو

بيحد پسند آهي، “
فواد بہ ريءَ سڏئي مهمان وانگر بي تڪلفي سان ٻا.ننگ ميز تي ڪرسي سرڪائي اچي ويٺو تہ افراز قهر آلود نگاهن سان ڪيس ڏسندو ئي رهجي ويو.
خوشگوار ڳالهين ۾ ناشتو ختم ٿيو تہ سڀ اچي لائونج ۾ ويٺا. غزل جيڪا هونئن تہ فورا“ پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويندي هئي، اڄ چانھہ جو مڳو ڪٽي اچي هڪ صوفي تي ويٺي. فواد کي ڏسندي ئي سندس دل ڊانوان ڊول پئي ٿي، پر وڏي مشڪل سان پنهنجي احساسات کي لڪايو ويٺي هئي ۽ جهڪيل نگاهن سان بار بار فواد ڏي پئي نهاريائين. فواد هن جي اهڙن جذبات کان بي خبر ماريہ مرينہ ۽ آشر سان ڪل پوڳ ۾ رُڌو پيو هو. ان وقت مرينہ کي الائي ڇا سجهيو چوڻ لڳي،
”پائو مينهوڳيءَ کان پوءِ موسم ڪهڙي نہ پياري ٿي وئي آهي هلو نہ. اسانکي ڪٿي گهمائي اچو. ڪافي عرصو ٿي ويو آهي ڪيڏانهن گهمڻ ڪونہ نڪتا آهيون. “
اهو ٻڌي عاشر بہ لاڳ وٺرايس، ” ها ماما وٺي هلو نہ اسان کي ، سمنڊ تي ٿا هلون، خالہ ٺيڪ آ نہ. “
ماريہ گهٽوئي اشارن ۾ کين روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، هن جو اڄ ڪيڏانهن بہ وڃڻ جو موڊ نہ هو. ويتر افراز جي ڦوڪيل شڪل کي بہ محسوس ڪري ورتو هئائين، ان ڪري بہ نٽايائين پئي. پر ان گهڙِيءَ اچانڪ غزل کي ڇا ٿيو هڪدم ٻارن جي ها ۾ ها ملائيندي ،ماريہ جي اشاري کي سمجهڻ جي باوجود بہ چوڻ کان نہ رهي،
”ماريہ ڇا ٿي پيو ٻار سهي تہ چون پيا. ڏس نہ موسم ڪهڙي خوشگوار پئي لڳي، آسمان تي هلڪا هلڪا بادل ۽ ٿڌڙي هوا اسان کي پاڻ ڏانهن سڏي رهي آهي، واقعي ڪنهن پُر فضا هنڌ تي هلي سڄو ڏينهن گذارجي.“
افراز ۽ ماريہ وائڙا ٿي کيس ڏسڻ لڳا. هي اها غزل آهي، هر وقت قنوطيت جو شڪار رهڻ واري، ڪيڏانهن هلڻ لاءِ منٿون ايلاز ڪبا اٿس تہ سوين بهانا پئي ڪندي آهي ۽ اڄ ٻارن جي ها ۾ ها پئي ملائي. فواد بہ غزل جو بہ راضپو ڏٺو تہ بظاهر ان کي نظر انداز ڪندي مرينہ کي چوڻ لڳو.

”سوچيون ٿا تہ اج موڪل جو ڏينهن ڪيئن گذارجي، چڱو هيئن ٿا ڪيون جو ڪيرم ٿا کيڏون، ڇا خيال آ. “

”پر ماما ، مان تہ ڪمپيوٽر تي روز گيم کيڏندو آهيان، مونکي ڪيرم ناهي کيڏڻو. “

ماريہ افراز جي موڊ کي سمجهندي ان جو هڪڙو حل ڪڍيو.

”فواد ! ٻارن کي تون ۽ افراز وچي ڪٿان چڪر هڻائي اچو. “

.اهو ٻڌي افراز جيڪو الائي ڇو غزل جي ان بدليل رويي جي ڪري هڪ مرد هجڻ جي ناتي گهڻو ڪجه سمجهي ويو هو ۽ هڪ اڻ ڄاتل وسوسو سندس اندر ۾ بيچينيءَ جو سبب بنجندو پئي ويو ۽ فواد جي اچڻ تي صبح کا تتو ويٺو هو، هڪدم انڪار ڪندي چيائين تہ هن جو بلڪل موڊ ناهي، هوڏانهن ٻار ضد ڪري ويهي رهيا، اهو ڏسندي ماريہ مجبورا“ حامي ڀريندي چوڻ لڳي ،

”نيڪ آ منجهند جي ماني کائي پوءِ هلون ٿا. هن جو مقصد هو تہ ٿي سگهي ٿو تہ ايتري دير ۾ افراز بہ فواد جو ائين اوچتو اچڻ کي سهسائي وچي يا ٻارن جو آئو ئي لهي وڃي. پر اج تہ هن جي هر ڳالهہ رد ٿيندي پئي وئي، فواد ماريہ کي اڌو گابرو جو راضي ڏٺو تہ ڪيس غزل جي سڄو ڏينهن ٻاهر گذارڻ جي خواهش جو خيال آيو ،

”ڇڏيو رڏ پچاء کي هرو ڀرو پاڻ کي ٿڪائڻ مان ڪهڙو فائدو، منجهند جو ڪٿي هلڪي ڦلڪي لنچ ڪنداسين پوءِ نڪري هلنداسين سمنڊ طرف ۽ ڪنهن تنها گوشي ۾ هلي موسم جو لطف وٺنداسين، ٻار بہ چڱي طرح انجواء ڪن. “

غزل جي تہ دلي مراد پوري ٿي هئي، هن کي اج سڄو ڏينهن فواد جي قربت ۾ گذارڻ جو موقعو جو مليو پئي، هڪدم چوڻ لڳي،

”واپسيءَ تي سمنڊ ڪناري ڪنهن ريسٽورينٽ ۾ ڊنر منهنجي کاتي ۾“.

”اڙي واه ! اج تہ صبح کان سرپرائيز پيا ملن .واه ! غزل بيگم ڏاڍي موج ۾ آهي. “

ماريہ اهو سڀ مذاق ۾ ڪلندي چيو ليڪن غزل گهبرائجي وئي ڄڻ

ڪنهن هن جي دل جو چور پڪڙي ورتو هجي.

بهرحال افراز بہ طوها“ ڦرها“ هنن جي پروگرام تي راضي ٿي ويو ۽ ائين سڀ پنهنجي پنهنجي ڪمرن ڏانهن تيار ٿيڻ لاءِ هليا ويا تہ فواد اخبار کڻي سرسري نگاہ سان ڏسڻ لڳو.

ڪجهہ دير کان پوءِ سڀئي موسم جي مناسبت سان تيار ٿي ٻاهر آيا، غزل هلڪي آسماني رنگ جي لانگ شرٽ ۽ ٽائيٽس پهريل هلڪي هلڪي ميڪ اپ ٽچ ۾ ڪافي گريس فل پئي لڳي، هوندن بہ عورت پختہ عمر ۾، جڏهن سندس شخصيت ۾ مطانت، سنجيدگي ۽ بردباري بہ شامل ٿي ويندي آهي ان کان علاوه جيڪڏهن شڪل و صورت بہ من موهڻي هجي تہ سندس خوبصورتي ۾ چار چنڊ لڳي ويندا آهن. اهوئي حال غزل سان بہ هو ڪٽڪ رنگي رنگت، ڪڙا نيڻ نقش، چهري تي موجود سنجيدگي، ڪيس ڪافي پُر ڪشش بنائي ڇڏيو هو. مٿان وري ڊريسنگ ڪرڻ جو رنگ ڍنگ، هوءِ هر لحاظ کان دل کي ليائيندڙ شخصيت جي مالڪ بنجي وئي هئي، افراز تہ ڪيس ڏسي دل ئي دل ۾ فدا پئي ٿيو البتہ فواد جي احساسات جي ڪنهن کي ڪا پروڙ ڪانہ پئي. هن هڪ سرسري نگاہ سندس مٿان وڌي ۽ پوءِ نظرون هٽائي، هلڻ لاءِ اٿي کڙو ٿيو.

گهران نڪري هو ڪجه دير لانگ ڊرائيو جو مزو وٺندا رهيا. ٻارن رستي ۾ جوس ورتا. ائين گهمندي ڦرندي،ڪافي وقت گذري ويو تہ ماريہ صلاح ڏني تہ ڇونہ پهرين ڪٿي هلڪي ڦلڪي لنچ ڪري وٺجي سڀئي سندس ڳالهہ سان متفق ٿي ويا . جهڙالي موسم ۾ هوندن بہ بک ڪجه سوائي ٿي ويندي آهي، ۽ ڪجه چٽ پٽو ڪائڻ تي دل ڪيندي آهي، ان ڪري هو هڪ اهڙي جاء تي اچي پهتا جتي کين موسم جي لحاظ کان سندن من پسند جون شيون ملي سگهن. لنچ کان پوءِ آئسڪريم ڪائي اتان روانا ٿيا . ڪجه دير لاءِ ٻارن کي جهولن ۽ پلي ليند تي وٺي ويا ائين اچي شام ٿي تہ هو ڪلفٽن پهتا. هيڏانهن هوڏانهن ڏسي هو اهڙو هنڌ ڳولهي رهيا هئا. جتي رش کي قدر گهٽ هجي، موڪل جو ڏينهن ۽ گهٽن ڏينهن کان پوءِ ٿيندڙ خوشگوار موسم ۾ ماڻهو پنهنجي ڪٽنبن سان گڏجي گهرن مان ڪاڏي پيتي جون شيون تيار ڪري، سڄو ڏينهن ڪليل فضا ۾ گذارڻ لاءِ پهتل هئا. ان

ڪري شام ٿيڻ ڪان پهرين ئي ڪافي رش ٿي وئي هئي. آسمان اڄ بہ بادلن سان ڍڪيو پيو هو. فواد ۾ ڪمپني بہ آخر ڪار هڪ اهڙي جاء تي گاڏي اچي بيهاري، جتي ڪجه گهٽ ماڻهو هئا. هو سڀ گاڏيءَ مان لهي سمنڊ طرف وڌي ويا، انهي وقت افراز جي نگاه ڪجه پريرو موجود فهد ۽ فيمليءَ تي پئجي وئي. اتفاق سان فهد بہ ڪيس ڏسي ورتو ۽ اتان ئي اشاري سان ڪيس پاڻ ڏي سڏيو، افراز تہ هونئن ئي فواد جي موجودگي ۾ هن پروگرام ڪان بيزار پئي لڳو. هو فواد ڪان خبر ناهي ڇو هميشہ خار ڪائيندو هو ويتر جو غزل جي سڄي توجہ بس اڄوڪي هن پڪنڪ کي وڌ ڪان وڌ خوشگوار ڪرڻ تي لڳي پئي هئي،ان ڪري افراز پنهنجو پاڻ کي هن سڄي ڪمپنيءَ ۾ اڪيلو ۽ **فالتو** محسوس ڪري رهيو هو. ان ڪري جيئن ئي فهد ڪيس اشارو ڪيو هن موقعو غنيمت ڄاتو ۽ چپ چاپ بغير ڪنهن کي ڪجه ٻڌائڻ جي هنن ڏانهن وڌي ويو.

❤

عرشيه ائين اچانڪ افراز کي پنهنجي قريب ڏٺو ته هن جي خوشيءِ جي انتها نه رهي. هوءَ پهرين ملاقات ۾ ئي افراز کي پسند ڪرڻ لڳي هئي ۽ هميشه دل ئي دل ۾ کيس ياد ڪندي رهندي هئي. اڄ ائين اچانڪ کيس ڏسي تمام گهڻي خوش هئي ۽ گهر وارن جو خيال نه ڪندي کيس هٿ کان جهلي، سمنڊ جي بيتاب ٿي ڪناري ڏانهن وڌندڙ ڇولين طرف وڌي وئي. سندس گهر وارا به ايترا آزاد خيال ضرور هئا جو هنن ڌيءَ جي ان حرڪت کي ٻاراڻي سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيو. ۽ خوش گپين ۾ مصروف ٿي ويا البته افراز هن اچانڪ حملي لاءِ تيار نه هو. پهرين ته هو پريشان ٿي ويو، ليڪن عرشيه کيس اعتراض ڪرڻ جو موقعو ئي نه ڏنو هو. هو به صبح کان پاڻ کي نظر انداز ٿيندو محسوس ڪندي، دل ۾ گهڻو اداس ٿي ويو هو ۽ پاڻ کي هن ماحول کان پري رکڻ پئي چاهيائين. ان ڪري هن عرشيه جي ساٿ کي ئي غنيمت سمجهيو.

ماريه ۽ غزل هڪ تنها هنڌ تي اچي ويٺيون ۽ سمنڊ ۾ پيدا ٿيندڙ ڇولين ڏانهن بي مقصد نهارينديون ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪنديون رهيون، فواد کانئن لاتعلق ٻڻجي ٻارن سان گڏ سمنڊ ڏانهن اٿڻ وارين لهرن طرف وڌي ويو ته هو ٻئي کين انجواء ڪندي ڏسنديون رهيون.. غزل دل ۾ سوچي رهي هئي ته ڪاش! فواد هن کي به پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چوي ها، پر هو ته ان گهڙِي ائين لا تعلق بنجي ويو جڻ اسان جي وچ ۾ ڪا شناسائي ئي ڪونهي. مون کي نظر انداز ڪرڻ خاطر هو ماريه سان به تڪلف پيو ڪري، يا هو ڄاڻي واڻي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش پيو ڪري ته مان هن لاءِ بلڪل به اهم ناهيان، ته پوءِ هو هتي صرف سمنڊ جون لهرون ڳڻڻ لاءِ آيون هيون ڇا. مون ڪيڏي نه چاهه سان پروگرام جوڙيو هو، صرف ان آسري ته اهي ڪجه گهڙيون فواد جي قربت ۾ گذرنديون. هن کي پنهنجي ورهين جي اندر ۾ سانڍيل محبتن جو احساس ڏيارينديس.، پر هي ته مون کي سڃاڻي به ڪونه ٿو. هوءَ انهن ئي

سوچن ۾ گم هئي ته ماريه هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو ته هوءَ ڇرڪ ڀري خيالن جي دنيا مان نڪري آئي.

”وري ڪهڙو ڪنڌ جو جهاز ٻڏي ويئي. پروگرام ٺاهڻ مهل ته ڏاڍي پُرجوش هئينءَ“

”بس ماريه هاڻي گهڻي دير ٿي وئي آهي. مان ڏاڍي ٿڪجي پئي آهيان. هاڻي واپسي ڪرڻ گهرجي.“

سندس ڳالهه ٻڌي ماريه کلڻ لڳي.

”دير... ! منهنجي راڻي! توهان جو پروگرام ته سڄو ڏينهن ٻاهر گذارڻ جو هو اڄان ته ڪاٽي ٿيو ڪوهيار. اڄان ته رات جي ڊنر جي دعوت آهي توهان جي طرفان. ته پوءِ ڇا ٿيو اڄان ته شام مس ٿي آهي. ها. جي هتي ويٺي ويٺي بور پئي ٿين ته اٿ ته پاڻ ٻه هلي ٿا پير ٿڌا ڪيون. هتي ويٺي ويٺي ٽنگون ئي سُڪي ويون آهن..“

هوءَ زبردستي غزل جو هٿ جهلي هيٺ لهي وئي ۽ ٻئي پسار ڪنديون فواد. مرينه ۽ آشر وٽ اچي پهتيون. جيڪي پاڻيءَ ۾ لهرن کي جهلڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ رڌل هئا. هنن کي ايندو ڏسي فواد مرڪندي چوڻ لڳو.

”ان جو مطلب ته ليڊيز کي خيال اچي ئي ويو ته هو هتي انجواءِ ڪرڻ آيون آهن. ورنه مون کي لڳو ته توهان اڪيلائي ۾ ويهي ڪنهن ڪهاڻي جو پلاٽ سوچڻ آيون آهيو يا عام عورتن جيان ڪنهن نه ڪنهن جون گلائون پيون ڪيو..“

غزل ڪوبه جواب ڪونه ڏنو ليڪن ماريه به ساڳئي برجسته انداز ۾ وراڻيو

”توهان به اسان کان ائين لاتعلقي جو اظهار ڪرڻ لڳا. ڄڻ اسان توهان سان گڏ آيل ڪو فالتو سامان هجون. سيني پنهنجون پنهنجون مشغوليون ڳولهي ورتيون. افراز ته ايندي ئي غائب ٿي ويو ۽ باقي اسان...... سواءِ لهرون ڳڻڻ جي ٻيو ڀلا ڇا ٿي ڪري سگهياسين. شايد توکي غزل جي ڪري اوپرائپ جو احساس پيو ٿئي.“

”نه بابا ! اهڙي ڳالهه ڪانهي . مس غزل جيتري توهان جي پنهنجي آهي. اوتري ئي منهنجي ..... .“ آءِ مِين“ توهان جي ڪزن هجڻ جي ناتي ڀلا

مونکي ڪانئس ڪھڙو حجاب ٿي ٿو سگھي. بس توھان جي پرائيويسي جي خيال ڪان مون مُخل ٿيڻ نہ پئي چاھيو.“

”اوڪي بابا! زيادہ صفائي ڏيڻ جي ضرورت ناھي، اصل ۾ غزل سخت بور پئي ٿي ۽ واپس ھلڻ لاءِ پئي پر سويائين.. ،

”ٺيڪ آھي تہ پوءِ توھان جي سھيلي صاحبہ جي بيزاريءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ھلو تہ ھُن بيچ بگيءَ جي سواري ٿا ڪيون. “

ائين وري سڀئي مشغولين ۾ گم ٿي ويا، ڪوا ٺ جي سواري پيو ڪري تہ ڪنھن گھوڙي سواري کي ترجيح ڏني. جڏھن رات جي اونداھيءَ پنھنجا پر پکيڙيا تہ ھنن بہ واپسيءَ جي تياري پڪڙي، ان دوران افراز بہ اچي ساڻن گڏيو ھو. رات جي ڊنر لاءِ سڀني عثمانيہ جو انتخاب ڪيو. ڊنر کان پوءِ سڀ ٿڪجي ھارجي اچي گھر پھتا. فواد موڪلائي ھوٽل روانو ٿي ويو.

❤

ان ڏينهن کان پوءِ غزل ۽ فواد اڪثر انسٽيٽيوٽ کان واپسي تي ملندا رهندا هئا، پر فواد تاڪيد ڪيو هو تہ في الحال هنن ملاقاتن جو ذڪر گهر ۾ ڪنهن سان نہ ڪيو وڃي، وقت اچڻ تي هو پاڻ ماريہ کي سڀ ڪجه ٻڌائيندو. ائين وقت گذرندو رهيو هنن ٻنهي جي دوستي ڪافي پختي ٿي وئي هئي ۽ غزل جون اهي سڀ آرزوئون تمنائون مانيون ٿينديون پئي ويون جن کي پوري ڪرڻ جي حسرت ۾ هن ڪئي خوبصورت ورهيہ ائين گذاري ڇڏيا هئا، هو زندگي کي هاڻي ڀرپور انداز ۾ جي رهي هئي، ڪنهن کي سندس تخيلاتي آدرش ائين ملي سگهي ٿو، هوءِ ڪيڏي نہ خوش قسمت آهي جو هن جيڪو چاهيو اهو نہ صرف اڄ هن جي آڏو آهي بلڪہ هو هن جو خيال بہ رکي ٿو هن تي ڀرپور توجہ ڏئي ٿو جيتوڻيڪ هن ڪڏهن بہ پنهنجي پسند يا نا پسند جو کلي طرح اظهار نہ ڪيو هو پر هوءِ ڄاڻي پئي تہ هر ڳالهہ، هر جذبي هر احساس کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ضروري ناهي هوندو، جنهن کي توهان من جي گهرائين سان چاهيو ٿا جيڪڏهن هو ڪجه پلن لاءِ بہ توهان سان گڏ آهي تہ اهائي توهان جي خوابن جي تڪميل آهي، عورت محبتن جي مامري ۾ هميشہ اڪتفا پسند رهي آهي، ننڍپڻ کان ان جي تربيت اهڙي انداز ۾ ٿيندي آهي تہ هوءِ ڀائرن توڙي گهر ۾ رهندڙ سيني مردن جي مقابلي ۾ ڪمتر ليکي ويندي آهي، سڀ کان پهريون حق هر شيءِ تي مردن جو، باقي بچي کُچي سندس حصي ۾ ، ائين ڪڏهن تہ هوءِ ان تي ئي صابر شاڪر رهندي آهي ۽ ڪڏهن وري احتجاجن سڀ ليڪا لتاڙي ويهندي آهي. اڪتفا پسندي يا صبر شڪر جي حالت ۾ جيڪو مليو اهو هوءِ پنهنجو نصيب سمجهي شڪر گذاريءَ جي احساس سان لبريز ٿي ويندي آهي.

❤

وقت ائين گذرندو رهيو. افراز جي ايم بي اي به ڪڏهوڪي مڪمل ٿي وئي هئي ۽ هن پرائيويٽ ڪمپنين ۾ نوڪري لاءِ اپلاءِ به ڪيو هو ۽ اتفاق سان ڪيس اسلام آباد ۾ ڪنهن ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ملي وئي. ته ماريه به آشر ۽ مرينه جي وئڪيشن ۾ اسلام آباد وڃڻ جو پروگرام ٺاهڻ لڳي. پر هاڻي مسئلو هو غزل جو. هوءِ اڪيلي ڪيئن رهندي، گهڻي سوچ ويچار ڪان پوءِ هن غزل کي صلاح ڏني ته يا ته هوءِ هنن سان گڏ ڪجه عرصي لاءِ اسلام آباد هلي يا وري سڪر ڪجه ڏينهن لاءِ مائٽن وٽ رهي اچي. جيڪڏهن هن کي اهي ٻئي آپشنز قابلِ قبول نه لڳن ته پوءِ ڪيس فليٽ ۾ اڪيلو رهڻو پوندو. غزل اهو ٻڌي سخت پريشان ٿي وئي. اهي ٻئي آپشنز هن لاءِ قابلِ قبول نه هئا. انڪري هن ماريه کان سوچڻ جو وقت گهريو. ماريه کي وڃڻ ۾ اجان ڏهه پندرهن ڏينهن هئا، انڪري هُن ڪيس اطمينان ڏياريو ته آرام سان فيصلو ڪري وٺي.

ان ڏينهن ڪان وٺي غزل پنهنجي انسٽيٽيوٽ جي اسٽاف ميمبرن کي رهائش لاءِ ڪو انتظام ڪري ڏيڻ لاءِ چيو. خوش قسمتي سان هڪ اهڙي رهائش جو آسرو مليو جيڪو هر لحاظ ڪان غزل لاءِ مناسب هو.

هڪ ننڍڙو پر ڊبل اسٽوري بنگلو هو جنهن ۾ هڪ پارسي عورت پنهنجي ٻن ٻارن ۽ هڪ ملازمه سان گڏ رهندي هئي، ان جو هيٺ هڪ پورشن جيڪو هڪ ڪمري ۽ باٿ وغيره تي مشتمل هو. شايد مهمانن لاءِ ٺهيو هو جيڪو بلڪل الڳ ٿلڳ هو اهو خالي هو. هوءِ چاهي ته گهر وارن سان ميل جول رکي نه چاهي ته وچ وارو دروازو بند ڪري ٻاهرين در ڪان اچ وڃ ڪري سگهي پئي. ڪا روڪ ٽوڪ نه هئي ۽ مسواڙ به مناسب هئي. رهائش جو اهڙو محفوظ بندوبست ٿيڻ تي هن سک جو ساه کنيو ۽ ماريه کي اچي ٻڌايائين . ماريه به هن سان ان رهائش گاه تي وڃي اطمينان ڪيو ته اها جاءِ غزل لاءِ بلڪل مناسب آهي، پر هوءِ ايستائين شفٽ نه ٿيندي جيستائين هو اسلام آباد لاءِ نه ٿا نڪرن.

❤

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ غزل پنهنجي مختصر سامان سان نئين گهر ۾ شفٽ ٿي وئي ۽ ماريہ موڪل وٺي ٻارن سان گڏ اسلام آباد هلي وئي. افراز تہ ٻهرين ئي نوڪري سانگي اتان هليو ويو هو. ماريہ اتي وڃي اهڙي تہ مصروف ٿي وئي جو هن جو غزل سان ڪوبہ رابطونہ رهيو. جلديءَ ۾ هن غزل جو فون نمبر بہ نہ ورتو هو. گڏ رهندي هنن ڪي ڪڏهن بہ هڪ ٻئي کي فون ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ پئي ان وقت موبائيل فون جو ايترو رواج بہ نہ هو گهر جي نمبر تي ئي هڪ ٻئي سان رابطو رهندو هو.

فواد ۽ غزل جي وچ ۾ هاڻي اهو اوپرائپ ۽ تڪلف وارو احساس گهٽجندو پئي ويو. هو ڏينهون ڏينهن هڪ ٻئي جي قريب ايندا ويا، هو تہ صدين کان هن جي روح اندر موجود هو. هِن تہ هُن سان خيالن خوابن ۾ پنهنجا حال اوريا هئا، ان ڪري هن ڪڏهن بہ هن کي اجنبي نہ ڄاتو هو. هن جي لاءِ فواد جو قرب هن جو ساٿ، سندس سيني دکن دردن، محرومين ۽ تنهاين جو احساس مٽائڻ جو سبب بڻجي ويو هو. ڪيس پاڻ سان گڏ ڏسي هوءِ پاڻ کي ڌرتيءَ جي خوش نصيب هستي سمجهڻ لڳي هئي. هن تصور بہ نہ ڪيو هو تہ هن جو آدرش، هن جي خيالن ۽ سپنن ۾ وسڻ وارو هڪ ڏينهن هن جي روبرو هوندو. نہ صرف ايترو پر، هن جي محبت ۽ خلوص کي ائين قبول بہ ڪري وٺندو. جو هن جي محرومين جو علاج بڻجي ، هر طرح جي خوشي ڏيڻ، پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بنائي ڇڏيندو. ماريہ وارن جي وڃڻ جو بہ ڪيس احساس نہ پئي ٿيو. ڇو تہ هنن جي غير موجودگي ۾ هوءِ فواد سان بي اُلڪي ٿي ملڻ جو لڳي هئي. هوءِ تہ بس هر وقت فواد جي تصور ۾ ئي پنهنجو وقت ڪاٽيندي هئي، جنهن ڏينهن هوءِ فواد سان ڪڏهن دو دريا جي ڪولاچي ريسٽورينٽ جي هلڪي روشنيءَ ۾ سمنڊ جي پر وارين سيٽن تي ويهي ماني ڪائيندي رهاڻيون ڪندي هئي، ان وقت هوءِ پاڻ کي الائي ڪٿان جي راڻي تصور ڪندي هئي، جنهن کي دنيا جهان جي دولت ملي وئي هجي.

ڪڏهن هن سان گڏ ڪنهن پبلڪ پارڪ جي ڇهچ سائي نرم ڇٻر تي پسار ڪندي هن سان انٽيلڪچوئل قسم جي گفتگو ۾ محوَ پاڻ کي دنيا جي ذهين ترين عورت جي روپ ۾ محسوس ڪندي هئي، جنهن پنهنجي ذهانت فطانت جا سڀ در فواد آڏو کولي رکيا هجن. سندس اهڙين ڳالهين کان متاثر ٿي فواد هميشہ کيس ساراهڻ لڳندو هو ۽ هن کي ڄڻ دنيا جهان جو خزانو ملي ويندو هو. هونئن بہ ويچاري عورت ڪيتري بہ پڙهي لکي، ذهين هوشيار چونہ هجي هوءِ ازل کان پنهنجي مرد جي ساراه جي بُکي هوندي آهي، ڪوڙ پچاٽي جي ئي سهي پر هن جي تعريف تي تہ هوءِ ايتري تہ خوش ٿي ويندي آهي جو ان جي جواب ۾ هوءِ ڪجه بہ ڪرڻ کان رهي ناهي سگهندي.

ڪئي مهينا ائين گهمندي ڦرندي گذري ويا. هوءِ انهي انتظار ۾ رهي تہ هڪ ڏينهن فواد کيس پروپوز ڪندو، پنهنجي محبتن جو کُلي اظهار ڪندو. کيس اهو يقين ڏياريندو تہ هوبہ هاڻي هِن جي بغير رهي نہ ٿو سگهي، هاڻي هنن کي اهي سڀ دوريون نزديڪين ۾ بدلائڻ گهرجن، هڪ مضبوط ٻنڌڻ ۾ ٻڌجڻ گهرجي، پر اڄ ڏينهن تائين هُن ڪڏهن بہ غزل جي خواهشن ۽ آرزوئن پٽاندڙ ڪابہ اهڙي حوصلہ افزا ڳالهہ نہ ويچاري. بس هو هِن جي حسن جي، ذهانت جي، شعر شاعري جي ڪنهن ڪنهن مهل سرسري انداز ۾ ساراهہ ڪري وٺندو هو. ليڪن هر هفتي جي آخري ڏينهن تي هن سان سڄو ڏينهن گڏ گذارڻ پنهنجو معمول ناهي ڇڏيو هو. غزل پوءِ بہ هن جي ايتري ويجهڙائي کي ئي غنيمت سمجهي ورتو هو ۽ هن سان ملڻ ۾ کيس عجيب سڪون ۽ خوشي محسوس ٿيندي هئي، ليڪن هنن جي ان قربت ۾ بہ اخلاقي فاصلا پنهنجي حد اندر قائم هئا ۽ هنن ڪنهن بہ حالت ۾ هڪ ٻئي کي اهڙو ڪوبہ موقعو نہ ڏنو هو جنهن جو ڪو پڇتاءَ ٿئي. هڪ ڏينهن موقعو ڏسي غزل پاڻ ئي ساڻس پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

”فواد توهان جو اسان جي مستقبل جي باري ۾ ڇا خيال آهي.“

هو پهرين تہ حيران ٿي سندس صورت تڪڻ لڳو ليڪن ڪجه دير سوچڻ ڪانپوءِ هن جي دل رکڻ لاءِ گول مول انداز ۾ ڳالهائيندي چوڻ لڳو

”جنابِ من ! حال ۾ خوش آهيون، اهو ڪافي ناهي، زندگي خدا جو ڏنل هڪ حسين تحفو آهي، ان کي جيترو انجوءِ ڪجي گهٽ آهي، تہ

پوءِ حال ۾ مست رهو، مستقبل، جڏهن حال بنجي ايندو ته ان تي به سوچي ونبو. سو پليز! ڊونٽ وري اباﺋﻮٽ اِٽ انجواءِ يوئر پريزنٽ. “

غزل اهو ٻڌي لاجواب ٿي وئي. هوءَ پختہ عمر جي بردبار عورت هئي، ان ڪري الهڙ جذباتي ڇوڪرين جهڙو رويو ظاهر ڪرڻ نہ ٿي چاهيو. هوءَ پنهنجي جذبن ۽ محبتن جي عزت ڪرڻ ڄاڻندي هئي، ان ڪري دل ۾ فيصلوڪري ورتائين تہ جيستائين فواد ان سلسلي ۾ اڳڀرو نہ ٿيندو، هوءَ ڪڏهن بہ پنهنجي احساسات کي ائين ڇُڙواڳ ۽ رسوا ٿيڻ نہ ڏيندي، محبتن جو ڀرم هميشہ قائم رکندي.

❤

افراز جي اسلام آباد هليو وڃڻ ڪانپوءِ جڏهن اها خبر فهد جي ذريعي عرشيہ کي پئي تہ هن جي عجيب ڪيفيت ٿي وئي، هوءَ اڻ ڄاڻائي ۾ افراز جي محبتن ۾ گهڻو اڳتي نڪري وئي هئي، ان جو احساس کيس بہ ان وقت ٿيو جڏهن کيس اهو معلوم ٿيو تہ هو هتان کان ڪوهين ڏور هليو ويو آهي. هن کان اها دوري سَٺي نہ پئي ٿي. افراز ان ڏينهن سمنڊ ڪناري پاڻي ۾ گهمندي، سرسري انداز ۾ هن سان زڪر ڪيو هو تہ هن اسلام آباد ۾ نوڪريءَ لاءِ انٽرويو ڏنو آهي، پر ان وقت تہ کيس بہ پڪ ڪونہ هئي تہ اها نوڪري ملي ويندي ۽ جڏهن عرشيہ کي اها خبر پئي تہ نہ فقط کيس اها نوڪري ملي بہ وئي پر هو هليو بہ ويو، ان گهڙيءَ اها خبر سندس دل تي ڪنوڻ جيان ڪري هئي ۽ هن جي تمنائن آرزوئن ۽ خواهشن کي جلائي خاڪ ڪري ڇڏيو هئائين. هن تہ اڃان افراز سان پنهنجي دل جو حال اوريو ئي ڪونہ هو تہ هو آزاد پکيئڙي جيان اُڏا.مي هليو ويو هو.

هاڻي تہ ڏينهن رات اهائي جهورِي کيس جهوري رهي هئي، تہ هوءَ ڇا ڪري، ان سان ملڻ جي آس دل اندر سانڍي ڪٿي پهہ پئي پچائيندي هئي، تہ ڪهڙي ريت هوءَ اسلام آباد پهچي افراز سان ملي ۽ سندس آڏو پنهنجي اندر کي کولي رکي. ڪئي ڏينهن ان اڻ تڻ ۾ گذري ويا. روز پئي پروگرام سِٽيندي هئي، ڊاهيندي هئي. هڪ ڏينهن ويٺي ويٺي اچانڪ کيس ياد آيو تہ اسلام آباد ۾ سندس ماءَ جي هڪ ڪزن رهندي آهي، جنهن ڪئي دفعہ، جڏهن هوءَ خاندان جي دعوتن ۾ ڪراچي ايندي هئي تہ اتي هنن سان ملاقات ٿيندي هئي ۽ هر دفعي ماڙس کي زور ڀريندي هئي تہ هو اسلام آباد اچي گهمي وڃن. پر ڪراچي جي گونا گون مصروفيتن واري زندگي ۾ ڪنهن کي مٿو کنهڻ جي بہ واندڪائي نہ ملندي هجي، اُتي هو ايترو پري اهو بہ صرف گهمڻ خاطر ڪٿي ٿي نڪري سگهيا. اهو سڀ ياد ايندي هن جي دل ۾ هڪ اميد پيدا ٿي ۽ دل ئي دل ۾ اوڏانهن وڃڻ جا سانباها سِٽڻ

لڳي، تہ ڪيئن ماءُ کي راضي ڪري اوڏانهن هلڻ تي مجبور ڪري.

هڪ ڏينهن ماڻس خوشگوار موڊ ۾ هئي ۽ پنهنجي ڏور پري جي عزيزن جون ساروڻيون ساري رهي هئي تہ عرشيہ موقعو غنيمت ڄاڻي چوڻ لڳي،

”امي جان! توهان جي هڪ ڪزن آنٽي ندرت، جيڪا اسلام آباد ۾ رهندي آهي، اها توهان جي فرسٽ ڪزن آهي يا دور پري جي . “

”چري ڇوڪري! ندرت تہ منهنجي سڳي ماسيءَ جي ڌيءَ آهي، ننڍپڻ ۾ اسان ٻئي گڏ پڙهنديون هيون سين ، بلڪ هڪ ئي اسڪول مان مئٽرڪ ڪئي هئي سين. پوءِ منهنجي شادي هتي ٿي وئي ۽ ندرت جي حيدرآباد، جتان پوءِ هن جي گهر واري جي نوڪري اسلام آباد ٿي وئي تہ هو اوڏانهن هليا ويا. پر توکي اڄ ندرت جي ياد ڪيئن اچي وئي. “

”بس، ائين ئي پڇيم، هو منهنجون فرينڊس آهن نہ انا ۽ ڪائنات... اهي هنن سردين جي موڪلن ۾ ڪوهہ مري جي برف باري ڏسڻ لاءِ اسلام آباد پنهنجي مائٽن ڏي پيون وڃن نہ. ان ڪري منهنجي بہ دل ڪري پئي تہ اسان بہ ڇونہ اسلام آباد هلون، آنٽي ندرت سان بہ ملي اچون ۽ برف باري بہ ڏسي اچون.“

” دماغ تہ خراب نہ ٿيو اٿئي. يلا تنهنجي بابا کي آهي ڪا فرصت، جو اسان کي ڪيڏانهن وٺي وڃي، ڪاروباري ماڻهو آهي.“

”ٺيڪ آ، تہ پوءِ ادا فهد کي وٺي ٿا هلون، اهو منهنجي ڳالهہ ضرور مڃيندو“

هي اڃان اهي ڳالهيون پيون ڪن تہ فهد جيڪو هاڻي ڪاروبار ۾ پيءُ جو ٻانهہ ٻيلي ٿيو هو ٿڪل ٽٽل ڪمري ۾ داخل ٿيو. تہ پيڻ جي ڳالهہ ٻڌي ورتائين.

”ڪهڙي ڳالهہ مڃرائڻ لاءِ پيا ڇٿو. “

عرشيہ سڄي ڳالهہ ڀاءُ کي ٻڌائي، هو ڪجھ دير لاءِ چپ ٿي ويو. عرشيہ هن کي تمام گهڻي عزيز هئي، وڏي مانَ سان فرمائش ڪئي هئائين ۽ هو چاهڻ جي باوجود بہ هنن سان نہ ٿي وڃي سگهيو. هن هڪ نئون ڪم رٿيو هو جنهن کي هر حالت ۾ وقت سر پورو ڪرڻو هو. هو ڪجھ دير سوچيندو رهيو.

” ٺيڪ آهي، منهنجي ننڍڙي ڀيڻ جي اها خواهش ضرور پوري ڪبي. مان ته نه وڃي سگهندس، البته امي جان! تنهنجي ۽ فاران لاءِ ٽڪيٽون بڪ ڪرايان ٿو. هتان مان پاڻ توهان کي پلين تي چڙهي ايندس، توهان هفتو پندرهن ڏينهن رهي گهمي ڦري اچي وڃجو. “

ائين چئي هو اٿي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو ته عرشيه ٻارن وانگر ٽپنگ ٽپا ڏيڻ لڳي، ماٽس به هن جي خوشيءَ خاطر چپ ٿي وئي، ۽ هن سان گڏ وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳي. ڪجه ئي دير ۾ فهد کين ٻڌايو ته ٻن ڏينهن کان پوءِ هنن جي بڪنگ ٿي وئي آهي.

❤

عرفان اسلام آباد ۾ هڪ پرڏيهي ايمبسيءَ ۾ ملازمت ڪندو هو. ڪافي عرصو پهرين هو خاله سبين ۽ سندس ڪٽنب سان هڪ ويجهن عزيزن جي شادي جي تقريب دوران مليو هو. سندس ماءُ ندرت پنهنجي سڳي ماسات ۽ نڻدپڻ جي سهيلي سبين ۽ فهد سان سندس تعارف ڪرايو هو. عرفان کي فهد ڪافي سلجهيل ۽ پُر وقارقسم جو نوجوان لڳو هو ۽ ڪجه ئي دير جي ڪچهري ڪان پوءِ ٻنهي جي وچ ۾ ڪافي انڊراسٽينڊنگ ٿي وئي هئي. تڏهن ئي هنن ٻنهي هڪ ٻئي جا موبائيل نمبر ورتا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن عيدن، خوشين يا غمين جهڙن موقعن تي هڪ ٻئي سان حالي احوالي ٿي ويندا هئا. اڄ بہ ڪيس فهد جو ميسيج مليو تہ امي جان وارا ايڏانهن اسلام اباد پيا اچن ۽ توهان وٽ ئي رهندا. اهو ٻڌي هن اها خوش خبري ماءُ کي ٻڌائي جيڪا اڪثر پنهنجي مائٽن کي ساريندي رهندي هئي. ندرت پنهنجي نڻدپڻ جي ساهيڙي ۽ ماسات جي اچڻ جو ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي وئي ۽ هنن جي رهڻ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ ملازمن کي هدايتون ڏيڻ لڳي، سندن کائڻ پيئڻ جا مينيو ترتيب ڏيڻ لڳي مطلب تہ هوءَ ايتري تہ خوش هئي جو هن جي دل چاهيو پئي تہ وقت کي پر لڳي وڃن ۽ هو هزارين ميلن جو مفاصلو لمحن ۾ پورو ڪري هتي پهچي وڃن. هوءَ پنهنجي ساهيڙيءَ سان ملڻ لاءِ بيتاب ٿي وئي هئي، وس نہ ٿي پڳس تہ هنن لاءِ سڄي جهان جون نعمتون اچي ڪنيون ڪري ها. پوءِ بہ هن وسان ڪونہ گهٽايو هو. عرفان ماءُ جي اهڙي گرمجوشي ڏسي حيران بہ ٿيندو هو ۽ دل ئي دل ۾ مسڪرائيندو هو. ماڻس ٻارن وانگر خوش ٿي رهي هئي.هن پنهنجي نوڪري جي مصروفيتن ۾ ڪڏهن اهو سوچيو بہ نہ هو تہ مٽ مائٽ عزيز رشتيدار ڇا ٿيندا آهن . هن تہ جڏهن کان هوش سنڀاليو هو تہ گهر ۾ ماءُ پيءُ ۽ نوڪرن ڪانسواءِ ڪنهن سان بہ هن جي ويجهڙا.ئپ نہ ٿي هئي، ڏاڏاڻا ۽ ناناڻا بہ حيدرآباد ۾ هئا، ايترو پري سالن ۾ وڃڻ ٿيندو هو. اڄ عرصي ڪان پوءِ گهر ۾

ايڏي ڇهل پهل ڏسي عجيب قسم جي بيچيني محسوس ڪري رهيو هو. ڇهين حس بار بار کيس باور ڪرائي رهي هئي تہ هن جي پرسڪون زندگيءَ ۾ ضرور ڪانہ ڪا هلچل مچڻ واري آهي، والد صاحب بہ گذريل ٻن ٽن سالن کان دبئي ۾ ترسيل هو. ان ڪري صرف هو اڪيلو پنهنجي ماءُ سان هتي رهيل هو ۽ سندس امڙ بہ ان ڪري ئي گهٽي بيتاب هئي، ڇوتہ هوءَ اڪيلي زندگي گذاري بيزار ٿي پئي هئي. جڏهن عرفان بہ پنهنجي ڊيوٽي سانگي ڪيڏانهن ٻاهر ويندو هو تہ ايڏو وڏو بنگلو کيس کائڻ ايندو هو.

آخرڪار اها گهڙي اچي ويجهي ٿي، پر بدقسمتي سان جنهن ڏينهن عرشيہ وارن جي فلائيٽ هئي، ان ڏينهن عرفان کي ڊيوٽيءَ سانگي لاهور وڃڻو پئجي ويو. ان ڪري هن ايئر پورٽ تي ڊرائيور کي وٺڻ جو چئي ڇڏيو هو. ڪجه دير ۾ سبين عرشيہ ۽ فاران سان گڏ پهچي وئي. گاڏيءَ جو آواز ڪن تي پوندي ئي ندرت تڪڙي تڪڙي مُک دروازي ڏانهن سندن آڌر ڀاءُ لاءِ وڃي پهتي. ٻئي ماساتيون ڀاڪر پائي مليون، عرشيہ ۽ فاران بہ ادب سان نوڙي خالہ کي سلام ڪري دعائون ورتيون. ندرت هنن کي سڌو سندن لاءِ تيار ڪيل ڪمري ڏانهن وٺي وئي، جيئن سفر جي ٿڪاوٽ کان پوءِ فريش ٿي وٺن. اهو ڪمرو مٿئين پورشن ۾ هو. ڪمرو گهڻو ڪشادو هو ۽ شايد بنگلي جو سڀ کان وڏو ڪمرو هو. جنهن ۾ بہ ڊبل بيڊ ۽ سائيڊ تي هڪ سيٽي نما صوفہ سيٽ رکيل هو. هڪ طرف ڊريسنگ ٽيبل ۽ وارڊ روب موجود هو. مطلب تہ ضرورت جي هر شي ڪمري ۾ موجود هئي جيئن مهمانن کي ڪابہ ڏکيائي نہ ٿئي. سامهون پردا هٽائڻ سان هڪ کليل وڏي دري مان سرسبز پهاڙي سلسلي جو منظر دل کي لڀائيندڙ هو. سبين ۽ عرشيہ وغيره جيڪي ڪراچيءَ جي ڪلفٽن واري پاسي جي گهميل هوا ۾ ساه کڻي کڻي جڏهن اهڙي پُر فضا ۽ کليل ماحول جو نظارو پسيو تہ هنن کي اي عجب طرح جو سڪون ۽ فرحت جو احساس ٿيو.

” توهان فريش ٿي ڪجه دير آرام ڪيو ايستائين مان چانهہ لڳرايان ٿي. عرفان بہ بس پهچڻ وارو آهي. هن کي توهان کي پاڻ وڃي نہ وٺي اچڻ جو ڏاڍو ارمان ٿي پيو آهي، ان ڪري ڪيترا دفعا فون ڪري پڇي چڪو آهي.

”بس پيڻ چا ڪجي پرائي بزاگيري جا اهيئي مسئلا هوندا آهن، توهان فڪر نہ ڪيو خير سان پهچي وياسين. “

ڪجھہ ئي دير ۾ عرفان ٽڪل ٽنل گهر اچي پهتو ندرت انهي دوران ملازمہ کان چانهہ ٽيبل تي لڳرائي ورتي هئي، هن چانهہ تي لنچ جيترو اهتمام ڪيو هو. عرفان بہ سڌو پنهنجي ڪمري مان تازو توانو ٿيڻ لاءِ هليو ويو تہ ندرت بہ مهمانن کي ونڻ لاءِ مٿي هلي وئي. ڪجھ ئي گهڙين کانپوءِ سبين ۽ فاران فريش ٿي هلڪي ڦلڪي لباس ۾ هيٺ لهي آيا. چانهہ جي ٽيبل تي ايترو اهتمام ڏسي سبين کلي چوڻ لڳي،

”لڳي ٿو تہ اڳو پوءِ ڊنر ڪري اٿنداسين، ڀلا ايترو تڪلف ڪرڻ ضروري هو........؟ اسان تہ ڪجھ ڏينهن اجان اوهان جي مهماني ۾ رهڻ وارا آهيون“

”ايترن ورهين کانپوءِ ڀيريون ڀيرو منهنجي پياري پيڻ مون وٽ آئي آهي، مان پنهنجا سڀ ارمان پورا ڪنديس، بس تون مونکي ٽوڪجانءِ نہ ، ۽ ها تون بلڪل فڪر نہ ڪر، ڪم از ڪم هي سڄو مهينو تون هتان وڃڻ واري ناهين .“

عرفان بہ ونهنجي سهنجي رنگين ليڪن واري ڪڙتي ۽ اڇي سلوار ۾ انتهائي پُروقار مسڪراهٽ چهري تي سجائي ٻاهر آيو ۽ سيني کي سلام ڪري هيڏي هوڏي نهارڻ لڳو تہ ندرت سندس تجسس کي محسوس ڪندي چوڻ لڳي،

”عرشيہ اچي پئي، بس تياري ۾ ٿوري دير ٿي ويس. “

ان وقت عرشيہ ڊارڪ بلو پنڪ فلاورز واري شرٽ ۽ لائيٽ پنڪ ٽرائوزر ۾ چيلهہ تائين ڊگهن ڪليل سلڪي وارن ۽ هلڪي ميڪ اپ ۾ خرامان خرامان ڏاڪڻون لهندي لائونج ۾ پهچي وئي. عرفان جي مٿس جيئن نظر پئي تہ نگاهون هٽائڻ ئي وسري ويو. هن عرشيہ کي ان وقت ڏٺو هو جڏهن هوءِ ڏهن يارهن سالن جي ٻارڙي هئي، ۽ اڄ اوڻويهن ويهن سالن جي ڀرپور جوان عرشيہ عرفان جي حواسن تي وڄ بنجي ڪري ۽ سندس وجود کي جلائي خاڪستر ڪري وئي. هن ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ عرشيہ جو حسن

جوان ٽي اهڙو نکارجي ويندو جو پهرين نظر ۾ ئي هن کي ائين پنهنجي سحر ۾ گرفتار ڪري ڇڏيندو. هوڏانهن عرشيہ هن جي احساسات کان بي خبر پنهنجي ئي ڌن ۾ مگن آهستہ آهستہ قدمن سان هلندي هن جي ويجهو اچي سلام ڪري بي تڪلف انداز ۾ چوڻ لڳي.

”جيڪڏهن مان غلط ناهيان تہ توهان ئي ياء عرفان آهيو جيڪو پهرين ڏينهن ئي پنهنجو واعدو پاڙي نہ سگهيو. “

عرفان اچانڪ اهڙي بيباڪ حملي لاءِ تيار نہ هو. هڪدم پاڻ سنڀالي ورتائين.

”سوري! ليڪن آئينده خيال رکبو....... ٿوري توقف کان پوءِ مسڪرائي.

” تہ توهان آهيو مس عرشيہ سرفراز. فيشن ڊزائينر. “

انهن ئي هلڪين ڦلڪين ڳالهين دوران چانهہ جو دور هلندو رهيو. چانهہ ختم ٿيندي ئي هنن جي وچ ۾ ورهين جي دوريءَ ڪري پيدا ٿيل اجنبيت، بي تڪلفي ۾ بدلجي وئي. جڏهن سڀ چانهہ جا ڪپ هٿن ۾ ڪٽي اچي صوفن تي وينا تہ ائين پئي لڳو ڄڻ هو سالن کان هڪ ئي هنڌ رهندا پئي آيا.

❤

فواد ۽ غزل جون ملاقاتون جيئن جيئن وڌنديون پئي ويون ، غزل پنهنجي ۽ فواد جي مستقبل جا خواب اُڻڻ شروع ڪيا. هوءِ فواد ڪي دل جي تمام تر شدتن سان چاهڻ لڳي هئي، فواد بہ هميشہ ان معاملي ۾ سندس حوصلہ افزائي ڪندو رهندو هو، ليڪن هن ڪُلي ڪڏهن بہ پنهنجي محبتن جو اظهار نہ ڪيو هو ۽ نہ ڪي مستقبل جا محل اڏڻ ۾ معاون رهيو هو. البتہ ڪڏهن ڪڏهن ڪٿي ڊنر ڪري رهيا هوندا هئا، يا پسار پيا ڪندا هئا تہ اچانڪ هڪ فون ڪال فواد جي رويي ڪي تبديل ڪري ڇڏيندي هئي ۽ هو هن مان جان ڇڏائڻ لاءِ حيلا بهانا ڪرڻ لڳندو هو. ان وقت هن جو انداز عجيب پُر اسرار ۽ اجنبي بنجي ويندو هو. جيڪو غزل جي دل ۾ ڪيترن وهمن، انومانن ۽ انديشن کي جنم ڏيندو هو. هوءِ سوچيندي هئي تہ فواد ڪي اهو ڇا ٿو ٿي وڃي جڏهن اها فون ڪال اچي ٿي تہ سندس منهن ٽامٽي هٽي ٿو وڃي ۽ هو اتان پري وڃي ڳالهائي ٿو جڏهن واپس موٽي ٿو تہ هن جي مُک تي اجنبيت جو تاثر هجي ٿو ۽ هڪدم چوڻ لڳندو آهي،

”سوري غزل ! مان وڌيڪ توهان سان هتي رهي نہ ٿو سگهان، پليز! توهان ٽيڪسي ڪري گهر هليا وڃو.“

اهڙي صورت حال ۾ جڏهن هوءِ گهر پهچندي هئي تہ سڄي رات هن جو سُک چين حرام ٿي ويندو هو. فواد جو اهڙو رُکو انداز هن جي دل ۾ نشتر بنجي چڀڻ لڳندو هو. فواد ڀلا هن ڪي ائين نظرانداز ڪيئن ٿو ڪري سگهي، آخر اها فون ڪنهنجي ٿي سگهي ٿي، ڇا فواد ڪي ڪو شخص بليڪ ميل پيو ڪري، پر ان بليڪ ميلنگ سان منهنجو ڪهڙو واسطو. ڇا ڪو شخص اسان جي ائين ميل جول تي اسان جو پيڇو ڪري فواد ڪي تنگ پيو ڪري. جي ائين آهي تہ فواد ڪي مون سان شيئر ڪرڻ کپي. هاڻي جيڪڏهن ائين ٿيو تہ مان سندس چوڻ تي ائين چپ چاپ هلي نہ ايندس، بلڪہ ڪانئس ان متعلق ضرور پڇنديس. ائين هڪ فون ڪال تي پاڻ ڪي ائين نظر انداز ڪرڻ ڪڏهن بہ نہ ڏينديس، هن جي ائين ڪرڻ سان منهنجي دل ڪي ٺيس رسي ٿي، منهنجو عزتِ نفس مجروح ٿئي ٿو منهنجي

ائين دل آزاري ڪرڻ جو ڪنهن کي ڪوبہ حق ناهي، مان فواد کي ڪيترو بہ چاهيندي هجان ليڪن مان پنهنجي عزت بہ ڪرڻ ڄاڻان ٿي، محبتن ۾ چاهتن جا منهنجي خيال موجب پنهنجا معيار ۽ ماڻ آهن جنهن ۾ ذري برابر بہ گهٽتائي اچي اهو مان ڪڏهن بہ نہ چاهينديس، فواد مونسان اهڙو رويو ڪيئن ٿو اختيار ڪري سگهي. اهو سڀ سوچيندي ڪيس ننڊ ڪچي ويندي هئي.صبح جو تيار ٿي انسٽيٽيوٽ هلي ويندي هئي، ڪجھ ڏينهن کا پوءِ اهي سڀ شڪوه شڪايتون وسري وينداا هئس. اهو ئي هر عورت جو ڪمزور پهلو آهي، تہ هوءِ ڪجھ دير تہ دماغ سان سوچي سگهي ٿي ليڪن سدائين نہ ، هوءِ تہ بس سدائين دل سان سوچيندي آهي، ان ڪري هن جا فيصلا عموما" جذباتي هوندا آهن جيڪي هميشہ مات ۽ شڪست جو سبب بڻجندا آهن، هوءِ ڪيڏي بہ پڙهيل لکيل سياڻي سيبتي سمجهدار ڇونہ هجي ليڪن دل جي معاملن ۾ سدائين مار کائيندي آهي، هن جي اندر ۾ قدرت پاران يا فطرت ۾ هڪ عجيب جذبو هوندو آهي جيڪو ڪجھ دير جي ڪاوڙ ۽ ناراضگي کان پوءِ ٻيهر پراڻي محبتن واري رويي ۾ تبديل ٿي ويندو آهي، اهوئي سندس شڪستن جو باعث بنجي ويندو آهي. ڇو تہ عورت هميشہ دماغ نہ پر دل سان سوچيندي آهي ۽ دل تہ عقل کان عاري صرف جذبن ۽ احساسن جي تابع ٿئي ٿي، تہ پوءِ عقل ڀريا فيصلا ڪرڻ جي ان مان ڀلا توقع بہ ڪيئن ٿي ڪري سگهجي. هر ايندڙ ملاقات ۾ غزل بہ اهي سيئي رويا وساري فواد لاءِ نوان احساس ۽ نوان جذبا کڻي ملندي هئي، هوءِ تہ بس ان ڳالھہ جي تمنائي هئي تہ فواد جي محبت ۾ گهاريل اهي گهڙيون هن جي زندگي جو حاصل بنجي وڃن.

❤

صبح جو عرفان تيار ٿي ناشتو ڪري پنهنجي ڊيوٽيءَ تي هليو ويو ماءُ کي چئي ويو هو تہ تيار ٿي وٺن تہ ڊرائيور گاڏي ڪٽي ايندو ۽ مهمانن کي، جتي هو گهمڻ چاهن وٺي وڃجو هو بہ موڪل وارن ڏينهن ۾ ساڻن ساٿ ڏيندو.

ڪجهہ دير کان پوءِ سڀين اٿي آئي تہ ندرت ناشتو لڳرايو. فاران ۽ عرشيہ اجان آرام ۾ هئا. ٻنهي ماساتين گڏجي نيرن ڪئي، چانهہ جا ڪوپ کڻي اچي صوفي تي ويٺيون. ورهين کان پوءِ مليون هيون تہ هڪ ٻئي جا حال احوال وٺڻ ۽ اورڻ لاءِ آتيون پئي لڳيون. ڳالهين ۾ ايترو تہ محو ٿي ويون جو وقت گذرڻ جو احساس ئي نہ ٿين. ان دوران عرشيہ ۽ فاران بہ هيٺ لهي آيا، جن کي ملازم ناشتو ڪرايو. نيرن کان پوءِ فاران تہ وڃي ڪمپيوٽر تي ويٺو. البتہ عرشيہ پسار ڪندي مين ڊور کان ٻاهر نڪري بنگلي جي سامهون ننڍڙي لان ۾ هلي آئي ۽ هڪ وڻ جي ڇانولي ۾ رکيل لان چيئرز مان هڪ تي اچي ويٺي. هوءَ افراز کي فون ملائڻ لاءِ بيتاب هئي، ڪالهہ کان ڪيس موقعو نہ ملي سگهيو هو. هن جو اسلام آباد اچڻ جو تہ مقصد ئي افراز کي تلاش ڪري ان سان ملڻ هو. هن بيچيني سان هن جو نمبر ملايو. ٻئي طرف عرصي کان پوءِ افراز جو آواز ٻڌي هن جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي وئي، وڏي مشڪل سان دل کي قابو ۾ ڪندي هن هيلو ڪئي، ٻئي طرف افراز شايد آفيس جي ڪم ۾ مصروف هو. هن عرشيہ جي جذبن کان بيخبر، عام رواجي انداز ۾ سندس هيلو جو جواب ڏنو تہ هوءَ ڏڪاري ٿي وئي، هوءَ جيڪا ايترو پري کان صرف ۽ صرف ساڻس ملڻ لاءِ آئي هئي ۽ هي صاحب موصوف آهي جو اهڙي رکائيءَ سان پيو ڳالهائي. دل تي پٿر رکي ڪيس ٻڌائڻو پيو.

”افراز توکي خبر آهي، مان ڪٿان پئي ڳالهايان.“

هن سمجهو هو تہ هو اچانڪ هن جو آواز ٻڌي بيتاب ٿي ويندو. پر هن عام رواجي لهجي ۾ مختصر جواب ڏيندي چيو.

”مون کي ڀلا ڪهڙي خبر.“

اهڙي جواب جي عرشيہ کي بلڪل بہ توقع نہ هئي هوءَ چڙ تہ وسامجي وئي هئي. پوءِ بہ شڪايتي انداز ۾ چوڻ لڳي،

”جناب اهڙي بہ ڇا بي رخي، هتي حال برو ۽ توهان کي ڪا پرواه ئي ناهي. توهان تہ ايتري عرصي ۾ ياد ڪونہ ڪيو اسان ئي رهي نہ سگهياسين ۽ ڪچي ڌاڳي سان ٻڌجي اچي سرڪار جي خدمت ۾ حاضر ٿيا آهيون. “

ائين چوندي هن جو لهجو ڪافي شوخ ۽ پيار ڀريو ٿي ويو هو. هاڻي تہ افراز جي پريشان ٿيڻ جو وارو هو.

”ڇو...... ؟ ڪٿي..... ؟ ڪنهن سان گڏ..... ؟ “

هوءِ سندس پريشان لهجي مان لطف اندوز ٿيندي شرارتي انداز ۾ چوڻ لڳي،

”ڇو جي تہ مونکي خبر ناهي، هوندو ڪو دل جو معاملو ڪٿي لاءِ گذارش آهي تہ توهان جي دل جي قريب، توهان جي گهر جي ويجهو يعني اسلام آباد ۾..... ۽ ڪنهن سان .... تہ جناب اڪيلي اڪيلي.... بقدم خود. “

افراز کي عرشيہ جي واتان اهڙيون ڳالهيون ٻڌڻ جي ڪڏهن بہ توقع نہ هئي. هو تہ هميشہ هن کي فهد جي ننڍي ڀيڻ جي حيثيت ۾ ڀيڻ جيان سمجهندو هو ۽ هن جي ڪڏهن بہ ڪنهن معاملي ۾ حوصلا افزائي نہ ڪئي هئي، نہ هن جي دل ۾ هن لاءِ ڪو اهڙو احساس پيدا ٿيو هو هن جو عرشيہ سان هڪ بہ دفعہ سرسري طور ملڻ ٿيو هو ۽ پوءِ هنن ڇهن مهينن دوران هو پنهنجي نئين نوڪري جي سلسلي ۾ ايترو تہ مصروف ٿي ويو هو جو هن کي هڪ دفعو بہ اها ياد نہ آئي هئي تہ اتي هن جا واسطا فهد يا هن جي فيمليءَ سان بہ رهيا آهن. تہ پوءِ اچانڪ عرشيہ هن جي پويان ائين ڀلا ڪيئن اچي سگهي ٿي، فهد کي جيڪڏهن ان باري ۾ ذرو بہ ڪٽڪ پئي تہ هن جي دل ۾ منهنجي لاءِ ڪهڙي عزت رهجي ويندي. هن ٿوري دير ۾ فيصلو ڪري ورتو تہ عرشيہ جي غلط فهمي هڪدم ختم ڪرڻ گهرجي، نہ تہ جيڪڏهن هوءِ معصوم ڇوڪري ناداني ۽ نادانستگيءَ ۾ ڪو روڳ پالي ويٺي تہ نہ صرف هن جي زندگي زهر بنجي ويندي، پر هو فهد جي نظرن ۾ بہ ڪانيارو ٿي پوندو.اهو سڀ خيال ڪندي هن پنهنجي لهجي ۾ نرمي ۽ نهٺائي پيدا ڪندي،

”عرشيہ منهنجي ننڍڙي ڀيڻ . توهان ڀوڳ ڀيون ڪيو نہ، ڀلا منهنجي فهد سان ڳالهہ ڪرايو. آهي نہ توهان جي ويجهو پوءِ ان سان گڏجي ناهيون ٿا ڪو گهمڻ ڦرڻ جو پروگرام، ظاهر آ فهد جي ننڍڙي ڀيڻ منهنجي بہ تہ

ننڍڙي ڀيڻ ٿي نہ، آپا وارن کي ٻڌايان ٿو پوءِ هلون ٿا ڪٿي. نيڪ آ نہ، في الحال مونکي هڪ فائيل تيار ڪري باس کي پيش ڪرڻو آهي، ها پليز ! فون ڏجو فهد کي...... ،“

افراز جون اهڙيون ڳالهيون عرشيہ جي دماغ ۾ هٿوڙن جيان لڳي رهيون هيون، هن جا خواب گهڙي پل ۾ پورا پورا ٿي ويا هئا. هي کهڙيون ڳالهيون پيو ڪري ، مان هيڏو هزارين ميلن جو مفاصلو طيءِ ڪري صرف هن جي چاهہ ۾ هلي آئي آهيان ۽ هي اهڙيون غير جذباتي ڳالهيون پيو ڪري، مون جنهن کي پنهنجي جيون جو سڀ کان حسين سڀ کان پيارو ساٿي پئي تصور ڪيو هو ننڍڙي ڀيڻ ڇئي منهنجي جذبن، منهنجي احساسن جي توهين پيو ڪري. ڪاوڙ ۽ ڏک وچان هن جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا، آواز ۾ بہ انهن لڙڪن جي لوڏاڻ اچي وئي، آواز ڳورو ٿي ويس، ڀريل آواز ۾ چوڻ لڳي،

” معاف ڪجو، ادا فهد مونسان گڏ ناهي آيو...... خدا حافظ “

هو گهڻوئي هلو هلو ڪندو رهيو پر هن فون ڪٽي ڇڏي ۽ ميز تي فون رکي، ٻنهي هٿن ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀري روئندي رهي. هوءِ بہ ڪيڏي نہ نادان هئي، اهو تہ سمجهي ها تہ ڇهہ مهينا گذري وڃڻ ڪانپوءِ افراز هن کي تہ ڇا، فهد کي بہ ڪا فون ڪري حال احوال نہ ورتو هو. ۽ هوءِ هن جي تصوير سيني ۾ سانڍيو پئي وتي. هي هن کان کهڙي بيوقوفي ٿي وئي هئي، روئڻ کان پوءِ جذهن دل جو غبار گهٽي ياڳي ڏوبجي ويو تہ اٿي لان ۾ پسار ڪرڻ لڳي ۽ خوبصوت گلن ٻوٽن ۾ دل کي وندرائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳي. هوءِ ان سڄي صورت حال تي حقيقت پسندي سان سوچڻ لڳي، تہ هن ۾ پلا افراز جو کهڙو قصور هو اُن تہ انهن ٻن اتفاقيہ ملاقاتن ۾ هن سان اهڙو ڪوبہ اشارو ڪابہ ڳالهہ نہ ڪئي هئي، جنهن سان هن جي ڪنهن دلچسپيءَ جو اظهار ٿيندو هجي تہ پوءِ مون ڇو پنهنجي ناداني ۾ اهڙا خواب اُٽي ورتا جن جي تعبير ماڻڻ لاءِ ائين ڏونگر ڏاريندي ايتري ڏورانهن هنڌ لاءِ پنڌ پيس. اهو سڀ سوچيندي هوءِ پنهنجي ناداني ۽ بيوقوفي تي پشيمان ٿي وئي. هوءِ اهڙي حالت ۾ اندر بہ نہ ٿي وڃي سگهي، سندس لٽل منهن الائي کهڙيون کهڙيون گواهيون ڏئي ويندو،کهڙيون کهڙيون کهاڻيون ٻڌائي ويندو. هن چاهيو پئي تہ ڪجه دير لاءِ تازي هوا ۾ دل کي بهلائڻ گهرجي، جيئن

ايڏي صدمي کان متاثر ٿيڻ جو گهٽ ۾ گهٽ ظاهري طور ڪنهن کي به احساس ٿيڻ نه ڪپي ته چند گهڙيون اڳ ۾ هن جي حسرتن، اميدن ۽ خواهشن جو شيش محل ڪيڏي نه بي دردي سان چُور چُور ڪيو ويو آهي، اهو دک هن جو پنهنجو هو ۽ هن ڪنهن ٻئي آڏو ان کي ظاهر ڪري، پنهنجي ناڪام حسرتن، پنهنجي دکن ۽ دردن جي توهين ڪرڻ نه ٿي چاهي. هوءَ ڪجه دير اجايو سجايو هلندي رهي پنهنجي غم کي اندر ئي اندر برداشت ڪندي رهي، پنهنجي روح جي زخمن تي مرهم رکڻ جي اڻ ٿيڻي ڪوشش ڪندي رهي. گهڻي دير ڪانپوءِ هن پنهنجو پاڻ تي ظابطو آڻي ورتو هو ان وقت ڪيس فاران جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو جيڪو ڪيس ڳولهيندو لان ۾ اچي پهتو هو هن چپن تي مصنوعي مرڪ آڻيندي چيو.

”ٿي وئين نه بور،پلا ڪمپيوٽر به ڪڏهن ڪنهنجو دوست ٿيو آهي، چون ٿا ته بي جان شين تي گهڻو وقت سيڙائڻ سان ماڻهو پاڻ به غير جذباتي، غير احساساتي ۽ بي روح ٿيو وڃي. “

”بس، بس، آپي! اهي فلاسافرن واريون ڳالهيون ٻڌڻ جي نه پنهنجي عمر آهي، نه منهنجي پياري آپيءَ جي. سو زندگيءَ کي صرف انجواءِ ڪيو. “

ننڍڙي ڀاءُ جي اهڙي پيار ڀرئي انداز تي هن جي اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا جيڪي هن اکين ئي اکين ۾ پي ورتا.

فاران هن جي ان ڪيفيت کان بيخبر ڪيس ٻڌائڻ لڳو ته.

”امي ۽ آنٽي چون پيون ته اچي لنچ ڪريو. پوءِ ڪيڏانهن گهمڻ لاءِ نڪرجي.“

عرشيه جي دل گهڙي کن اڳ ۾ جنهن اذيت ناڪ لمحن مان گذري .هئي، انڪان پوءِ کهڙي ڪافر جي دل نظارن کي پسي پاڻ وندرائڻ تي چوندي، پر،عرشيه سوچيو ته اهو بهتر موقعو آهي، ائين دل جو درد به ڪجه دبجي ويندو ۽ ڪنهن کي احساس به نه ٿيندو ته هن گهڙي پل ۾ اذيتن ۽ پيڙائن جا ڪئي درياءَ پار ڪيا هئا. هوءَ خاموشيءَ سان ڀاءُ سان گڏجي اندر هلي آئي.

♥

ان ڏينهن ڪراچيءَ جي موسم تمام سرد هئي، رڪي رڪي بدن ۾ سياٽا پئي اپريا. غزل ڊارڪ بلو سلوار قميص جي مٿان هلڪي گلابي رنگ جو سوئيٽر پهريل، سردي جي ڪري سندس ڳلن جو رنگ بہ سوئيٽر سان ميچ ڪري رهيو هو. هوءَ ان لباس ۾ ڪافي پُرڪشش پئي لڳي. هوءَ سيءَ ۾ سُڪڙجندي، هٿن کي هڪ ٻئي سان مهٽي گرم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي انهي سوچ سان گيٽ کان ٻاهر نڪتي تہ اهڙي سيءَ ۾ الائي ڪيتري دير رڪشہ ٽيڪسي جو انتظار ڪرڻو پوندو سرد هوا جا جهوٽا سندس جسم سان ٽڪرائجي کيس وڏيڪ پريشان ڪري رهيا هئا. هن جيئن قدم ٻاهر رکيو تہ فواد خلافِ معمول گيٽ جي ويجهو گاڏي جهليو بيٺو سندس انتظار ڪري رهيو هو. غزل کي ٿورو تعجب لڳو هو تہ سدائين هفتي جي آخري ڏينهن تي ئي ڪيڏانهن گهمڻ ڦرڻ لاءِ نڪرندا آهن تہ پوءِ اڄ فواد ائين .اچانڪ...... فواد بہ هٿ ڏگهيڙي پر وارو در کوليو ۽ کيس ويهڻ جو اشارو ڪيائين تہ هوءَ اچي پر واري سيٽ تي ويٺي.

” خير تہ آهي نہ.......! اڄ خلافِ توقع توهان ونڻ آيا آهيو. “

” خير آ..... دل چيو ڪٿي آئوٽنگ ڪري سردي کي انجواءِ ڪجي، ڪراچي ۾ تہ موسمن جي خوبصورتيءَ لاءِ ماڻهو سِڪي ٿو مري، هر موسم پنهنجي انتهائن ۾ ئي وڻندي آهي نہ. پران سڀ کا اڳ۾ مونکي ڪجه شاپنگ ڪرڻي آهي، تہ پوءِ چونہ پهرين ڪنهن مال تي هلجي. “

هن جي جواب جو انتظار ڪرڻ کان پهرين ئي گاڏي مال ڏانهن موڙي ڇڏي، غزل جو سرديءَ جي ڪري چانهہ يا ڪافي پيئڻ جو موڊ ٿي رهيو هو ليڪن انڪار يا پنهنجي خواهش جي اظهار جو فواد کيس موقعو ئي ڪٿي ڏنو هو.

شاپنگ مال پهچي فواد ڪافي شاپنگ ڪئي، ڪجه ٻارن جا سامان، ڪجه ليڊيز ۽ ڪجه مردانہ سامان. هوءَ حيران هئي تہ فواد گذريل ائن نون

مهينن ۾ ڪڏهن بہ ائين شاپنگ نہ ڪئي هئي ۽ اڄ اچانڪ ايترو سامان. خير منهنجو ڇا.... ؟ ڪندو هوندو ڪنهن جي لاءِ.

شاپنگ ڪندي ڪين ڪافي دير ٿي وئي ۽ جڏهن ٻاهر نڪتا تہ ٽائيم ڏنائون تہ رات جا ڏهہ پئي ٿيا. هو سڌا ريسٽورنٽ ۾ اچي ويٺا ۽ هڪ ٻئي جي مرضيءَ جون ڪجهه شيون آرڊر ڪري، ميز تي رکيل پاڻي پي ڪجهه سامت ۾ آيا. ريسٽورينٽ جي اندر جو ماحول ڪي قدر گرم هو ان ڪري غزل کي ڪجهه سڪون محسوس ٿيو تہ هوءَ پڇڻ کان رهي نہ سگهي.

”اچانڪ ايتري شاپنگ جو خيال ڪيئن من ۾ آيو. ؟ ،

فواد کي شايد اهڙي ڪنهن سوال جي توقع نہ هئي، ان ڪري ڪجهه لمحا سوچڻ کان پوءِ چيائين.

”در اصل مونکي ڏينهن ٻن ۾ هڪ ڪنسائينمينٽ جي سلسلي ۾ دبئي وڃڻو پئجي ويو آهي.“

اهو ٻڌي غزل جو مُک هڪدم مرجهائجي ويو.

”پر گذريل دفعي تہ توهان اهڙو ڪو ذڪر نہ ڪيو هو. “

”ها .... اچانڪ فون آئي، تہ سردين جي موسم جي حساب سان ڪجهه آرڊر وٺا آهن. توکي تہ خبر آهي نہ تہ مان امپورٽ ايڪسپورٽ جو ڪاروبار ڪندو آهيان. يعني هتان جون شيون ٻين ملڪن ۾ ۽ ٻين ملڪن جون شيون هتي. هي سڄي شاپنگ بہ ان سلسلي جي ڪڙي آهي، سيمپلن جي شڪل ۾ اوڏانهن ڪٽي ويندس ۽ جيڪي پسند آيا تہ فيڪٽرين مان تيار ڪرائي اوڏانهن موڪليندس.“

غزل کي ٿوري گهڻي فواد جي ڪاروبار جي ڄاڻ تہ هئي پر اڄ پهريون ڀيرو هو جو هوءَ سڌو سنئون هن جي ڪاروباري معاملي ۾ شامل ٿي هئي. هن کي تہ جيڪا تڪليف ماري پئي اهو فواد جو ائين اچانڪ دبئي وڃڻ جو پروگرام هو. هو الائي ڪيترو عرصو اتي ترسندو ۽ هن جي غير موجودگي ۾ هوءَ اهي تنهائي ڀريا ڏينهن ڪيئن ڪاٽيندي. سوچي سوچي هوءَ اداس ٿي وئي هئي. سندس سامهون ماني رکي هئي، پر سندس دل نہ پئي چاهيو تہ ان کي هٿ لڳائي. فواد جو هن کي ائين ويڳاڻو ڏٺو تہ پڇڻ لڳو.

”ڇو ائين پريشان ٿي وئي آهين، ماني کڻ نہ. “

هن اداس نگاهن سان فواد ڏانهن نهاريو هن جي نگاهن ۾ عجيب حسرتون هيون. فواد هن جي پريشاني کي محسوس ڪندي، دل رکڻ لاءِ چوڻ لڳو.

”پريشان ڇو پئي ٿين مان پندرهن ڏينهن ۾ آرڊر وٺي واپس اچي ويندس. ڏس! روزي روٽيءَ جو به ته ڪجه نه ڪجه آسرو ڪرڻو آهي نه. نه ته ڪهڙي ڪافر جي دل اهڙي حسين ڪمپنيءَ کي ڇڏڻ لاءِ چوندي. تنهنجي ڪمپنيءَ ۾ اهو عرصو ائين گذري ويو جو خبر ئي نه پئي.“

”پر توهان اهي سيمپلز موڪلي به ته سگهو پيا نه. وڃڻ ضروري آهي ڇا.“

”او ماءِ ڊيئر غزل! پاڻ ايڏا وڏا واپاري ته آهيون ڪونه. جنهنجو لکن ڪروڙن جو ڪاروبار آهي، جيڪو ائين لک پڙهه ذريعي هلي. اسان کي هڪ هڪ شاپ تي وڃي رُلڻو پوندو آهي، ۽ ننڍا ننڍا آرڊر وٺڻا پوندا آهن. تڏهن ته اهي سيمپل مال تان کنيا اٿم. نه ته فيڪٽرين مان نه ڪٺان ها.“

اها ڳالهه غزل جي سمجه ۾ اچي وئي ته فواد جو ڪاروبار ڪهڙي نوعيت جو آهي . پر هوءَ دل جو ڇا ڪري، جيڪا فواد جي هڪ ڏينهن جي جدائي سهڻ جي روادار نه هئي. آخر گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ چوڻ لڳي،

”ٺيڪ آهي، ته پوءِ توهان پلي دبئي وڃو مان به سياري جي موڪلن ۾ ڪجه ڏينهن سکر هلي ٿي وڃان، پيڻ به سعودي مان اچڻي آهي. ان سان به ملي وٺنديس، امي جي طبعيت به ٺيڪ نه ٿي رهي ڪجه ڏينهن ان سان گذاريندس، ايستائين توهان به خير سان موٽي ايندا.“

”اها ته تمام سٺي سوچ آهي، توهان کي پنهنجي والدين کي به ڪجه وقت ڏيڻ گهرجي، هو به ته توهان جي توجه جا منتظر هوندا ائين سڄو وقت اسان جهڙن واندن سان گڏ گهارڻ ۾ توهان کي پلا ڪهڙو فائدو ٿيندو پرديسي پکين وانگر نيٺ ته اسان کي اُڏرڻو ئي پوي ٿو نه.“ اهو چئي هو پاڻ به ماني کائڻ لڳو.

❤

ندرت ٻن ڏينهن تائين مهمانن کي اسلام آباد جون گهمڻ واريون سڀئي مشهور پوائنٽون ڏيکارڻ لاءِ وٺي وئي، هو لنچ ڪري نڪرندا هئا ته رات جي ماني تي موٽندا هئا. سبين ۽ فاران ته تمام گهڻو لطف اندوز ٿي رهيا هئا. ڪراچي جي گهٽيل ٻوساٽيل زندگي، هر وقت ٽريفڪ جا مسئلا، ڪڏهن پاڻيءَ جي اڻاٺ، امن امان جا ناقص حالات، زندگي بس خوف ۽ پريشانين ۾ پئي گذاربي آهي ۽ هتي اسلام آباد، سر سبز جابلو سلسلا، ويڪرا روڊ رستا، نه ٽريفڪ جام جو جهنجهٽ، زندگي ڪيڏي نه سڪون سان روان دوان آهي. سياري جي موسم ۾ بيشڪ سردي جو احساس وڌي ويجي ٿو پر آسمان تي ڇانيل ڪڪر، جهڙالي موسم، دلين ۾ خوشگوار احساس جاڳائڻ لاءِ ڪافي آهن.

صرف ڪڏهن ڪڏهن شام جي چانهه تي يا ڊنر تي هنن جي عرفان سان ملاقات ٿيندي هئي، ڇوته صبح جو ٻار ۽ سبين ڪجھ دير سان جاڳڻ جا عادي هئا. ۽ هتي ته واندڪائي به هئي، ان ڪري عرفان صبح ساڻ آفيس هليو ويندو هو ۽ شام جو هو جڏهن گهمي ڦري موٽندا هئا ته عرفان پنهنجي ڪمري ۾ آرامي هوندو هو جنهنڪري هو اڪثر رات جي ماني تي گڏجندا هئا. ته عرفان سرسري انداز ۾ سڀني ڏينهن جي مصروفيات جي باري ۾ پڇي وٺندو هو. فاران ته هتي تمام گهڻو خوش هو هن هر پوائنٽ، اها شڪر پڙيان هجي يا دامنِ ڪوهه، راول ڊيم هجي يا ڪا ٻي جاءِ، هر هنڌ هن ڏاڍو انجواءِ ڪيو هو. ڪراچي جي مصروف زندگيءَ ۾ اهڙا گهمڻ ڦرڻ جا موقعا ورلي ملي سگهندا هئا. ڪراچي ۾ ڄائو نپنو مئٽرڪ تائين اچي پهتو هو پر هن اڃان تائين قائد اعظم جي مزار اندر وڃي نه ڏٺي هئي، جڏهن ته ٻاهران ڪراچي گهمڻ لاءِ ايندڙ ماڻهو به اتي پهچي ويندا هئا. هو ته بس گهر کان اسڪول يا ڪڏهن فرصت ملي ته سمنڊ ڪناري يا ڪنهن پوش علائقي جي هوٽل ۾ ڊنر ڪري سگهيا ٿي. بس اهائي آهي ڪراچي وارن جي زندگي.

♥

عرفان اناويهن اٺٽيهن سالن جو قداور ۽ پُر ڪشش شخصيت جو مالڪ، بردبار ۽ باوقار نوجوان هو. پنهنجي گونا گون مصروفيتن ۽ ملازمت جي نوعيت جي ڪري هن اجان تائين پنهنجي لاءِ جيون ساٿيءَ جي باري ۾ سوچيو بہ ڪونہ هو. جيتوڻيڪ ندرت ڪي جڏهن بہ موقعو ملندو هو. هوءَ پنهنجي اڪيلائپ جو پِٽڻو پٽيندي رهندي هئي. پر هو هميشہ کِلي ٽاري ڇڏيندو هو. هينئر بہ جڏهن هن عرشيہ ڪي پهريون ڀيرو ڏٺو هو تہ هن جي دل بي ساختہ ڌڙڪڻ لڳي هئي، اهو آواز هن پنهنجي اندر ۾ پهريون ڀيرو ٻڌو هو. هو سوچڻ تي مجبور ٿي ويو هو تہ ڇا ڪيس ان جو ئي انتظار هو. هوءَ تہ ڪانئس ڇهہ ست سال ننڍي هئي، ڇا هنن جو جوڙ ممڪن هو. پر هن پنهنجي سنجيده طبعيت ۽ بردباري جي ڪري پنهنجي ڪنهن بہ رويي مان پنهنجي محسوسات ۽ جذبات ڪي ڪنهنجي آڏو ظاهر ٿيڻ نہ ڏنو هو. بس چپ چاپ هن سڄي صورت حال جو مشاهدو ڪري رهيو هو. هنن جي خاندانن ۾ ڪڏهن بہ ڪو ميل جول نہ رهيو هو جنهن سبب هو ٻئي ڪٽنب هڪ ٻئي جي باري ۾ گهٽو واقف ڪونہ هئا، ۽ هو بہ اهڙو ڪو غلط امپريشن نہ پيو ڏيڻ چاهي تہ پهريون دفعي ملڻ آيا ۽ هنن رشتہ جوڙڻ جو سوچي ورتو. اهو سڀ سوچي هن وقت جي ڌارا تي سيني معاملن ڪي ڇڏي ڏنو. البتہ عرفان هڪ بہ دفعہ جڏهن سرسري انداز ۾ هنن ڪان حال احوال وٺندو هو تہ هن محسوس ڪيو تہ عرشيہ جيڪا پهرين ڏينهن ڪافي هشاش بشاش ۽ ڇهڪندي ٻهڪندي پئي لڳي، اها هاڻي وساڻل وساڻل ڪوماڻيل ڪوماڻيل ۽ بيزار پئي لڳندي هئي، ٻاهران گهمي ڦري اچڻ باوجود هن ۾ اها تازگي ۽ خوشگواريت محسوس نہ ٿيندي هئي، جيڪا هن عمر جي ڇوڪرن يا ڇوڪرين ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي، جڏهن هو ڪنهن اهڙي جاءِ تان گهمي ڦري ايندا آهن، جيڪا هنن پهرين نہ ڏٺي هجي. ڇا عرشيہ ڪي اسلام آباد پسند نہ آيو آهي. اچانڪ

ڪيس ياد آيو ته فهد چيو هو عرشيه برفباري ڏسڻ جي خواهان آهي. اهو خيال ايندي ئي هن عرشيه جي دلجوئي خاطر ايندڙ ويڪ ايںڊ تي ٻن ڏينهن لاءِ ڪوهه مري وڃڻ جو پروگرام سوچي ورتو ڇوته اتفاق سان موسميات کاتي وارن آئينده چوويهن ڪلاڪن ۾ برف باري جو امڪان ظاهر ڪيو هو. شايد اتي هلي عرشيه کي ويجهو کان سمجهڻ جو موقعو ملي وڃي. اهو سوچي هو فريش ٿي ڪمري کان ٻاهر آيو ته سڀ لائونج ۾ ويٺا هئا ۽ ڪافيءَ جو دور هلي رهيو هو. هو به سلام ڪري اچي اتي ويٺو. ڳالهين ڪندي هن پنهنجي ذهن ۾ ترتيب ڏنل پروگرام جي متعلق عرشيه کي ئي مخاطب ٿيندي چيو.

”عرشيه توهان جي هتي اچڻ کان پهرين، فهد ٻڌايو هو ته توهان کي برف باري ڏسڻ جو شوق آهي ۽ توهان اسلام آباد آيا به ان ڪري ئي آهيو. “

”ها........ چيو ته هيم پر........ ؟“

هن سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

”پر ڇا...... ! مان در اصل پنهنجي ڊيوٽي جي سلسلي ۾ ڪافي مصروف رهيس، ان ڪري توهان سان ڪمپني ڪري نه سگهيو آهيان، ان لاءِ معذرت ٿو چاهيان. صبحاڻي جمعو آهي، ٻئي ڏينهن مان ٻن ڏينهن لاءِ بلڪل واندو آهيان.۽ خوش قسمتيءَ سان برف باري جا به امڪان آهن ان ڪري اهي ٻئي ڏينهن ڪوهه مري ۾ گذاريا. توهان خوب انجواءِ ڪجو. ان کان پوءِ ايندڙ هفتي سوات ۽ ڪاغان وغيره هلنداسين. ايستائين امي اوهان کي باقي آس پاس وارا گهمڻ جا پوائنٽ به ڏيکاريندي ۽ توهان هتي شاپنگ به ڪري وٺجو.“

عرفان يڪ ساهي سمورو پروگرام ٻڌائي ويو.

عرشيه جا ته سمورا پروگرام تهس نهس ٿي ويا هئا. هن جي دل ڪنهن به ڳالهه ۾ نه پئي لڳي، هوءَ الائي ڪهڙا خواب اندر ۾ سانڍي هتي آئي هئي، برف باري ڏسڻ جو ته هڪ بهانو هو. هن کي خبر نه هئي ته هتي اچي هن جي دل کي ڪهڙي چوٽ رسڻي آهي ڪهڙا برف جا پهاڙ ڪرڻا آهن، پر هن جي تربيت اهڙي ٿيل هئي جو هن نه ٿي چاهيو ته جن وٽ هو زوري جا مهمان ٿي آيا هجن ۽ هتي اچي پنهنجي مجروح دل جا زخم کولي ويهجن.....“

”نہ.... ! منهنجو ڏک درد تہ صرف منهنجو پنهنجو آهي، جيڪو هتي اچڻ ڪان پوءِ مونکي مليو آهي، مان پلا ان لاءِ ٻين کي ڇو پريشان ڪيان. هو ڇا سوچيندا تہ هو اسانجي دلجوئي جو سامان پيا ڪن ۽ مان وري پنهنجو موڊ خراب ڪري، هنن جي پشيماني جو سبب پئي بنجان“. ان ڪري مٿاڇري دل سان چوڻ لڳي،

”توهان درست پيا چئو عرفان ڀاءُ ! پروگرام تہ اهوئي ٺاهي آئي هئس..... پر..... هتي اچي خبر پئي تہ توهان جي جاب ڪافي مصروفيت جي متقاضي آهي، ان ڪري توهان کي وڌيڪ تڪليف ڏيڻ مناسب نہ ٿو لڳي. ان ڪري سوچيان پئي تہ هن سنڊي تي توهان اسان جي واپسيءَ جون ٽڪيٽون ڪرايو ها تہ بهتر ٿئي ها. “

اهو ٻڌي ماٹس ۽ فاران وائڙا ٿي ويا. ڪاٿي مهينو رهڻ جو سوچي آئي هئي، ۽ هاڻي وري ٻن ٽن ڏينهن ۾ ئي واپسيءَ جون وايون پئي ڪري. ماٹس اجان ڪجه چوڻ واري هئي، ان کان اڳ ئي عرفان مرڪندي چوڻ لڳو،

”ان جو مطلب تہ اسان جي ڪزن صاحبہ اسان کان ناراض ٿي واپسيءَ جو سوچي پئي. نو ميم نو..... ! ائين پلا ٿي سگهي ٿو، مَس مَس تہ امي کي پنهنجا پيار ڪرڻ وارا عزيز مليا آهن . گهٽ ۾ گهٽ هي مهينو تہ توهان کي وڃڻ نہ ڏيو. نئون سال هتي سيليبريٽ ڪرڻ کان پوءِ ئي ملندي اجازت، اها بہ ان واعدي سان تہ وري جلد ملڻ ٿيندو.“

عرفان جو اهڙو پنهنجائپ وارو انداز هن جي اندر ۾ وڌ وجهي ويو. دل جو درد لڙڪ بنجي سندس اکين کي آلو ڪري ويو. وڏي مشڪل سان هن پنهنجي حالت تي ضبط آندو ۽ آيل لڙڪن کي اکين ئي اکين ۾ پي وئي، ليڪن هن جي ڪوشش جي باجود عرفان هن جي ان بدليل ڪيفيت کي محسوس ڪري ورتو پر هن ان کي ظاهر ٿيڻ نہ ڏنو. عرفان جي ڳالهين ۾ ايتري تہ پنهنجائپ ۽ خلوص هو جون ۾ انڪار جي ڪا گنجائش ئي باقي نہ رهي. ان ڪري خاموش ٿي وئي. هونئن بہ ٽٽل دل جي لاءِ ڪنهنجي همدردي جا بہ ٻول ئي انسان جي ڦٽن تي پهو رکڻ لاءِ ڪافي هوندا آهن.

هن جي خاموشي ۽ ابتر حالت کي سمجهندي عرفان سندس موڊ درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو،

”ان جو مطلب تہ ڪزن صاحبہ کي اسان جي پروگرام تي ڪو اعتراض ڪونهي. هو چوندا آهن نہ تہ، خاموشي نيم رضامندي هوندي آهي.“

فاران جيڪو ڪافي دير کان خاموش ويٺو هو مصنوعي ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي چوڻ لڳو.

”وڏا مزا آهن عرشيہ آپيءَ جا، هتي اسان کي ڪو ڪوڙي منهن سان بہ صلاح نہ ٿو ڪري، (مسخريءَ ڀرئي انداز ۾) آخر اسان بہ تہ پيا آهيون اوهان جي راهن ۾.“

هن جي اهڙي ڊائلاگ هڻڻ تي سڀ ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳا ۽ ڪافي ڏينهن کان پوءِ عرشيہ جي چهري تي بہ هڪ اداس مرڪ ڇانئجي وئي هئي، جنهن عرفان جي دل ۾ عجيب هلچل مچائي ڇڏي هئي. هو چور نظرن سان عرشيہ کي نهاريندو رهيو. عرشيہ هن جي احساسن کان بيخبر ڪافي جا ننڍڙا سِپ وٺندي رهي.

❤

افراز هتي اچي سروس تہ جوائن ڪئي هئي پر هتي رهندي ڪيس شدت سان اهو احساس ٿيو تہ زندگي اتي اچي ختم نہ ٿي ٿئي. اڳتي ۽ اڳتي وڌڻ جي تمنا ڪيس همٿايو تہ ڇو نہ سپيرئرسول سروس لاءِ تياري ڪجي. ٻين فضوليات ۾ پوڻ کان بهتر ٿيندو تہ هو هتي رهي ڪري سي ايس ايس جي تياري ڪري. هتي موقعا بہ جام آهن پڙهڻ جو ماحول بہ آهي. اهو سوچي هن ارسلان سان مشورو ڪري سي ايس ايس لاءِ ڪوچنگ ڪلاس جوائن ڪيا ۽ ان ۾ ايترو تہ پاڻ کي مصروف ڪري ڇڏيائين جو باقي جهان وساري ويٺو. بس اهائي لگن هئي تہ ڪيئن بہ ڪري اڳتي ۽ اڳتي وڌي وڃجي. هو محنتي تہ اصل کان هو. پڙهڻ پڙهائڻ جو ماحول مليو تہ هن جو ذهن کلندو ويو ۽ هاڻي ڪيس مزو اچڻ لڳو هو. اهوئي سبب هو جو عرشيہ جنهن جي باري ۾ هن ڪڏهن ان انداز سان سوچيو بہ ڪونہ هو تہ هُن جي اچانڪ آيل فون ڪيس ڇرڪائي وڌو ۽ هو ان سان نہ چاهڻ جي باوجود روڊ ( رُکو ) ٿي ويو هو. ڪجه بہ هجي هوءِ سندس پياري دوست جي ڀيڻ هئي، هڪ دفعو ملڻ ۾ هرج ئي ڪهڙو هو. ڪيس ڪنهن پرسڪون جاء تي ويهي نرميء سان سمجهائي ها، تہ هو ڪنهن بہ جهنجهٽ ۾ پوڻ نہ ٿو چاهي، هن جي منزل شادي يا محبت کان گهڻو اڳتي آهي، ٻيا بہ گهڻائي دکڙا آهن ۽ هو انهن فضوليات ۾ پئجي پنهنجو ۽ هن جو وقت کوٽو ڪرڻ جو روادار ناهي. پر هن تہ اهڙو لٺِ مار جواب ڏئي ڇڏيو جو هوءِ ويچاري معصوم ڇوڪري الائي ڪهڙي حال ۾ هوندي. پر هاڻي ڪجه نہ پئي ٿي سگهيو. هو ڪيس فون ڪري ٻيهر سندس دل ۾ ڪا نئين آس ڪا اميد نہ ٿو جاڳائڻ چاهي. آهستہ آهستہ وقت جي دز ۾ هوءَ اهو سڀ ڪجه وساري ڇڏيندي ۽ پنهنجي جيون ڏارا کي اهڙي رخ ڏانهن موڙي ڇڏيندي جيڪو هن جي لاءِ وڌيڪ پُر سڪون ۽ لاپائتو بنجي ويندو. اهو سڀ سوچي هن اطمينان جو ساهہ کنيو ۽ پاڻ کي روز مره جي معمولات ۾ مصروف ڪري ڇڏيائين.

♥

شام کان وٺي سرد هوائون گهلڻ لڳيون هيون. ان ڪري ٿڌ ۾ به اضافو ٿي ويو هو. ندرت لائونج جي گئس هيٽر کي تيلي ڏيکاري ته سرديءَ جو احساس ڪجهه گهٽ ٿي ويو. هوءَ ڪمري ۾ وئي ۽ ٽري ۾ ڪجهه ڊراءِ فروٽس (سڪل ميوا ) کڻي آئي. ته فاران ٽري کي ڏسي ڪلندي چوڻ لڳو.

” واه آنٽي ! هتي ته مزا لڳا پيا آهن. اسان ته ڪراچيءَ ۾ اهڙي موسم لاءِ سڪندا آهيون. جتي ڊراءِ فروٽس جي عياشي ڪرڻ جو موقعو ملي. بس ڪڏهن اتفاق سان قدرت ڪجه مهربان ٿيندي آهي، ته به چار ڏينهن ٿڌ پوندي آهي،۽ انجواءِ ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي، نه ته اسان وٽ ته ٻارهن ئي مهينه بس ڪم ئي ڪم. ان کان سواءِ ڪجه به نه.......... . “

هن جي ڳالهه ٻڌي سڀين کلڻ لڳي.

” ندرت ٻڌين پئي پنهنجي ڀاڻج جون خبرون. ويچارو وڏو ڪم ڪرڻ وارو آهي. يا ته ڪرڪيٽ کيڏڻي آهي. يا ڪمپيوٽر استعمال ڪرڻو آهي. بس اهي ئي ڪم اٿس. صاحب بهادر جا. چڱو هاڻي انجواءِ ڪر سردي جي موسم. اسان جو سِر ٿو وڃي. هن کي مزو پيو اچي. “

”پر امي ! صبحاڻي ادا عرفان سان گڏ ڪوه مري هلڻ جو پروگرام نهيو هو نه. ان لاءِ ڪا تياري نه پئي ڏسجي. “

ندرت کلڻ لڳي. کيس فاران جي هر ڳالهه ۾ تفريح ڳولهڻ جي عادت تمام گهڻي پسند آئي. هن عمر ۾ ٻارن کي پاري وانگر متحرڪ رهڻ گهرجي

”اجهو ٿو عرفان اچي ته پوءِ گڏجي پروگرام فائنل ڪيون ٿا. (هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي.) هي عرشيه نظر ڪونه ٿي اچي. لڳي ٿو ته هوءَ هتي اچي بور پئي ٿئي. “

انهي وقت عرشيه زرد رنگ جو لوز ٽرائوزر ۽ بليڪ پرنٽيڊ شرٽ ۾ وار چيلهه تائين کليل. آهسته قدمن سان ڏاڪڻيون لهندي لائونج ۾ داخل ٿي.

ڪيس ڏسي ندرت جي دل ۾ اهائي آرزو جاڳي ته ڪاش ! عرفان جي دل ۾ عرشيه لاءِ ڪو نرم گوشو پيدا ٿي پوي، ته اسان ٻنهي سهيلين جي محبت اجان به مضبوط ٿي وڃي

عرشيه جيئن اچي صوفي تي ويٺي ته ندرت سڪي ميوي جي ٽري سندس آڏو سرڪائيندي چوڻ لڳي،

”پٽ ڪو گرم ڪپڙو پائين ها، اڄ ٿڌ تمام گهڻي وڌي وئي آهي، لڳي ٿو ته رات ڪوه مري ۾ برف باري ٿيندي. “

انهي وقت عرفان به سڀني ڏينهن جي ٿڪ باوجود مُک تي خوشگوار مرڪ سجائي اندر داخل ٿيو ته سندس نگاه عرشيه تي پئي ته ڪيس ائين لڳو چڻ هن جا سڀ ٿڪ لهي ويا هجن. دل بي اختيار ڇڪ کاڌي ۽ اچي سندس پر واري ڪرسيءَ تي ويٺو،

”ڏاڏا شغل پيا ٿين. آنتي ڪيئن گذريو اجوڪو ڏينهن. “

”پُٽ هتي ته ڏاڍي ٿڌ آهي، اصل سُڪائي رکيو اٿس. “

فاران کي الائي ڇو ائين لڳو ته ڪاٽي سردي جو بهانو ڪري ڪوه مري وڃڻ جو پروگرام نه ختم ڪري ڇڏين، ان ڪري هڪدم چوڻ لڳو،

”اميءَ وارن کي ڇڏيو توهان صرف اهو ٻڌايو ته صبحاڻي ڪوهه مري هلڻ جو پروگرام پڪو آهي نه. “

عرفان عرشيه ڏانهن نهاريو چڻ اندازو لڳائيندو هجي ته هِن جو ڪهڙو ردِ عمل آهي. پر هوءَ ته لاتعلق بڻي نيزن سان شغل ڪندي رهي. عرفان کي سندس رويه جي اهڙي سرد مهري جي ڪري دل ۾ سخت ڪاوڙ اچي رهي هئي. پر مهمان داري ۽ دلداريءَ جون تقاضائون هن کي اهو سڀ درگذر ڪرڻ تي مجبور ڪري رهيون هيون، آخر ڪانئس رهيو نه ٿيو ۽ عرشيه کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو،

”مس عرشيه سرفراز..... ! توهان ته ائين بيزار ويٺا آهيو چڻ هتي توهان جي خواهشن جي برعڪس ڪا ڳالهه ٿي رهي هجي. ڪڏهن ڪڏهن انسان جي هزار دفعه ڪٿي دل نه لڳندي هجي، بيزاري ٿيندي هجي پوءِ به ٻين جي دل رکڻ خاطر ئي سهي، هو انهن جي ڳالهين ۾ وڌي چڙهي شامل ٿيڻ جي ڪوشش ضرور ڪندو آهي ۽ هتي ته توهان جي آرزوئن ۽

خواهشن موجب هي پروگرام ترتيب ڏنو ويو هئو ۽ جناب آهن جو مزاج ئي نہ پيا ملن. “

ڳالهائيندي خبر ناهي ڪيڏي مهل هن جي لهجي ۾ تلخي اچي وئي، جنهن کي عرشيہ سان گڏ ندرت ۽ سبين بہ محسوس ڪيو. سبين ڏيء ڏي ناراضگيء وارين نگاهن سان ڏٺو. عرشيہ بہ محسوس ڪري ورتو تہ هن جو رويو شايد گهڻو ويڳاڻو ٿي ويو هو ۽ هڪ مهمان هجڻ جي ناتي ميزبانن جي احساسات جو بهرحال ڪيس خيال رکڻ کپي، هو تہ صرف سندن تفريح لاءِ ئي تہ سوچي رهيا هئا. ان ڪري هُن پاڻ سنڀالي ورتو ۽ لبن تي زبردستيء جي مرڪ آڻيندي چوڻ لڳي،

”عرفان ڀاء ! توهان شايد ڪجه مونکي پئي ٻڌايو. معاف ڪجو. ڪڏهن ڪڏهن سوين ماڻهن جي وچ ۾ رهندي بہ انسان قنوطيت جو شڪار ٿي ويندو اهي.“

هن جي اهڙي معذرت خواه انداز تي عرفان کي مٺس رحم اچي ويو. ان ڪري هن بہ پنهنجي رويي ۾ نرمي اختيار ڪندي هنن سان صبح جو سوير نڪرڻ جو پروگرام ناهيو. جنهن کان پوءِ سيني گڏجي رات جي ماني کاڌي ۽ آرام ڪرڻ لاءِ پنهنجن ڪمرن ڏانهن هليا ويا.

❤

ان ڏينهن غزل جيئن ئي انسٽيٽيوٽ کان ٻاهر نڪتي تہ فواد کي گاڏيءَ ۾ پنهنجو منتظر ڏٺائين. فواد بہ گيٽ مان کيس ٻاهر نڪرندي ڏٺو تہ گاڏيءَ کي ٿورو پوئتي ڪٽي آيو ۽ هوءَ جيئن سيٽ تي ويٺي هن گاڏي جي رفتار تيز ڪري ڇڏي. غزل کان رهيو نہ ٿيو تہ پڇي ويٺي،

”ڪڏهن آ توهان جي فلائيٽ، مونکي اهو سوچيندي بہ الائي ڇا ٿي وڃي ٿو تہ توهان سڄو سارو مهينو مونکان دور وڃي رهيا آهيو. اهي ڏينهن مون لاءِ صديون بنجي گذرندا “

”غزل وڃڻو تہ آهي نہ، آخر روزي روٽي جو فڪر بہ تہ ڪرڻو آهي نہ، ويهي کائڻ سان تہ خرار بہ کُٽي ويندا. ايستائين توهان بہ پنهنجي گهر وارن سان ملي اچو اهو وقت اک ڇنڀ ۾ گذري ويندو. “

”توهان جو گذري ويندو. هتي تہ پل پل ڪاٽڻ صدين برابر ٿو لڳي.“ ”سائين منهنجا ! هتي بہ ساڳيو حال آ، ”جو پل غافل سو پل ڪافر“ توهان دل نہ لاهيو. بزرگن جي خدمت ۾ ضرور توهان پنهنجي لاءِ راحت جون گهڙيون تلاش ڪري وٺندئو. هاڻي اڄ جي ڊنر توهان جي ڪاتي ۾ ٿي وڃي.“

هنن هڪ خوبصورت ريسٽورنٽ ۾ پُر تڪلف ڊنر ڪئي، ڪينڊل لائيٽس جي جهڪي روشنيءَ ۾ پيانو تي وڄندڙ هلڪن سُرن جي موسيقيءَ واري ماحول ۾ غزل پاڻ کي الائي ڪيتري خوش نصيب تصور ڪري رهي هئي، اهڙي خوبصورت ماحول ۾ جڏهن اهو شخص سامهون موجود هجي، جنهنجي تلاش ۾ ورهيہ ڪاٽيا هجن . اهو اڄ نہ صرف هن سان گڏ هئو بلڪ هو بہ هن کي ايترو ئي پسند ڪرڻ لڳو هو هن کي ٽائيم ڏيڻ لڳو هو هن جي دل ان مهل چاهيو پئي تہ وقت اُتي بيهي وڃي، هو ان جاءِ تي ويٺا رهن ۽ اهي پل امر ٿي وڃن. پر اهو سڀ ڪجهہ هن جي اختيار ۾ ڪٿي هو. هوءَ فواد جي جدائي جي سهپ پنهنجي اندر ساري نہ پئي سگهي. آخر هن جي نہ

چاهڻ جي باوجود اها گهڙي اچي پهتي، فواد نيپڪن سان هٿ صاف ڪري هن ڏانهن پيار ڀرين نگاهن سان ڏٺو ته غزل جون اکيون ڀرجي آيون، سوچڻ لڳي ته جدائي جي گهڙي آخر اچي پهتي آهي، نه ته فواد ڦهرين ڪڏهن به ائين ڪيس نه ڏٺو هو. فواد هن ڏانهن جهڪندي ڌيمي لهجي ۾ چيو.

”ته پوءِ هلجي مس غزل ! منهنجي فلائيٽ صبح جو سوير آهي، پوءِ ملون ٿا نه تمام جلد، ايترا سال توهان منهنجي مورت ڪي پنهنجي سيني اندر سانڍي ان ڪي هڪ زنده سلامت وجود جي شڪل ڏني، ۽ هاڻي هڪ جئري جاڳندي شخص ڪي پنهنجي يادن ۾، خيالن ۽ خوابن ۾ محسوس ڪندي اهي گهڙيون چپٽي وڄائيندي گذري وينديون ۽ پوءِ اسان وري سُنن دوستن جيان هڪ ٻئي جي روبرو هونداسين، ان ڪري خوش خوش اجازت ڏيو.“

غزل جي اکين جا بند ٽوڙي لڙڪ ڳلن تي لڙي آيا، جن ڪي هن جلدي ٽيشو پيپر ۾ سموهي ورتو ۽ منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيو. فواد ڪي هن جي ڪيفيت جو احساس به هو پر هن ڪي پنهنجن واعدن جو پاس به ته هو ان ڪري غزل ڪي وڏيڪ ڪا اميد ڏيار.ئي بغير اٿي کڙو ٿيو. ان وقت ئي فون جي گهنٽي وڳي ته ڪٽڻ کان ڦهرين غزل ڪي خدا حافظ چيائين ۽ پوءِ ٻئي ريسٽورنٽ مان ٻاهر نڪري آيا. غزل پنهنجي لاءِ ٽيڪسي ڪي اشارو ڪيو ۽ چپ چاپ اتان هلي آئي

❤

صبح جو سويل ئي عرفان ۽ سڀئي گهر وارا ڪوه مري ڏانهن روانه ٿيا. رستي ۾ آڪاس تي ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا ايتري قدر جو صبح مهل به اونده انڌوڪار لڳي پئي هئي، ڪوهيري سبب آسپاس وارين شين ڪي ڏسڻ به محال پئي لڳو. سڀين ۽ عرشيه جو ته چڙ ساه مٺ ۾ هو. ڪوه مري جي اوچاين تي گاڏي چڙهندي سندن ڪنن تي تاڙيون چڙهي ويون هيون، آس پاس جو ڪو آواز  ڪين ٻڌڻ ۾ ڪونه پئي آيو. بس گاڏيءَ جو هيٽر هو جيڪو گاڏي جي اندرين  ماحول کي گرم رکندو پئي آيو. ڏنڌ جي ڪري گاڏيءَ جا شيشه بار بار ڏنڌلا ٿي پئي ويا، جن کي ڊرائيور ڪڏهن وائيپر سان ته ڪڏهن ڪپڙي سان صاف ڪندو آهسته رفتار سان اڳتي وڌي رهيو هو. سڀين ته سڄي واٽ درود ۽ دعائن جو ورد ڪندي پئي آئي. خدا خدا ڪري رستو ختم ٿيو ۽ هو ڪوه مري عرفان وارن جي ايمبسي ريسٽ هائوس اچي پهتا، ته عرشيه ۽ سڀين جي پيٽ ۾ ساه پيو.البته پوري سفر ۾ فاران تمان گهڻو انجواءِ ڪندو هليو. جيئن .ئي ريسٽ هائوس پهتا ته اڳواٽ بڪنگ جي ڪري هنن لاءِ ناشتو تيار هو. هو سڌا واش رومز ڏانهن ويا ۽ گرم پاڻيءَ سان هٿ منهن ڌوئي فريش ٿي اچي ناشتي جي ميز تي ويٺا. سرديءَ جي حساب سان ناشتي جو اهتمام ٿيل هو. گرم پاڻيءَ ۾ پيل بوائل بيضا، سلائيس مکڻ هاف فراءِ بيضا ۽ گرم گرم ڪافي. ناشتو ڪري ٻاهر لائونج ۾ اچي ويٺا. هنن جي هتي پهچندي ئي سيءَ ۾ چڱو خاصو اضافو ٿي ويو هو. بلڪل سفيد بادل دونهين جيان سندن بلڪل مٿان گذرندا پئي ويا. عرشيه اهڙي خوبصورت منظر کي ڏسي، گهڙي پل لاءِ پنهنجا سڀ دک درد وساري ويٺي هئي. هوءَ ميرون ڪلر جي سوٽ مٿان لائيٽ پنڪ ڪارڊيگن پهريل ان وقت ڏاڍي پياري لڳي رهي هئي. سردي جي ڪري سندس ڳورو چٽو رنگ ۽ ڳل ڇهچ گلابي ٿي ويا هئا ۽ سندس چپن تي لڳل لپ اسٽڪ سان ميچ پئي ڪاڏائون

عرفان چور نگاهن سان هن کي نهاري رهيو هو ان گهڙيءَ هوءَ سندس دل ۾ عجيب هلچل مچائي رهي هئي.عرفان جي دل چاهيو پئي تہ هن معصوم گڏڙيءَ جهڙي ڇوڪريءَ کي پنهنجي ٻانهن ۾ ڪٽي ڪٿي دور وٺي وڃي ۽ هن آڏو پنهنجي اندر ۾ پيدا ٿيندڙ اڌمن، جذبن ۽ احساسن کي کولي رکي. شايد هن جي ان آرزوجي شدت ۾ ايتري تہ صداقت ۽ طاقت هئي ، جو عرشيہ سڀ ڪجھ وساري پنهنجي جاءِ تان بيساختہ اٿي کڙي ٿي ۽ خرامان خرامان ٻاهر لان ڏانهن هلي وئي، سندس ائين اٿي وڃڻ تي عرفان بہ غير محسوس انداز ۾ اتان اٿيو جڏ ڪيس اچانڪ ڪجھ ياد اچي ويو هجي ۽ هن جي پويان پويان ٻاهر نڪري ويو اهڙي طرح جو وينلن هن جي ان حرڪت کي محسوس بہ نہ ڪيو.

ٻاهر اچي هن ڏٺو تہ عرشيہ هڪ لان چيئر تي ويٺي پنهنجي مٿان ترندڙ اڇن بادلن کي هٿن ۾ جهلڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ مصروف هئي. ان گهڙي هوءَ کيس ننڍڙي رنگين پوپٽ جيان لڳي جيڪو ٽڏڙي هوا سان گڏ اڏام ڪندو وتندو آهي. ڪيترن ڏينهن کان پوءِ هوءَ ائين پنهنجا سڀ احساس، گهڙي ساعت لاءِ وساري قدرت جي حسين نظارن مان لطف اندوز ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. عرفان هن جي اهڙي محويت جي عالم کي ٽوڙڻ نہ ٿي چاهيو ان ڪري خاموشيءَ سان هن کان پر پرو هڪ ڪرسي تي اچي ويٺو ۽ غور سان ڏانهس نهارڻ لڳو تہ عرشيہ هن جي نگاهن جي تپش کي محسوس ڪندي، خيالن جي دنيا مان واپس موٽي آئي. هن ڏي نهاري اداس مرڪ لبن تي آڻي چوڻ لڳي،

”توهان ڪيڏي مهل هتي اچي ويٺا آهيو. “

عرفان مرڪندي چيو،

”يلا توهان هميشہ ائين پنهنجي الڳ دنيا وسايو ويٺا هوندا آهيو يا هتي اچي اسان جي ڪمپني توهان لاءِ بوريت جو ڪارڻ پئي بنجي. “

”نہ نہ عرفان ڀاءِ، اهڙي ڳالھ ناهي، بس ڪڏهن ڪڏهن انسان ڪجھ بيوقوفانہ تمنائن ۽ آرزوئن کي دل اندر پالي ويهي رهندو آهي ۽ ضروري تہ ناهي تہ جيڪا توهان جي آرزو هجي، اها ان طريقي سان پوري بہ ٿي وڃي جيئن اوهان چاهي هجي.“

عرفان هن جي اهڙي فلسفيانہ ڳالهہ ٻڌي دل ئي دل ۾ ڪيس داد ڏنو پر هن جي ئي انداز ۾ هڪ شعر چيو.

”ڪنهن شاعر شايد اوهان جي ئي هن حال ڪي سمجهندي چيا تہ خوب چيو آهي “

”هڪ ڏک منهنجو آهي، جنهن تي آءٌ سخت افسوس ڪيان ٿو جيئن هيڪلو تارو هوندو آهي،

جيڪو سياري جي سانجهيءَ ۾، جهڪو جهيڻو ٽمڪندو آهي“

مس عرشيہ سرفراز احمد، هڪ ڳالهہ هميشہ ياد رکڻ گهرجي، تہ جڏهن بہ اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن کي خاص اهميت ڏيندا آهيون، تہ هن جي نظرن ۾ پنهنجي اهميت وڃائي ويهندا آهيون. هميشہ اهو خيال رکڻ گهرجي تہ ڪجه بہ ٿي پوي ٻئي جي آڏو هميشہ پنهنجو پاڻ کي وڏيڪ اهم ۽ اوچي ڳاٽ سان ظاهر ڪرڻ کپي، نہ تہ پنهنجي ئي نگاهن ۾ حقير بنجڻ جو احساس ماري رکندو آهي.“

عرفان جي شخصيت ايتري تہ پُر وقار هئي، هو ايترو تہ بردبار هو. جوهن پنهنجي بهترين مزاج ۽ پُرڪشش ۽ پُر وقار شخصيت ڪارڻ هميشہ پنهنجي ارد گرد جي ماڻهن کي زندگي جو ڀر پور اتساه ڏنو هو. هيئنر بہ پنهنجي رويي جي مناڻ ۽ پاٻوه ڀرئي انداز سان عرشيہ جي دل م آهستہ آهستہ دانستہ يا نادانستہ پنهنجي لاءِ جاء ناهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هو ڪافي حد تائين سمجهي ويو هو تہ عرشيہ جيڪا هتي اسلام آباد اچڻ لاءِ بيتاب هئي، هتي اچي ڪومائجي وئي هئي، تہ يقينا“ هِن کي هتي اچڻ کان پوءِ ڪونہ ڪو اهڙو جذباتي ڌچڪو رسايو ويو آهي، جنهن هن جي معصوم هستيءَ کي ڌوڏي ڇڏيو آهي. ان ڪري هو هن سان اهڙي نرم لهجي ۽ پاٻوه ڀرئي لهجي ۾ گفتگو ڪري رهيو هو. جيئن هن جي نازڪ دل کي جيڪا چپيٽ رسي آهي، ان جو غير محسوس انداز ۾ ازالو ڪري سگهي.

عرشيہ بہ هن جي اندازِ گفتگو جي سحر ۾ گرفتار ٿيندي پئي وئي. هوءَ چند ڏينهن کان جنهن اذيت مان گذري هئي، سندس نفيس ۽ ڪچڙي دل کي جيڪو زخم رسيو هو جيڪا رهنڊ آئي هئي، عرفان جو پُر سحر اندازِ گفتگوان تي مرهم جو باعث بڻجندي پئي وئي. هونئن بہ ڏکويل دل جي لاءِ

همدردي جا چند ٻول ٻہ تقويت جو سبب بڻجي ويندا آهن. عرفان تہ هن کي هن جي خواهشن کي ايتري اهميت ڏئي رهيو هو هن لاءِ پنهنجي سڀني مصروفيتن مان وقت ڪڍي هن لاءِ خوشين جو سامان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ٻئي طرف جنهن لاءِ هوءَ هزارين ميلن جو سفر طيءِ ڪري صرف هن جون چند گهڙيون پاڻ لاءِ گهرڻ جي تمنا ڪٽي پهتي هئي، ان تہ ڀيرين فرصت ۾ ئي هن کي پنهنجي مصروفيتن جو بهانو بنائي ملڻ کان ئي نابري واري ڇڏي هئي. هن جي هڪ ئي جملي، محبتن سان ٽمٽار هن جي دنيا تهس نهس ڪري وڌي هئي. ٻئي طرف هي عرفان ڪيڏو نہ سٺو انسان آهي جو ڄاڻ نہ هئڻ جي باوجود هن جي ادڙيل زخمن تي پنهنجي پيار ۽ پاٻوه ڀرئي انداز سان ڦها رکڻ جي ڪوشش پيو ڪري. ايترن ڏينهن کان پوءِ هن کي دل جي قريب محسوس ٿي رهيو هو. هي منهنجو پنهنجو آهي، منهنجي امي جان جي پيٽ جو اولاد. ان ڪري ئي هو مونکي پنهنجي دل جي قريب پيو سمجهي. سو اهڙيون ئي عجيب ڳالهيون سوچي رهي هئي ۽ عرفان هن جي مُک جي بدلجندر رنگن کي غور سان ڏسي رهيو هو . هو ٻئي پنهنجن پنهنجن احساسن مان ان وقت سجاڳ ٿيا جڏهن هوا جو تيز جهوٽو هن جي بدن سان ٽڪرايو ۽ سرد هوا جي جهوٽي عرشيہ جي اندر ۾ سيسراٽ اياري ڇڏيا. هوءَ هڪدم ڪرسيءَ تان اٿي اندر وڃن لڳي تہ عرفان بي ساختہ ڪيس ٻانهہ کان جهلي ورتو تہ هوءَ حيران ٿي ڪيس نهارڻ لڳي، ليڪن هُن جي اکين جي چمڪ جو تاب نہ سهندي لڄ وچان نظرون جهڪائي ڇڏيون، ليڪن هن پنهنجو هٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي، بلڪ ڪيس ائين لڳو ڄڻ ڪنهنجي هٿن جو مضبوط ڇُهاءَ سندس لاءِ طمانيت ( اطمينان) جو احساس پيدا ڪري ويو هو. ٻئي طرف عرفان کي جيئن پنهنجي بي ساختگيءَ جو احساس ٿيو تہ هن خفت سان نرم انداز سان هن جو هٿ ڇڏي ڏنو ۽ چوڻ لڳو.

”ايتري جلدي ڇا جي آهي مس عرشيہ. هاڻي تہ توهان جي من جي مراد پوري ٿيڻ واري آهي، هو ڏسو بادل ڪيڏي نہ تيز رفتاريءَ سان توهان ڏي ڊوڙندا پيا اچن. او.... ! هي ڇا.... ! برف باري.... ! واه ربا واه..... ! اڄ تہ منهنجي مهمانن جي دلي مراد پوري ڪري ڏيکاريئي. تڏهن تہ چوندا آهن نہ

تہ سچي من سان ڪيل آرزو ضرور پوري ٿيندي آهي.“

هن اجان ائين چيو ئي مس تہ برف جا چانديءَ جهڙا سفيد چمڪندڙ ڪنڀ سندن مٿان ڪرڻ لڳا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سڄي سائي چهر تي اڇاڻ ڇانئجي وئي، وڻ ٻوٽا سڀ برف سان ڍڪجندا پئي ويا، اهڙو تہ حسين ۽ دل فريب منظر هو جو عرشيہ حيرت سان اهو سڀ ڏسندي ئي رهجي وئي. سردي جو احساس بلڪل گهٽجي ويو هو. توڙي جو هر طرف سفيد ملائم برف ئي برف هئي، سندس وار برون سيني تي هلڪا، ٿڌا ڪنڀ ئي ڪنڀ هئا. ان مهل هن ڪان سڀ ڪجهہ وسري ويو هو. اندر جو ٻار جاڳي پيو هو ۽ هوءَ هڪ خوبصورت پوپٽيءَ جيان اڏامندڙ ڪنين کي پنهنجي هٿن ۾ پڪڙڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. هلڪيون ڪلڪاريون پرينديون پوري لان ۾ ڊوڙندي پئي وتي ، ارد گرد جي ماحول کان بي نياز ڪنهنجي پرواهہ ڪئي بغير.

عرفان کيس ائين ٻارن وانگيان ڪيڏندي ڪُڏندي ڏسي پنهنجي اندر ۾ تمام گهڻو محظوظ ٿي رهيو هو. ان وقت هن جي دل ۾ بہ عجيب محسوسات هئا. عرشيہ جي بي خودي، هن جي من جي انهن لڪل اُڏمن ۽ ارمانن کي جاڳائي ڇڏيو هو جن کي هو پاڻ کان بہ لڪايو پئي وتيو. ليڪن هو هڪ نهايت ئي بردبار شخص هو. هن نہ ٿي چاهيو تہ ايترو جلد هو هِن نندڙي، احساسن سان ڀرپور پوپٽيءَ آڏو وائڪو ٿي پوي. ڌيرج هميشہ هن جي طبعيت جو خاصو رهيو هو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ جڏهن برف باري وڌي وئي تہ هن عرشيہ کي سڏي ورتو ۽ پوءِ هو ٻئي اندر لائونج ۾ هليا آيا جتي ندرت ۽ سبين ڳالهين ۾ مصروف هيون. هنن کي ائين برف ۾ ڍڪيل ڏسي ٻنهي هڪ ٻئي ڏي نهاريو ۽ ٻنهي جي لبن تي هڪ معني خيز مرڪ ڇانئجي وئي.

عرفان ۽ عرشيہ هنن جي نگاهن جي پرواهہ نہ ڪندي پنهنجي پنهنجي ڪمرن جو رُخ ڪيو تہ هو ٻئي سهيليون کلڻ لڳيون..

انهيءَ وقت فاران پنهنجي دوست سان گڏ اندر آيو ٻنهي جا ڪپڙا آلا هئا.

”امي جان! هي منهنجو دوست علي آهي، هنن جي فيملي بہ برف باري ڏسڻ لاءِ اسلام آباد کان آيل آهي ۽ ڀر واري پورشن ۾ رهيل آهن. “

ائين چئي هو پنهنجي دوست سان گڏ ڪجهہ پري پيل نيٽ جي

ڪرسين ڏانهن وڌي ويو، جتي دوست کي ويهاري سامهون رکيل ٻراء فروٽس ڪٽي اچي دوست اڳيان رکيائين ۽ ٻئي مشغول ٿي ويا.

ڪجھ ئي دير ۾ عرفان ۽ عرشيہ لباس تبديل ڪري لائونج ۾ ندرت ۽ سبين جي پرسان اچي ويٺا.. ٻاهر تہ ڪين ٿڌ جو احساس ڪونہ پئي ٿيو ليڪن ڪمري ۾ اچي عرشيہ کي لڳو تہ سرديءَ ۾ اضافو ٿي ويو آهي سندس چهري جو رنگ ڳاڙهاڻ مائل گلابي ٿي ويو هو. انهي وقت روم سروس وارو ويٽر ڪافي ۽ گرم گرم سينڊوچ ڪٽي آيو، ڪافي جون سرڪيون پريندي سندس سردي جو احساس ڪجھ گھٽ ٿيو. تہ عرشيہ ٻنهي هٿن جي ترين کي مهٽيندي ندرت کي مخاطب ٿي، سندس لهجي ۾ پهرين ڏينهن واري شوخي واپس وري آئي هئي.

”آنٽِي واقعي مونکي برف سان کيڏندي ائين پئي لڳو، ڄڻ مان هڪ پوپٽي هجان ۽ جنت ۾ پهچي، اتان جي گلن ٻوٽن جي پسار ڪندي ڪنهنجي رس چوسيندي هجان، ڪنهنجي هڳاء جو مزو ماڻيندي هجان يقينا“ برف باري اسان انسانن لاءِ خدا جو حسين تحفو آهي، جيڪا دلين جي آڳ اجهائي ٿي، من اندران بغض ۽ ڪدورتن کي مٽائي، محبتن سان سرشار ڪري ڇڏي ٿي. ڪاش ! اها موسم سدائين هجي ۽ مان پنهنجي اندر جي آتش کي ائين ئي اُجهائيندي رهان. “

”بس، بس، لڳي ٿو تہ موسم تنهنجي اندر جي شاعره کي سجاڳ ڪري وڌو آهي. اج تہ ائين پيو لڳي، تہ منهنجي ڌيءَ هتي ئي پورو ديوان تخليق ڪرڻ واري آهي. ان ڪري منهنجا ٻچا، گهڙي ڪن ساهي ضروري آهي. “

ماء جي ڳالھ ٻڌي هوءَ هڪدم شرمائجي وئي، تہ عرفان ۽ ندرت هن کي ائين ڏسي زور زور سان کلڻ لڳا.

ان ڏينهن کان پوءِ عرشيہ ۽ عرفان جي وچ ۾ پهرين واري دوري ۽ تڪلف گهٽجندو ويو ۽ هو هڪ ٻئي سان ڪافي بي تڪلف ٿيندا پئي ويا. هو ڪوشش ڪري ڪو نہ ڪو موقعو هٿ ڪري وٺندا هئا. ۽ هڪ ٻئي جي سنگت ۾ وڌ کان وڌ وقت گذارڻ لڳا، ليڪن هنن جي ان قربت ۾ ٻنهي طرف هڪ حجاب باقي هو. هنن ٻنهي چاهيو ٿي تہ هو پهرين چڱي ريت هڪ ٻئي کي پرکي وٺن، تنهن کان پوءِ ئي هڪ ٻئي تي منڪشف ( ظاهر) ٿين. عرشيہ

جو تہ ننڍڙي عمر ۾ ئي هڪ ڏک کاڌل هو ان ڪري هن لاءِ احتياط لازم هو. هن ڪابہ تڪڙ ڪرڻ نہ ٿي چاهي. ٻئي طرف عرفان بہ پنهنجي بردبار طبعيت جي ڪري ۽ ڪجھ ڪجھ عرشيہ جي ماضي قريب واري ڪيفيت کي سمجهي وجڻ کان پوءِ اهڙي ڪابہ ڳالھ ڪرڻ نہ ٿي چاهي، جنهن سان هن جو وقار مجروح ٿئي. اهي بہ ڏينهن اک ڇنڀ ۾ ئي گذري ويا هئا.. هنن واپسيءَ جي تياري ڪئي ۽ رات ٿيندي ئي اسلام آباد اچي پهتا.

عرفان جي زندگي اسلام آباد پهچندي ئي معمول تي اچي وئي، ليڪن هن دفعي فرق اهو ٿيو جو هو مصروفيتن باوجود شام جو وقت ڪڍي، سيني سان گڏ ڪنهن نہ ڪنهن تفريحي جاءِ تي هليو ويندو هو. هو وڌ کان وڌ هنن ڪٽنب سان گذارڻ جو خواهان هو، جيئن هو هڪ ٻئي کي ويجهڙائيءَ کان سمجهي سگهن. هن چاهيو پئي تہ صرف دل جي هٿان مجبور ٿي ڪو رشتو قائم ڪرڻ کان بهتر آهي، تہ هو ٻئي خاندان هڪ ٻئي کي چڱي طرح پرکي وٺن ، ڇو تہ هن جي آڏو رشتن جي مضبوطيءَ ۽ پائداريءَ جو واحد حل اهوئي طريقو هو. بي خودي وڌندي وئي ۽ فاصلا گهٽجندا ويا. هفتي ڏيڍ ۾ هنن هڪ ٻئي کي چڱي نموني سمجهي ورتو. عرفان کي محسوس ٿي رهيو هو تہ هوءَ هن جي جيون ساٿي بنجڻ لاءِ بلڪل فِٽ آهي. تہ عرشيہ بہ محسوس ڪري ورتو هو تہ سراب ۾ رُڃن پوبان هوءَ هرويرو ڀٽڪندي پئي وتي، اچانڪ هڪ گهاتو پاڇو هن جي سڄي هستيءَ مٿان ڇانورو بنجي ويو آهي. هنن جي قربتن کي سمجهندي سبين ۽ ندرت بہ هنن کي گهڻو وقت ڏنو. آخر جڏهن سبين وارن جي وڃڻ جووقت ويجهو آيو تہ هڪ ڏينهن ندرت عرفان کي ڪمري ۾ اڪيلو ڏسي، اچي سندس پير ۾ ويٺي.

” پُٽ، توکي خبر آهي تہ سبين وارن جي ٽڪيٽ اوڪي ٿي وئي آهي ۽ هو ٻن ڏينهن کان پوءِ هليا ويندا. مان چاهيان ٿي تہ هنن جي وڃڻ کان پهرين مان عرشيہ کي تنهنجي لاءِ گهري وٺان، جي توکي ڪو اعتراض نہ هجي. “

عرفان ڪجھ دير خاموش ٿي ڪجھ سوچيندو رهيو، ڪجھ گهڙين کان پوءِ نهايت سنجيدگي سان ڇوڙ لڳو.

”امي جان ! توهان جي خيال ۾ عرشيہ ۾ اهي خوبيون موجود آهن،

جيڪي هڪ جيون ساٿي ۾ هجڻ گهرجن، مون هميشہ اهائي خواهش ڪئي، تہ اهائي ڇوڪري منهنجي جيون ساٿي ٿيندي جيڪا مونسان گڏوگڏ منهنجي ماءِ پيءُ جي بہ پسند هجي.“

”پُٽ مونکي توهان تي فخر آهي، جو توهان والدين جي پسند جو خيال ڪيو ٿا. در اصل عرشيہ مونکي پهرين ڏينهن ئي بيحد پسند هئي، مون فون تي تنهنجي بابا سان بہ ڳالهہ ڪئي آهي، ان کي بہ ڪو اعتراض ڪونهي. هاڻي جيڪڏهن تنهنجي مرضي هجي تہ مان سندن وڃڻ کان پهرين با ضابطہ طور تي ڪانئن عرشيہ جو سڱ گهري وٺان، ائين اسان جي وچ ۾ رشتہ وڌيڪ مضبوط ٿيندا.

عرفان جي حامي ڀرڻ کان پوءِ ندرت با ضابطہ طور تي سڀين کان عرشيہ جي سڱ جي گهر ڪئي جنهن فون تي گهر وارن سان صلاح ڪرڻ کان پوءِ سڱ ڏيڻ لاءِ رضامندي ظاهر ڪري ڇڏي. ائين قدرت جي طرفان اهي رشتہ جڙي ويا جيڪي بظاهر ممڪن ئي نہ هئا. قدرت جو چرخو بہ عجيب اسرارن سان ڀريل آهي، هر شيءِ ان جي تابع ڦرندي رهي ٿي ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون شيون اچانڪ ٿي پونديون آهن جن جو بظاهر ڪوبہ امڪان نہ هوندو آهي، بس ان لاءِ انسان جي نيتن جو وڏو عمل دخل هجي ٿو. نيڪ نيتي سان ڪنيل هر قدم بيشڪ ڪڏهن ڪڏهن ان انسان جي توقعات مطابق نہ بہ هوندو آهي ۽ هي ويچارو انسان منجهي پوندو آهي، تہ غلط ڇا آهي ۽ سهي ڇا آهي.، ليڪن ضروري تہ نہ آهي تہ جيڪا آرزو توهان اڄ ڪري رهيا هجو، اها توهان جي توقعات مطابق فوري نتيجہ خيز ثابت ٿئي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڪيل ان نيڪ عمل جو ثمر ان وقت اوهان جي آڏو ظاهر ٿئي جڏهن توهان ان کي وساري ڇڪا هجو. تہ توهان ڪڏهن ائين بہ چاهيو هو ۽ اهوئي قدرت جو نظام آهي، ٿيندو ضرور پر ڪڏهن ؟ اهو صرف قدرت کي معلوم آهي، ڇو ٿو ٿئي ڪيئن ٿو ٿئي، بس ٿي پوي ٿو. ان ڪري نہ خوش ٿجي نہ مايوس. بس جڏهن سڀ حيلا هلائڻ کان پوءِ بہ سمجھ ۾ نہ اچي تہ پنهنجو پاڻ کي قدرت جي حوالي ڪري ڇڏڻ ئي بهتر عمل آهي.

❤

فواد جي وڃڻ کانپوءِ غزل کي ائين پئي محسوس ٿيو ڄڻ هن جو اندر خالي ٿي ويو هجي، هوءَ ڪمري ۾ اڪيلي ويٺي هئي، بلڪل تنها. ڪير هو جيڪو هن جي اندر جي خالي پٽي کي محسوس ڪري، هن جي ڏک ۾ پيڙا جو احساس پلا ڪنهن کي ٿي پئي سگهيو. هوءَ ته ازل کان تنها هئي، اڪيلاين جو عذاب هن سدائين اڪيلي سر ئي ڀوڳيو هو. ڪو حال پائي نه هو.هن کي ان گهڙيءَ ڪنهن اهڙي ڪلهي، ڪنهن اهڙي هنج جي شدت سان خواهش ٿيندي هئي جنهن تي سِر رکي هوءَ ڳوڙها ڳاڙي سگهي جيڪو ان پل هن جي دردن جو درمان بنجي سگهي. پر اهڙو ڪجھ بہ نہ هو. بس هوءَ هئي ۽ فواد سان گهاريل گهڙين جو يادون، جيڪي کيس گهائل ڪري رهيون هيون. هن کي هنجون هارڻ تي مجبور ڪري رهيون هيون. هوءَ سوچي رهي هئي تہ بيشڪ فواد هن کي ڏُکي ڪري ويو آهي، پر کيس اهو اطمينان هو تہ هو جلد هن جي دنيا ۾ موٽي ايندو. هوءَ پنهنجي احساسن کي ماٺو ڪندي دل کي بهلائڻ خاطر سوچڻ لڳي.

”مان پنهنجي هنن جذبن کي کهڙو نانءُ ڏيان اها محبت نہ پر پرستش آهي، ۽ پرستش ڪرڻ لاءِ صرف معبود جو هجڻ گهرجي. ان لاءِ اهوضروري تہ نہ آهي،تہ عبادت لاءِ معبود جو آڏو هجڻ لازمي هجي ٿو. هوءَ هميشہ اهڙين ئي عجيب ۽ بي تڪين سوچن ۾ پاڻ کي گم رکيو پئي ايندي هئي.، پاڻ کي دلداري ڏيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي هئي.

جيئن ئي وئڪيشن ٿي تہ هن سکر وڃڻ جو پروگرام رٿيو. هن سوچيو پئي تہ شايد گهر وارن جي موجودگيءَ ۾ اندر جي ماندگي ڪجھ ماني ٿي وڃي. فواد سان ملڻ کانپوءِ هوءَ ڳوٺ ڪونہ وئي هئي، بس فون تي ڳالهائي مصروف هجڻ جو عُذر ڪري ڇڏيندي هئي. ان ڏينهن هن سڄو ڏينهن گهر وارن لاءِ شاپنگ ڪئي ۽ پوءِ ٿڪل ٽٽل اچي ڪمري ۾ ڍهي پئي. صبح جو سويل بس پڪڙي ۽ سکر لاءِ رواني ٿي وئي.

سکر پهتي تہ اتي جو ماحول ڪيس اجنبي ۽ نامانوس لڳو. ماڻس شڪايتي نظرن سان ڪيس ڏٺو البتہ پڻس مٿي تي هٿ رکي ڀرانئڙي پائي جڏهن سندس مٿو پنهنجي ڪنڌ تي رکيو تہ هوءَ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي، ڪيتري عرصي کان پوءِ شفقت ڀرئي لمس هن جي دل ڏانوان ڏول ڪري ڇڏي هئي. پڻس سندس مٿي تي هٿ ڦيريندو رهيو. ڄاڻائي يا اڻ ڄاڻائيءَ ۾ هن نياڻيءَ جي سلسلي ۾ ڪائنس انيڪ ڪوتاهيون سرزد ٿيون آهن،جن جو ازالو ٿيڻ هينئر ممڪن ڪونهي. هن جي ننڍن ڀيڻ ڀائرن جون شاديون ٿي ويون، جيڪي صاحبِ اولاد ٿي پنهنجي گهر گرهستي ۾ مصروف لڳا پيا آهن اسان هن نياڻيءَ کي صرف ان ڪري نظر انداز ڪندا رهيا آهيون تہ هوءَ پنهنجو ذريعي معاش پاڻ آهي، اسان تي ڪو وزن ڪونهي.،پر زندگيءَ ۾ صرف لٽو ڪپڙو کاڌو پيتو ۽ رهائش ئي تہ رڳو جيون گهارڻ جا لوازمات نہ آهن، زندگيءَ توجہ ۽ محبتن جي، آسيس ۽ شفقتن جي انسان کي تمنا رهندي آهي تہ هجي ڪو پنهنجو جيڪو اسان جا ڏک درد اسان جي خوشين جا پل، اسان لاءِ شفقتن ۽ آسيسن ذريعي اسان سان ورڇي ونڊي. ڪو اهڙو ڪلهو هجي جنهن تي مٿو ٽيڪي اسان پنهنجي اندر جو غبار اوتي سگهون. ڪڏهن ڪڏهن اسان انهن ٻارن سان پنهنجي ناداني‎ءَ ۾ ڪيڏي وڏي زيادتي ڪري ويندا آهيون جن کي ننڍڙي هوندي هلڪڙي رهنڊ بہ اچي ويندي هئي تہ اسان تڙپي اٿندا هئاسين.، راتن جي ننڊ اُڏامي ويندي هئي. ڇا ٻار وڏا ٿي اسان جي نگاهن ۾ ايڏا بهادر بنجي ويندا آهن، جو اسان سمجهڻ لڳندا آهيون تہ هو پنهنجو هر بوجه پاڻ ڍوئڻ جي لائق ٿي ويا آهن، پر اها والدين جي خام خيالي آهي، ٻار ڪيڏو بہ وڏو ڇونہ ٿي وڃي جيسين ان جا بزرگ، والدين حيات هوندا آهن، هو پاڻ کي هميشہ ٻارن جيان ڀاسندا آهن. والدين بہ انهن کي ٻار ئي ڄاڻندا آهن. تہ پوءِ هو ڇو سمجهي وينا تہ غزل تمام گهڻي وڏي ٿي وئي آهي، ان ڪري ڪيس ڪنهن آسيس يا شفقتن جي سائي جي ضرورت ناهي. هن ڪٽي ڪين اهو سڀ ڪجه ڪڏهن ڪونہ جتايو هو. ڪڏهن ڪو انگل آرو ڪيو هو نہ وري ڪڏهن ڪو ڏوراپو ڪا شڪايت ڪئي هئي، پر ڪين تہ اهو سوچڻ کپندو هو. هاڻي هوءَ عمر جي اهڙي اوج تي

آهي جتي هن جي معيار جو ڪو ماڻهوڪيس ملي ڪونہ سگهندو ۽ گهٽ معيار تي هوءَ راضي ڪونہ ٿيندي، تہ پوءِ ڇا ڪجي. اهي ۽ اهڙيون ڪئي سوچون ان گهڙيءَ سندس دماغ ۾ گردش ڪنديون رهيون، هو الائي ڪهڙي دنيا ۾ گم هو جڏهن هن ڪنول جو آواز ٻڌو، هوءَ ڪلندي چئي رهي هئي،

”بس آپي بس روئڻ لاءِ رڳو بابا جو ڪنڌ ناهي، اڄ نہ، اسان جي بہ ڳلي لڳ، ورهيہ ٿي ويا، توسان ڀاڪر پائي ملندي. “

انهي وقت غزل پيءَ جي ڪلهي تان مٿو ڪنيو ۽ رئي جي پلوَ سان اکيون اگهندي مُڙي ۽ اچي ڀيڻ کي ڀاڪر ۾ ڀريائين. در کان اندر داخل ٿيندڙ ياٽس ڀينرن کي جو ائين جذباتي انداز ۾ ڀاڪرن ۾ ڏٺو تہ ماحول جي سوگواري کي ختم ڪرڻ لاءِ گانو جهونگارڻ لڳو.

”اِڪِ بار تو مل لي گلي بچهڙ هم چلي ملن تيرا ياد رهي “

ٻئي ڀينرون ڪلندي ياءُ ڏي وڌيون، غزل ساٽس ملندي چوڻ لڳي،

”ڏاڍو شرارتي ٿي ويو آهين . “

ڪجه دير کان پوءِ ملازمہ ٻڌايو تہ ماني ميز تي لڳائي ڇڏي آهي. سيئي هٿ منهن ڌوئي اچي ميز تي ويٺا. ڪنول ڪيتري عرصي کان پوءِ آئي هئي. ۽ غزل کي بہ ڪئي مهينا ٿي ويا هئا، ان ڪري ماٽس ماني ۾ خاص اهتمام ڪيو هو. سڀ شيون ٻارن جي پسند جون نهرايون هئائين. سڀ ميز تي ويٺا تہ ائين لڳو ڪئي سالن کان هو ائين ئي گڏ هئا، وقت گذريو ئي ڪونہ هئو.

ڪجهہ ڏينهن تائين هوءَ ماءُ پيءَ جي خدمتن ۾ پاڻ کي مصروف رکيو پئي وتي، ان ڪري فواد سان وابسطہ يادن کي ڪجه وقت لاءِ پنيءَ پاڏي رکي ڇڏيو هئائين. پهرين ڏينهن کان پوءِ هن ڪڏهن بہ ماءُ پيءَ يا گهر وارن آڏو پنهنجي زندگيءَ جي ان ڪمزور احساس کي پاڻ کان دور رکڻ جي هر ممڪن سعي ڪئي هئي. ڇو تہ هوءَ هتي ٿوري وقت لاءِ هئي تہ پوءِ پنهنجي پيڙا کي اجاگر ڪري والدين کي هن عمر ۾ هرو ڀرو احساس ندامت ۾ مبتلا ڪرڻ ۽ پريشان ڪرڻ جي ڀلا ڪهڙي ضرورت هئي. هوءَ جيئن بہ هئي، خوش يا دکي، اها هن جي پنهنجي درد سري هئي، جئڻ جو اهو انداز هن جو پنهنجو منتخب ڪيل هو تہ پوءِ ٻين کي ان ۾ شامل ڪرڻ جي ڪهڙي تُڪ هئي. هنن تہ هن کي اڪيلو رکڻ ڪونہ چاهيو هونہ. اهو هن جو پنهنجو

فيصلو هو.پلا هاڻي دک بہ ڇا جو. هن جو آدرش هن جي آڏو موجود هو. ڪجھ ئي ڏينهن جي ڳالهہ آ هوموٽي ايندو واپس. بيشڪ هُن هِن سان مستقبل جو ڪو پلان ڪونہ جوڙيو هو پر هِن کي نا اميد بہ تہ ڪونہ ڪيو هئائين. آس تي دنيا قائم آهي. اهو سوچيندي هوءِ مطمئن ٿي وئي هئي ۽ پيڻ ڪنول، ان جي ننڍڙي ڌيءَ ۽ گهر وارن سان خوش خوش وقت گذارڻ لڳي. ٻئي ڀينرون عزيزن مٽن مائٽن سان ملڻ هليون وينديون هيون. ڪڏهن انهن مان ڪير سندن وٽ اچي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن خاندان جون بزرگ عورتون غزل کي ائين اڪيلو ڏسي، هڪ ٻئي سان اشارن ۾ افسوس جو اظهار ڪري وٺنديون هيون. اهوئي دستور آهي دنيا جو. وقت تيزيءَ سان گذرندو ويو ۽ غزل جي موڪل بہ اچي پوري ٿي، تہ هن واپسيءَ جي تياري ڪرڻ شروع ڪئي. کيس تياري ڪندي ڏسي ماڻس ڍبيل لفظن ۾ کيس چيو.

”ڇو ٿي وڃين، بس هاڻي، گهڻئي پرديس جهاڳيئي، رهي پئو هتي. جيسيتائين ماريہ هئي تہ اسان بہ بي اُلڪا هئاسين، هينئر اڪيلو سِر، بيماري بڙي آ، ڪيئن ڪندي هونديءَ . ،

”نہ امان مان اُتي ٺيڪ آهيان، ڪم ۾ مصروف هجڻ ڪري زندگي سولائي سان ڪٽجي پئي. “

”هتي ڪا مصروفيت ڳولهي وٺ. اکين آڏو هونديءَ تہ اسان کي بہ اطمينان رهندو. “

انهيءَ گهڙيءَ پڻس وچ ۾ دخل ڏيندي چوڻ لڳو هو.

”پُٽ تنهنجي ماءُ درست پئي چوي، تنهنجي هتي رهڻ سان آس پاس وارن، عزيزن، رشتيدارن کي بہ تنهنجي موجودگي جو احساس ٿيندو. ڪيترو وقت ائين تنها زندگيءَ جو سفر طئي ٿيندو. اڄ اسان آهيون صبحاڻي نہ هونداسين تہ پوءِ جيون گهارڻ تنهنجي لاءِ ڏکيو ٿي پوندو. هتي رهڻ سان متان قسمت توتي مهربان ٿي پوي ۽ تون بہ پنهنجي گهر گهاٽ واري ٿي پوين، ڀائرن جو ڇا آهي، الائي اسان کان پوءِ انهن جو رويو ڪيئن رهي، ڪاٿي اهي نوڪرن جيان نہ هلائنين.“

اهو ٻُڌي غزل جو اندر ڪوڙاڻ سان ڀرجي ويو. اندر ئي اندر پڇڻ پرڻ

لڳو. اڪيون پڇي ويون، انتهائي تلخ لهجي ۾ چوڻ لڳي،

”بابا ! هاڻي ڇا بچيو آهي زندگيءَ ۾، سواءِ تلخين جي، گذارڻ ڏيو جيئن گذري پئي. ڇڏي ڏنو آ مون پنهنجو پاڻ کي قسمت ۽ وقت جي ڏارا تي. ڏسو ڇا ٿو ٿئي، باقي هتي ڇا هُتي ڇا. زندگيءَ جا رنگ ڍنگ هر هنڌ ساڳيا هوندا آهن ۽ مان هاڻي اتي هِري مِري وئي آهيان. توهان منهنجي ڳڻتي نه ڪندا ڪيو. بس پنهنجي ۽ امان جي صحت جو خيال ڪندا ڪيو. جيڪڏهن قدرت مونکي توهان جي خدمت جوموقعو وري ڪڏهن ڏنو ته اچي حاضر ٿيندس، في الحال ته خوشيءَ سان اجازت ڏيو. “

هن جا دليل اهڙا هئا جو هو ٻئي دل ئي دل ۾ ندامت محسوس ڪرڻ لڳا. پر وڏيڪ زور نه ڀريائون ۽ ٻئي ڏينهن هوءَ بس پڪڙي ڪراچيءَ لاءِ رواني ٿي وئي.

❤

هوءِ ڪراچي هلي تہ آئي هئي، پر نوڪريءَ تان جيئن موٽندي هئي، تہ گهر ڄڻ تہ کيس کائڻ ايندو هو. فواد سان گڏ گذاريل هڪ هڪ گهڙي هڪ هڪ پل ياد ڪري هوءِ بيچين ٿي ويندي هئي. وقت هو جيڪو هڪ هنڌ مجمند ٿي ويو هو. هڪ هڪ منٽ صدين تي محيط هو.پل پل گهارڻ پهاڙن مثل هو. هوءِ سوچڻ لڳندي هئي، اهو وقت فواد جي بغير ڪيئن ڪٽبو. هُن تہ وڃڻ کان پوءِ هڪ فون ڪال ڪري پڇيو بہ نہ هو تہ ڪيئن پئي گذري هن جي بِنا زندگي. ڇا مان کيس بلڪل بہ ياد نہ پئي اچان. وري پاڻ کي آٿت ڏيڻ خاطر چوندي هئي. ٿي سگهي ٿو تہ هو بزنس جي چڪرن ۾ مصروف ٿي ويو هجي، جو هُن کي فون ڪرڻ جو موقعو نہ ملندو هجي. دل کي بهلائڻ لاءِ ڪو تہ عُذر ڪو تہ بهانو هجڻ گهرجي. پاڻ ئي سوال ڪندي هئي، پاڻ ئي جواب بہ سوچي وٺندي هئي. ليڪن اها هن جي محبتن جي انتها هئي، جو هن ڪڏهن بہ هُن کي ڪو الزام نہ ڏنو بلڪ هميشہ هُن جو ئي دفاع ڪيو. پلاءِ هوءِ بہ ڇا ڪري، هنن اڪيلاين ۾ ڪنهن سان دل جو حال اوري. ڪڏهن ڪا ميگزين کڻي ان جا ورق اٿلائڻ لڳندي هئي، پر من جي آنڌ مانڌ ماني ئي نہ ٿيندي هئي. تہ ننڊ جون گوريون کائي سمهي رهندي هئي.

ان ڏينهن انسٽيٽيوٽ ۾ ئي سندس طبعيت وساٽل وساٽل پئي لڳي، ڪم ۾ دل ئي نہ پئي لڳس، جيئن تيئن ٽائيم پورو ڪري گهر پهتي، تہ طبعيت جي بيچيني وڌندي پئي وئي هانو تي بارءِ سوڙهہ محسوس ٿي رهي هئس. ان وقت هوءِ ڪنهن جي ساٿ جي شدت سان ضرورت محسوس ڪري رهي هئي. مٿي ۾ شديد سور ڄڻ ڪو هٿوڙا هڻي رهيو هجيس. هن پوري عرصي ۾ هڪ بہ دفعا انتهائي ضرورت جي تحت يا مسواڙ وغيره ڏيڻ کان علاوه هن جو مالڪ مڪان سان واسطونہ پيو هو.نہ ئي هوءِ ڪوشش ڪندي هئي تہ هوءِ هنن جي پِروسيءَ ۾ خلل وجهي ۽ نہ هو هن جي ذاتي

زندگي ۾ رخنو وجهن، پر اڄ هن کان رهيو نہ ٿيو تہ هن وچ وارو دروازو کڙڪائڻ شروع ڪيو. ان وقت دروازي جو ڪنڊو کليو۽ مالڪ جي ڌيء نائلہ در کولي پڇڻ لڳي،

”آنٽي آپ کو کچھ چاهئي کيا، امي پوچھ رهي هين. “

هن انتهائي ڪرب ۽ بيچيني مان هن جو هٿ جهلي ورتو.

”هان بيٽا ميري طبعيت بهت خراب هورهي هي، آپ امي ڪو بلائين گي پليز! “

”جي اچها “

ڇوڪري ڊوڙندي اندر وئي ۽ ڪجھ ئي دير ۾ مالڪ ايما تڪڙي تڪڙي ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ هن جي حالت ڏٺائين، هن جي چهري جي رنگت پيلي هيڊ ٿي وئي هئي. هوء ڪيس ٻانهن کان جهلي بيڊ تائين وٺي آئي .سندس پير ۾ ويهي مٿي کي زور ڏيڻ لڳس.

” آپ ڪو هسپتال لي چلون. “

” نهين آپا آپ کچھ دير ميري پاس رهين ، دل بهت گهبرا رها هي. “

” اچها، بهلا کوئي دوائي وغيره لي هي. “

” هان، سر درد کي گولي کهائي تهي. “

ان وقت نائلہ آرينج جوس جو گلاس ۽ ڪجھ بسڪيٽ وغيره کڻي آئي.

”امي آنٽي ني اب تک کچھ نهين کهايا هوگا، اس لئي طبعيت زياده خراب هورهي هي. مين ني عامر بهائي جان کو فون کرديا هي،وه آرهي هين “

”يہ آپ ني اچها ڪيا، لائو مجهي دو يہ جوس. “

هن بسڪيٽ ۽ جوس وٺي زبردستي هڪ ٻہ بسڪيٽ کارائي جوس پياريو تہ هن کي جيئن هانو ٻل ٿيو تہ ڪجھ بيقراري گهٽي ۽ دل کي ڪجھ تسڪين جو احساس ٿيو زور ڏيڻ سان مٿي جو سور بہ ڪي قدر ماٺو ٿي ويو هو.انهي وقت ملازمہ اندر آئي،

”بيبي جي ! ڊاڪٽر صاحب آئي هين. “

”انهين ادهر لي آئواور هان، يہ کرسي قريب کر تي جائو. “

ڪجھ ئي گهڙين کان پوءِ ڊاڪٽر پنهنجي بيگ سميت اندر آيو ۽ اچڻ

سان هنجو بلڊپريشر چيڪ ڪيائين.
” آپ کا بلڊ پريشر تو بلکل لوو هوگيا هي، کب سي هي يہ کيفيت. “
” ڊاکٽر صاحب صبح سي يہ حالت هي. “
” لگتا هي آپ ني کئي دنون سي اپني ڊائيٽ پہ کوئي توجہ نهين دي، اور آپ کي آنکهون سي محسوس هورها هي کہ آپ ٹهيک طرح سي سو نهين پارهي هين. يقينا“ آپ اسي وجہ سي نيند کي دوائي لي رهي هين. کيا مين ٹهيک کهہ رها هون. “
” جي ڊاکٹر صاحب مين واقعي نيند کي گوليان لي رهي هون. “
” ديکهئي بغير ڊاکٹر کي ايڊوائيز کي اس طرح کي کوئي دوائي نهين استعمال کرني چاهئي. مين يہ دوائيان لکهہ کي دي رها هون، آپ باقائده استعمال کرين آپ کو اچهي نيند بهي آئي گي، اور آپ ايک دو روز مين ٹهيک بهي هوجائين گي.“
ڊاڪٽر جيڪو هن پارسي عورت جو پري جو عزيز هو ۽ اتي ويجهو ئي رهائش پذير هو. دوائون لکي ڏئي ٻئي پورشن ڏانهن هليو ويو تہ ايما بہ هن جي پويان هلي وئي، البتہ نائلہ غزل سان ڳالهيون ڪندي رهي.ٻاهر وڃي ايما ڊاڪٽر کي ٻڌايو تہ دوائون وٺي اچڻ وارو ڪير ڪونهي، ان ڪري اها تڪليف بہ کيس ڪرڻي پوندي. ڊاڪٽر هائوڪار ڪري دوائون وٺي آڻي کيس ڏنيون، تہ ايما نائلہ کي سڏي کيس دوائون ڏنيون ۽ کيس ڊوز وغيره سمجهايو.
ايما جي ڏيءُ نائلہ چوڏهن پندرهن سالن جي سمجهدار نينگري هئي. هن اچي پهرين تہ فرج مان ڪجه فروٽ ڪڍي کيس کارايو ان کان پوءِ دوائون کارائي سندس پير ۾ اچي ويٺي ۽ هن جي وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳي. غزل پاڻ کي ڪافي پُر سڪون محسوس ڪرڻ لڳي، تہ کيس ننڊ کڄي وئي. کيس آرام ۾ ڏسي نائلہ ڌبيل قدمن سان اٿي پنهنجي پورشن ڏانهن هلي آئي ڊاڪٽر وڃي چڪو هو البتہ ماڻس سندس انتظار پئي ڪيو.

❤

ايما جو تعلق هڪ پارسي خاندان سان هو. هو ڪافي عرصي کان هتي ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير هئا. هن جو گهر وارو بيرونِ ملڪ ڪاروبار سانگي رهيل هو ۽ ٻن ٽن سالن ڪانپوءِ ڪجه مهينن لاءِ هتي ايندو رهندو هو. ايما هڪ گهريلو ملازمہ ڊيءِ نائلہ ۽ ٻارهن تيرهن سالن جي پُٽ شمنام سان گڏ رهندي هئي. پر وارو پورشن صرف وسنهن لاءِ ڪرائي تي ڏيندي هئي، البتہ بنگلي جو مٿيون پورشن خالي پيو هوندو هو جنهن لاءِ پهرين غزل کي آفر ڏني هئائين پر هن هڪ ڪمري واري پورشن کي ترجيح ڏني هئي. ايما نرم مزاج ۽ همدرد طبعيت جي مالڪ عورت هئي. بس ڪنهن جي ذاتي زندگي ۾ مخل ٿيڻ مناسب نہ سمجهندي هئي.ان ڪري ئي هنن اٺن ڏهن مهينن ۾ جڏهن غزل کو ميل جول پسند نہ ڪيو تہ هُن بہ سندس زندگيءَ ۾ دخل ڏيڻ ضروري نہ سمجهو. پر اڄ غزل جڏهن پنهنجي تڪليف شيئر ڪرڻ چاهي تہ هوءَ بہ سندس سڏ ۾ سڏ ڏيندي مدد ڪرڻ لاءِ بيقرار ٿي وئي.

صبح جو ننڊ پوري ٿيڻ ڪري غزل جي طبعيت ۾ ڪافي سڌار اچي ويو. هوءَ اٿي واش روم مان هٿ منهن ڌوئي تازي تواني ٿي ٻاهر آئي تہ هن جي مٿي کي چڪر اچڻ لڳا. هوءَ پاڻ کي ڪافي ڪمزور محسوس ڪري رهي هئي. همٿ نہ پئي پايائين تہ وڃي چانهہ وغيره ٺاهي اچي، موڪل جو ڏينهن هو. ان ڪري نوڪريءَ تي بہ ڪونہ وڃڻو هئس. تنهن ڪري وري اچي بيڊ تي ويهي رهي.ان وقت وچون در کڙڪائي نائلہ نيرن ٽري ۾ سجائي ڪمري ۾ داخل ٿي تہ غزل جي اکين ۾ تشڪر جو تاثر اڀري آيو. جنهن کي لفظن ۾ اوتڻ جي ضرورت نہ سمجهائين. نائلہ بہ ڪرسي سيري اچي پر ۾ وينس ۽ ڏاڍي اُڪير ۽ محبت سان پنهنجي هٿن سان سلائيس تي مکڻ لڳائي سندس اڳيان رکندي وئي. ناشتو ڪرڻ کان پوءِ هن پاڻ کي ڪافي بهتر محسوس ڪيو. نائلہ ڪجهہ دير ويٺي رهي، پوءِ ٿانو کڻي ويندي ويندي چوڻ لڳي،

”آنٽي ! امي ني کها هي آج آپ لنچ اور ڈنر هماري طرف آکر کرين، آپ کو اچها لگي گا، دل بهي بهل جائي گا.“

”اري بيٹا ! آپ کيون تکليف کر رهي هين، اب مين ٹهيک هون، بنالون گي کچهہ.“

”مجهي نهين معلوم، امي ني سختي سي آپ کو آج کا دن کام کرني سي منع کيا هي، کل تو آپ جاب پر چلي جائين گي.“

”ٺهيک هي مين فريش هوکر آتي هون آپ کي طرف.“

نائلہ جي وچڻ کان پوءِ هوءِ ڪجه دير لاءِ ليٽي پئي .تہ ڪيس ننڊ ڪجي وئي. ڪلاڪ کن کان پوءِ سجاڳ ٿي وهنجي سنهجي تيار ٿي نائلہ وارن ڏانهن هلي وئي، کيس ايندي ڏسي ايما اٿي ساڻس ملي ۽ لائونج ۾ پيل صوفي تي ويهڻ جي آڇ ڪئي،

”کيسي طبعيت هي آپ کي.“

”الله کي کرم اور آپ لوگون کي مهرباني سي اب مين کافي بهتر محسوس کر رهي هون. “

”اگر کبهي بهي ڪوئي پريشاني هو تو بڙي بهن سمجه ڪر ضرور بتاديا کرين، پڙوسي ويسي بهي سانجهي هوتي هين.“

”بلڪل آپي، آئينده کوشش کرون گي کہ کبهي کبهار آپ لوگون سي ضرور مل ليا کرون. ليکن ايک شرط پر، آپ کبهي بهي کهاني وغيره کا تکلف نهين کرين گي. يہ مجهي اچها نهين لگتا. مين اس طرح کي کوئي تکليف آپ کو دينا نهين چاهون گي. “

”اچها بابا، اچها، اب آج تو پورا دن آپ هماري مهمان هين.“

ائين گذريل ڪئي مهينن کان تڪلف جي جيڪا ديوار هنن جي وچ ۾ هئي، اها دور ٿي وئي، ڪڏهن ڪڏهن غزل چانهہ ڪافي ٺاهيندي هئي تہ در کڙڪائي ايما ڏانهن کڻي ويندي هئي، ٻئي ڪافي پئندي کوڙ ساتريون ڳالهيون ڪنديون هيون، ليڪن ٻنهي طرف اهو خيال ضرور رکيو ويو تہ هڪ ٻئي جي ذاتي زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي کُريد يا کوج نہ ڪن. بس هفتہ اڌ کان پوءِ هو هڪ ٻئي سان ملنديون هيون يا ڪنهن ڪا سُني ٻڌل ڳالهہ هڪ ٻئي سان شيئر ڪنديون هيون. ائين ڏينهن گذرندا پئي ويا، تہ غزل جو فواد لاءِ اوسيئڙو بہ وڌندو پئي ويو. ائين مهينو ڏيڍ ٻيو بہ ٿي ويو، پر فواد هڪ دفعو بہ فون نہ ڪئي هئي. هن کي تہ منع ڪري ويو هو تہ هو پاڻ فون ڪندو. هڪ دفعي هن پاڻ ڪوشش ڪئي پر فون بند پئي مليو.

❤

ائين ڪيترا ڏينهن گذري ويا. سيءِ بہ ڪافي وڌي ويا هئا. ان ڏينهن هوءِ جيئن انسٽيٽيوٽ جي گيٽ کان ٻاهر نڪتي ۽ ٽيڪسي رڪشہ لاءِ واجهايائين پئي تہ هڪ سلور ڪلر جي ٽويوٽا ڪرولا ڪار هن جي ڀرسان اچي بريڪ هنئي. هن ڪاوڙ مان گاڏيءِ جي اندر نهاريو تہ خوشي ۽ عجب جي انتها نہ رهي. ڊرائيونگ سيٽ تي ٻيو ڪير نہ پر فواد ويٺو هو. هن تہ هاڻي هن جي اچڻ جو آسرو ئي لاهي ڇڏيو هو. ائين اچانڪ هو سامهون اچي ويندو هن سوچيو بہ نہ هو. فواد لبن تي دلڪش مرڪ سجائي پيار ڀرين نگاهن سان ڏانهنس نهاري رهيو هو. ان گهڙيءِ خوشي سان گڏ ڪيس ڪاوڙ بہ ڏاڍي لڳي ۽ ناراضگي واري انداز ۾ اُتي ئي بيٺي رهي. فواد هن جي ان انداز تي دل ئي دل ۾ فدا ٿيندي، مسڪرائي جهُڪي ڀر وارو در ڪوليو.

”لڳي ٿو تہ توهان مونکي سُڃاتو ڪونهي. مان اهوئي فواد آهيان، جنهن جو ڪجھ مهينا ئي پهرين دوستيءِ جو دم ڀريندا هئا. ايترو جهَٽ پَٽ وساري ڇڏيو. اچو اندر پليز نہ تہ ٽريفڪ جام ٿي ويندي.“

غزل اندر ۾ خوشي دٻائي، ڇهري تي ناراضگي جو تاثر آڻي چپ چاپ پئسينجر سيٽ تي ويهندي دروازو بند ڪيو تہ فواد سلام دعا ڪندي ساڻس مخاطب ٿيو.

”ناراض آهيو مان سمجهان ٿو. توهان جي ناراضگي بلڪل بجا آهي، پر ڇا ڪجي، اتي ايترا ڪم هئا. جو مٿي ڪنهڻ جي بہ واندڪائي ڪان هئي. پر ائين بہ ڪونهي تہ توهان مونکي ياد ڪونہ هئا.جڏهن بہ فرصت جون گهڙيون نصيب ٿينديون هيون مان توهان جي ڪمپنيءِ کي مِس ضرور ڪندو هوس. منهنجو يقين ڪيو.“

هن جون ڳالهيون، اهوئي پنهنجائپ ڀريو اندازِ گفتگو غزل جي اندر ۾ وڍ وجهي رهيو هو. اکيون ڀرجي آيون هئس. ڀريل آواز ۽ شڪايتي لهجي ۾ چوڻ لڳي،

”ذرڙو بہ نہ سوچيوَ تہ مان هتي اڪيلي، يادن جي سهاري ڪيئن گهاريندي هونديس، فون ڪرڻ تہ منهنجو حق هو، نہ پاڻ ڪيوَ ۽ نہ مونکي فون ڪرڻ جو موقعو ڏنوَ. “

”بس ٿي وئي غلطي، آئينده خيال ڪبو، هاڻي ناراضگي ختم، ڏسو ٿورو مسڪرايو. توهان جي حسين مرڪ کي سچ پچو تہ مون ڏاڍو مِس ڪيو.“

”بس، بس، رهڻ ڏيو مِس ڪيو ها تہ ائين ايترا ڏينهن پاڻ کي مونکان مِس نہ ڪيو ها.“

”واه سائين واه! آهيو نہ شاعره، ڀلا ٻڌايو تہ هن مِسنگ پرسن جي مِس ٿيڻ تي ڪو نئون تازو غزل ڪا نئين تازي شاعري، ڪجھ تہ ٿيو هوندو. “

”نہ شاعري ڪئي تہ عرصو ٿي ويو. اسٽوڊنٽ لائيف ۾ مڙئي آڏيون ابتيون لائينون بغير ڪنهن بحر وزن جي لکجي وينديون هيون، تہ ماريہ وغيره ان کي شاعري جو نالو ڏئي ڇڏيو. ها ياد آيو، ماريہ وارن سان ڪڏهن ملڻ ٿيو آ ايترن ڏينهن ۾. هنن جو تہ مون وٽ ڪو نمبر بہ ڪونهي، جو حال احوال ونجي. توهان وٽ تہ ضرور هوندو. “

فواد ڪجھ سوچي چوڻ لڳو.

” نہ، بدقسمتيءَ سان مون وٽ بہ ڪونهي، جنهن موبائيل ۾ نمبر هو اها چوري ٿي وئي. ان ڪري ڪيترن سنگت سان رابطو ئي ڪٽجي ويو آهي. هاڻي ٻڌايو ڪيڏانهن هلجي. ايترن ڏينهن جا شڪوه شڪايتون گاڏيءَ ۾ تہ ڪونہ ڪبيون نہ، هلي ڪنهن کُلي فضا ۾ ٽا ويهون. “

” جيئن توهان جي مرضي. “

❤

فواد جي اچڻ سان غزل سڀ شڪوه شڪايتون، ڏک ڏوراپا، وساري ويٺي هئي. هاڻي هنن جي زندگيءَ جا ساڳيا معمولات هئا. نوڪريءَ کان پوءِ گهمڻ ڦرڻ، رات جي ماني ڪنهن نه ڪنهن ريسٽورانٽ ۾ ۽ پوءِ گهر. ائين ڪيترائي ڏينهن نهايت اطمينان ۽ خيروخوبي سان گذري ويا. غزل ڪئي ڀيرا سوچيو ته فواد سان مستقبل جي باري ۾ ڳالهائي ڏسي، هُن ڪڏهن به ڪليل لفظن ۾ نه ته پنهنجي جذبن جو اظهار ڪيو هو نه ئي وري پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ ڪا وضاحت ڪئي هئي، ته هُن جي اڳيان پويان ڪير آهي. هن جا عزيز رشتيدار ، مٽ مائٽ. انهن جي باري ۾ پلجي به ڪنهن جو ذڪر هن جي گفتگو مان ظاهر نه ٿيو هو. هوءَ اجان ڪجه معلوم ڪرڻ لاءِ ڪا تمهيد ٻڌندي هئي ته هوغير محسوس انداز ۾ نتائي موضوع ئي تبديل ڪري ڇڏيندو هو ۽ غزل به وڌيڪ زور پرڻ مناسب نه ٿي سمجهو.هن پنهنجي جذبن جي توهين ڪڏهن به نه ٿي چاهي، هوءَ پنهنجي احساسن جي رشتي جي ڏور کي ورهين کان ايتري مضبوطيءَ سان پنهنجي پڪڙ ۾ رکيو پئي آئي، پلا ان کي ائين هڪدم ڪنهن جي آڏوڪيئن ڪمزور ڪري ٿي سگهي. اگر اها ڏور هڪ دفعو هٿن مان ڇڏائجي وئي ۽ ٻئي طرف ڪنهن ان کي مضبوطي سان جهلي نه ورتو ته هن جي ورهين جي پَرستِش، عبادت ۽ رياضت ائين ضايع ٿي ويندي. پلا ڪير پنهنجي جذبن جي ائين رسوائي چاهيندو.ان ڪري هن پنهنجا سڀ معاملا قدرت تي ڇڏي ڏنا. ماريه به نه هئي، جنهن کان پڇي سگهي ها. وقت ائين پنهنجي اڍنگي رفتار سان گذري رهيو هو. ڪيترا ڏينهن گذري ويا. نه فواد اڳيرو ٿي هن جو هٿ مضبوطيءَ سان جهلڻ جو ڪو واعدو، ڪو عهد و پيمان ڪيو ۽ غزل کي جڏهن به ڪو اهڙو موقعو مليو جڏهن هوءَ پنهنجي اندر کي فواد آڏو کولي رکي، تڏهن اها نياڳي پُراسرار فون ڪال اچي ويندي هئي جيڪا فواد جو موڊ خراب ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندي هئي. ان جي ايندي ئي فواد جو رويو به

انتهائي پُر اسرار ۽ رُکو بنجي ويندو هو ۽ وري اها ڳالهه ڪنهن بئي موقعي تائين ملتوي ٿي ويندي هئي. ائين چار پنج مهينہ اک ڇنڀ ۾ گذري ويا نہ ڪي عهد و پيمان ٿيا ۽ نہ ئي ٻنهي جي طرفان ڪنهن قسم جي اڳڀرائي ئي ٿي. هنن جي قربت ۾ بہ اجنبيت ۽ ويڳاڻپ هوندي هئي. جنهن جي ڪري غزل کي اوپرائپ جو احساس وڌي ويندو هو. هوءَ سوچڻ لڳندي هئي تہ هنن جي وچ مان ڪڏهن اهي پردا هٽندا بہ الائي نہ. هوءَ فواد جو چِٽو عڪس پنهنجي دل جي آئيني ۾ ڏسڻ جي شديد خواهش رکڻ جي باوجود، هن جي من جو آئينو ڌنڌلو ئي رهيو جنهن ۾ فواد جي ڪا شبيهہ واضع نہ هئي. ائين ڇو هو ٻنهي طرف ساڳي آگ، ساڳي تڙپ ڇو ڪونہ هئي. اهو پُراسرار فون ڪنهن جو هو. جيڪو ڪلنڊڙ مسڪرائيندڙ فواد کي ائين بيگانو بڻائي ڇڏيندو هو. اهڙيون ئي ڳالهون هن جو من وياڪل بڻائي ڇڏينديون هيون. وقت پِر لڳائي اڏرندو پئي ويو. تہ فواد وري دبئي وڃڻ لاءِ پر تورڻ لڳو. روزانو ڪا نہ ڪا شاپنگ ، ڪڏهن ڪجه پيو خريد ڪري تہ ڪڏهن ڪجه. هن جي انهن تيارين کي ڏسي غزل جي دل ٻڏي رهي هئي. هن دفعي بہ هوءَ فواد سان ڪُلي مستقبل جي باري ۾ ڳالهائي نہ سگهي هئي. وري هليو ويندو. اڳي ٻن مهينن جو چئي ويو هو تہ الائي ڪيترن مهينن کان پوءِ وريو هو هاڻي ويو تہ الائي ڪيترو وقت لڳائي ڇڏي. پرديسي پکيئڙن جو ڪهڙو ڀروسو موٽن الائي نہ. ڇا مان هڪ آس، هڪ اميد جي سهاري ڪنهن رُڃ جي پوپان تہ نہ پئي ڀٽڪان. آخر هو ڪهڙي قسم جو انسان آهي هن کي منهنجي قربت، منهنجو ساٿ تہ پسند آهي ليڪن هو مونکي ڪنهن آسري، ڪنهن اميد ۾ رکڻ، پنهنجي جذبن کي کُليل نموني اظهارڻ کان ڪيٻائي ڇو ٿو. ڇا هن جي زندگيءَ جون واڳون ڪنهن ٻئي جي هٿ وس آهن ۽ جڏهن بہ اتان جي گرفت ٿوري ڍري محسوس ٿئي ٿي تہ هڪ فون ڪال وري کيس واپس ان جاءِ تي وٺي اچي بيهاري ٿي. آخر فواد جي زندگيءَ جو ڪهڙو اسرار آهي. هوءَ سوچي سوچي ٿڪجي پوندي هئي. ليڪن ان راز تان پردو هٽائڻ سندس وس ۾ نہ هو. آخر هڪ ڏينهن جڏهن ٻئي هڪ کُليل فضا ۾ انتهائي خوشگوار موڊ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا. تہ غزل همٿ ڪري پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪرڻ لاءِ تمهيد ٻڌي.

”فواد توهان وري دبئي الائي ڪيترن ڏينهن لاءِ پيا ويجو گذريل دفعي ٻن مهينن جو چئي ڪئي مهينہ لڳائي ڇڏيا هيو. هاڻي توهان جو الائي گهڻو پروگرام آهي، مونکي الائي هتي ڪنهنجي آسري ڇڏيو پيا وڃو. مان تہ هتي صرف توهان لاءِ ئي آهيان ۽ توهان آهيو جو ” صاف ڇهپتي ٻهي نهين سامني آتي ٻهي نهين“ توهان جي رويي مونکي نراساين جي پنور ۾ ڌڪو ڏئي ڇڏيو آهي، پليز! ڪجه تہ چئو “

فواد غور سان هن جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو جڏهن هوء خاموش ٿي تہ نهايت سنجيدگيء سان هِن ڏانهن جهڪندي نهايت ڌميل لهجي ۾ چوڻ لڳو

”غزل ڏس! اسان کي ملندي ڪيترو عرصو گذري ويو آهي، منهنجي زندگي ۾ ڪجه مسئلا آهن انهن سان منهن ڏئي وٺان پوءِ ضرور ان معاملي کي بہ ڏسي وٺبو. مان توکي يقين ٿو ڏياريان تہ ڪجه عرصو ضرور لڳندو. شايد مان هاڻي واپس وران تہ حالات اسان جي وس ۾ هجن. تون دل نہ لاهہ جتي ايترو انتظار ڪيو اتئي ڪجه ٻيو سهي. “

غزل اهو ٻڌي عجيب اُڻ تُڻ ۾ اچي وئي ۽ سوچڻ لڳي

”هن دفعي بہ هو مون کي ڪا آس ڪا اميد ڏيارڻ کان سواء ئي هليو ويندو. آخر پاڻ کُلي پنهنجي جذبن جو اظهار ڇونہ ٿو ڪري، مونکي اهو يقين ڏيارڻ ۾ آخر ڪهڙي ڳالهہ مانع آهي تہ هو منهنجي لاءِ اهو سڀ ڪجه ڪندو جيڪو اسان ٻنهي جي خوبصورت آئيندي لاءِ سنگِ ميل ثابت ٿئي.“

ذهن ۾ ڪيئي انديشہ ڪئي وسوسہ ۽ خدشہ پيدا ٿي رهيا هئا. ڇا فواد جي زندگيء ۾ ڪير ٻيو بہ آهي جيڪو هن جو پَلوَ پنهنجي پڪڙ ۾ رکيو پيو اچي، نہ اهو نہ ٿو ٿي سگهي جي ائين هجي ها تہ هو ايترا ڏينهن هتي رهي نہ ٿي سگهيو. هو مون کي صاف صاف ٻڌائي ڇڏي ها. تہ پوءِ اها فون ڪال ڪنهن جي ٿي سگهي ٿي جيڪا فواد کي حواس باختہ ڪري ڇڏيندي آهي. اهڙا ڪئي اسرار هئا. جن کي سلجهائڻ يا سمجهڻ کا هوء قاصر هئي. پر هوء مٿس گهڻو زور بار وجهي بہ نہ ٿي سگهي، ڇوتہ فواد ڪڏهن بہ کُليل نموني نہ تہ محبتن جو اظهار ڪيو هو ۽ نہ ڪو وعدو وفا ڪرڻ جو. تہ پوءِ هوء

ڪهڙي منهن سان ڪو شڪوه ڪا شڪايت ڪري، ڪي ڪيل واعدا نہ پاڙڻ جا ڏوراپا ڏئي. انهن ئي سوچن ۾ ڪيترو وقت گذري ويو تہ فواد خاموشيءَ کي ٽوڙيو.

”ڏسو غزل مان في الحال تہ صبحاڻي وڃان پيو. توهان پريشان نہ ٿيو. ڪيون ٿا توهان جي تنهاين جو ڪو بِلو هاڻي مان هر هفتي توهان کي فون ڪندس ۽ ڪوڙ ساري ڪچهري ٿيندي. توهان سان ايستائين ڪچهري ڪبي جيستائين توهان پاڻ ٿڪجي فون بند نہ ڪيو.“

هوءَ ڪنهن جواب ڏيڻ جي خاموش نگاهن سان ڪيس ڏسندي رهي.

❤

فواد ڇا ويو غزل کي هڪ دفعو وري اڪيلاين جا واسينگ ڦڻ کنيو ڏنگڻ لاءِ آتا ٿي ويا. زندگي بس هلندي پئي وئي وقت هو سو ڪاٽيو نہ ڪٽبو هو. هوء ڪنهن مهل پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳندي هئي، ڪڇهري ڪرڻ لڳندي هئي ۽ وري پنهنجي ان حالت تي زور زور سان کلڻ لڳندي هئي، ڇا هوء چريائپ ڏانهن وڌي رهي آهي، نہ اهو پلا ڪيئن ممڪن آهي. جڏهن بہ اهڙي ڪيفيت طاري ٿيڻ لڳندي هئي تہ هوء پاڻ سنڀالي وٺندي هئي پنهنجي حواسن کي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي.

”مونکي هنن اڪيلاين جو ڪونہ ڪو مصرف ڳولڻو پوندو، نہ تہ اهي تنهايون مونکي پاڳل ڪري وجهنديون ۽ پوءِ ماڻهو چوندا تہ ايڏي بردبار عورت پاڻ سنڀالي نہ سگهي. “

هڪ ڏينهن موڪل هئي، هوء صبح جو دير تائين ليٽي پئي هئي، سُستيء وچان ڪجهہ ڪرڻ جي دل ئي نہ پئي ٿي. ان وقت سامان جي سرڪائن جا پڙلاءِ ڪن تي پيس، تہ ڪنائڻ لڳي، آواز سندس رهائشگاه جي مٿين حصي مان اچي رهيا هئا. سوچڻ لڳي، شايد ايما آپي مٿي جي صفائي ڪرائيندي هوندي. ٿوري دير کان پوءِ وچون دروازو کڙڪيو. اُٿي کوليائين تہ نائلہ هئي،

”آنٽي آپ شايد آرام ڪر رهي هين.“

”بس ايسي هي ليٽي هوئي تهي، کيا بات هي اوپر صفائي کروارهي هين کيا. “

”هان آنٽي! اوپر کي پورشن مين کچهہ عرصي کي لئي نئي کرايہ دار آرهي هين. “

”کون هين کهان سي آرهي هين ؟ “

”مما کي ايک فرينڊ هين ميرپورخاص مين، ان کي معرفت آرهي هين.“

”اڇها.......... ٺهيڪ هي“

نائلہ ڪجه دير هيڏانهن هوڏانهن جون ڳاليون ڪندي رهي، ايتري دير ۾ هن پنهنجي لاءِ ناشتو ناهي ورتو نائلہ کي چانهہ ڏئي پاڻ ناشتو ڪرڻ لڳي.

ہہ ٽي ڏينهن ائين ئي گذري ويا هوءِ گهر کان انسٽيٽيوٽ ، انسٽيٽيوٽ کان گهر، بس ائين ئي وقت پئي گذريو.

هڪ ڏينهن رات جا اٺ ساڍا اٺ ٿيا هوندا، هوءِ ٽي وي تي ڪو ڊرامو ڏسي رهي هئي، تہ مٿئين حصي مان اچانڪ ڪجه غير معمولي آواز اچڻ لڳا، زور زور سان دروازا بند ٿيڻ چيخون رڙيون ۽ شيون ڪيرائڻ جا آواز. غزل هڪدم ٽي وي جو آواز گهٽائي ڇڏيو. مٿي ڇا پيو ٿئي، غزل کي تہ ايترن ڏينهن ۾ اها بہ خبر نہ پئجي سگهي هئي تہ مٿي ڪير اچي رهيا آهن ، نہ ئي انهيءَ عرصي ۾ اهڙي ڪا غير معمولي صورتحال محسوس ٿي هئي، تہ پوءِ هي اچانڪ ڇا پيو ٿئي. رڙين ۽ سڏڪن ۾ عجيب قسم جو درد ۽ پيڙا سمايل هئي، جنهن اڳ ۾ ئي جهريل غزل کي وڏيڪ جهوري وڌو. هيءَ ڪير آهي، سندس رڙين ۽ دانهن ۾ ايڏو ڪرب ايتري پيڙا ڇو سمايل آهي. ڪجه ئي دير کان پوءِ اهي آواز اچڻ بند ٿي ويا، هڪ پُراسرار سانت ڇانئجي وئي.

غزل ڪافي دير تائين ان جي باري ۾ ويچار ڪندي رهي ۽ پوءِ نہ ڄاڻ ڪيڏي مهل ننڊ جي ديوي کيس خوابن جي دنيا ۾ وٺي وئي. سڄي رات پوائٽن ۽ دکدائڪ سپنن جي وادين ۾ گهمندي رهي، صبح جو جاڳي تہ پاڻ کي ٿڪل ٿڪل پائي رهي هئي، بيڊ تان اٿڻ تي دل ئي نہ پئي چاهيس، سوچيندي رهي، هتي تہ هر ماڻهو اندر ۾ ڪئي ٽُٽل سپنا سانديو پيو هلي، هر فرد بس هڪ الڳ ڪهاڻي آ، درد ڪٿائون اسان جي جيون جي هر پهلوءَ سان جڙ تہ جڙيون پيون آهن جن مان ڇوٽڪارو ڪنهن نصيب واري کي ئي ملي سگهي ٿو. هوءِ انهن ئي ويچارن ۾ گم هئي تہ سندس نگاهہ سامهون گهڙيال تي پئي تائيم ڏسي ٽڪڙ ۾ اٿي هٿ منهن ڌوئي تيار ٿي، جلدي جلدي نيرن ڪري نوڪريءَ لاءِ رواني ٿي.

❤

ان ڏينهن ڪان پوءِ ڪجھ ڏينهن ناپر رهي، ڪوخاص واقعو ڪونہ پيش آيو. ليڪن هڪڙي ڏينهن هوءِ شام جو جيئن نوڪري تان موٽي در ڪولي ڪمري ۾ داخل ٿي ساڳيا آواز داهون ڪوڪون هن جو اندر چيري ويا. پر هوءِ پنهنجي، ڪنهن ٻئي جي معاملي ۾ دخل نہ ڏيڻ واري عادت جي ڪري چپ چاپ ڪمري ۾ اچي ليٽي پئي پر اندر ۾ ڏاڍي بيچيني محسوس ڪري رهي هئي. ان ڪان پوءِ اهو آئي ڏينهن جو معمول ٿي ويو تہ هن جي دل ۾ بہ تجسس ڪر ڪنيو تہ آخر ماجرا ڇا آهي، هن عورت سان ڪهڙي ويڌن ٿي آهي، ڇا هن کي ڪو مهلڪ مرض آهي جيڪو ڪيس ائين تڙپڻ تي مجبور ڪري ٿو ڇڏي، ڪجھ تہ غلط آهي، پر ان جي خبر ڪيئن پوي، نائلہ بہ ان ڏينهن ڪانپوءِ چڪر نہ هنيو هو ۽ هن بہ مناسب نہ سمجهيو تہ پاڻ وڃي پڇا ڪري. .هوءِ اهڙين ئي سوچن ۾ ٻڏل هئي تہ وچون دروازو کڙڪائي نائلہ اندر هلي آئي. سندس هٿن ۾ پليٽون هيون . سلام ڪري پليٽون پاسي واري ميز تي رکي،

”امي ني نياز دلوائي تهي، يہ آپ کي لئي بهجوائي هي.“

هوءِ پر ۾ سندس بيڊ تي اچي ويٺي ۽ رازداراڻي انداز ۾ پڇڻ لڳي،

”آنٽي! آپ اوپر والون کي آوازون سي پريشان هوتي هونگي. “

”پريشاني تو هوتي هي، ليڪن دل کو بڙي تڪليف بهي پنهچتي هي، کيا اوپر کوئي بيمار هي. “

”هان آنٽي! اوپر کي ڪرايہ دار مما کي ايڪ سهيلي جو ميرپورخاص مين رهتي هين، ان کي رشتيدار هين، انهون ني هي امي کو کها تهاڪہ ان کي لڙڪي بيمار هي، اس کا علاج ڪرواني کي لئي کچھ عرصہ ڪراچي مين رهين گي. ليڪن امي ني جب ان کي بيماري کي نوعيت ديکهي تو اپني دوست کو بلوايا تها، دو دن پهلي وه آئي تهين، اور انهون ني جو کهاني امي کو سنائي تو امي مجبورا“ خاموش هوگئين. “

۽ پوءِ نائله جيڪا ڪهاڻي پيرائتي انداز ۾ غزل ڪي ٻڌائي ، ان ڪي ٻڌي هن جو دماغ سُن ٿي ويو هٿ پير ٺري ويا. هن جو ته لنوَ لنوَ ڪانڊارجي ويوهو. هوءِ ته پاڻ ڏکايل هئي، ڪنهنجي درد ۽ پيوڳنائن جي ٻڌڻ جي منجهس سهپ ئي ڪونه هئي. ڪيس هن دک آڏو پنهنجو درد معمولي لڳو. هوءِ پاڻ به پنهنجن جي ڏنل پيڙائن جي ماريل هئي، پر هن ڏرتيءَ تي اهڙيون به درد ڪٿائون پيون آهن ان جو ڪيس اندازو به ڪونه هو. اسان سمجهندا آهيون ته اسان ئي دردن جا ماريل آهيون پر هتي ته هر قدم تي درد ڪهاڻي وڪري پئي آهي.

❤

مٿئين حصي ۾ رهندڙ نوَن ڪرايہ دارن ۾ هڪ اڌ وهي عورت آمنہ سندس ڇويهن ستاويهن سالن جي ڌيءَ زرتاج ۽ پندرهن سورهن سالن جو پٽ رضا عارضي طرح اچي رهيا هئا. ايما جي سهيلي شمع پئي ٻڌايو تہ زرتاج سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ انگلش ۾ آنرز پئي ڪئي... اُتي هن جي دوستي سندس ڊپارٽمينٽ جي سينئر ڪلاس جي هڪ ڇوڪري اياز سان ٿي وئي جيڪو شمع وارن جو پري جو مائٽ ۽ ميرپورخاص جو رهندڙ هو. ۽ فائنل سال جو شاگرد هو. زرتاج هڪ وچولي درجي جي ڪاروباري شخص احسان احمد جي نياڻي آهي. سندن ميرپورخاص ۾ هڪ خوبصورت بنگلو آهي. مڇي ماني وارا هئڻ سان گڏوگڏ سندن خاندان ڪافي سلجهيل ۽ روشن خيال سمجهيو ويندو آهي. زرتاج تي ڪا روڪ ٽوڪ ڪونہ هئي، ليڪن هن جي تربيت تمام سلجهيل انداز سان ٿي هئي، ان ڪري هن ڪڏهن بہ پنهنجي آزاديءَ جو ناجائز فائدو نہ ورتو. اياز ۽ هوءَ هڪ ئي شهر جا هجڻ ڪري اڪثر گڏ يونيورسٽي ۽ ڳوٺ ايندا ويندا هئا. زرتاج جي گهر وارن طرفان ڪا جهل پل ڪانہ هئي، بلڪ ڪين اهو اطمينان هو تہ سندن نياڻي آڏي مانجهي جو اچي وڃي ٿي تہ ان سان گڏ اياز آهي ۽ ڪين فڪر ڪرڻ جي ضرورت ڪونهي. اياز بہ ڪڏهن ڪڏهن هنن سان ملڻ هليو ايندو هو ايستائين جو آمنہ تہ ڪيس پنهنجي اولاد جيان ڀائيندي هئي.

هنن جا فائينل امتحان شروع ٿيڻ وارا هئا. هڪ ڏينهن هو ٻئي يونيورسٽي جي لان تي ويٺا هئا تہ اياز زرتاج کان سرسري انداز ۾ پڇيو.

”امتحان کان پوءِ توهان جو ڇا ارادو آهي، منهنجو تہ ماسٽرز جو فائينل سيمسٽر آهي، هتان فارغ ٿي ڪانہ ڪا جاب ڳولهيندس. “

زرتاج سندس ڳالهہ ٻڌي جواب ۾ چيو

”ڏسو پاپا کي چيو تہ آهي تہ مان ماسٽرز ڪرڻ ٿي چاهيان ، پر ڀائو عمران هرويرو ٽنگ اڙايو ويٺو آهي، تہ آنرز ڪري واپس هلي اچ. “

اهو ٻڌي اياز ڪجھ پريشان ٿي ويو. زرتاج غور سان سندس منهن جي تاثرات کي پڙهندي رهي آخر ڪانئس رهيو نہ ٿيو.

”ڪهڙي ڳڻ تر ۾ پئجي ويا آهيو ڪا پريشاني آهي ڇا. “

”سوچيان پيو تہ پوءِ تہ اسان جو ائين ملڻ نہ ٿئي، توهان جي گهر وارا خاص طور ڀائو عمران شايد اهو پسند نہ ڪن تہ مان پوءِ بہ توهان جي گهر ائين ايندو رهان. “

زرتاج جيڪا پنهنجي طبعيت ۾ خاصي ارڏي هئي، هو پنهنجي زندگي جي معاملن ۾ ڪنهن ٻئي جو عمل دخل پسند نہ ڪندي هئي .هوءِ ان خيال جي هئي تہ جڏهن هوءِ پاڻ کي ڏنل آزاديءَ جون مقرر ڪيل حدون اورانگهڻ جي ڪوشش نہ ٿي ڪري تہ پوءِ هن جي زندگي پنهنجي آهي، ان کي ڪيئن گذاري، ڪنهن سان ميل جول رکي، اهو هن جو پنهنجو اختيار آهي. ڪنهن ٻئي کي ان ۾ دخل اندازي ڪرڻ جو ڪوبہ حق ناهي، ها جيڪڏهن هن انهن حدن جو احترام نہ ڪيو تہ پوءِ بہ صرف سندس ماءُ پيءُ کيس روڪي سگهن ٿا. هوءِ ڪنهن ٻئي کي ان جو اختيار ڏيڻ جي بلڪل بہ روادار نہ هئي. اياز کي ائين فڪرمند ٿيندي ڏسي کلي چوڻ لڳي،

”ڪمال ٿا ڪريو پاپا ۽ مما توهان کي ايترو ڀائيندا آهن، هو تہ توهان کي پنهنجي پُٽ جيان سمجهندا آهن. ڀلا هو ڇو توهان جي اچڻ تي اعتراض ڪندا. “

”اهو تہ بلڪل سهي آهي، پر توهان جو ڀاءُ ادا عمران ، هو تہ مونکي بلڪل بہ پسند ناهي ڪندو. هو ڪڏهن بہ نہ چاهيندو تہ مان بلا مقصد توهان جي گهر اچڻ وڃڻ جاري رکان. “

اهو ٻڌي زرتاج جي چهري تي ڪاوڙ جا آثار ظاهر ٿيا.

”ڀائو کي ڪوبہ حق ناهي منهنجي زندگي ۾ انٽرفيئر ڪرڻ جو. هر ماڻهوءَ جي پنهنجي زندگي آهي، پنهنجا واسطا ۽ تعلق آهن، تہ پيو ڪو ان تي پنهنجي مرضيءَ جا فيصلا ڪيئن ٿو مڙهي سگهي، گهٽ ۾ گهٽ مان اهو ڪڏهن بہ نہ چاهينديس، ۽ جي هن اهڙي ڪا ڳالهہ ڪئي بہ تہ مان پاپا جي آڏو صاف صاف احتجاج ڪنديس، توهان کي ڳڻتي ڪرڻ جي بلڪل ضرورت ڪونهي. “

زرتاج جي اهڙي پُراميد انداز تي اياز جا حوصلا بہ ڪجھ بلند ٿيا ۽ ٿوري پَس و پيش کان پوءِ همت ڪندي دل جي ڳالھ زبان تي آندي.

” دراصل، مان توهان سان هڪڙي ڳالھ شيئر ڪرڻ پئي چاهي، پوءِ الائي موقعو ملي الائي نہ........ (ٿورو ترسي هن ڏانهن نهاريائين ۽ پوءِ وري چوڻ لڳو) جيڪڏهن توهان اجازت ڏيو تہ.......“

”اهڙي ڪهڙي ڳالھ چوڻ ٿا چاهيو جنهن لاءِ ڪنهن تمهيد يا اجازت جي ضرورت پئجي وئي. “

”جيڪڏهن مان توهان کي پنهنجي جيون ۾ شامل ڪرڻ چاهيان تہ.....“.

جملو اڌ ۾ ڇڏي هو زرتاج جو ردِ عمل ڏسڻ لڳو. اهو ٻڌي زرتاج شرمائجي وئي ۽ ڪجھ چئي بغير ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين. اياز هن جي انهي ڪيفيت کي ڏسي سڀ ڪجھ سمجهي ويو ۽ خوشيءَ وچان چوڻ لڳو.

”واھ يئي واھ! هي زرتاج بيگم کي ڇا ٿي ويو. هينئر تہ وڏيون وڏيون ڳالهيون پئي ڪيائين ۽ هينئر شرم ٻوٽي بنجي وئي آهي. “

زرتاج شرمائيندي مختصر جواب ڏنو.

توهان ڳالھ ئي اهڙي ڪئي.“

”زرتاج! مان عرصي کان توهان کان اها ڳالھ لڪائي رهيو هوس اصل ۾ توهان جي بردبار ۽ ڇيڙاڪ طبعيت حوصلو ئي نہ پئي ڏنو تہ مان پنهنجي دل اوهان آڏو کولي رکان. مان ان ڏينهن کان توهان سان بيحد محبت ڪيان ٿو. جڏهن کان توهان کي ڏٺو آهي.بس اظهار ڪري پنهنجي جذبن کي هلڪو ڪرڻ نہ ٿي چاهيم. هينئر بہ صرف جدا ٿيڻ جي خوف کان همت ڪري چئي وينس تہ متان چوڻ ۾ دير نہ ٿي وڃي، ۽ اسان هڪ ٻئي کان وڇڙي وڃون. “

ڪجھ دير هو سندس جواب جو انتظار ڪندو رهيو ليڪن زرتاج سوچن ۾ گم هئي، ۽ جڏهن هن طرفان خاموشي اختيار ڪئي وئي تہ اياز جي دل بيچين ٿيڻ لڳي ۽ ڪانئس رهيو نہ ٿيو تہ ٻيهر پنهنجي ڳالھ ورجائي.

”توهان خاموش ڇو ٿي ويا آهيو جواب ڇو ڪونہ ٿا ڏيو. “

زرتاج، اياز جي ڳالھ ٻڌي دل ۾ تمام گهڻي خوش هئي، ڇوتہ هوءَ بہ اندر

ئي اندر ۾ هن سان بيحد لڳاءُ محسوس ڪندي هئي، پر انهن جذبن کي پاڻ مرادو اجاگر ڪرڻ پنهنجي نسوانيت جي توهين سمجهندي هئي، ان ڪري هن ڪڏهن اشارتاً“ بہ پنهنجي احساسن کي ظاهر ٿيڻ نہ ڏنو هو. ليڪن جڏهن اياز سندس آڏو پنهنجي دل کولي رکي تہ هن بہ وڌيڪ پس و پيش ڪئي بغير شرمائيندي چيو

”مونکي ڪو اعتراض ڪونهي، پر مما سان توهان پاڻ ڳالهائجو. “

” ٺيڪ آهي، هن دفعي هلنداسين تہ مما سان مان پاڻ ڳالهہ ڪندس ، نہ صرف ڳالهہ ڪندس بلڪہ با ضابطہ طور توهان کي پنهنجو جيون ساٿي بنائڻ لاءِ مما آڏو درخواست ڪندس. “

ان کان پوءِ هو ٻئي مستقبل جا منصوبہ جوڙيندا رهيا خواب اُڻندا رهيا ، ڳالهيون ڪندي کين وقت گذرڻ جو احساس ئي نہ رهيو.

نائلہ اجان ايتروئي حال مس اوريو هو تہ سندس ننڍو ڀاءُ شمنام سڏڻ لاءِ اچي ويو تہ مما کيس سڏيو آهي. ان ڪري نائلہ باقي ڪنهن ٻئي دفعي جو چئي موڪلائي هلي وئي.

نائلا تہ ان درد ڀري ڪٿا جوهڪ سُر آلاپي رواني ٿي، ليڪن، اهي ڳالهيون ٻڏي فطري طور غزل جو تجسس وڌي ويو هو ، هوءَ سوچي رهي هئي تہ هر پيار ڪهاڻي جي شروعات ائين ئي حَسين، خوشنما، خوبصورت احساسن ۽ دلربا جذبن سان سينگاريل هوندي آهي، ان ۾ پيلا کھڙي نواڻ هئي، تہ پوءِ زرتاج جيڪا پاڻ بہ ارڏي هئي، ڪنهن کي خاطر ۾ نہ آڻڻ واري ، تہ پوءِ آخر هن سان اهڙي کهڙي ويڌن ٿي. رات جو سمهندي بہ هوءَ ان ڪهاڻي جي مختلف پهلوئن جي باري ۾ پنهنجا انومان ڪيندي رهي تہ ضرور هيئن ٿيو هوندو ! هوندئن ٿيو هوندو پنهنجي طرفان ڪهاڻي جا مختلف تاجيون پيٽا اُڻندي رهي. آخر اهو فيصلو ڪري سمهي رهي، تہ صبحاڻي نوڪريءَ تان موٽي نائلہ کي سڏي ان اسٽوري کي مڪمل ڪندي.

ٻئي ڏينهن هوءَ جيئن ئي واپس آئي، تہ هن چانهہ جا ٻہ ڪوپ ٺاهيا، رستي مان ڪجهہ سنيڪس وٺيو آئي هئي. وچون در ڪڙڪائي نائلا کي سڏي ورتو. ٻئي گڏجي چانهہ ۽ سنيڪس سان شغل ڪرڻ لڳيون ۽ نائلہ اڌوري ڳالهہ اتان ئي شروع ڪئي.

جڏهن زرتاج ۽ اياز امتحان کان فارغ ٿي واپس ڳوٺ آيا تہ هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ اياز پنهنجي ماءُ حسنہ سان گڏجي زرتاج وارن جي گهر آيو. حسنہ پهريون دفعو هنن جي گهر آئي هئي، ٻاهران ئي ايڏو شاندار گهر ڏسي هن جي دل وسامجي وئي طبعيت ۾ عجيب طرح جي هورا کورا ، بيچيني ۽ ڊپ اچي ورايس، هيڏانهن هوڏانهن واڪڻن جيا نهاريندي هٻڪندي هوءِ گهر اندر داخل ٿي. هوءِ سوچي رهي هئي تہ پلا ايڏي شاندار گهر ۾ رهڻ وارن جو اسان سان ڪهڙو جوڙ جُڙي سگهي ٿو ڪاٿي اسان هتي اچڻ جي غلطي تہ نہ ڪئي آهي. اهو سوچيندي اندر ۾ ڪئي وسوسا ۽ انديشا ڪٺي هوءِ اڳتي وڌندي رهي. ڪين ايندو ڏسي زرتاج جي ماءُ آمنہ اڳتي وڌي خوشدليءَ سان سندن آدرڀاءُ ڪيو تہ هن جي هٻڪ بہ ڪي قدر گهٽ ٿي. زرتاج بہ اچي ساڻس احترام سان ملي ۽ پوءِ اندر هلي وئي ، ڪيس ڄاڻ هئي تہ هو ڪهڙي مقصد سان آيا آهن.

حسنہ جيتوڻيڪ سادي لباس ۾ ملبوس هئي، پر هُن جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي انداز ۾ تدبر ۽ شائستگي بکي رهي هئي . اياز آمنہ کي ٻڌايو تہ هوءِ هتي هڪ مقامي سرڪاري هاءِ اسڪول ۾ ٽيچر آهي.

آمنہ بہ حيران هئي تہ اياز هن کان اڳ ۾ ڪڏهن بہ ماءُ کي سندن گهر وٺي ڪونہ آيو هو ۽ نہ ڪڏهن ڪين پنهنجي گهر اچڻ جو چيو هئائين تہ پوءِ اچانڪ ائين....... بهر حال آمنہ ڪين ويهڻ جي آڇ ڪئي . احسان احمد جيڪو ڪجه پَر پرو هڪ آرام ڪرسيءَ تي ويٺو ڪو رسالو پڙهي رهيو هو. ان سان اياز جي دعا سلام ٿي. اياز ئي سندن حيرانگي دور ڪندي چيو.

”آنٽي! مون يونيورسٽيءَ کان واپسي تي زرتاج کي ٻڌايو هو تہ مان امان کي وٺي ايندس، مون سمجهيو هن توهان سان ڳالهہ ڪئي هوندي، پر لڳي ٿو هُن کان خيال لهي ويو. بهرحال مان ائين بنا ٻڌائڻ جي اچڻ لاءِ

معذرت خواه آهيان. “

”پُٽ ڪا ڳالهہ ناهي ، هي توهان جو پنهنجو گهر آهي. ٿي سگهي ٿو زرتاج جي ذهن مان نڪري ويو هجي، خير ڀلي آيا جيءُ آيا. “

آمنہ ملازمہ کي سڏي چانهہ لاءِ چيو. ان دوران حسنہ بہ پاڻ کي ڳالهہ اڳتي وڌائڻ لاءِ تيار ڪري ورتو هو.

”پيڻ! اصل ۾ زرتاج ڏيءُ هڪ ڀہ دفعہ اسان جي گهر آئي آهي، توهان جي نياڻي ڏاڍي سُلڇڻي ۽ پياري آهي، مونکي هوءَ تمام گهڻي پسند آهي. “

احسان احمد بہ رسالو هڪ طرف رکي هنن جي ڳالهين ۾ شامل ٿي ويو. هو اياز جي ماءُ جو عنديو( مقصد ) ڪنهن حد تائين سمجهي ويو هو.

”پيڻ! توهان جو اياز بہ نهايت شريف، سمجهدار، بردبار ۽ هونهار ڇوڪرو اهي، هن جو پڙهائيءَ ۾ شآندار رڪارڊ ڏسي مونکي لڳندو آهي تہ ڪيس سي ايس ايس ڪرڻ گهرجي. “

احسان احمد جي اهڙي حوصلا افزا ڳالهہ ٻڌي حسنہ دل ئي دل ۾ اطمينان محسوس ڪيو ۽ ڳالهہ اڳيري ڪرڻ خاطر چوڻ لڳي،

”بس ادا! اسان جو فرض هو تہ ٻارن جي سٺي تربيت ڪيون ڪين تعليم جي زيور سان آراستہ ڪيون، اسان پنهنجي فرضن کي نباهڻ جي جيءُ جانِ سان ڪوشش ڪئي ، هاڻي سندن مرضي ، پنهنجي آئيندي لاءِ جيڪو بهتر سمجهن اهو ڪن. “

ماءُ جي ڳالهہ ٻڌي اياز چوڻ لڳو،

”انڪل ! في الحال تہ مون هڪ جاب لاءِ اپلاءِ ڪيو آهي، ڪميشن ۾ ليڪچرر شپ جون جايون آيون هيون بس جلد انٽرويو ٿيڻا آهن ڇوتہ اهي پوسٽون منهنجي آخري سيميسٽر وقت اعلان ٿيون هيون ۽ گذريل سيمسٽر جي بنياد تي ئي اپلاءِ ڪيو هيم. چاهيان ٿو تہ ڪجه سيٽل ٿي پوءِ اڳتي لاءِ سوچيندس، تہ آئينده لاءِ ڪجه ڪرڻ گهرجي يا ان تي ئي اڪتفا ڪجي. “

ان وقت ملازمہ سان گڏ زرتاج بہ چانهہ وغيره کڻائي اندر آئي، ملازمہ ميز تي چانهہ لڳائي تہ زرتاج بہ ماءُ جي ڀرسان صوفي تي اچي ويٺي ۽ چانهہ ناهي سپني جي آڏو رکي. چانهہ پئندي حسنہ پنهنجي اچڻ جو سبب واضع انداز ۾ پيش ڪيو.

”پيڻ! مان توهان جي زرتاج کي پنهنجي ڌيء..... منهنجو مطلب آهي، پنهنجي گهر جي راڻي بنائڻ چاهيان ٿي. “

اهو ٻڌي زرتاج شرمائجي اٿڻ لڳي ته آمنه کيس ٻانهه کان جهلي ويهاريندي چيو.

”ڪيڏانهن پئي وڃين، اسان توهان ۾ ۽ توهان جي ٻائرن ۾ ڪڏهن به ڪو فرق ناهي ڪيو. تون هڪ پڙهيل لکيل ۽ سمجهدار ڇوڪري آهين، توکي اسان جي سامهون پنهنجي زندگي جي متعلق فيصلو ڪرڻو آهي . ٻڌاء اياز جي باري ۾ تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي. ڏٺل وائٺل ٻرڪيل پوتل ڇوڪرو آهي، تنهنجي پاپا کي به پسند آهي. وڏيڪ جيڪا تنهنجي مرضي هوندي اسان ان مطابق فيصلو ڪنداسين.“

زرتاج شرمائيندي جواب ڏنو ته جيڪڏهن هنن کي پسند آهي ته پوءِ کيس به ....ايترو چئي هوء خاموش ٿي وئي، سندس چهري جي رنگت حياء وچان ڳاڙهي ٿي وئي هئي، اياز چور نظرن سان هن جي چهري جي حياء آميز تاثرات کي محسوس ڪندي دل ئي دل ۾ گد گد ٿي رهيو هو هن جي من جي مراد جو پوري ٿيڻ واري هئي.

آمنه سندس هاڪاري جواب ٻڌي خوشي مان اُٿي ۽ آمنه کي ڀاڪر پائي ملي ته اياز به اٿي احسان صاحب جا پير ڇهيا. پوءِ آندل مٺائي هڪ ٻئي کي کارائي ۽ حسنه آندل چُنريء جو رئو زرتاج کي اوڍايو. اهڙي طرح هنن جو رشتو طئي ٿي ويو.

اهو ٻڌي غزل کان رهيو نه ٿيو وچ ۾ دخل ڏيندي ،

”جيڪڏهن سڀ ڪجه ائين آسانيء سان طئي ٿي ويو هو ته پوءِ هي سڀ ڪجهه ڇا آهي، ڇا اڳتي هلي اياز بي وفائي ڪئي. يا حالات بدلجي ويا.“

”نه اهڙو ڪجه به نه ٿيو هو. بس بندي جي من ۾ هڪڙي ، رب جي فيصلن ۾ ڀلا ڪير ٿو دخل ڏئي سگهي.“

نائله ڳالهه جاري رکندي چيو. هوء به اج پڪو پهه ڪري آئي هئي ته جيستائين پوري ڪهاڻي غزل جي گوش گُذار نه ڪندي، هتان ڪونه ويندي کيس به اج واندڪائي هئي.

”ها ته پوءِ ڇا ٿيو،“

غزل ڳالهہ اڳتي وڌائڻ لاءِ چيو.

”اياز ۽ سندس ماء، آمنہ وارن وٽان ٿي منائي کڻي سڏو مما جي سهيلي آنٽي شمع جي گهر آيا . شمع آنٽي هنن جي پري جي عزيز آهي ۽ آمنہ آنٽي جي بلڪل پر واري بنگلي ۾ رهندي آهي.

حسنہ منائي ڏيندي کين ٻڌايو تہ هو احسان صاحب وارن وٽان، اياز جي ڳالهہ پڪي ڪري آيا آهن .

اهو ٻڌي آنٽي جي گهر واري جنيد انڪل چيو تہ،

”ماڻهو تہ تمام سُٺا آهن، پر سندن وڏو پُٽ عمران تمام ڏنگوءِ گهَمنڊي آهي، هُن کي وڏو ماڻهو هجڻ جو تمام گهڻو ڪامپليڪس آهي. هو ڪنهن کي بہ خاطر ۾ ناهي آڻيندو.“

جُنيد جي اهڙي ڳالهہ ٻڌي حسنہ کي تشويش ٿيڻ لڳي . ماء جو لٿل منهن ڏسي اياز ماء کي آٿت ڏيڻ لڳو،

”پائو توهان بلڪل بجا پيا چئو . منهنجو ڪافي وقت کان چاچا احسان وارن جي گهر اچڻ وڃڻ آهي، گهر ۾ سڀ ماڻهو مونکي پائيندا گهرندا آهن ليڪن پائو عمران جو رويو مونسان ڪڏهن بہ درست ناهي رهيو ۽ اها ڳالهہ سيني گهر وارن کي چڱي ريت معلوم آهي، اهو انديشو مون زرتاج آڏو ظاهر بہ ڪيو هو پر هن مونکي اطمينان ڏياريو هو تہ هوءِ پنهنجي ذاتي زندگيء ۾ ڪنهنجو بہ عمل دخل پسند ناهي ڪندي. “

جنيد بہ هن کي دلداري ڏيندي چوڻ لڳو،

”توهان ڳڻتي نہ ڪيو . احسان صاحب وارا تمام روشن خيال آهن، ضرور سوچي سمجهي فيصلو ڪيو هوندن. توهان بہ جلد ڪنهن نوڪريء سان لڳو جيئن پنهنجي گهر داري خوش اسلوبيء سان نڀائي سگهو.

”بس ابا! ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي . جيئن ڪا نوڪري ملي ٿي تہ شادي ڪرڻ ۾ دير نہ ڪبي، ڪميشن جي انٽرويو جو ليٽر بہ پهتل اٿس، هن ئي هفتي خير سان انٽرويو اٿس بس دعا ڪجو تہ ڪامياب ٿئي.“

غزل وري بيتابي سان پڇڻ لڳي،

”تہ پوءِ ڇا ٿيو. شمع آنٽي وڌيڪ ڇا ٻڌايو. نائلہ غزل جي اهڙي بيتابي ۽ تجسس کي محسوس ڪندي پنهنجي ڳالهہ جاري رکي.“

”آنٽيءَ ٻڌايو تہ جيئن تہ زرتاج جي فيملي ڪافي روشن خيال ۽ ايڊوانس هئي، ڳالهہ پڪي ٿيڻ کان پوءِ اياز ۽ زرتاج آزاديءَ سان هڪ ٻئي سان ملندا هئا، مٿن ڪابہ روڪ ٽوڪ ڪونہ هئي . ليڪن هنن ڪڏهن بہ پنهنجي گهر وارن جي اعتماد کي ڇيهو پهچائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ۽ نہ وري ڪي حدون اورانگهيون. ڪجهہ وقت کان پوءِ اياز کي هڪ ڪاليج ۾ ليڪچررشپ ملي وئي، تہ هنن شاديءَ جي تياري شروع ڪري ڇڏي. مون توهان کي ٻڌايو تہ آنٽي ۽ زرتاج جي گهرن جي وچ ۾ صرف هڪ ڀِتِ آهي هڪ ڏينهن شام جو وقت هئو تہ زرتاج جي گهران زور زور سان ڳالهائڻ جا آواز اچڻ لڳا، ڇڻ ڪو جهڳڙو ٿيندو هجي آنٽي شمع تجسس وچان پنهنجي ڌيءَ کي اوڏانهن اماڻيو جيڪا زرتاج جي ننڍي ڀيڻ جي سهيلي آهي. ان واپس اچي ٻڌايو تہ عمران جيڪو هڪ وفاقي اداري ۾ ٻئي صوبي ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ ڪافي عرصي کانپوءِ گهر آيو هو. اياز ۽ زرتاج جي شادي طئي ٿيڻ جو ٻڌي هو سخت طيش ۾ اچي ويو هو. هن ڇيو پئي تہ هن جي صلاح جي بغير اهو رشتو ڪيئن طيءِ ڪيو ويو. نہ صرف ايترو پر شادي جي تاريخ بہ مقرر ڪري ڇڏي ۽ کيس ٻڌائڻ بہ ضروري نہ سمجهيو. ان تي احسان صاحب کيس گهڻوئي سمجهايو پئي تہ اياز گذريل ٻن ٽن سالن کا سندن گهر ايندڙ ويندڙ آهي هو ڏٺل وائٺل نهايت شريف ۽ سلجهيل ڇوڪرو آهي، ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ زرتاج ۽ هو هڪ ٻئي کي پسند ڪن ٿا، ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ڳالهہ کين ڏسڻ کپندي هئي. هوءَ هڪ پڙهيل لکيل فيملي آهي، هن جي ماءُ هاءِ اسڪول ۾ ٽيچر آهي. “

اهو ٻڌي عمران نهايت ڪروڌ ڀرئي لهجي ۾ چوڻ لڳو.

”هنن جو گهر گهاٽ ڏسڻ جي بہ توهان کي توفيق نہ ٿي، بس هو ماءُ سان گڏ آيو تہ رشتو طئي ڪري ڇڏيوَ......... ڪير آهن ڪهڙو خاندان آهي.... ان جي ڪنهن کي ڪا خبر ناهي. رشتا ناتا خاندان ڏسي جوڙيا آهن بس ڇوڪري ڇوڪريءَ هڪ ٻئي کي پسند ڪيو تہ شادي طئي ٿي وئي اهو آهي توهانجو رشتن جوڙڻ جو معيار. نہ آڳي ڏسٽي آ نہ پيڇي، بس طئي ٿي ويو رشتو. “

آمنہ پُٽ کي ٿڌو ڪرڻ خاطر وڌي وجي هُن جا ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾

جھليا ۽ ڪاڏي تي هٿ رکي نرم لهجي ۾ کيس سمجهائڻ لڳي، تہ هو ٻئي پڙهيل لکيل ۽ سمجهدار آهن، هڪ ٻئي کي تمام گهڻو پسند ڪن ٿا زندگي کين هڪ ٻئي سان گذارڻي آهي تہ پوءِ گهر گهاٽ جي ڪهڙي اهميت باقي رهي ٿي، جيون گهارڻ لاءِ هڪ ٻئي جو ساٿ هجڻ ئي ڪافي هجي ٿو. پوءِ بہ اياز کي ڪاليج ۾ نوڪري ملي آهي . اڳتي سي ايس ايس ڪرڻ جو ارادو اٿس.“

هو ماءُ جا هٿ پري ڪندي نهايت ڪاوڙ ۾ رُڪائي سان چوڻ لڳو

”تہ ڇا ٿي پيو رشتا ڇوڪري ڇوڪريءَ جا نہ پر خانداني پس منظر کي آڏو رکي جوڙيا آهن، آخر دنيا داري بہ تہ ڏسڻي پوي ٿي. صرف اهو نہ پر توهان تہ رشتو طئي ٿيندي ئي کين ايڏي آزادي ڏئي ڇڏي آهي جو هو اڪيلا وتن ٿا حيدرآباد ۾ شاپنگ ڪندا.“

احسان صاحب کي پُٽ تي ڪاوڙ تہ ڏاڍي پئي آئي، ليڪن جوان اولاد جي جذباتي پڻي جي کيس چڱي ريت ڄاڻ هئي، ان ڪري برداشت ۽ تحمل کان ڪم وٺندي انتهائي نرم لهجي ۾ کيس سمجهائڻ لڳو

”پُٽ ! تنڌو ٿي، اسان پنهنجي نياڻيءَ جي اهڙي تربيت ناهي ڪئي، جو هوءَ پنهنجون حدون اورانگهي سگهي. هونئن بہ ڪجھ ئي ڏينهن جي ڳالهہ آهي، پوءِ تہ هو جيون ساٿي بنجي ويندا.“

آخر ماءِ پيءُ جي گهڻو سمجهائڻ کان پوءِ هن پنهنجي هوڏ تان لهندي لهندي بہ هڪ شرط رکي ئي ڇڏيو تہ هو پهرين هنن جي متعلق مڪمل ڄاڻ لهندو، جيڪڏهن کيس ڳالهہ سمجھ ۾ آئي تہ واه نہ تہ هو اهوسنگ ٿيڻ نہ ڏيندو.

آمنہ سندس ڳالهہ کي ماٺُ ڏيندي چيو.

”مونکي تہ ڪا گهتتائي ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي اچي، پر تون چئين ٿو تہ پلي پنهنجواطمينان ڪري وٺجانءَ ڪٿان بہ معلوم ڪري سڄي ڄاڻ وٺي سگهين ٿو.“

اڃان اهو بحث هلي ئي رهيو هو تہ عمران جو سيل فون وڄڻ لڳو. هن فون ڪٽي ڳالهايو. ٻئي طرف آفيس طرفان کيس ڪجھ ٻڌايو ويو جنهن کي ٻڌي سندس چهري تي فڪرمندي جا تاثرات ظاهر ٿيا. فون بند ڪري مٿي کي هٿ ڏئي ويهي رهيو تہ احسان صاحب کانئس پڇيو تہ هو ڇو ايڏو ڳڻتي ۾ اچي ويو آهي.

”آفيس مان فون آئي هئي، اسلام آباد ۾ هڪ هفتي جي ٽريننگ آهي، صبحاڻي ئي وڃڻو پوندو. ان کان پوءِ مونکي هتي ميرپور خاص ۾ ئي پوسٽنگ ملي ويندي. “

ماڻس فڪر ڀريئي انداز ۾ چيو.

”پر ڏهن ڏينهن کان پوءِ زرتاج جي شادي آهي......... “

عمران ٿوڪ ڀريئي لهجي ۾ چوڻ لڳو

”شايد توهان جي دعا پوري ٿي، هاڻي تہ شادي واري ڏينهن ئي پهچڻ ٿيندو. ان ۾ بہ ڪا مصلحت هوندي. “

اهو چئي هو تيار ٿيڻ لاءِ پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو.

وقت گذرندي ويرم ئي ڪانہ ٿي، ٻنهي طرفن کان شاديءَ جون تياريون زور شور سان هلي رهيون هيون. آخر اهو ڏينهن بہ اچي پهتو. مينديءَ جي رسم، ڳيچ ڳائڻ جون رسمون، هر طرف هُل هنگاما هئا. شادمانہ هئا. ٻنهي طرف خوشيون ئي خوشيون وکريل هيون. شاديءَ واري ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ شام ڌاري عمران بہ اسلام آباد مان موٽي آيو هئو. هو هن سڄي معاملي ۾ ڪو ڀرو ونڻ جي بجاءِ، چپ چاپ پنهنجي ڪمري ۾ ليٽيو پيو هو ۽ سوچي رهيو هو.

”هن ڪڏهن بہ اياز کي پسند نہ ڪيو هو ۽ اڄ هو سندن گهر جو ناٺي ٻنجڻ وارو آهي، هو هن کي هن نئين رشتي ۾ حيثيت ۾ ڪيئن قبول ڪري سگهندو. پر هاڻي هو ڪري بہ ڇا ٿو سگهي، صبح جو ڪيس ڪراچي رپورٽ ڪرڻ لاءِ وڃڻو آهي، اتان موٽندي شام ٿي ويندي. پوءِ ڀلا هو ڪيئن جاچ پڙتال ڪري سگهندو. انهن ئي سوچن دوران ڪيس ننڊ ڪجهي وئي.

ٻئي طرف زرتاج تمام گهڻي خوش هئي، هوءَ شروع کان ئي اياز .کي چاهيندي هئي، اڄ سندس اها آرزو پوري ٿيڻ واري هئي، باقي اڄوڪو ڏينهن، پوءِ هوءَ ۽ اياز هميشہ لاءِ هڪ ٿي ويندا ۽ ڪير بہ کين جدا ڪري نہ سگهندو. اهڙا ڪئي ارمان ڪئي آرزوئون اندر ۾ سانڍيو هوءَ ان گهڙيءَ جو شدت سان انتظار ڪري رهي هئي.

❤

ٻئي ڏينهن صبح ساڻ عمران تہ ڪراچي هليو ويو. احسان صاحب نوڪرن چاڪرن سميت بنگلي جي لان تي شاميانہ لڳرائي، شاديءَ جي تيارين ۾ مصروف لڳو پيو هو. هنن ڄڃ جي آمد جو سمورو انتظام بنگلي جي لان ۾ ئي ڪيو هو. پارٽيشن لڳرائي عورتن ۽ مردن لاءِ جدا جدا انتظام ڪيو ويو هو. شام ٿيندي ئي تياريون عروج تي پهچي ويون. بيوٽي پارلر تان آيل ڇوڪريون زرتاج کي سنواري رهيون هيون. هوءَ آتشي گلابي زرق برق وڳي ۾ ڏاڍي سهڻي من موهڻي پئي لڳي، گلابي رنگ تي گهرو ميڪ اپ نقش نيٽن کي اجاگر ڪري رهيو هو. ٻاهر هر طرف رنگ برنگي لباس اوڍيل ڇوڪريون ۽ عورتون ڪل پوڳ ۾ مصروف هيڏانهن هوڏانهن پئي گهميون. اهي موقعا بہ عجيب هوندا آهن. شادي شده عورتون پنهنجي شاديءَ جا لمحا ياد ڪندي عجيب قسم جي سرشاري محسوس ڪنديون آهن تہ ڪنواريون سيني ۾ ڪئي قسم جا ارمان ڪئي آرزوئون سانڍيو تصور ئي تصور ۾ پاڻ کي ڪنوار جي روپ ۾ ڀَسي دل ۾ عجيب ڪتڪتايون محسوس ڪنديون آهن. هر عورت اهڙن موقعن تي خوب سينگارجڻ سنورجڻ جي ڪوشش ڪندي نظر ايندي آهي. بس اهڙين ئي ڪيفيتن مان گذري رهيون هيون اتي شريڪ ناريون.

ان وقت دهلن شرناين جي وڄڻ جا آواز فضا ۾ گونجڻ لڳا. جيڪي ڄڃ جي پهچڻ جو سنديس ڏئي رهيا هئا. عورتون ۽ مرد ڄڃ جي استقبال لاءِ ٻاهر نڪري آيا. موڙ ٻڌل گهوٽ گلن سان سينگاريل گاڏيءَ مان ٻاهر نڪري آيو تہ ان سان گڏ گاڏي ڊرائيو ڪندڙ اڌ وهي شخص ٻئي پاسي اچي کيس سهارو ڏنو. عمران دل نہ چاهڻ باوجود موقعي جي نزاڪت کي سمجهندي پنهنجي ويجهن دوستن ۽ پيءُ سان گڏ سندن استقبال لاءِ پنڊال کان ٻاهر اچي بيٺو هو. هو اياز سان گڏ ايندڙ شخص کي ڏسي ٿورو حيران ٿيو هو، پر ان وقت سيئي پنڊال ۾ داخل ٿي ويا هئا . احسان صاحب گهوٽ کي پاڻ سان

وٺي سندس لاءِ مخصوص ڪيل صوفي تي آڻي ويهاريو تہ ساڻ آيل اهو گاڏي ڊرائيو ڪندڙ شخص بہ صوفي تي ويهڻ جي ڪئي تہ عمران تڪڙو تڪڙو صوفي ڏانهن وڌيو ۽ ان شخص کي ٻانهہ کان جهلي اٿاريندي چوڻ لڳو

”سچل چاچا ! تون اتي ڪاٿي پيو ويهڻ جي ڪرين. هي نشست تہ گهوٽ، ان جي والد ۽ ويجهن عزيزن لاءِ آهي........ “

آواز تي سچل بہ غور سان عمران ڏانهن نهاريو ۽ تعجب مان چوڻ لڳو.

”عمران صاحب توهان هتي........... ! “

”ها سچل چاچا ، منهنجي پيڻ جي شادي آهي تہ مان هتي نہ هوندس تہ ٻيو ڪٿي هوندس . “

اهو ٻڌي سچل حيران ٿيڻ کان وڌيڪ پريشان ٿي ويو.

” صاحب! اهو ڇا پيا چئو. توهان اياز جي ڪنوار جا ڀاءُ آهيو......؟ “

” ها پر تون هتي ڪيئن....... ! “

” صاحب! گهوٽ........ منهنجو مطلب آهي، اياز منهنجو پُٽ آهي. “

اهو ٻڌي عمران ذري گهٽ پنهنجا هوش ئي وڃائي ويٺو. ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ڀرئي لهجي ۾ چوڻ لڳو.

”اهو ڇا پيو چوين سچل ! اياز ۽ تنهنجو پُٽ !“

انهي وقت احسان صاحب جنهن پُٽ کي زور زور سان ڪنهن سان ڳالهائيندي ٻڌو تہ تڪڙو تڪڙو اوڏانهن وڌيو. عمران جو ڪاوڙ ۾ ڀريل منهن ڏسي هن جون تہ وايون ئي بتال ٿي ويون ،

”عمران ڇا ٿيو آ تون ايڏو جذباتي ڇو پيو ٿين. “

”بابا مون توهان کي ڇيو هو نہ. تہ ڏسڻ وائسڻ کان سواءِ سڱ نہ ڪيو.........هي سچل آهي........ منهنجي دوست احمد ڪمال جو ڊرائيور ۽ خدمتگار......نہ بابا نہ اهو ناممڪن آهي..... اها شادي ڪنهن بہ صورت ۾ ٿي نہ ٿي سگهي. مان ان اصول جو قائل آهيان تہ شاديون ۽ رشتا هميشہ پنهنجي جوڙ جي ماڻهن سان جوڙجن. نہ کي ڪنهن ايري غيري سان. مان هنن کي پنهنجو رشتيدار تسليم نہ ٿو ڪري سگهان.“

سچل ويچارو چپ چاپ اهو سڀ ڪجهہ ڏسي ۽ ٻڌي رهيو هو هو هن سڄي صورتحال تي ششدر ٿي ويو هو.

احسان پُٽ کي سمجهائڻ جي حتي الامڪان ڪوشش ڪري رهيو هو ته هي وقت انهن ڳالهين جو ناهي، نياڻي جي قسمت ۾ جيڪو هو سو ٿي ويو. ڇا ٿي پيو جو سچل ڊرائيور آهي. محنت مزدوري ڪري پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي ڪفالت ڪري ٿو. هن انهيءَ ئي محنت مزدوريءَ مان پنهنجي اولاد کي اعلي تعليم ڏياري آهي، سندس پُٽ هڪ گزيٽيڊ ملازم آهي. پر عمران پنهنجي هٺ ۽ هوڏ تي قائم رهيو ته هو اهڙي بي جوڙ مائٽي جو ڪنهن به حالت ۾ قائل ناهي، توهان يا ته ڄڃ کي واپس موٽايو يا پنهنجي پُٽ جي زندگي تان هٿ ڪڻو. ائين چئي هن ڪيسي مان پستول ڪڍي ڪٽي پنهنجي لوندڙيءَ تي رکيو. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هن اها شادي نه ٿيڻ جو پهرين ئي پڪو پهه ڪري ڇڏيو هو ان ڪري ئي هو مڪمل تياري سان هو ته قدرت به ڪٽي کيس بهانو مهيا ڪيو ان سڄي ڊرامي کي اياز پنهنجي موڙن جي اندارن ڏسي رهيو هيو. آخر هن جي سهپ جواب ڏئي وئي، پنهنجي جاءِ تان اُٿيو موڙ لاهي ڦٽا ڪيائين ۽ سندن ويجهو اچي چوڻ لڳو.

”اهو سڀ ڪرڻ جي ڪا به ضرورت ڪونهي، مونکي به اهڙي نيچ سوچ رکندڙ ۽ ڪم ظرف ماڻهن سان رشتو جوڙڻ جو ڪو شوق ڪونهي، مان پنهنجي عظيم پيءُ جنهن اسان لاءِ سڀ ڪجه ڪيو ان کي ڪنهن به حالت ۾ گهٽ ڪري يا ان جي مانَ ۾ گهٽتائي ڪرائي اها شادي ڪرڻ جو روادار ناهيان. توهان کي توهان جي پيڻ ۽ اعلي خاندان مبارڪ........ مردن لاءِ ڪنوارون کوڙ....... پيءُ ڪان مٿي ڪير به ڪونهي، مان پنهنجي ماءُ پيءُ تي فخر ٿو ڪيان هوپنهنجي زندگي جنهن سچائي ۽ ايمانداري سان گذاري ، محنت مزدوري ڪري جنهن رتبي تي مونکي آندو آ، انهن کي مان ائين بي عزت ڪري پنهنجي جذباتي خواهشن کي ڪنهن به صورت ۾ پورو ڪرڻ جو قطعي روادار ناهيان.اڳتي وڌي پيءُ کي ٻانهه کان جهلي،

بابا هلو......... مان هڪ منٽ به اهڙي جاءِ تي ترسڻ نه ٿو چاهيان، جتي منهنجي پيءُ کي حقير سمجهيو وڃي ۽ حقارت جي نگاه سان ڏٺو وڃي.“

ائين چئي هو اڳتي وڌيو ته سچل پاڻ سان گڏ آيل سيني مهمانن کي هٿ ٻڌي معافي گهري ۽ احسان صاحب سان مخاطب ٿيو.

”احسان صاحب ! مان معافي طلبگار آهيان، مونکي اها قطعي ڄاڻ ڪونہ هئي تہ منهنجي گهرواريءَ ۽ پُٽ توهان سان سڱابندي ڪئي آهي، عزت افزائي لاءِ مهرباني.“

ڇج واپس ٿي تہ پنڊال ۾ عجيب افراتفري مچي وئي. عورتن تائين بہ اهي خبرون پهچي ويون هيون. هنن جي تہ ارمانن تي ڄڻ وڄ ڪري هئي، هنن ۾ هڪ ٻئي سان سسُ پُس ۽ اشارن ۾ ڳالهيون ٿيڻ لڳيون تہ اخر اهڙو ڇا ٿيو هوندو جو ڇج اجان پهتي ئي مس تہ موٽي وئي. ان وقت آمنہ اچي سڀني سان معذرت ڪئي. تہ سڀني پنهنجا برقعا چادرون سنڀاليون ۽ منهن ڀيلا ڪنديون هليون ويون.

غزل انتهائي انهماڪ (غور) سان نائلہ جون ڳالهيون ٻڌي رهي هئي، جو ڪيس چانهہ جي ٿري وڃڻ جو بہ هوش نہ هو. هن جي چهري جا تاثرات ڏسڻ وٽان هئا. هوءَ سوچي رهي هئي تہ منزل ايترو ويجهو اچي ائين پري ٿي ويندي آهي، خواب ائين بہ پورا پورا ٿي ويندا آهن. انسان جي وس ۾ ڪجه بہ ناهي، هو ڪهڙي بہ تدبير ڪري، تقدير جڏهن پنهنجو وار ڪرڻ تي ايندي آهي، تہ پوءِ انسان جي هر ڪوشش هر سعي ائين رائگان ٿي ويندي آهي. زرتاج ويچاري.......... ! خوشيون بہ چار قدمن جي مفاصلي تي هيون، ۽ جڏهن ڪيس خبر پئي هوندي تہ هن جي پنهنجن ئي هن کان زندگي جي هر خوشي هر مسرت ائين پنهنجي اَنا ۾ هٺ جي اڏيءَ تي ٻل چاڙهي ڇڏي تہ هوءَ ڪيئن نہ ڀڳي ڀُري هوندي. خدا اهڙا نصيب ڪنهن جا نہ ڪري.

نائلہ غزل کي ائين سوچن ۾ غرق ڏسي بيڊ تان اُٿي ۽ چانهہ جا برتن ڪٺا ڪرڻ لڳي.

”آنٽي آپ کي چائي تو بلکل ٹھنڈي هوگئي ، مين دوسري بنا کر لاتي هون.“

”نهين رهني دو مين ويسي بهي زياده گرم نهين پيتي. “

ائين چئي بي دليو هڪ ئي ڍُڪ ۾ ڪوپ خالي ڪري اٿي سامان رڌڻي ۾ رکي آئي. بيڊ تي ويهندي پڇڻ لڳي،

”جب زرتاج کو معلوم هوا هوگا کہ اس کي خوشيان آتي آتي دروازي سي هي لوٹ گئي هين تو وه تو اس صدمي سي پاگل هو گئي هوگي، اپني

ضدي اور خودسر طبعيت کي وجہ سي چيخي چِلائي هوگي، هنگامہ کهڙا کر ديا هوگا.“

”نهين ايسا کچهہ نهين هوا تها، شمع آنٽي بتا رهي تهين کہ.

”زرتاج بنگلي جي آخري ڪناري واري ڪمري ۾ سينگاريل سنواريل ڪنوار جي روپ ۾ ويٺي هئي، جيڏيون سرتيون ساڻس ڀوڳ چرچا ڪري رهيون هيون، جن ڪي ٻڌي هوءَ دل ئي دل ۾ ڪئي ارمان ڪئي آرزوئون لڪايو لبن تي شرمايل مرڪ سجايو خوشين سان سرشار ڪنڌ نمايو ويٺي هئي. هن کي ٻاهر جي سڄي لقاء متعلق ڪابہ سُڌ ڪانہ هئي، البتہ دهلن شرناين جا آواز اچڻ بند ٿي ويا هئا. ان وقت آمنہ ڪمري ۾ داخل ٿي، ڏيءَ کي خوشيءَ ۾ سرشار ڏسي هن جي دل ٻڏڻ لڳي، جڻ ڪنهن تيز ڌار خنجر سندس سيني ۾ ٽنبي ڇڏيو هجي. هن کي سمجه ۾ نہ پئي آيو تہ ڪيس ڪيئن ٻڌائي تہ سندس پنهنجي ئي ڀاءُ پنهنجي ضد ۽ وڏائي ۾ پنهنجو ڀاڻ مارڻ جي ڌمڪي ڏئي هن جي ارمانن جو خون ڪري ڇڏيو آهي،هن جي دنيا اجاڙي برباد ڪري ڇڏي آهي. هوءَ اجان انهي ٻڌ تر ۾ هئي تہ سندس ننڍي ڏيءَ ايوا اندر آئي ۽ ايندي ئي ڀيڻ کي ڀاڪر پائي زاروقطار روئڻ لڳي. زرتاج هن جي اهڙي حالت ڏسي حيران ٿي وئي، هي ايوا کي آخر اچانڪ ڇا ٿي ويو، ماءُ ڏانهن نهاريائين، جنهن جي چهري تي عجيب ويچارگي ڏک ۽ پيڙا ڏسي هن جي اندر ۾ وڍ پوڻ لڳا.

”ڇا ٿيو آ، هي ائين ڇو پريشان آهن؟ “

ايوا کي ماڻس گهٽوئي اشارن ۾ خاموش رهڻ لاءِ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ايوا ماءُ جي اشارن ڏي ڪو ڌيان نہ ڏنو ۽ روئندي روئندي ٻڌائڻ لڳي،

”آپا! چچ موٽي وئي، ڀائو عمران توهان جي شادي ڀائو اياز سان ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. “

اجان هن ايترو ئي مَس چيو هو تہ زرتاج جي منهن جو رنگ ڦڪو پئجي ويو ۽ بجاءِ روئڻ جي ڀيڻ کي پاڻ کان پري ڪري، غش کائي پلنگ تي ڪري پئي. ۽ پوءِ ڪيس ڪو هوش نہ رهيو.

آمنہ ڊوڙندي ٻاهر آئي ۽ مڙس کي سڏرائي سڄي صورتحال کان آگاه

ڪيائين، جنهن ملازم موڪلي ڊاڪٽر کي سڏائي ورتو. ڊاڪٽر سڄي ڳالهه ٻڌي چيو ته هن کي وڏو صدمو رسيو آهي مان سڪون آور سئي هڻان ٿو. پر خيال رهي ته هوءِ جڏهن هوش ۾ اچي ته ڪير به ساڻس اُن اڻ وڻندڙ واقعي جو ذڪر نه ڪري.

ڊاڪٽر سُئي هڻئين ۽ ڪجه دوائون لکيون ۽ واپس هليو ويو.

سيئي ڪمري مان ٻاهر نڪري ويا صرف آمنه سندس پرسان ويهي هَنجون هاريندي رهي. ۽ سوچيندي رهي ته سندس نياڻي جي خوشين جو قاتل ڪو ٻيو نه هُن جو پنهنجو ئي پاءُ آهي، هن کي ذرو به احساس نه ٿيو ته نياڻيءَ جي ڄڄ هڪ دفعو در تان موٽي وڃي ته نه رڳو خاندان جي عزت تي هميشه جو داغ لڳي ويندو پر، سندس پيڻ زنده درغور ٿي ويندي، عمران جيڪڏهن منهنجي ڌيءَ کي ڪجه ٿي ويو ته مان ڪڏهن به توکي بخش نه ڪنديس.

اها ڀيانڪ رات آمنه اکين ۾ ڪاٽي هئي. ننڊ هن کان رُسي وئي هئي، پنهنجي نياڻيءَ جي ارمانن ۽ آرزوئن جي خون تي سندس دل رت جا ڳوڙها ڳاڙي رهي هئي. ڪيس ڪنهن پل چين نه پئي آيو. خدا، خدا ڪري صبح ٿيو ته ايوا اکيون مهٽيندي ڪمري ۾ داخل ٿي، اها اڃان ڪجه چوڻ واري هئي ته هن لبن تي آڱر رکي ڪيس چپ رهڻ جي لاءِ چيو. هوءِ چپ چاپ پير ۾ پيل صوفي تي اچي ويٺي، ان وقت زرتاج اکيون کوليون. ٻنهي ماء پيڻ ڏانهن اجنبي نگاهن سان نهاريو ۽ خاموشيءَ سان اُٿي ويٺي، هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ جي بجاء سامهون واري ديوار کي هڪ ٽڪ ٽڪيندي رهي. مٿس سڪتي واري ڪيفيت طاري هئي. آمنه هن جي اهڙي حالت ڏسي نير وهائيندي ڪمري کان ٻاهر نڪري وئي.

ڪئي ڏينهن گذري ويا، ليڪن زرتاج جي ذهني ڪيفيت ۾ ڪو سڌارو نہ آيو. بس هوءَ چپ چاپ يا تہ سامهون پٽ کي تڪيندي رهندي هئي يا خلائن ۾ ڪجھ تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهندي هئي. هوءَ هڪ زنده لاش بڻجي وئي هئي. جنهن کي نہ ڪنهن خوشيءَ سان سروڪار هو ۽ نہ ڪيس اها ڄاڻ پئي ٿي تہ ڏک ۽ غم ڇا ٿيندا آهن. هر ماڻهو کي اجنبي نگاهن سان نهاري وري خلائن ۾ گُم ٿي ويندي هئي. پاڻي يا سوپ وغيره ڪنهن مهل ماڻس تہ ڪنهن مهل پيڻس زوري پيارينديون هيون. عمران ان واقعي کان پوءِ واپس پنهنجي نوڪريءَ تي هليو ويو هو. پٽس ايترو تہ شرمسار هو جو هو ساڻس نظرون ملائڻ جي پاڻ ۾ همٿ نہ پيو ساري سگهي.ان ڪري هو هن جي ڪمري ۾ وڃڻ کان ڪيٻائيندو هو. ها البتہ جڏهن هوءَ سڪون آور دوائن جي اثر هيٺ آرام ۾ هوندي هئي تہ گهڙي ساعت لاءِ اچي ڪيس ڏسي ويندو هو. لاڏن ڪوڏن سان پاليل پنهنجي نياڻي جي ڏُکن جو ذميدار هو پاڻ کي سمجهندو هو. هو همت ڪري ها تہ اڄ سندس نياڻي ائين دنيا جهان کان بي نياز اکين ۾ ڪئي اجڙيل جهان وسائي ائين جيئري لاش جيان نہ بڻجي وڃي ها.

❤

ائين مهينو کن گذري ويو زرتاج جي حالت ۾ صرف ايترو سُڌارو آيو جو هوءَ پاڻ اٿي واش روم تائين ويندي هئي، ليڪن هوءَ صرف پنهنجي ڪمري تائين محدود هئي.

هڪ ڏينهن سڀ پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ مصروف هئا، شام جو وقت هو ان وقت دروازي جي گهنٽي وڳي، ايوا اُٿي دروازو کوليو تہ سامهون، اياز هڪ خوبصورت ڇوڪري، جنهن کي ڪنوار جو وڳو اوڍيل هو ان سان گڏ بيٺو هو. ايوا هنن کي ڏسي حيران و پريشان ٿي وئي، هوءَ عجب شش و پنج ۾ هئي تہ اياز کيس مخاطب ٿيو

”ايوا....! اسان کي اندر اچڻ لاءِ نہ چوندينءَ.“

هوءَ ٻڏ تر ۾ پئجي وئي تہ کيس اندر اچڻ لاءِ چوڻ گهرجي يا نہ. کيس پيڻ جي حالت جي چڱي طرح ڄاڻ هئي، ننڍي عمر هجڻ باوجود هوءَ ان ڪان پوءِ جي صورتحال کي سمجهي رهي هئي، هوءَ اهو تہ سمجهي وئي هئي تہ اياز سان گڏ آيل ڪير ٿي سگهي ٿي، جيڪڏهن آپا کي ان جي ڄاڻ پئجي وئي، تہ ان جو ردِ عمل ڪهڙو ٿي سگهي ٿو هوءَ فيصلو نہ پئي ڪري سگهي تہ کين اندر اچڻ لاءِ چوي يا نہ. دير ٿيڻ تي ماڻس ٻاهر نڪري آئي، هوءَ بہ اياز ۽ ڇوڪريءَ کي ڏسي ششدر ٿي وئي. اياز اڳتي وڌي کيس سلام ڪيو

”آنٽي اڃان ناراض آهيو ڇا؟ توهان مونکي ٻي حيثيت ۾ تہ قبول نہ ڪيو پر پُٽ تہ چيو اٿو نہ........ ان حيثيت سان مان پنهنجي امڙ کان دعائون وٺڻ لاءِ حاضر ٿيو آهيان. “

آمنہ اهو ٻڌي شرمسار ٿي وئي، ۽ کين اندر اچڻ لاءِ رستو ڏنو. تہ ٻئي اندر داخل ٿيا. هوءَ کين وٺي ڊرائينگ روم ۾ آئي، ۽ کين ويهڻ لاءِ چيو. صوفي تي ويهندي اياز کين ٻڌايو تہ.

”آنٽي ! شانو. منهنجو مطلب آ شبانہ منهنجي پري جي ڪزن آهي، حيدرآباد ۾ رهندا آهن سندس والد اليڪٽريڪل انجينئر آهي. شانو گذريل سال ايم بي بي ايس ڪئي آهي توهان کي پنهنجي ننهن ڪيئن لڳي.“

آمنہ جي اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا جن کي اکين ئي اکين ۾ پيئندي پنهنجي جاء تان اٿي ڪنوار کي مٿي تي هٿ رکي سدا سُکي رهڻ جي دعا ڏني،هوءِ اهو سوچي رهي هئي تہ.

”هن سڄي صورتحال ۾ اياز جو تہ ڪو قصور ڪونهي، عمران ان ڏينهن جيڪا بي عزتي هنن جي ڪئي هئي، ان کان پوءِ هن جو پنهنجي ونيءَ سان گڏجي اسان وٽ اچڻ هن جو ئي اعليٰ ظرف آهي.“

انهي وقت اهو ڪجھ ٿيو جنهن هن خاندان جي زندگيءَ ۾ زهر ڀري ڇڏيو، هنن جي گهر جو سڄو وايومنڊل ئي بدلجي ويو، ٿيو ائين جو خبر ئي نہ پئي تہ زرتاج جيڪا ان پوري عرصي دوران ڪمري کان ٻاهر نہ نڪرندي هئي، ڪيئن آهستہ آهستہ قدمن سان هلندي، جڻ هوءِ ننڊ ۾ هجي، يا ڪا غيبي قوت ڪيس اوڏانهن گهلي وٺي آئي هجي، هوءِ اوچتو ڊرائينگ روم ۾ داخل ٿي. سامهون ويٺل اياز تي نگاه وڌائين تہ سندس اک مان هڪ لڙڪ لڙي آيو، چهرو درد ۽ پيڙا سبب ڪاراٽجي ويو، ليڪن ٻئي لمحي ڪوري ڪاغذ جيان ٿي ويو. ماڻس ڪيس ڏٺو تہ اُٿي سندس ڏي وڌي، ان وقت اوچتو سندس نگاه اياز جي پير ۾ ويٺل ڪنوار جي وڳي ۾ سينگاريل چوڪريءَ تي پئي. تہ ائين لڳو جڻ ڪيس بجلي جو ڪرنٽ لڳو هجي ۽ ننڊ مان سجاڳ ٿي پئي هجي، هڪ زوردار رڙ ڪيائين ۽ ڊرائينگ روم ۾ رکيل شيون اُڇلائڻ لڳي، پوئتي مڙي زور سان دروازو بند ڪيائين . وري ڪولي ڏڙام سان ٻيهر بند ڪيائين. . سڀ حيران پريشان ڪيس ڏسندا رهيا ڪنوار تہ هيسجي اتي ويهي رهي، اياز جي حالت بہ تمام خراب ٿي وئي هئي، منهن تامڙي هڻي ويو هوس، هن کي ان سڄي عرصي دوران پوئتي جي حال جي ڪابہ خبر نہ هئي . هو پنهنجي انا جي جنگ وڙهڻ ۾ ايترو تہ مصروف ٿي ويو هو جو هن ڪڏهن زرتاج جو حال بہ معلوم ڪرڻ جي ضرورت نہ سمجهي هئي. ۽ اڄ هن کي اهڙي حال ۾ ڏسي پاڻ کي مجرم محسوس ڪرڻ لڳو هو تہ هو هن مظلوم ڇوڪريءَ جي ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪڻ لاءِ ڇو هتي پهچي ويو هو. هو اُتي جيتري دير موجود رهيا، زرتاج پنج ڊاهہ ڪندي رهي. آمنہ اُتي ڪيس روڪڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان کي ڌڪو ڏئي رڙيون ڪندي ٻاهر نڪري وئي. ٻاهر نڪري بہ هوءِ سامهون آيل هر شيءِ کي اڇلائيندي رڙيون ڪندي

پنھنجي ڪمري ڏانھن ھلي وئي، تہ اياز ڪنوار ڪي وٺي تيزيءَ سان ٻاھر نڪري ويو.

اھو ڏينھن ۽ اڄ جو ڏينھن سانده ٽي سال گذري ويا آھن زرتاج جي حالت ناھي سڌري، ڪنھن وقت تہ بلڪل نارمل لڳندي آھي،ليڪن دورو پوندو اٿس تہ وٺي رڙيون ڪري شيون اڇلائيندي آھي. ڪيترا علاج ڪرايا ويا دعا ڦڪيون ڦيڻا، ھر حيلو ھلايو ويو پر ڪو فرق نہ پيو. ڪنھن سندس والد کي ٻڌايو تہ ڪراچيءَ ۾ ذھني بيمارين جا وڏا ڊاڪٽر آھن ٿي، سگھي ٿو تہ سندس علاج اُتي ٿي سگھي ان ڪري ھو ڪيس ھتي وٺي آيا آھن ۽ ھڪ وڏي نفسياتي معالج کان سندس علاج شروع ڪرايو اٿن. "

جيئن جيئن نائلہ زرتاج جي زندگي جا حالات بيان ڪندي ٿي وئي تيئن تيئن غزل جي دل ڊانوان ڊول ٿيندي پئي وئي. اسان جي ارمانن جو خون ڪرڻ وارا ڪي ٻيا نہ پر اسان جا پنھنجا ئي ھجن تہ پوءِ الزام ڪنھن کي ڏجي. عورت ڪيتري بہ پڙھي لکي وڃي، ڪيڏي بہ آزاد ۽ خودمختيار پاڻ کي سمجھي، ليڪن سچ تہ اھو آھي تہ فيصلا ڪرڻ جو اختيار صرف مرد کي ھجي ٿو. پوءِ اھو پيءُ ھجي، ڀاءُ ، جيون ساٿي يا محبوب. عورت تہ ڄمڻ کان مرڻ تائين بي اختيار بس ھيڏانھن ھوڏانھن لوڏجندي پئي وتندي آھي. بي اختيار سندس لبن تي ھي شعر اچي ويو

سرجيس تان سور، سامائي تان سُک ويا،
اھي ڀئي پور، مون نماڻيءَ نصيب ٿيا.

اکين ۾ آيل لڙڪن کي رئي جي پلوَ سان اُگھندي، بيد تان اُٿي. نائلہ اڃا نندي ٻار ھئي ۽ ڪنھن بہ ڳالھہ جي سنجيدگي کي محسوس نہ پئي ڪيائين غزل جي اھڙي حالت کي ڏسي ڪافي پريشان ٿي وئي.

" آنٽي ! کيا ھوا، آپ ٹھيک تو ھين نا، زرتاج آپي کي روداد سن کر آپ بھت اُداس ھوگئي ھين نا. بس ھم اس کي لئي صرف دعا ھي کر سکتي ھين کہ ڪوئي ايسا مسيحا ملي جو اس کو بلکل ٹھيک کردي. "

ھوءَ صرف ايترو چئي سگھي.

" انشا الله "

♥

نائله ته پنهنجي گهر هلي وئي ليڪن غزل جي ننڊ حرام ٿي وئي هئي. ڪيس ڪنهن به رشتي تي اعتبار نه رهيو هو. جڏهن اسان پنهنجن جي خوشين جو احساس نه ڪيون، اهو نه سوچيون ته اسان جي هَٺ وڏائي ۾ ڪروڙ سان اسان جا پنهنجا عزيز رشتا اسان کان ائين دور ٿي ويندا, زنده هوندي به جيئڻ جي هر اُمنگ هر حوصلو هاري هن دنيا ۾ رهندي به دنيا کان فراريت جي راه اختيار ڪري ڇڏيندا.. ته پوءِ اهڙن مطلبي ۾ خودغرض رشتن جي اسان جي زندگين ۾ ڪهڙي اهميت باقي رهجي وڃي ٿي. عمران جو به اهڙو ئي حال هو. اج زرتاج نه جيئرن ۾ آهي نه مئلن ۾, جيڪڏهن هُن کي اياز جي صورت ۾ خوشيون ملن ها ته عمران جو ڪهڙو نقصان ٿي وڃي ها. ٻئي طرف اياز هو. جنهن زرتاج سان محبت جون دعوائون ڪيون هيون ساڻ جيئڻ ساڻ مرڻ جا وچن ڪيا هئا. ان هڪ گهڙيءَ لاءِ به اهو نه سوچيو هو ته ڇيڇ موٽي وڃڻ سان صرف سندس اَنا مجروح ڪونه ٿي هئي, پر هن سا سلهاڙيل اُن نازڪ نفيس وجود جي به ارمانن جو خون ٿيو هو. سپنا ان جا به وڪرجي ويا هئا. هُن ته اها خبر چار ونڻ جي به ضرورت نه سمجهي هئي ته خواب اڌورا رهجي وڃڻ کان پوءِ زرتاج تي ڇا گذري هوندي. اهو سڀ ٻڌي هوءِ زنده به هوندي الائي نه, بجاء هن سان حال پڇائي ٿيڻ جي, پنهنجي اَنا جي توهين جو بدلو ونڻ لاءِ پهچي ويو سندس گهر, ان جي زخمي وجود تي مزيد نمڪ پاشي ڪرڻ. هي صرف مردن جو معاشرو آهي, جنهن ۾ عزت به مردن جي آ, ته اَنا به انهن وٽ آهي, شل نه ان تي ڪو حرف اچي ائين تڙپي ڦٿڪي اُٿندا, ڄڻ ڪنهن سندن ڏڪويل رڳ تي پير رکيو هجي. ويچاري عورت نرم و نازڪ وجود باوجود ڪيس پٿر جي بي جان مورتي سمجهيو ويندو آهي. جنهن وٽ نه احساس ٿي سگهن ٿا نه جذبات. هميشه ان جي ئي سهپ کي آزمائش ۾ وڌو وڃي ٿو.

زرتاج جي دماغي پيچ ڏاهہ جو جيترو ذميدار سندس پاڻ آهي اوتروئي ڪيس چاهت جي راهہ ۾ رولينڌڙ سندس اهو نام نهاد محبوب آهي. وڏو ڏوهاري ڪير آهي. اسان جي هن سماج ۾ انا بہ صرف مرد جي مجروح ٿئي ٿي، عزت نفس ڪي نيس بہ اُن ڪي ئي پهچي ٿي ، عورت ڪي تہ صرف انائن جي سُوريءَ تي چاڙهيو وڃي ٿو. هن ڪي هڪ بيجان مورت سمجهي ظلم ۽ دردن جا پهاڙ ڪيرايا وڃن ٿا. اهو سمجهندي تہ نہ هن وٽ دل آهي نہ ان ۾ پريل احساس، ۽ نہ هن ڪي درد بہ ٿيندو هوندو. جڏهن هن جي آرزوئن ڪي چيپاٽيو ويندو. هوءَ تہ بس صبر ۽ سهپ جو پيڪر سمجهي وڃي ٿي، ۽ پوءِ هوءَ پنهنجن ۽ پراون جي ڏنل سُور سهڻ جي شڪتيءَ جي آخري حد تي پهچي وڃي ٿي تہ ان سڀ ڪان فراريت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو ذهني توازن وڃائي پاڻ ڪي دنيا و مافيها ڪان دور وٺي وڃي ٿي. جيڪڏهن اياز جنهن زرتاج سان پيار جا پيچ پاتا هئا گڏجي زندگي گهارڻ جا عهد و پيمان ٻڌا هئا. تہ پوءِ هُن ڇو عمران جي ڪيل زيادتيءَ جو بدلو زرتاج ڪان ائين ورتو. هوءَ تہ آهستي آهستي زندگيءَ جي طرف موٽي رهي هئي. پلا اگر ڪنهن جي ارمانن جو خون ٿي وڃي، اهو زنده درگور ٿي وڃي، تہ بجاءِ ان جي مرتئي تي دلداريءَ جو سبب بڻجي، ان سان عُذر خواهي ڪجي، نہ ڪي پنهنجي شادمانين جي نويد ڪٺي، انهن جي ناڪامين ۽ نامرادين جو ائين مذاق اُڏائڻ جو سبب مهيا ڪجي.

جيڪڏهن اياز پنهنجي ڪنوار ڪي وٺي ائين زرتاج جي گهر نہ پهچي ها. جيڪڏهن سندس اعليٰ تعليم يافتہ ڪنوار ڪيس ان جي اجازت نہ ڏئي ها تہ عورت جي نازڪ دل ڪي وڏيڪ پورا پورا ڪرڻ ڪيئن ٿو جُڳائي، تہ اڄ زرتاج ائين ذهني توازن نہ وڃائي ويهي ها. جو نہ جيئرن ۾ رهي هئي نہ مري ويلن ۾. نہ صرف هوءَ بلڪ پورو خاندان بہ اڄ اهڙي پيڙا مان گذري رهيو هو. اهو ڪير انهن ڪان ئي پڇي.

اهڙين ئي سوچن، ۽ پنهنجي اڪيلاين جو عذاب ، غزل ڪان سَنو نہ ٿي ٿيو. الائي هُن جي زندگيءَ ۾ بہ ڇا لکيل آهي، فواد بہ ڪيتري عرصي ڪان فون نہ ڪئي هئي. پوءِ بہ هوءَ سندس انتظار ڪري رهي هئي تہ هڪ ڏينهن هو ضرور ايندو ۽ هن جون تنهايون ختم ٿي وينديون.

ڪئي ڏينهن تائين غزل زرتاج جي ان پيڙا کي محسوس ڪندي ڳوڙها ڳاڙيندي رهي هئي هِن جو پنهنجو درد بہ سوايو ٿي ويو هو. زرتاج جون دانهون ڪوڪون هر وقت سندس ڪنن ۾ ٻُرڻ لڳنديون هيون ۽ جنهن ڏينهن زرتاج کي دورو پوندو هو اهو ڏينهن گهارڻ تہ هن لاءِ اذيت ناڪ بنجي ويندو هو. هوءَ هڪ محتاط طبعيت جي عورت هئي. ڪڏهن بہ ڪنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ دخل ڏيڻ پسند نہ ڪندي هئي.ليڪن غير ارادي طور هوءَ ان درد ڪهاڻيءَ ۾ شامل ٿي وئي هئي. هن جي دل شدت سان چاهيو ٿي تہ هوءَ زرتاج سان ملي هن جو ڏُک ونڊڻ جي ڪوشش ڪري پر ڪيئن...... ؟

❤

هڪ ڏينهن صبح ساڻ آسمان تي هلڪا هلڪا ڪڪر ڇانيل هئا، بهار جي موسم ۾ ٿڌڙي ٿڌڙي هير گهُلي رهي هئي. گهڻن ڏينهن کان پوءِ غزل پنهنجي اندر سرشاري ۽ فرحت محسوس ڪري رهي هئي. شام ڌاري جڏهن هوءِ انسٽيٽيوٽ کان ٻاهر نڪتي ته هلڪي هلڪي بوندا باندي شروع ٿي وئي، ته هن جي دل تي ڄڻ ڇنڊو پئجي ويو. هوءِ خوش خوش ٽيڪسي روڪرائي ان ۾ سوار ٿي گهر پهتي، ٽيڪسيءَ واري کي ڀاڙو ڏئي فارغ ڪري جيئن بنگلي جي گيٽ طرف وڌي، ان وقت گيٽ جي دروازي تي هڪ ٻي ٽيڪسي اچي بيٺي، جنهن مان اڳين سيٽ تان هڪ 15 _ 16 سالن جو نينگر لٿو ۽ پويان هڪ اڌ وهي عورت ۽ ٻي 26_ 27 سالن جي ڇوڪري نمودار ٿي. ڇوڪريءَ تي نگاهه پوندي ئي غزل نظرون هٽائڻ ئي وسري وئي. ڳوري ٻڳي رنگت تکا نيڻ و نقش، گلابي ڳل، البته اکين ۾ عجيب وحشت ۽ بيگانگي هئي، هوءِ ڇاڪاڻ ته آرٽسٽ هئي، خوبصورت چهرا هن جي ڪمزوري هئا. ان ڪري اهڙي حسين و وجيهه چهري کي ڏسي سندس دل چاهيو ته اُتي بيٺي بيٺي هن جي مورت گهڙي وٺي. ٻئي گيٽ تي موجود هيون. غزل سمجهي وئي هئي ته اهائي آمنه ۽ ڪمپني آهي. هن مرڪي آمنه کي سلام ڪيو. آمنه پهرين ته غور سان ڪيس ڏٺو پوءِ سلام جو جواب ڏنو. غزل ويجهو اچي زرتاج سان هٿ ملايو.

”مان غزل ....... هن ئي بنگلي ۾ ايما آپيءَ جي پي.اِنگ گيسٽ آهيان، ۽ ڪافي عرصي کان هتي رهائش پذير آهيان.“

زرتاج هٿ ته ملايو پر ان ۾ عجيب سرد مهري ۽ بي اعتنائيءَ جو احساس هو. البته آمنه نهايت گرم جوشيءَ سان ملي. هن پرديس ۽ مخدوش حالات ۾ پنهنجي ٻولي ڳالهائڻ وارو ۽ پنهنجائپ جو انداز، اهڙي ئي ڪنهن دوست جي ملڻ سان طمانيت جو احساس وڌي ويندو آهي. خوش دليءَ سان مسڪرائيندي چيائين،

”ايما ٻڌايو هو تہ توهان سندس گيسٽ روم ۾ رهائش پذير آهيو. هي منهنجي ڌيءَ زرتاج آهي، توهان سان ملي واقعي طبعيت خوش ٿي وئي. “

”پوءِ تہ آپا، اڄ موسم بہ خوشگوار آهي ۽ توهان سان خوش قسمتي سان ائين ملاقات بہ ٿي وئي آهي، تہ پوءِ پليز! مونکي خوشي ٿيندي تہ توهان هڪ ڪوپ چانهہ جو مونسان گڏ شيئر ڪيو. مان اڪيلي اڪيلي چانهہ پي، يقين ڪيو سخت بيزار ٿي وئي آهيان.“

غزل جي لهجي ۾ صلاحڻ جي انداز ۾ اهڙي تہ پنهنجائپ ۽ خلوص هيو ۽ هن شايد دل سان چاهيو پئي تہ زرتاج جو هڪ جيڏين سان ميل ميلاپ ٿئي، ڇوتہ ڊاڪٽر هن جي ذهني دٻاءَ کي گهٽ ڪرڻ لاءِ سماجي سرگرمين ۾ ڪيس مشغول رکڻ جي خاص هدايت ڪئي هئي. ان ڪري هن انڪار مناسب نہ سمجهو ۽ خوش دليءَ سان چوڻ لڳي،

”ڇو ڪونہ، ماڻهو ماڻهوءَ جو ڪاج آهي، جيڪڏهن توهان پنهنجي اڪيلاين کان بيزار ٿي ويون آهيو تہ اسان کي بہ هتي ڪجه دوستن جي ساٿ جي ضرورت آهي. ڌيءُ ڌي نهاريندي، زرتاج پُٽ! ڇا خيال آهي غزل جي دعوت قبول ڪرڻ تي توهان کي ڪو اعتراض تہ ڪونهي.“

زرتاج نهايت ئي سرد مهريءَ سان پهرين ماءُ ۽ پوءِ غزل ڏانهن نهاريو. هن جي نهار ۾ هزارين درد، پيڙائون ۽ حسرتون سمايل هيون غزل جي دل ٻڏڻ لڳي، ڄڻ ڪنهن اندر ۾ ڪاتيءَ سان وڍ ڏئي وڌا هجن. هوءَ تہ پاڻ دردن جي ماريل هئي. ليڪن هن همٿ ڪري هن من موهڻي ڇوڪريءَ جا ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهليا ۽ نرم انداز سان مرڪي ڏانهس نهاريندي چوڻ لڳي،

”مس زرتاج سڀ چوندا آهن تہ مان چانهہ ڏاڍي سُٺي ٺاهيندي آهيان ڏسو نہ موسم ڪيڏي نہ خوبصورت آهي، ان ۾ گرم گرم پڪوڙا ۽ چانهہ جو مزو يقيناً توهان کي ايندو.“

هوءَ سندس هٿن کي نرميءَ سان دٻائيندي سندس اکين ۾نهارڻ لڳي، تہ زرتاج بہ هن جي هٿن جي نرم، دوستانہ ۽ محبت ڀرئي ڇهاءَ کي محسوس ڪندي پاڻ کي بهتر محسوس ڪرڻ لڳي ۽ خبر ناهي ڪهڙي جذبي تحت غزل سان گڏ اڳتي هلڻ لڳي تہ آمنہ جي مُک تي اطمينان جي لهر ڊوڙي وئي. هن رضا کي چابيون ڏنيون تہ گهر هلي ۽ پاڻ غزل جي پورشن طرف وڌڻ

لڳي. غزل ٻاهريون در ڪوليو ۽ تئي ڪمري ۾ داخل ٿيون. زرتاج ڪمري ۾ داخل ٿي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو غزل جو ڪمرو نهايت فنڪاراڻه انداز سان سينگاريل هو. جنهن ڪي ڏسي زرتاج جي چهري تي ٿوري دير لاءِ هڪ خوشگوار تبديلي جو تاثر اُجاگر ٿيو ليڪن ٻئي لمحي غائب ٿي ويو. هوء اڳتي وڌي چپ چاپ صوفي تي ويهي رهي. غزل ، امنه ڪي ٻه ويهڻ لاءِ چئي هينڊ بيگ ميز تي رکي، ڪچن ڏانهن وڌي وئي. جيڪو روم ڪان ٻاهر اوپن پئسيج ۾ هو. گرم گرم پڪوڙا ۽ ڪباب تري اچي ميز تي رکيائين. خالي پليٽون سندن هٿن ۾ ڏئي کين ڪجه کڻڻ جي صلاح ڪئي، آمنه ڪجه پڪوڙا ۽ ڪباب پليٽ ۾ وجهي زرتاج ڏي وڌايا ته هن پليٽ پري ڪندي پنهنجي هٿ ۾ جهليل پليٽ ۾ ڪباب کنيو ۽ کائڻ لڳي، هن ايتري دير ۾ هڪ لفظ به نه ڳالهايو هو. ليڪن ڪباب کائيندي چوڻ لڳي،

”توهان شايد پنهنجو نالو غزل ٻڌايو هو ....... ها ته، غزل توهان ڪباب پاڻ ٺاهيا آهن ؟ واقعي ڏاڍا مزيدار آهن.“

اهو چوندي هن جو چهرو هر قسم جي احساسات کان وانجهيل هو. غزل هن جي تبصري تي مسڪرائي چوڻ لڳي،

”ها، اهي مون ئي ٺاهيا آهن، توهان کي پسند آيا، ان لاءِ مون کي خوشي ٿي، ڇڻ منهنجي محنت ساب ٿي . جڏهن ڪير ڪنهن جي ٺاهيل شين کي ائين ساراهيندو آهي نه، ته ، هُن جي حوصله افزائي ٿيندي آهي، ۽ جيڪڏهن ساراهيندڙ توهان جهڙي حسين ۽ پياري هستي هجي، ته سون تي سهاڳو ٿي پوندو آهي. “

پنهنجي خوبصورتيءِ جي تعريف ٻڌي زرتاج جي چهري تي عجيب حسرت، ياسيت ۽ اُداسي ڇانئجي وئي، غزل هن جي چهري جي بدلجندڙ تاثرات کي محسوس ڪندي ڳالهه مٽائيندي چوڻ لڳي،

”آپا توهان جي زرتاج ڏاڍي پياري آهي، توهان سان مون پنهنجو مڪمل تعارف ته ڪرايو ئي نه، دراصل مان هڪ فنڪاره آهيان ، هتي ڪراچي جي هڪ انسٽيٽيوٽ ۾گڏريل ٽن سالن کان مجسمه سازي جي سکيا ڏيندي آهيان زرتاج اهڙي ته من موهڻي آهي جو ڪيس ڏسندي ئي دل چيو ته ڪيس آڏو ويهاري سندس مجسمو گهڙي وٺان. “

زرتاج هنن ڳالهين کان لاتعلق ٿيو ڪباب ۾ پڪوڙن سان شُغل ڪندي رهي، ڇڻ هن سڄي گفتگوء سان هن جو ڪو سروڪار ئي نہ هجي. البتہ آمنہ اهو ٻڌي لبن تي خوشگوار مرڪ آڻيندي چيو.

”واه ! تہ توهان مجسمہ ساز آهيو پوءِ تہ توهان پنهنجي ڪاليج ۾ ڪوڙ ساريون مورتيون گهڙيون هونديون. ڪڏهن اسان کي بہ توهان پنهنجا گهڙيل فن پاره ڏيکاريو نہ.“

”ڇو ڪونہ. جڏهن اوهان جي دل چوي اچي وڃجو مان توهان کي ائڊريس ڏئي ڇڏيندس.“

اهو چئي هوء چانهہ ناهڻ لاءِ اٿي وئي تہ آمنہ پيار ڀرئي انداز ۾ زرتاج کي چوڻ لڳي.

”پوءِ ڪڏهن هلون نہ غزل جا ٺهيل مجسمہ ڏسڻ .“

زرتاج ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو پر هميشہ جيان ڪو ردِ عمل بہ ظاهر نہ ڪيو ڇڻ هوء نيم رضامند هجي.

آمنہ بہ ڪيس وڌيڪ زور نہ ڀريو. متان سندس ذهن تي ڪو دٻاء نہ پوي. چانهہ پئندي هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪنديون رهيون ، زرتاج بہ ڪنهن ڪنهن مهل هون هان ۾ جواب ڏيندي رهي، سج لهڻ مهل هو موڪلائي پنهنجي پورشن ڏانهن روانيون ٿيون.

ان ڏينهن کان پوءِ ڪابہ قابلِ ذڪر ڳالهہ ڪانہ ٿي. زرتاج جو علاج هلي رهيو هو ۽ هاٽي سندن پورشن مان رڙين ۽ آوازن ۾ بہ وقفہ وڌندا رهيا. ليڪن ائين بہ نہ هو تہ بلڪل ختم ٿي ويا هجن. غزل ڪڏهن ڪڏهن از راهِ همدردي آمنہ وارن ڏانهن گهڙي ساعت لاءِ چڪر هڻندي هئي. پر زرتاج گهڙي سوا ساڻس ويهي اُٿي ٻئي ڪمري ۾ هلي ويندي هئي. مٿئين پورشن ۾ بہ ٻہ ڪمرا ۽ لائونج هو. آمنہ ئي هن لاءِ چانهہ ٺاهي ايندي هئي.

❤

ائين ڏينهن گذرندا ويا، فواد جو نہ ڪو فون آيو ۽ نہ ڪا خبر چار. ڇهہ مهينہ هن فواد جي بغير ڪيئن گذاريا، رڳو آهن ۽ دانهن ۾ پرين پرپات ڪيئن گُذري، جي مصداق. هوءَ هاڻي بلڪل مايوس ٿي وئي هئي. فواد ڪو واعدو بہ تہ ڪونہ ڪري ويو هوجو ان تي بيوفائي جو الزام ڌرجي. بس انتظار ڪرڻ جو چيو هئائين، ۽ هوءَ انتظار ڪري ڪري مايوس ٿي وئي هئي. هن وٽ دل بهلائڻ لاءِ ٻيو ڪجھ هيو بہ تہ ڪونہ، اڪيلايون ۽ صرف اڪيلايون. ڪڏهن ڪڏهن گهران فون اچي ويندي هئس تہ گهڙي پل لاءِ دل جو ڪجھ درمان ٿي ويندو هئس. هڪ ڏينهن اهڙين ئي سوچن ۾ اُداس ويٺي هئي، تہ اچانڪ فون جي گهنٽي وڳي تہ بي دلي سان فون ڪٽي ڇڏيائين.، نامعلوم نمبر هو. ٻيهرين تہ دل چيس تہ فون نہ ڪٽي پر مسلسل گهنٽي وڄندي رهي تہ مجبور ٿي کنيائين تہ ٻئي طرف فواد جو آواز ٻڌي ڇرڪ نڪري ويس، فواد وڌيڪ ڪجھ ڳالهائڻ کان گريز ڪندي صرف ايترو چيو تہ هو ٻاهر سندس انتظار پيو ڪري جلدي اچي. اهو چوندي فون بند ڪري ڇڏيائين هوءَ حيران پريشان فون سيٽ ڏي ڏسندي رهي، ڪيس يقين نہ پئي آيو تہ فواد ائين اچانڪ فون ڪئي آهي. ڪاٿي اهو هن جو وهم تہ ناهي، ڪاٿي ڪنهن فواد جي آواز ۾ مذاق تہ ناهي ڪئي. اڄ ڏينهن تائين فواد ڪڏهن بہ سندس رهائش گاه تائين نہ آيو هو ۽ اڄ اوچتو ايتري عرصي کان پوءِ ۽ اهو بہ سندس رهائش گاه تي. بي يقينيءَ جي ڪيفيت ۾ هن اهو نمبر بيڪ رِنگ ڪيو تہ ٻئي طرف فواد ئي هو.

”چو؟ ڇا ٿيو اچو ڪونہ ٿا ڇا. ؟ “

”دراصل مونکي يقين نہ پئي ايو تہ ائين اچانڪ ۽ اهو بہ هتي منهنجي گهر تائين توهان ڪيئن پهچي ويا. “

”اچان پڇو پيا، مان ساڳي گهنٽيءَ ۾ پاسي تي ويٺو آهيان جتي هميشہ توهان کي ڇڏيندو آهيان. جلدي نڪري اچو ڊنر ڪرڻ لاءِ هلڻو آهي “ .

غزل جلدي جلدي تيار ٿي ٻاهر نڪري وئي، گهٽيءَ جي پاسي تي فواد سلور ڪلر جي ڪرولا ڪي ٽيڪ ڏيو هن جو انتظار ڪري رهيو هو. هن ڪي پري کان ايندو ڏسي هٿ لوڏي اشارو ڪيائين. هوءَ سڌي گاڏيءَ ڏانهن وڌي وئي، نگاهن ۾ هزارين شڪوه شڪايتون سانديو در کولي گاڏيءَ ۾ وڃي ويٺي. تہ فواد بہ ڊرائيونگ سيٽ سنڀالي، ۽ گاڏي اسٽارٽ ڪري اڳتي وڌي ويو. هوءَ ناراضگي جي انداز ۾ چپ چاپ رئي جي پلوَ کي مروڙي رهي هئي، هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايائين تہ فواد ئي خاموشيءَ کي ٽوڙيو.

”نہ حال نہ احوال، ايتري عرصي کان پوءِ مليا آهيون، ڪجه تہ آدابِ ملاقات ٿيندا آهن.“

هوءَ پوءِ بہ خاموش، ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ کي بي مقصد ڏسندي رهي. ناراضگي جتائڻ جو اهو بہ هڪ خوبصورت انداز آهي. ڪيس چيڙائڻ خاطر رومانٽڪ انداز ۾ چوڻ لڳو.

”پلا انهن ڇهن مهينن ۾ توهان اسان جي ڪا حسين مورت تہ ضرور گهڙي هوندي. پهرين تہ خيالن جي دنيا ۾ رهي، اسان کي وجود ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ هاڻي تہ اسان جي زنده جاويد موجودگي ضرور انسپائريشن ڏني هوندي ۽ يقيناً توهان جي هنن مخروطي آڱرين جي جنبش سان اسان جو ڪو نهايت دلڪش شاهڪار سرجي تيار ٿيو هوندو. پوءِ ڪڏهن ٿا اسان کي اسانجو پاڻ تحفي ۾ ڏيو.“

اهو ٻڌي غزل جي صبر جو مادو لبريز ٿي ويو. اکين مان نير لارون ڪري وهڻ لڳا. ايتري عرصي جو اندر ۾ سانڍيل غُبار سڏڪا بنجي ٻاهر نڪتو، ڊيش بورڊ تي مٿو رکي سڏڪندي رهي، فواد بہ هن کي اندر جو اوبر ڪيڻ لاءِ ڇڏي ڏنو. هوءَ بہ سڏڪندي سڏڪندي چپ ٿي وئي ڪجه ئي دير ۾ هن پاڻ تي ڪنٽرول ڪندي مٿو مٿي ڪنيو ۽ رئي جي پلوَ سان ڳوڙها اُگهندي سڌي ٿي ويهي رهي. پر پوءِ بہ ڪجه نہ چيائين. فواد بہ چپ چاپ گاڏي ڊرائيو ڪندو رهيو. هن گاڏي هڪ چائنيز ريسٽورينٽ جي سامهون روڪي. گاڏيءَ مان لهي ٻئي پاسي اچي هن جو در کوليو

”بس هاڻي معافي، اچو ٻاهر اچو ريئلي آءِ ايم سوري. “

غزل نہ چاهڻ باوجود ٻاهر نڪري آئي ۽ هو ريسٽورينٽ طرف وڌي ويا.

ريسٽوران ۾ ڪافي رش هئي، هيڏانهن هوڏانهن نهاري ڪنڊ ۾ پيل هڪ خالي ميز ڏانهن وڌي ويا. هنن جي ويهڻ جي ڪجهه دير ڪان پوءِ ويٽر آرڊر وٺڻ آيو ته فواد پنهنجي پسند جا هڪ ٻه آئٽم آرڊر لاءِ چيا، رکيل بوتل مان گلاس ڀري غزل ڏانهن وڌايو.

”ڇڏيو ڪاوڙ کي، هي وٺو پاڻي پيو اهو ڪافي ناهي ته مان واپس اچي ويو آهيان ۽ توهان سان گڏ ويٺو آهيان. “

غزل پاڻي پي ڪجهه سامت ۾ آئي ۽ ڏکاري لهجي ۾ چيائين،

”توهان آخر ڪيستائين منهنجي صبر کي آزمائش ۾ وجهندئو. ٺيڪ آ توهان مصروف هوندئو ليڪن فون جو نمبر به مٽائي ڇڏيندا، اهو ڪٿان جو انصاف آهي. توهان جي جهلڻ جي باوجود مون ڪئي دفعه توهان سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ليڪن هر دفعي نمبر بند مليو.“

”جناب اهو ان ڪري جو مان هتان جو نمبر هتي ئي بند ڪرائي ويندو آهيان. تڏهن ئي توهان کي جهليندو آهيان ته فون نه ڪندا ڪيو.“ غزل کي سندس اها منطق سمجهه ۾ نه آئي، ليڪن بحث فضول سمجهندي اهو سوچي ماٺ ٿي وئي ته آخر هن سان ڪهڙي حق سان باز پُرس ( پڇاڻو) ڪيان. هن جي ۽ منهنجي وچ ۾ ڪهڙو ناتو آهي، جنهن مونکي اهو حق ڏنو هجي. مون جڏهن به مستقبل جي باري ۾ ڳالهائڻ چاهيو، هن منهنجي حوصلا افزائي ڪانه ڪئي. ڪو واعدو ڪو عهد و پيمان، ڪجهه به ته نه ٿيو آ اسان جي درميان ، پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ کي زور بار ڪرڻ مان ڇا حاصل. پر اهو به ته درست ناهي ته مان هڪ اهڙي آسري ۾ انتظار ڪندي رهان، ته نيٺ ته هو اسان جي آئيندي جي باري ۾ ڪو سنجيده فيصلو ڪندو، ڇا هو هر دفعي ايندو مونسان چند مهينا وقت گذاريندو ۽ پوءِ هڪ نئين آس، واپس ورڻ جي ڏئي، گم ٿي ويندو ۽ پوءِ ڪئي مهينن کان پوءِ پيو منهن ڏيکاريندو.“

عورت به ڪهڙي نه لاچار ۽ بيوس آهي، جو چاهڻ باوجود پنهنجي دل جي ڳالهه پنهنجي خواهشن جو اظهار ايستائين نه ٿي ڪري سگهي، جيستائين مرد پيش قدمي نه ڪري. قدرت اهو حق صرف مرد کي ڇو ڏنو آهي، وٽيس ته عورت جي نه چاهڻ جي باوجود ڪٿي به ڪڏهن به سندس رستا روڪ ڪري پنهنجي ڳالهه مڃرائڻ جي ڪوشش ڪري، پلي عورت

اهو سڀ ڪجھ نہ بہ چاهيندي هجي، ۽ هن جي خواهشن آڏو جيڪڏهن هوءِ جرئت ڪري بند ٻڌڻ جي ڪوشش ڪري تہ هو برهم ٿي ڪو نہ ڪو انتهائي قدم کڻي پنهنجي ڳالھ ميرائڻ لاءِ آتو ٿي وڃي،ڪڏهن زور زبردستي تہ ڪڏهن وس نہ هلڻ جي صورت ۾ ڪيس تباه و برباد ڪري ڇڏي. پر عورت پنهنجي چاهتن پنهنجي خواهشن جي اظهار ۾ خود مختيار ناهي هوندي. هوءِ دل ئي دل ۾ پڄندي پُرندي ، سڙندي پڄرندي رهندي آهي،حيا رڪاوٽ هوندو آهي ۽ دل جو سور دل ۾ ئي سانديو ماٺ ڪيو ان وقت جو انتظار ڪندي رهندي آهي، جڏهن سندس چاهتن جو مرڪز پاڻ اڳتي وڌي هن جو هٿ نہ جهلي وٺي. اسان جي هن معاشري ڪيڏا نہ ٻٽا معيار ٺاهي ڇڏيا آهن. جڏهن تہ مذهب عورت ۽ مرد ٻنهي کي جيون ساٿي جو انتخاب ڪرن جو هڪ جيترو حق ڏنو آهي. اهو سڀ سوچيندي غزل جي عجيب ڪيفيت ٿي وئي. هوءِ انهن ئي سوچن ۾ گم هئي تہ فواد هٿ وڌائي سندس هٿ جهلي چوڻ لڳو.

”ڪهڙين سوچن ۾ گم ٿي ويا آهيو. جيڪو وقت مليو آهي ان کي ڪوٺو چو ٿا ڪريو. پليز! زندگيءِ کي انجواءِ ڪرڻ سکو. جيترو وقت ملي انسان خوش گذاري، هرويرو قنوطيت(مايوسي) ظاري ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو.“

فواد جي اهڙي ڳالھ تي غزل جي اندر ۾ عجيب بي وسيءِ جو احساس پيدا ٿيو. فواد ۽ هوءِ ايترو ويجها هوندي بہ هڪ ٻئي کان احساساتي طور ڪيترا دور هئا. جو نہ هو هن جي دل جي حالت کي محسوس ڪري رهيو هو ۽ نہ سمجھڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

انهي وقت ويٽر اسٽارٽر طور گرم گرم پران سُوپ ۽ ڪريڪرس سندن آڏو آڻي رکيا، تہ غزل بہ پنهنجي جذباتي ڪيفيت کي قابو ڪرڻ لاءِ بوتل مان پاڻي کڻي پيئڻ لڳي. سوپ پئندي ٻئي رسمي طور ڳالهائيندا بہ رهيا. ڊنر آئي ۽ غزل بي دليو کائيندي رهي، البتہ فواد ڪافي هشاش بشاش پئي لڳو. ماني کائي بل ادا ڪري ٻئي ٻاهر نڪري آيا.

زندگي پنهنجي عام رواجي انداز سان روان دوان هئي، هر هفتي جي خاتمي تي فواد غزل جي اداري جي گيٽ تي ايندو هو ٻئي پنهنجون شامون پُر لطف ۽ پُر تڪلف انداز ۾ گُذاريندا هئا. ڪڏهن ڪنهن ريسٽوران ۾ شام

جي چانهه يا رات جي ماني گڏجي کاڌائون جنهن جو بل اڪثر ڪري غزل ادا ڪندي هئي، ڪڏهن ڪنهن تفريحي مقام تي وقت گذاريندا هئا. انهي دوران نہ فواد جي طرفان ڪا پيشبندي ٿي، ڪا آس ڏياري وئي، نہ ئي غزل مستقبل جي باري ۾ ڪجه چوڻ مناسب سمجهيو.نہ همٿ ٿي جيتوڻيڪ هوءِ سمجهي رهي هئي تہ وقت مُٺ جي واريءَ وانگر سندس هٿن مان نڪرندو پيو وڃي.ليڪن هوءِ پنهنجي محبت آڏو بيوس هئي، هوءِ فواد کان علحدگي جو تصور بہ ڪري نہ ٿي سگهي، هن نہ ٿي چاهيو تہ فواد گهڻو زور ڀرڻ تي متان چڙي اهو ملڻ بہ ڇڏي ڏئي، ان بيوسيءَ جي عالم ۾ بس زندگي جا ڏهاڙا جيئن تيئن گذرندا پئي ويا. البتہ هن دفعي ايترو ضرور ٿيو جو اهو پُر اسرار فون آيو ٿي تہ فواد پريشان ڪونہ پئي ٿيو. بس ٿورو پر پرو وڃي ڳالهائي موٽي آيو ٿي، ائين پئي لڳو تہ هن دفعي فون ڪرڻ واري ۽ فواد ۾ معاملا طيءِ ٿي ويا هجن يا ڪو سمجهوتو ٿي ويو هجي. فواد بہ ڪافي مطمئن لڳو ٿي. ائين وقت پر لڳائي گذري ويو ۽ اها گهڙي بہ اچي پهتي جڏهن فواد جي واپسي ٿيڻي هئي. هڪ ڏينهن شام جو هوءِ جيئن ئي گيٽ کان ٻاهر نڪتي تہ فواد گاڏيءَ کي ٽيڪ ڏيو بيٺو هو. ليڪن هن جي چهري تي پريشانيءَ جا آثار نمايان هئا. فواد کي اهڙي موڊ ۾ غزل هن کان اڳ ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو هو. هو تہ هميشہ کلندو مسڪرائيندو رهندو هو. يقينا" ڪا ڳالهہ ضرور آهي جنهن کيس ائين ملول ڪري وڌو آهي. پر ڪهڙي ڳالهہ ٿي هوندي، کيس پُڇڻ گهرجي الائي نہ. اهو سڀ سوچيندي هوءِ سندس ويجهو اچي پهتي تہ فواد ڪجه چئي بغير ڦري اچي ڊرائيونگ سيٽ تي وينو تہ هوءِ بہ ٻئي طرف در کولي ويهي رهي. انهيءَ دوران فواد خاموش رهيو تہ هن جي اها حالت غزل کان سَني نہ ٿي ۽ همٿ ڪري پڇي ويٺي،

"ڪجهہ منڌل منڌل پيا ڀاسيو، ڪجه ٿيو آهي ڇا. "

"نہ ، ڪا خاص ڳالهہ ڪانهي، بس ائين ئي ڪجهہ ڪاروباري معاملا پيا ٿيندا آهن . "

"پر توهان اڳ۾ تہ ڪڏهن ائين پريشان ناهيو ٿيندا، ڪا اهڙي ڳالهہ ٿي آهي ڇا، توهان مونسان شيئر ڪندا تہ مونکي اطمينان ٿيندو."

"نہ غزل اهڙو ڪو مسئلو ناهي، توهان اطمينان رکو، مان سيٽل ڪري

وٺندس. توهان هروپرو پيا پريشان ٿيو.“

”ايترو عرصو گڏ رهڻ باوجود به توهان شايد مونکي پنهنجو نه ٿا سمجهو. مون هن کان پهرين ڪڏهن به توهان کي اهڙي موڊ ۾ ناهي ڏٺو. ان ڪري ئي من ۾ عجيب هورا ڪورا پئي ٿئي.“

فواد ته دل سان چاهيو پئي ته غزل پاڻ اڳتي وڌي ڪيس مدد جي آفر ڏئي، پر هن پنهنجي دل جي ڳالهه ظاهر ڪرڻ نه ٿي چاهي، البته هن جي موڊ ۾ ڪابه تبديلي ڪونه آئي ۽ خاموشيءَ سان ڊرائيونگ ڪندو رهيو. آخرڪار هن سمنڊ ڪناري هڪ نسبتا“ الڳ ٿلڳ جڳهه تي اچي گاڏي روڪي، ليڪن ڪافي دير تائين سوچن ۾ گم گاڏيءَ ۾ ويٺو رهيو ۽ بي مقصد سمنڊ جي ايندڙ ويندڙ ڇولين کي گهوريندو رهيو. غزل غور سان سندس ان ڪيفيت جو مشاهدو ڪندي رهي، هن جي دل ۾ ڪئي قسمن جا انديشا ۽ وسوسا جنم وٺي رهيا هئا. هميشه خوش باش رهڻ وارو شخص آخر ڪهڙي مشڪل جي وَرِ چڙهي ويو آهي. گهڻي دير گذري وئي ليڪن فواد جي خاموشي برقرار رهي ته غزل کان رهيو نه ٿيو. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو نهايت پنهنجائپ ڀرئي انداز ۾ هن جو هٿ جهلي چوڻ لڳي.

”فواد ڏسو! اسان هاڻي هڪ ٻئي لاءِ اجنبي ناهيون رهيا. گهٽ ۾ گهٽ ان ناتي توهان مونکي ايترو حق ته ڏئي سگهو ٿا، ته مان توهانجي ڪنهن مشڪل گهڙيءَ ۾ توهان جو ساٿ ڏئي سگهان. پر جيڪڏهن اها منهنجي وس ۾ نه به هجي، تڏهن به چوندا آهن ته ٻه ته ٻارنهن. پنهنجي تڪليف مونسان شيئر ڪندا ته ٿي سگهي ٿو ته توهان جي دل جو بار هلڪو ٿي پوي.“

فواد به اصل ۾ اهوئي چاهيو پئي ته هوءَ ڪيس پنهنجو مسئلو ٻڌائڻ لاءِ مجبور ڪري. آخر گهڻي پس و پيش کان پوءِ هن هٻڪندي چوڻ شروع ڪيو.

”دراصل مون توهان کي پنهنجي ڪاروباري الجهنن کان دور رکڻ پئي چاهيو پر جي توهان ايتروئي بضد آهيو ته مان توهان کي فقط ايترو ٻڌائيندس ته ڪجه ڏينهن پهرين مون جيڪا ڪنسائنمينٽ شارجه موڪلي هئي، اها مال ناقص هجن جو چئي رجيڪٽ ڪئي وئي آهي، مان

حيران آهيان تہ ائين ڇو ٿيو ليڪن مونکي هاڻي اهو نقصان پورو ڪرڻ لاءِ فوري طور تي هڪ وڏي رقم درڪار آهي. منهنجا پئسہ ڪئي هنڌن تي ڦاٿل آهن. جيڪي جلدي ملڻ مشڪل آهن ۽ ڪاروباري ساک کي قائم رکڻ لاءِ مونکي ڪنهن بہ نموني نئون مال ڊليور ڪرڻوپوندو جنهن لاءِ وڏي رقم جي ضرورت پوندي. ان لاءِ ڪجه پريشان هوس. ٿڏو سان پريندي ڦڪي مرڪ مرڪندي. خير توهان فڪر نہ ڪيو مان ڪوشش ڪيان پيو ٿي ويندو ڪو نہ ڪو بندوبست. “

غزل جي وهم و گمان ۾ بہ نہ هو تہ فواد کي ڪا مالي اُلجهن ٿي سگهي ٿي. هوءَ تہ هميشہ کيس سُکيو ستابو ۽ خوش حال سمجهندي هئي. پر ڪاروباري دنيا ۾ اهڙا لاها چاڙها ايندا رهندا آهن ۽ اهڙا ڪاوباري ماڻهو ڪڏهن پريءَ ۾ تہ ڪڏهن پاڪر ۾ هوندا آهن. پر اهڙي صورت حال ۾ هوءَ فواد لاءِ ڇا ٿي ڪري سگهي. هو عجيب ٻڌ تر ۾ اچي ڦاٿي هئي. ڊاڙ تہ هٽي ويني هئي تہ هوءَ فواد جي پريشانيءَ ۾ سندس مدد ڪرڻ ٿي چاهي. پر فواد کي الائي ڪيتري رقم جي گهرج آهي. ان جو کيس ڪو اندازو ڪونہ هئو. آخر گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ هوءَ فواد جو هٿ جهلي نهايت نرميءَ سان دٻائيندي چوڻ لڳي.

”ڪيتري رقم مان توهان جو اهو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو. شايد مان ان ۾ ڪجه شيئر ڪري سگهان. “

اهو ٻڌي فواد فورا” پنهنجو هٿ سندس هٿ تي رکي چوڻ لڳو.

”اهو ڇا پئي چوين . ڀلا اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. مان توکان اهڙي ڪابہ مدد قبول نہ ٿو سگهان. توهان ڳڻتي نہ ڪيو. ڪٿان نہ ڪٿان بندوبست ٿي ئي ويندو. “

غزل جيڪا ورهين کان پنهنجي من مندر ۾ هڪ مورت سجايو ان جي پرستش ڪندي رهي هئي. اها ڀلا هن مشڪل گهڙِي ۾ پنهنجي ديوتا جهڙي محب جو ساٿ ڏيڻ کان پاڻ کي ڪيئن پوئتي رکي پئي سگهي. نهايت ڳنڀير لهجي ۾ چوڻ لڳي.

”ڏسو فواد !اهڙي وقت ۾ هڪ دوست. هڪ محبت ڪرڻ وارو ئي ساٿ ڏئي سگهي ٿو. مان توهان جي ڪجه گهڻي تہ نہ پر جيڪو منهنجو حال

آهي، مان توهان جي ڪم آيس ته پاڻ کي نصيبن واري سمجهنديس. پليز ٻڌايو.......... “

فواد ڏنو ته هوءَ نهايت سولائي سان هن جي بنا گهرڻ جي ئي هن جي دلي مراد پوري ڪرڻ لاءِ آتي آهي ۽ ڪنهن به صورت ۾ پوئتي هٽڻ واري ناهي ته همٿ ڪندي چئي ڏنو ته ڪيس فوري طور تي ڏهه لک روپيه گهربل آهن.

ايتري رقم جو ٻڌي غزل جون ته وايون بتال ٿي ويون، دل ٻڏڻ لڳي. هن سوچيو به نه هو ته هُن کي ايڏي وڏي رقم جي ضرورت پئجي سگهي ٿي، هوءَ سوچ ۾ پئجي وئي، هن وٽ وڏ ۾ وڏ به يا ٽي لک روپيه اڪائونٽ ۾ هوندا، جيڪي ڪئي سالن کان هن بچت ڪري ڏک سُک ۾ ڪم اچڻ لاءِ پاسيرا ڪري رکيا هئا، ڪجه زيور هئا جيڪي به ٻن لکن کان مٿي نه ٿيندا. جذبات ۾ اچي هوءَ وڏي هام ته هڻي ويٺي هئي پر ڪيس اندازو نه هو ته فواد کي ايڏي گهڻي لاچاري هوندي.

فواد چور نگاهن سان هن جي چهري جي لاهن چاڙهن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو هن جي لٿل منهن کي ڏسندي هن کي پنهنجو داءُ ناڪام ٿيندي لڳي رهيو هو. آخر گهڻي دير ٿي وئي ته هن ئي خاموشيءَ کي ٽوڙيو.

”غزل ڪهڙي مونجهاري ۾ اچي پيا آهيو مون توهان کي چيو به هو نه، ته فڪر ڪرڻ جي ضرورت ڪونهي، مان ڪوشش ڪريان پيو رب سٺائي ڪندو. “

اهو ٻڌي غزل اندر ئي اندر ۾ شرمساري محسوس ڪري رهي هئي هاڻي ته اهو مثال صادق پئي ٿيو ته ” نه ڳهيو وڃي نه اوڳاڇيو وڃي. “ جيڪڏهن هوءَ انڪاري ٿي ٿئي ته ڪانياري ٿي ٿئي، ۽ چاهڻ جي باوجود به هن وٽ ايترو پس انداز ٿيل ڪونه هو جو پنهنجي پرستش ڪرڻ جهڙي محبوب جي پريشانيءَ جو سامان ڪري سگهي، آخر گهڻي سوچ ويچار ڪرڻ ڪان پوءِ وچ وارو رستو ڪيڻ ۾ ئي عافيت ڀانيائين.

”نه فواد ! اهڙي ڳالهه ناهي، در اصل مونکي اندازو نه هو ته ڪو توهان کي ايتري رقم جي گهرج آهي، مان ايتري رقم جو بندوبست ته نه ڪري

سگھنديس، ها البت تي ڪان چار تائين شايد ٿي ويندا، جيڪڏهن توهان چئو ته مان ٻن ٽن ڏينهن ۾ توهان کي ڏئي سگهان ٿي. بلڪ چئو ته ڇو توهان جي مدد ڪندي مان پاڻ کي خوش نصيب سمجهنديس، محبتون ڪرڻ وارن لاءِ هميشه پنهنجي دل کي ڪشادو رکڻ گهرجي، مونکي ته ان ڳالهه جو ڏک پيو ٿئي ته مان توهان جو مسئلو پوري طرح حل ڪرڻ جي قابل ڇو ڪونه آهيان.“

فواد ايترو به غنيمت سمجهيو

”نيڪ آ توهان دل نه لاهيو جيڪڏهن توهان ايترو ئي بضد آهيو ته پوءِ توهان پنهنجي دل جي خوشيءَ لاءِ جيترو ممڪن آهي انتظام ڪري ونجو باقي مان پاڻ ڪونه ڪو بِلو ڪري وٺندس. اهو به مان توهان جي دل جي خوشيءَ لاءِ ئي چوان پيو ورنه ڪا مجبوري ناهي، ڪونه ڪو بندوبست ڪري وٺان ها.“

غزل شرمساري واري لهجي ۾ چوڻ لڳي،

”توهان يقين ڪيو مان چاهڻ جي باوجود توهان جي پريشاني جو مڪمل طور تي ازالو ڪرڻ کان قاصر آهيان، جنهن لاءِ مان شرمسار آهيان.“

فواد سندس ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهلي جذباتي انداز ۾ چوڻ لڳو

”غزل تون اهو ڇا پئي چوين، شرمساري ته مونکي پئي ٿئي، دوستيءَ ۾ اوڌر وٺڻ دوستي جي ٿينچي هوندي آهي، بهرحال مان جلد توهان جي اها اوڌر لاهڻ جي ڪوشش ڪندس.“

اهو طئي ٿي ويو ته جيئن ٻئنڪون کلنديون غزل رقم ڪيرائي کيس ڏيندي، ان کان پوءِ فواد جي چهري تي به ڪجه رونق اچي وئي . ٻئي ڄڻا گهڻي دير تائين ڳالهيون ڪندا رهيا، غزل کي محسوس ٿي رهيو هو ته اڄ فواد جي لهجي ۾ هن لاءِ ڪوڙ ساري محبت جي چاشني هئي، پنهنجائپ پريو انداز هو. نگاهن جو بدليل انداز هو، جنهن ۾ عجب سرشاري هئي. هوءَ سوچي رهي هئي ته جيڪڏهن هوءَ ڪجه ڏئي پنهنجي لاءِ محبتون حاصل ڪري سگهي ٿي ته اهو گهاٽي جو سودو ناهي، هوءَ ته سدائين محبتن جي متلاشي رهي هئي، پر ڪنهن ڪڏهن کيس نه سمجهيو هو هوءَ سدائين ان اوسيئڙي ۾ رهندي پئي آئي تن ڪو ته هوندو جيڪو هڪ ڏينهن هن جي

آڏو اچي بيهندو ۽ کيس چوندو ڏس غزل ! اهو مان ئي تہ آهيان تنهنجا سڀ ڏک سور، تنهنجون ازلي تنهايون، تنهنجون اُداسيون تنهنجون آرزوئون، تنهنجي سيني جذبن کي پنهنجي سيني اندر سانڍڻ لاءِ، تنهنجي زندگي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آيو آهيان. هوءِ تہ ازل کان محبتن جي متلاشي هئي. پنهنجن کان دور، پنهنجائپ جي احساسن کان محروم، زندگيءَ کيس محرومين کان سواءِ ڏنو ئي ڇا هو. عورت تہ هونئن بہ مجبورين ۽ محرومين جو پيو نالو آهي، جيڪڏهن ڪنهن گهڙي پل لاءِ هن کي اهو احساس ڏياريو تہ هوءِ بہ ڪنهن لاءِ اهم آهي، تہ ان گهڙيءَ هوءِ سڀ ڪجه قربان ڪرڻ ۽ ان مٿان نڇاور ڪرڻ لاءِ بيچين ٿي ويندي آهي. غزل بہ اڄ فواد جي اکين جي ان والهانہ انداز ۽ تپش کي پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪندي جِي پئي هئي، هن جون محبت ڀريون ڳالهيون ٻڌي پاڻ کي دنيا جي خوش نصيب هستي سمجهي رهي هئي. انهن محبت ڀرين گهڙين جي گذرندي کيس وقت جي ڪل ئي ڪانہ پئي ۽ جڏهن هوءِ هوش جي دنيا ۾ واپس آئي تہ ڪافي دير ٿي وئي هئي. هن پريشان ٿي فواد کي واپس هلڻ لاءِ چيو تہ فواد کي بہ احساس ٿيو تہ ڪافي ٽائيم ٿي ويو آهي، جلدي جلدي اتان نڪري هڪ برگر شاپ تان برگر ۽ ڪولڊ ڊرنڪ خريد ڪري گاڏيءَ ۾ ئي ڊنر ڪندا گهر طرف روانہ ٿي ويا.

❤

جيئن ئي موڪلون ختم ٿيون تہ غزل سڀ کان پهرين جيولري ڪٽي سوناري جي دڪان تي وئي، اها سيل ڪري جيڪا رقم ملي اها ڪٽي بئنڪ وئي ۽ ڪجھ رقم ضرورت لاءِ ڇڏي باقي رقم ڪيرائي سڌي انسٽيٽيوٽ پهتي . هن جا شروعاتي پيرڊ فري هئا، ان ڪري سڌو ريسٽ روم ۾ هلي وئي ۽ اتي ويهي رقم ڳڻيائين. ڪل پنج لک ويھ هزار هئا هن اهي پئسا لفافي ۾ وجهي لفافو پنهنجي لاڪر ۾ رکيو ۽ ڪلاس ۾ هلي وئي.

شام ڏاري هوءَ جيئن ئي گيٽ کان ٻاهر نڪتي تہ فواد کي پنهنجي انتظار ۾ بيٺل ڏٺائين. هو ڪافي منڌل منڌل ۽ بيچين پئي ڀانيو. جيئن ئي غزل کي ايندي ڏٺائين تہ بيچيني مان اڳتي وڌيو۽ غزل جي پرسان اچي هن سان گڏ گڏ هلڻ لڳو. غزل کي سندس اهو انداز ڪجھ عجيب لڳو. ايتري عرصي ۾ هو هميشہ يا تہ گاڏيءَ ۾ اندر يا گاڏيءَ جي پرسان ئي هن جي اچڻ جو انتظار ڪندو رهندو هو. هوءَ هِن جي ان ڪيفيت کي ڪو نالو نہ ڏئي سگهي ۽ تڪڙا تڪڙا قدم کڻندي گاڏيءَ جي ويجهو پهچي دروازو کولي سيٽ تي ويهي رهي، تہ فواد بہ ٻئي طرف اچي سيٽ سنڀالي، ليڪن گاڏي ڊرائيو ڪرڻ جي بجاءِ پُر اميد نگاهن سان هن ڏانهن نهاريندو رهيو. اڄ غزل هن جي هر انداز ۾ عجيب روين کي محسوس ڪري رهي هئي، آخر ڪائنس رهيو نہ ٿيو.

”ڇا ٿيو گاڏي ڇو نہ ٿا اسٽارٽ ڪيو؟ “

”ها ، ها ، هلون ٿا....... پر ......!“

هن سواليہ نظرن سان ڏانهس نهاريو تہ هوءَ سمجهي وئي ۽ پرس کولي لفافو ڪڍي هن طرف وڌايو. فواد لفافو وٺندي هِن جو هٿ جهلي ورتو.

”توهان کي ڪا پريشاني تہ نہ ٿي.“

”نہ ، نہ ، خير آ . مونوٽ بہ پيا ئي تہ هئا. جيڪڏهن توهان جي ڪنهن ڪم اچي وڃن ٿا تہ ان ۾ فڪر يا پريشان ٿيڻ جي ڀلا ڪهڙي ڳالھ آهي. “

”مان ڪوشش ڪندس تہ توهان کي جلد موٽايان. مان ڪجھ ڏينهن اڃان اِتي ئي آهيان .. ڪوشش ڪندس تہ مسئلو حل ٿي وڃي.“

”ڏسو وري غيرن واريون ڳالهيون. توهان فڪر نہ ڪيو جڏهن بہ دل چوي واپس ڪجو ( ڪجھ دير توقف ڪان پوءِ چوڻ لڳي.) ها پليز ! هاڻي جڏهن بہ ٻاهر وڃو توهان مونکي اتان فون ضرور ڪندا ڪيو يا تہ مونکي نمبر ڏئي ڇڏيو مان پاڻ ڳالهائي وٺنديس.“

”نيڪ آهي. مان وڃڻ کان پهرين توهان کي فون نمبر ڏئي ويندس جيڪو اُتي منهنجي استعمال ۾ هوندو آهي. . بس هاڻ تہ خوش. مان توهان کي ڪڏهن بہ دکي ڪرڻ نہ چاهيندس “

اهو چئي هن گاڏي اسٽارٽ ڪئي ۽ غزل جي رهائش طرف هلڻ لڳو. تہ اها ڳالهہ غزل کي عجيب لڳي. پر هن کيس ٽوڪيو نہ . هن جي گهر جي گهٽي ٻاهران گاڏي روڪي. هن جو هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهليو ليڪن غزل کي محسوس ٿيو تہ هن جي هٿن جي ڇهاء ۾ عجيب بيگانگي . سرد مهري ۽ اجنبيت جو احساس هو. ڄڻ ڪو اڻ ڄاڻ ماڻهو ملڻ يا موڪلائڻ مهل سرسري طور هٿ ملائيندو آهي. بغير ڪنهن تاثر جي. غزل جي دل ٻڏڻ لڳي. هن نرمي سان پنهنجو هٿ ڇڏائي ورتو. تہ فواد اڪيون ملائي بغير چوڻ لڳو.

”غزل ! مون کي تمام جلدي ۾ وڃڻو پيو پوي. ان ڪري ڪيڏانهن آئوٽنگ تي نہ هلياسين . هڪ ٻئي هنڌ آسرو مليو آهي. شايد اها رقم ملي وڃي تہ ٻئي ملائي منهنجو ڪم ٿي وڃي. تون دل ۾ نہ ڪجانءِ. “

غزل دل ئي دل ۾ پُري رهي هئي. هن جي اهڙي رويي هن کي لوڏي ڇڏيو هو پر پوءِ بہ سندس دل رکڻ لاءِ چيائين.

”ڪا ڳالهہ ناهي. هونئن بہ اسان تہ صرف ويڪ اينڊ تي ئي ڪيڏانهن هوا خوريءَ لاءِ ويندا آهيون نہ. توهان ضرور اوڏانهن وڃو جتي آسرو مليو اٿوَ. خدا ڪري توهان جو ڪم ٿي وڃي. ملڻ. گهمڻ ڦرڻ تہ پيو ٿيندو. “

آخري جملا چوندي سندس هانو پرجي آيو تہ هوءَ ساڻس موڪلائي تڪڙ ۾ گهر طرف وڌي وئي. ليڪن هو اتي ئي گاڏي روڪي وٺنو کيس ڏسندو رهيو. هڪ دفعو غزل بہ مڙي کيس نهاريو ۽ کيس ائين لڳو ڄڻ هوءَ هاڻي وري ڪڏهن بہ کيس ملي نہ سگهندي. هن جي اندر ۾ هڪ عجيب پيچ ڏاھ ٿي رهي هئي. رقم جي تہ کيس ايتري پرواہ نہ هئي پر اڄ اها رقم ڏيڻ کان پوءِ جيڪا هن پنهنجي خوشيءَ سان ڏني هئي. هن جي دل جي شيشي ۾ ڄڻ

ڪا سِير پئجي وئي هئي. هن پنهنجي خيالن ۾ خوابن ۾ جيڪو بُت جوڙيو هو اهو ته هر اهڙي تصور کان بالا ۽ بلند هو. هُن ته پنهنجي هن رشتي ۾ ڪنهن ننڍڙي سوڪڙي پاڪڙي ڏيڻ ۽ وٺڻ کي به مناسب نه ٿي سمجهيو ته ڇا مها پاپ سمجهيو هو. ڇا مون اها رقم ڏئي فواد جو اهو عڪس اهو اميج پنهنجي اندر ۾ گهٽائي ڇڏيو آهي. نه. نه . مان اهو ڇا پئي سوچيان. ان ۾ فواد جو ڪهڙو قصور. اها رقم ته مون ڪيس زوري وٺڻ تي مجبور ڪيو هو. ته پوءِ بار بار منهنجي دل ۾ اهڙا ڪبيهه ۽ بيهوده خيال ڇو پيا اچن. اهڙن ئي خيالن جي زير اثر هوء ڪمري ۾ داخل ٿي، ۽ پرس هڪ طرف رکي، پنهنجو پاڻ ذري گهٽ ستيندي بيڊ تي ڊهي پئي.ضبط جو بند ٽُٽِي پيو. اکين مان بي اختيار نير وهڻ لڳس، هوء پنهنجي هن ڪيفيت کي پاڻ به سمجهڻ کان قاصر هئي، مٿي ۾ شديد سور جو احساس ٿي رهيو هوس، ڄڻ ڪو هٿوڙا هڻي رهيو هجيس، ٻنهي هٿن سان مٿو جهلي ورتائين ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيائين گرم گرم ڳوڙها نيڻن جي ڪنارن مان وهي سندس لوڙڻ ڪي ڀِڄائي رهيا هئا هن ڪجه دير لاءِ پنهنجو پاڻ کي انهي ڪيفيت ۾ ڇڏي ڏنو هو. خبر ناهي ڪيڏي مهل سندس اک لڳي وئي ۽ اهڙي بي خبر سمهي رهي جو جڏهن سجاڳ ٿي ته ڪمري جي دريء جي سرڪيل پردي جي وٿيء مان روشني ڏسي حيران ٿي وئي سمجه ۾ نه پئي آيس ته هوء ڪيتري دير ائين بيخبر رهي آهي، پاسو ورائي سامهون گهڙيال تي نگاهه وڌائين صبح جا ست ٿي رهيا هئا.

”ان جو مطلب ته مان شام کان ننڊ پئي هئس، بُکي اُجي، ڪجه کائي پئي بغير......... اهڙي ڪهڙي ننڊ هئي جنهن مونکي دنيا مافيها کان ائين بي خبر ڪري ڇڏيو.“

اهو سڀ سوچيندي آرس ڀڃندي بي دليء سان اٿي هٿ منهن ڌوئي پنهنجي لاءِ چانهه ناهيائين. ڪجه کائڻ تي دل نه چيس ته چانهه پي تيار ٿي انسٽيٽيوٽ لاءِ رواني ٿي وئي.

❤

غزل جا انديشا غلط نہ هئا. ان ڏينهن کان پوءِ نہ فواد موٽيو هو ۽ نہ ئي ڪيس فون ڪري حال احول ئي ڏنو هئائين. پوءِ بہ هوءَ دل کي آٿت ڏئي سمجھائي رهي هئي، تہ جنهن مسئلي ۾ هو الجهيل هو ان ۾ ئي مصروف هوندو. دل جي دنيا بہ عجيب هوندي آهي. انسان آسن جي سهاري پاڻ کي دلداري پيو ڏيندو آهي اهو چئي پاڻ کي وندرائڻ جي هر ممڪن سعي ڪندو آهي، تہ جي هن جا جذبا سچا آهن تہ هن سان ڪجھ غلط ناهي ٿيڻو. ان ڏينهن هفتي جو آخري ڏينهن هو ۽ غزل ان اميد سان گيٽ کان ٻاهر نڪتي تہ اڄ هو معمول موجب ضرور ايندو. ٻاهر نڪري هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين. ليڪن پري پري تائين فواد جي گاڏيءَ جو ڪو اتو پتو ڪونہ هو. هن جون نگاهون مايوس ٿي موٽي آيون. هن پرسان گذرندڙ رڪشہ کي روڪيو ۽ سوار ٿي فواد کي فون ڪرڻ لڳي، پر ٻئي طرف آواز آيو تہ نمبر في الحال بند آهي. اتان بہ مايوس ٿي ايس ايم ايس ڪيائين تہ مونسان رابطو ڪيو.

وقت گذرندو رهيو. ليڪن نہ فواد جو فون آيو ۽ نہ ميسيج. ڪئي قسمن جا انديشہ ۽ وسوسہ کيس گھيري ويا هئا. ڇا فواد ڪنهن مشڪل ۾ آهي، ڇا هن جي طبعيت ناساز آهي، آخر ڪهڙي ڳالھ ٿي آهي جو هن سان هر طرح جو رابطو منقطع ٿي ويو آهي.

هن کي پڪ هئي تہ دير سوير هو ساڻس ضرور رابطو ڪندو. ايتري عرصي ۾ اهو ڪڏهن نہ ٿيو هو تہ هو ڪانئس موڪلائي بغير دبئي ويو هجي، هو يقينا“ ڪٿي مصروف هوندو. ائين سندس راهون تڪيندي ڪيترا ڏينهن گذري ويا. هوءَ اهو تہ سوچڻ جو تصور بہ نہ ٿي ڪري سگھي تہ فواد ڪو هن سان دوکو ڪري سگھي ٿو. هن کي تہ بس سندس سلامتي ۽ حفاظت جو اونو بيقرار ڪري رهيو هو. تہ ڪاٿي هو ڪنهن مشڪل ۾ نہ هجي، ڪٿي کيس غزل جي مدد نہ گھرجندي هجي . هر روز نہ چاهڻ جي باوجود اخبار ۾ حادثاتي خبرون پڙهڻ لڳندي هئي. ايڏي وڏي شهر ۾ هوءَ کيس ڪٿي ڳولھي، ڪٿي تلاش ڪري. بدقسمتي سان هِن جي نڪاڻي جو بہ ڪو اتو پتو ڪونہ هئو. هو تہ بس ٻاهر ئي ملندا رهيا. فواد هميشہ کيس

ٻڌايو هو تہ هوٽل ۾ رهائش پذير آهي. ڪهڙي هوٽل ۾، اهو پڇڻ جي هن ڪڏهن ضرورت محسوس نہ ڪئي هئي. هوءَ حيران هئي تہ فواد ڇهہ ڇهہ مهينہ ڪراچي ۾ هوندو هو ليڪن هن ماريہ کان سواءِ ڪڏهن بہ پنهنجي ڪنهن عزيز ڪنهن دوست متعلق نہ ٻڌايو هو. تہ پوءِ هو ڪٿي ڇا ڪرڻ ايندو هو. اهڙين سڀني ڳالهين تي هوءَ جڏهن گهرائي سان ويچارڻ لڳندي هئي تہ کيس فواد جي شخصيت انتهائي پُر اسرار لڳڻ لڳندي هئي ۽ پنهنجي بيوقوفي تي افسوس ۽ ڪاوڙ ايندي هئي. هوءَ پنهنجو ڏک سور ڪنهن سان سلي، نہ ڪو حال ڀائي نہ ساٿي ثمر. بس هوءَ هئي ۽ هن ڪي ڏيجاريندڙ سوچون. ڪنهن سان حال اوري ڪنهن وٽ دانهين ٿئي. ڀلا هٿ جي وڍيءَ جو بہ ڪو ويج طبيب ٿيندو آهي؟ ڪنهن ڇيو هو کيس تہ هڪ اڻ ڄاتل شخص سان ايترو دور تائين وڃي. هوءَ ڪا الهڙ ڇوڪري تہ ڪونہ هئي، زماني جون لاهيون چاڙهيون ڏٺل هڪ پختہ عمر عورت. پوءِ هوءَ ڪيئن اهڙا جذباتي فيصلا ڪري ويٺي، ڪنهن کان تہ صلاح ڪري ها، پر ڪنهن کان ؟ هن بہ تہ زندگي ۾ ڪو حال ڀائي دوست، ڪا ساهيڙي ڪونہ ڪئي هئي. وري هوءَ پاڻ کي آٿت ۽ دلداري ڏيڻ لڳندي هئي، فواد اهڙو نہ ٿو ٿي سگهي، هو يقينا” ڪنهن اهڙي حالت ۾ آهي، جو هو ساڻس رابطو نہ ٿو ڪري سگهي. ائين سوچيندي هوءَ دعائون گهرڻ لڳندي هئي، تہ بس هُن ڏانهن خير هجي. .

اهڙي ئي هڪ اُداس شام جو هوءَ پنهنجي سوچن ۾ گم اکين تي ٻانهن ڏيو ليٽي پئي هئي، تہ وچين دروازي تي هلڪو ڪڙڪو ڪري نائلہ اندر هلي آئي. غزل اکين تان ٻانهن هٽائي بي دليءَ سان کيس ڏٺو. هُن ان گهڙيءَ پنهنجي پريشانين ۽ سوچن ۾ ڪنهن جو مخل ٿيڻ نہ ٿي چاهيو پر نائلہ الائي ڪيترن ڏينهن کان پوءِ ائين اچانڪ سندس ڪمري ۾ داخل ٿي هئي، هو پاڻ رک رکاءَ جا قائل هئا ۽ ڪنهن جي ذاتي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ مداخلت ڪانہ ڪئي هئائون. پر اج الائي ڇو ۽ ڪيئن هوءَ ائين اچانڪ هلي آئي هئي. غزل مجبور ٿي اٿي ويٺي ۽ سواليہ نگاهن سان هن ڏانهن نهارڻ لڳي. نائلہ سمجهي وئي ۽ پوئتي مڙي اشاري سان ڪنهن کي سڏيو ۽ پاڻ ڪمري ۾ هلي آئي، تہ سندس پويان زرتاج خاموشيءَ سان اندر گهڙي

آئي. غزل کي بلڪل بہ اها توقع ڪانہ هئي تہ زرتاج ائين هن سان ملڻ اچي ويندي. هوءِ تہ ڪنهن سان بہ ملڻ نہ چاهيندي هئي. غزل کيس ڏسندي ئي لبن تي زبردستي مرڪ آڻيندي سندس آڏر ڀاءِ لاءِ اٿي بيٺي، ۽ اڳتي وڌي ساڻس هٿ ملايائين، ليڪن هن کي محسوس ٿيو تہ هِن جي هٿ جي ڇهاءَ ۾ اها پهرين جهڙي سرد مهري نہ هئي، بلڪ هڪ دوستانہ گرمجوشي هئي. غزل لاءِ اهو احساس تقويت ڏيندڙ هو. هن هميشہ دل سان چاهيو هو تہ زرتاج ان بيگانگيءَ واري ڪيفيت مان نڪري اچي. زندگي کي ڀرپور انداز سان جيئي. جيتوڻيڪ هن جو چهرو هر قسم جي جذبات کان بلڪل عاري هو ليڪن هٿ جو اهو لمس، اهو ڇهاءُ زندگي طرف واپسيءَ جو احساس ڏياري رهيو هو جيڪا هڪ خوش آئينده ڳالهہ هئي. غزل گهڙي پل لاءِ پنهنجي سيني ۾ پيڙائن ۽ محرومين کي وساري، ڀرپور انداز سان  هن جي هٿ کي پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ جهلي ورتو ۽ اڳتي وڌي کيس پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري ورتو تہ سندس اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا. کيس ائين پئي لڳو تہ سندس پنهنجي ننڍي ڀيڻ بيگانگيءَ جو ڊگهو سفر طئي ڪندي ڪنهن چانوري ۾ پهچي وئي هجي، ۽ زرتاج بہ سندس پنهنجائپ ڀري محبت کي محسوس ڪندي سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. غزل کيس ڪجه دير لاءِ روئڻ ڏنو جيئن سندس اُجهاڻيل، صحرائن جهڙن خشڪ نيڻن ۾ نَم ٿيڻ جو احساس جاڳي پوي، جن اکين ورهين کان روئڻ ئي وساري ڇڏيو هوهوءِ تہ خوشي توڙي غم جي هر احساس کان بيگاني ٿي وئي هئي.. ان گهڙيءَ هوءِ سسڪندي، سُڏڪندي رهي. آخر ڪار پاڻ تي ڪنٽرول ڪري ورتائين ۽ هڪدم غزل کان پري هٽي بيهي رهي. غزل نرمي سان کيس ٻانهن کان جهلي اچي بيڊ تي ويهاريو. هوءِ ڪوشش ڪرڻ لڳي تہ گهڙي ساعت اڳ ۾ هوءَ جنهن جذباتي ڪيفيت مان گذري هئي، ان جو هروڀرو کيس احساس نہ ڏيارجي جو هن کي ڪا ندامت يا شرمساري محسوس ٿئي.

نائلہ فرج مان ٿڌو ٺاڍي ڪٽي آئي ۽ کيس ڏنائين جيڪو يڪساهي پي وئي، جڻ اندر جي آڳ تي ڇنڊو وجهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي هجي. پاڻي پيئڻ کان پوءِ هو هڪدم سنجيده ٿي وئي، هر قسم جي تاثر کان عاري. عجيب ڪيفيت هئي، غزل ڪا نفسيات دان تہ ڪونہ هئي پر زماني جا لاها

چاڙها گهٽائي ڏنا هئائين، هن جي ان ڪيفيت مان ڪو ايترو سمجهي سگهي تہ شايد اهي سڀ تبديليون سندس زندگي ڏانهن موٽ جون علامتون آهن. هوءَ ٺيڪ ٿي رهي آهي، رشتن کي نئين سري کان سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. جيڪا غزل لاءِ اميد افزا ۽ خوش آئيند ڳالهہ هئي. هن دل سان چاهيو ٿي تہ زرتاج ٻيهر ڀرپور زندگي جيئي. اسان جي پنهنجن جا ڏنل گهاوَ ڪيڏا نہ گهرا، دردناڪ ۽ اذيت ڏيندڙ هوندا آهن جو انهن کي سهڻ جي سگهہ اسان ساري ناهيون سگهندا تہ پوءِ اسان جا اهي پنهنجا اسان سان محبتن جا دعويدار، اهو ڇو وساري ويهندا آهن، اهي رشتہ جيڪي سندن دلين جي قريب هوندا آهن. انهن لاءِ اهي ڇو ايڏو درد جو باعث بنجي ويندا آهن.

نائلہ ٻڌائڻ لڳي تہ آمنہ آنٽي ۽ زرتاج آپي ڪجهہ وقت لاءِ واپس ميرپورخاص پيون وڃن ڇو تہ انڪل جي طبعيت ڪجهہ ٺيڪ ناهي، ان ڪري آنٽيءَ چيو تہ آپي توهان سان ملي اچي خود آپيءَ بہ توهان سان ملڻ جي خواهش ڏيکاري هئي. اهو ٻڌي غزل زرتاج جي پر ۾ اچي ويٺي تہ نائلہ کي ماءُ سڏ ڪيو ۽ هوءَ جلدي موٽڻ جو چئي هلي وئي. زرتاج بي تاثر نگاهن سان ڪيس ويندو ڏسندي رهي.. هوءَ هاڻي شايد پاڻ کي وڌيڪ بهتر ۽ پرسڪون سمجهي رهي هئي. غزل ڪجهہ دير چپ چاپ ڪيس چور نگاهن سان ڏسندي رهي، هن جي چهري جي تاثرات کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ڪيس سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هوءَ ڪٿان شروع ڪري جيئن زرتاج جي ذهن تي ڪو برو اثر بہ نہ پوي، ڪافي سوچ ويچار کان پوءِ ٿڌو ساهہ ڀريندي ساڻس مخاطب ٿي.( ان دوران هوءَ سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي پنهنجائپ جو احساس ڏيارڻ جي ڪوشش بہ ڪندي رهي هئي. )

”زرتاج ! منهنجي ننڍڙي ڀيڻ، هيءَ زندگي صرف اسان جي پنهنجي آهي، جنهن تي صرف ۽ صرف اسان جو پنهنجو حق آهي. ٻئي ڪنهن کي بہ اسان ان تي اختيار ڏئي نہ ٿا سگهون، تہ هو اُن سان ڪنهن بہ قسم جي هٿ چراند ڪري، منهنجو مطلب آهي تہ ڪنهن کي بہ....هن بہ لفظ تي زور ڏيندي چيو.

قدرت اها زندگي اسان کي صرف هڪ دفعو عطا ڪئي آهي، جنهن کي ڀرپور انداز ۾ جيئڻ اسان جو فرض آهي.. تہ پوءِ اسان هرويرو پنهنجي

زندگيءَ ۾ ٻين جي دست اندازي ڇو سهون. انهن کي ڪوبہ اهڙو اختيار ڇو ڏيون، جو هو اسان جي خوشين ۾ روڙا اٽڪائين ۽ اسان کنهنجي هَٿ ۾ انا جي اڏيءَ تي پاڻ کي ٻَلِ چاڙهيون.، جو هو تہ پنهنجي زندگيءَ ۾ اڳتي وڌي وڃن ۽ اسان جي راهن کي ڪوٽو ڪري ڇڏين. ان ڪري منهنجي پيڻ! گذريل وقت کي جيڪو ماضي بنجي ويو هجي ۽ ماضي تہ گذري ويل وقت هوندو آهي نہ، جيڪو گذري ويو ان کي ائين ڇو نہ سمجهون تہ اهو هڪ ناهموار ۽ ڪنڊن سان ڀريل رستو هو هڪ پٿريلي راه هئي، جنهن تي هلندي هلندي اسان پير پٿون ڪري ڇڏيا هئا، اسان کي ڦَٽي رتو ڇاڻ ڪري وڌو هئائين، انهن کي گهليندو رهڻ، ان جي ناسور بنجڻ جو انتظار ڪرڻ ۽ روشن زندگيءَ جا خواب اکين ۾ سجائڻ کان لنوائڻ اسان کي ڀلا سونهين. ٿو اج اسان کي پنهنجي زندگي جي گاڏيءَ مان پوئتي رهجي ويل منظر ڏسڻ واري هر آرسي لاهي ڀجي پورا پورا ڪري ڦٽي ڪرڻي پوندي ڇو تہ اهڙو هر منظر نهايت ڀوائتو اذيتناڪ ۽ دل کي دهلائيندڙ هئو اسان کي هاڻي سامهون واري آئيني تي پنهنجي نظر رکڻي آهي، جيڪو اسان کي فقط آڏو ايندڙ اهي حسين ۽ دلڪش منظر ڏيکاري سگهي، زندگيءَ کي ان جي ڀرپور انداز سان محسوس ڪيون، اسان جو مثال ڏيندڙن آڏو اسان پنهنجو پاڻ کي بي مثال بڻائي ڇڏيون، جيئن اسان کي ڏکن ۽ محرومين جي اوڙاه ۾ ڌڪو ڏيندڙ اسان کي ائين زندگي سان ڀرپور ۽ سرشار ڏسي پاڻ نادم ۽ شرمسار ٿي وڃن..“

غزل پاڻ بہ ڏکايل هئي ان ڪري هن دل سان چاهيو پئي تہ هوءِ زرتاج لاءِ ڪجھ ڪري سگهي، چوندا آهن تہ جيڪي لفظ اندر جي اونهاين مان نڪرندا آهن، اهي سيني جي پار ٿي ويندا آهن. پر جي ساڳيا لفظ صرف سرسري انداز ۾ چيا وڃن تہ اهي پنهنجو ڪو اثر ناهن ڇڏيندا. غزل ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڏُکاري ٿي وئي هئي ، سندس آواز ڳورو ٿي ويو هو لڙڪ اکين ۾ تري آيا هئس، زرتاج خاموشيءَ سان هن جون ڳالهيون ٻڌي رهي هئي، سندس سپاٽ چهري تي زندگيءَ جي رمق ظاهر ٿيندي پئي وئي. هن جون پاڀوه ۽ محبت ڀريئي لهجي ۾ ڪيل ڳالهيون زرتاج جي اندر ۾ آب حيات جيان اوتجنديون پئي ويون. هوءَ سوچي رهي هئي تہ غزل جي ڳالهين ۾ خلوص آهي سچائي آهي، نہ صرف هن جي ڀاءُ عين شاديءَ جي وقت

پنهنجي ضد ۽ وڏائيءَ جي بدولت هن جي ڇڄ موٽائي هئي، پر هن جي محبوب به هن کي ذهني اذيت ۽ ڪرب ۾ مبتلا ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪانه ڇڏي هئي. هو به پنهنجون خوشيون ماڻڻ لاءِ هن کي ان اوڙاهه ۾ اڪيلو ڇڏي اڳتي نڪري ويو هو ۽ وري مُڙي به نه ڏٺو هئائين ته مان ڪهڙي حال ۾ آهيان.
هي ويچاري غزل جيڪا به شايد پنهنجن جي ئي ڏنگيل آهي، تڏهن هنن کان سوين ڪوهه پري هتي اڪيلاين جي اوڙاهه ۾ زندگيءَ کي پئي ٿي گهلي. ان جي انداز ۾ ڪيڏو نه خلوص ، پنهنجائپ ۽ گهرائي آهي، ڪيڏو نه حوصلو آهي، يا شايد مشترڪ درد اسان جي دلين کي ويجهو ڪري ڇڏيو آهي. ڪاش ! هوءَ هميشه مونسان ائين گڏ هجي، اسان هڪ ٻئي جي سورن جي پچار ڪنديون رهون، هڪ ٻئي جي زخمن تي ڦها رکنديون رهون. شايد ائين ئي اسان جي اندر جي آڳ اُجهامي سگهي.
ائين لڳي رهيو هو ڄڻ غزل اهو سڀ ڪجه پنهنجو پاڻ کي چئي رهي هجي، هن جي مڌم آواز ۾ اهي سڀ درد ۽ پيڙائون سمايل هيون، ڄڻ هن جي آڏو ٻيو ڪير به موجود نه هجي، زندگي سان ڪئي شڪايتون، ڪئي ڏوراپا هجن. شايد اهو ئي سبب هو جو زرتاج نهايت تحمل ۽ غور سان هن جي خوابناڪ انداز ۾ سندس زبان مان نڪرندڙ هر لفظ کي پنهنجي اندر کي جهنجهوڙيندي محسوس ڪيو.
غزل ڪيس ائين سوچن ۾ غرق ڏسي پاڻ به خوابن مان بيدار ٿي وئي. دل ئي دل ۾ اطمينان محسوس ڪرڻ لڳي ته زرتاج هن جي ڪيل ڳالهين تي غور پئي ڪري، ۽ اها هڪ خوش آئيند علامت هئي، زندگيءَ ڏانهن واپسيءَ جي. طرف اڳيون قدم.
انهيءَ دوران نائله به موٽي آئي هئي ۽ هنن جي ڳالهين ۾ مخل ٿيڻ جي بجاءِ فرج مان ڪباب ڪڍي تري آئي هئي ۽ ساڻ چانهه به ٺاهي ورتي هئائين..هنن ٻنهي کي ائين سوچن ۾ ٻڏل ڏسي ماحول کي نارمل ڪرڻ لاءِ خوش دليءَ سان چوڻ لڳي،
”معاف کرنا آنٹي ، میں آپ ھي کي گھر میں آپ کي مھمانداري کر رھي ھوں.“
سندس اهڙي ڳالهه ٻڌي زرتاج جي لبن تي هڪ بي ساخته مرڪ

چانئجي وئي، هوءِ ان لمحي تمام گهڻي خوبصورت لڳي رهي هئي. گلابي لباس پهريل هئڻ ڪري سندس چهري تي ان جي پونڊڙ عڪس جي ڪري هن جو چهرو گلاب جي گل جيان لڳي رهيو هو. ان وقت هن جي چهري جي اها چمڪ جيڪا هن کي ڪرخت بنائي رکندي هئي، اها ختم ٿي وئي هئي ان جي جاءِ تي هڪ معصوم مرڪ هن جي منهن جي ان چمڪ ۾ سپاٽ پڻي کي ڪيڏانهن گم ڪري ڇڏيو هو. ويتر غزل جون محبتن ڀريون سمجهاڻيون سندس دل کي ڇُهي رهيون هيون، جن سندس اکين ۾ زندگي جي چمڪ آڻي ڇڏي هئي، ان ڪري هوءِ ان گهڙيءَ ڏاڍي پُر ڪشش ۽ حسين پئي لڳي.

اهي زندگيءَ جا دلفريب ۽ پُربهار رنگ ئي تہ آهن، جن کي ڇهڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي تمنا هر انسان چاهيندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن انهن دل نشين، دلفريب ۽ زندگيءَ سان ڀرپور رنگن تي ڪو حاسد پنهنجي بغض، ڪيني ۽ نفرتن جا اُگرا ۽ بد رنگ برش ڦيري انهن جي سونهن ۽ سوڀيا کي تباه و برباد ڪري ڇڏيندو آهي.

ڪجھ دير لاءِ ٽئي ڄڻيون چپ چاپ چانھ ڪبابن سان شغل ڪنديون رهيون. چانھ ختم ڪندي ئي زرتاج هڪدم اٿي کڙي ٿي، تہ غزل بہ اٿي بيٺي ۽ ايتري دير ۾ پهريون ڀيرو زرتاج کيس مخاطب ٿي،

”غزل! مان وڃان پئي، واپس ان درد وندن جي ديس ۾، دعا ڪجو تہ مان توهان جي انهن محبت ۽ خلوص ڀرين سمجهاڻين کي هئين سان هنڊائڻ جي هر ممڪن سعي ڪري سگهان. “

ائين چوندي سندس اکين ۾ لڙڪ لَڙي آيا، جن کي ڪمالِ ضبط سان اندر ئي اندر پي وئي. اڳتي وڌي ڀاڪر پائي غزل سان ملي ۽ پوءِ ٻئي هليون ويون. غزل جو نگاهون بس ان بند ٿيل دروازي ۾ کُپي ويو هيون . زرتاج سان بيشڪ هن جو ڪو اهڙو تعلق، ڪا ويجهڙائي ڪونہ هئي، سواءِ چند سرسري گڏجاڻين جي، پر پوءِ بہ ٻنهي جو درد مشترڪ هو جيڪو کين هڪ ٻئي جي ويجهو هڪ ئي تار سان ٻڌي ويو هو ۽ شايد اهوئي سبب هو جو غزل جي پيار ڀري سمجهاڻي ۽ گفتگوءَ کي زرتاج هئين سان هنڊائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان ڪري ئي اندر جي اوبر کي اکين جي ذريعي ٻاهر

ڪيڻ جي ڪوشش ڪندي غزل جي آڏو ڪيس ڪابہ ندامت يا شرمساري نہ ٿي هئي. اهو سڀ سوچيندي غزل کي پنهنجي پيڙا پنهنجو درد ڪجه جهَڪو محسوس ٿيڻ لڳو هو. ڪئي ڏينهن جي ان اذيت کان پوءِ اڄ ڪيس طمانيت جو احساس پئي ٿيو. اهو سوچي تہ، هوءِ جڏهن ڪنهن ٻئي کي جيئڻ جو حوصلو ڏئي سگهي ٿي تہ پاڻ ان تي عمل ڇو نہ ڪري سگهي. پر اهو ايترو بہ آسان نہ هو. ٻين جي ڏک درد کي محسوس ڪري انهن جي دردن جو درمان بنجڻ جي ڪوشش ڪرڻ شايد ايترو ڏکيو نہ هجي، پر پاڻ کي ان پيڙا مان ٻاهر ڪيڻ جيڪڏهن ناممڪن نہ، تہ مشڪل ضرور هجي ٿو. فواد سان گهاريل اهي پيار ڀريون گهڙيون هن جي دور ٿيندي ئي صدين جا فاصلا محسوس ٿي رهيون هيون، هن کان سواءِ، جدائي جي هر گهڙي صدين تي محيط پئي لڳي. جيتوڻيڪ فواد ڀيرين بہ ڪئي ڪئي مهينہ غائب ٿي ويندو هو پر هن ڀيري جيان بنا موڪلائڻ جي ائين ڪڏهن بہ گم نہ ٿيو هو. هميشہ موٽي اچڻ جي آس ڏئي ويندو هو ۽ هوءِ اڪيلي ۾ سپنن جو سنسار سجائي سندس واپسيءَ جي اوسيئڙي ۾ رهندي هئي. ليڪن هن دفعي الائي ڇو من ويڳاڻو ۽ وياڪل پئي پانيو. ڄڻ هن جا سڀ خواب اڌورا رهجي ويا هجن. من اندر ورهين کان سانڍيل مورت جهَڪي ۽ جهيٽي ٿيندي پئي وئي، اهي سڀ احساس سندس لاءِ نوان هئا، ڄڻ ڪيس اندر ئي اندر ڏونڌاڙي ڇئي رهيا هجن، تہ بس، اهو باب اتي ئي ختم ٿي ويو. هوءِ سوچيندي هئي تہ جيڪڏهن منهنجي جيون ڪهاڻي جي اها.ئي پڄاڻي هئي تہ پوءِ من ۾ اها آنڌ مانڌ ڇو آهي، خواب تشنہ ڇو پيا پانئجن. مونکي انهن حسين سپنن جي دنيا ۾ رهڻ ڇو نہ ڏنو ويو. اهو ڪير ظالم هو جنهن منهنجي خيالن ۽ خوابن جي دنيا مان مون کي جاڳائي منهنجي انهن سپنن کي ائين تاراج ڪري ڇڏيو اهي ۽ اهڙيون ڪئي محروميون ۽ مايوسيون هوءِ پنهنجي من اندر سانڍيو پئي وتي.

❤

ماريہ جڏهن کان اسلام آباد شفٽ ٿي هئي غزل سان هن جو ڪوبہ رابطو نہ ٿيو هو. نہ تہ هن جو ڪو اتو پتو هو ۽ نہ فون نمبر ئي وٽس هو. هن تہ ڪڏهن ان جي ضرورت بہ نہ سمجهي هئي. هوءَ تہ بس فواد جي دنيا ۾ ايڏي مگن هئي جو هن زندگي جي باقي رشتن ناتن کي ايترو اهم ئي نہ سمجهيو هو هن جي دنيا تہ بس فواد سان شروع ٿي ٿي ۽ فواد تي ئي ختم هئي. ليڪن موجوده سنگين حالتن ۾ جڏهن فواد ائين اچانڪ سڀ وعدا, آسون اميدون پاسيرا رکي هن جي دنيا مان الائي ڪيڏانهن غائب ٿي ويو هو تہ غزل کي ماريہ جي ڪمي شدت سان محسوس ٿي رهي هئي. ليڪن وقت جي دز ۾ ماريہ هن کي بلڪل وساري ويٺي هئي, يا زماني جي گونا گون مصروفيتن ۾ هن کي سندس سار لهڻ جو وقت ئي نہ مليو هو. هوءَ تہ ڪراچيءَ واري نوڪري بہ ڇڏي چڪي هئي. بلڪ اُتان ئي استعيفا موڪلي ڇڏي هئائين. ان ڪري چاهڻ جي باوجود بہ غزل کي هنن جي ڪا بہ خبر چار نہ پئجي سگهي هئي ۽ هوءَ چپ چاپ پنهنجي ارمانن ۽ آرزوئن جو قتل ٿيڻ تي رت روئڻ جي ٻيو ڪجه ڪرڻ کان لاچار هئي. ايسيتائين جو پنهنجي بيوقوف بنجڻ جو حال بيان ڪرڻ جي همت بہ نہ پئي ساري سگهي.

ٻئي طرف ماريہ جو ياءِ افراز جيڪو نوڪريءَ جي سلسلي ۾ اسلام آباد هليو ويو هو. ان اتي نوڪري سان گڏ سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪيو ۽ اڪيڊميءَ جي ٽريننگ ڪرڻ کان پوءِ پهرين مرحلي ۾ بلوچستان صوبي جي ڪنهن شهر ۾ ڪجه عرصو مقرر رهيو ۽ پوءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جي حيثيت سان مقرر ٿيندو رهيو هو.

❤

اٿين ڪيترا ئي ڏينهن بي مقصد گذري ويا. هوءَ هئي ۽ هن جون تنهايون. انهن ئي ڏينهن ۾ سندس انسٽيٽيوٽ ۾ هڪ ڪرسچن ڇوڪري مونيڪا جارج پيانو ٽيچر ٿي آئي. سنهڙي سيپڪڙي سانوري، تکا نيڻ ۽ نقش، ستاويهہ اٺاويهہ سال عمر، پهرين نظر ۾ ئي دل هن ڏانهن ڇڪ کائي وئي، ڇا تہ پيانو ٿي وڄايائين ۽ ٻڌڻ وارو تہ سندس وڄايل ڌنن جي سحر ۾ بس مدهوش ٿي ويو. غزل تہ هئي ئي سونهن جي پوڄارڻ. مونيڪا کي ڏسندي ئي سندس دل عجيب سَٽ کاڌي ۽ هن ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو تہ مونيڪا بہ سندس دوستيءَ جو جواب دل سان ڏنو. عمرين جي فرق باوجود ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ هنن جي هڪ ٻئي سان گهاٽي دوستي ٿي وئي. ٻئي هر هنڌ گڏ نظر اچڻ لڳيون. فرصت جي وقت غزل دل وندرائڻ لاءِ هن جي پيانو جا ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ لڳي. اٿين غزل گهٽي ڀاڳي پنهنجي دردن جي ان اٿاهہ سمنڊ مان پاڻ کي ڪڍڻ ۾ ڪي قدر ڪامياب ٿي وئي هئي. پوءِ بہ ڪنهن اداس شام ۾ سندس سور جاڳي پوندا هئا تہ سندس نندون ڦٽي وينديون هيون. اٿين وقت پنهنجي اڪيلائي چاهل سان گذرڻ لڳو هو.

مونيڪا اصل ۾ پنجاب جي رهواسڻ هئي، ليڪن ڪافي عرصو اڳ ۾ سندس والدين ڪراچي لڏي آيا هئا. مونيڪا جي تعليم ۽ تربيت جو وڏو حصو ڪراچيءَ ۾ مڪمل ٿيو هو. سندس والد بہ ماهر پيانو نواز هو ۽ ڪنهن وڏي هوٽل ۾ پيانو وڄائيندو هو. مونيڪا پنهنجي والد کان پيانو جي سکيا ورتي هئي. مونيڪا ڪراچي کان ٻاهر ڪڏهن بہ نہ وئي هئي، ڪڇهرين ۾ هن کي سنڌ جي اندرين علائقن بابت معلوم ٿيو تہ هن جو سڄي سنڌ گهمڻ جو تجسس ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. جڏهن بہ غزل ڪيس سنڌ جي تاريخي ماڳن، سنڌو ندي، لبِ مهراڻ ۽ ٻين ماڳن متعلق پنهنجي دلفريب انداز سان ذڪر ڪندي هئي تہ مونيڪا ڏاڍي انهماڪ( دلچسپي، غور) ۽ شوق سان سندس ڳالهيون ٻڌندي هئي. ڪئي دفعا هن جي شوق جو اهو عالم هوندو هو، جڻ هوءَ اکين ۾ ڪئي خواب سجائي انهن نظارن کي ڀَسي رهي هجي. هن خيالن ئي خيالن ۾ انهن ماڳن جي تصوير پنهنجي ذهن ۾ جوڙي ورتي هئي. غزل جو تصوير ڪَشيءَ جو اندازئي ڏاڍو دل لُڀائيندڙ

هوندو هو. مونيڪا جو تجسس وڌندو ويو. آخر هڪ ڏينهن جڏهن سڀ اسٽاف ڪامن روم ۾ ويٺا هئا ته مونيڪا سيني جي آڏو هڪ تجويز رکي ته ڪجه ڏينهن لاءِ سنڌ جي اندرين علائقن جو سير ڪجي. هن اهڙي دل لڀائيندڙ انداز ۾ سڄو نقشو چٽيو جوسيني جو تجسس وڌي ويو. گهڻو ڪري هنن سيني جو تعلق ڪراچيءَ سان هو. هو سڀ ڪراچيءَ ۾ ئي نپنا وڌا ٿيا هئا ۽ ڪڏهن به ڪراچيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن به شهر ۾ وڃڻ جو اتفاق نه ٿيو هو. ايستائين جو انهن مان ڪِن ته پوري طرح ڪراچي به نه ڏٺي هئي. صرف غزل ئي هئي جنهن جو تعلق سنڌ جي اندرين علائقن سان هوءِ هن پنهنجي يونيورسٽي جي پڙهائيءَ دوران سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن کي گهمي ڏٺو هو. ان ڪري واندڪائي جي وقت ۾ جڏهن هو سڀ گڏجي ويهندا هئا ته غزل کين ڪڏهن سکر ۽ اُتر سنڌ سان وابسته قصه ڪهاڻيون ٻڌائيندي رهندي هئي، خيرپور ميرس، ضلعي جي ڪوٽ ڏيجي جو قلعو، ميرن جو فيض محل ، معصوم شاه جو منارو، ساڌ ٻيلو، لبِ مهراڻ ته ڪڏهن سنڌوءَ ڪناري ويهي قدرت جي حسين منظرن کي دل ۾ اوتڻ جا قصه. ته ڪڏهن ڄامشوري جي ٿڌين مٺين هوائن ۾ المنظر تي ويهي گرما گرم پلو ڪائڻ جو مزو وٺڻ. اهي سڀ ڳالهيون ٻڌندو سيني جي وات ۾ پاڻي اچي ويندو هو. ته هو حسرت سان چوندا هئا ته اسان ته هتي جي دونهين ۾ گهميل فضا ۾ سُڪي سَڙي مرنداسين. جيئن ته سيئي لطيف فنن سان واسطو رکندڙ هئا، ان ڪري غزل جون ڳالهيون ٻڌي ڪئي دفعا هنن جي من ۾ اشتياق جاڳيو هو ليڪن گونا گون مصروفين ۽ ڪراچي جي تيز رفتار زندگي هنن کي موقعو ئي نه ڏنو هو اڄ مونيڪا جارج اهڙي انداز سان کين اُتساهيو ته قدرت جي انهن حسين ۽ پُربهار ماڳن کي ويجهڙائي کان ڏسي من جي اُڃ اُجهائجي. مونيڪا جي اها تجويز سيني لاءِ قابلِ ستائش هئي. فيصلو ڪيو ويو ته جيڪڏهن به تي ڏينهن لاڳيتيون موڪلون ٿيون ته هو سنڌ جا اندريان علائقا ضرور گهمڻ ويندا، بلڪه هر دفعي موڪلن ۾ ڪنهن نه ڪنهن ماڳ مڪان جي ٽوئر جو پروگرام ناهبو. ڪجه ته زندگيءَ جو مزو ماڻجي هڪ جاءِ تي رهي ته صاف و شفاف پاڻي به پنهنجو رنگ روپ ۽ ذائقو ڇڏي ويندو آهي. پلا ڪوهه ۾ رهندڙ ڏيڏر کي ٻاهر جي ماحول جي ڪهڙي ڄاڻ. هاڻي

صرف اهو طئي ڪرڻو هو تہ پهرين ڪهڙي ماڳ جي چونڊ ڪجي. ڪنهن ڪينجهر هلڻ جي صلاح ڏني، تہ ڪنهن رني ڪوٽ ۽ ڄامشورو پل هلڻ لاءِ چيو.جڏهن سڀني جو اتفاق نہ ٿي سگهيو تہ وري بہ غزل سندن آڏو تجويز رکي تہ چونہ سڀ کان پهرين قلندر لعل شهباز جي مقبري تي حاضري ڏجي ۽ پوءِ پاڪستان، بلڪ ايشيا جي سڀ کان وڏي ڍنڍ منڇر جو سير ڪجي. غزل جڏهن کين ٻڌايو تہ منڇر ڍنڍ ايراضيءَ جي لحاظ کان ايتري تہ وڏي آهي جو اتي جا رهاڪو پنهنجي زندگي ٻيڙين ۾ گذاريندا آهن، ٻيڙين ۾ ئي هنن جي ٻارن لاءِ اسڪول موجود آهي.

اهو ٻڌي هنن جو تجسس وڌي ويو ۽ سڀني هڪ راءِ ٿي فيصلو ڪيو تہ سڀ کان اول هو نہ صرف منڇر ويندا بلڪن هو اتي رات رهي اتان جي زندگيءَ کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ چاهيندا.

جلد ئي هنن پنهنجي هيڊ کي چئي ٻن ٽن ڏينهن لاءِ سيوهڻ جي ريسٽ هائوس ۾ ترسڻ جو انتظام ڪرائي ورتو ۽ انتظاميہ جي زريعي اتان جا ويجهڙا ماڳ مڪان گهمائڻ لاءِ سونهين ( گائيڊ ) جو انتظام پڻ ڪرائي ورتو هو. جيئن ئي موڪلون آيون هنن هڪ وين ڀاڙي تي ڪئي ۽ ڪجه مرد استاد ۽ ڪجه ليڊي ٽيچرس ضرورت جو سمورو سامان کڻي اوڏانهن روانا ٿيا. هو صبح جو سوير ڪراچيءَ کان نڪتا هئا ۽ منجهند ڌاري سيوهڻ جي ريسٽ هائوس اچي پهتا. جتي هنن لاءِ ڪمرا مخصوص ٿيل هئا.

تازه توانا ٿي سڀ کان پهرين زيارت لاءِ ويا اتان اچي منجهند جي ماني کائي بس کين تہ سونهون بہ اچي پهتو. ان جي ايندي ئي هو منڇر طرف روانا ٿي ويا. هو سڀ ايشيا جي سڀ کان وڏي ڍنڍ ڏسڻ لاءِ خاصا بيتاب هئا. هنن جو خيال هو تہ جيئن هو سمنڊ جي ڪنهن بہ پوائنٽ تي ويندا آهن تہ سامهون هڪ وسيع وعريض ايراضيءَ ۾ رڳو پاڻي ئي پاڻي نظر ايندو آهي جنهن جو ڪٿي بہ انت نظر ناهي ايندو، هتي بہ ساڳي صورت حال هوندي ليڪن جڏهن منڇر جي ڪناري تي پهتا تہ کين مايوسي ٿي سندن تصور جي برعڪس صورت حال هئي. خود غزل بہ پهرين ڪڏهن بہ هن طرف ڪونہ آئي هئي. ساٿين جي چهري جي مايوسي ڏسي هوءَ دل ئي دل ۾ پاڻ کي

شرمسار محسوس ڪري رهي هئي. ساڻن ڪڏ آيل گائيڊ هنن لاءِ ڪناري تي بيٺل ٻيڙين مان ٻن وڏين ٻيڙين وارن سان ڳالهايو. ٻيڙيون ڪافي ڪشاديون ۽ صاف سٿريون هيون. ٻنهي ڪي هلائڻ وارا مرد ۽ عورت هئا. هنن پنهنجا آندل بيگ ۽ بيڊنگ ساڻ ڪنيا ۽ ٻي دليءِ سان ٻيڙين ۾ سوار ٿيا، اهو سوچي ته اها آهي منڇر ڍنڍ ! جنهن لاءِ چيو پئي ويو ته پاڪستان ڇا ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ آهي.

گائيڊ ۽ ڊرائيور مردن واري ٻيڙيءِ ۾ سوار ٿيا. هنن جي چهرن جي مايوسي ڏسڻ وٽان هئي، ليڪن هي جيئن جيئن اڳتي وڌي رهيا هئا، واه ڪناري مهاڻن جا جهوپڙين نما گهر ڏسندا پئي ويا. جن جا اڌ اُگهاڙا ڪارڙا ڳلوٿڙا ٻار ڪناري جي ويجهو اچي هنن جي ٻيڙين کي حسرت ڀرين نگاهن سان ڏسي رهيا هئا. مهاڻيون عورتون ڪي گهرن جو ڪم ڪار ڪري رهيون هيون ڪي پڌر تي ٻيل ڇڳل ٽٽل ڪٽن تي ويهي رئي جي اوڍر ۾ پنهنجن ننڍڙن ٻارڙن کي ٿڃ پياري رهيون هيون ته ڪي پري ڪان مٽي پاڻيءِ جا گهڙا ڳچن ۾ ۽ مٿي تي ڪنيو پئي آيون. سندن مرد بي نيازيءِ سان کٽن تي اهليا پيا هئا. غزل ۽ شايد ٻيڙين ۾ سوار سڀ مرد عورتون اهو سوچي رهيا هئا ته هي ويچارا اڌ اگهاڙا ٻارڙا ڪهڙي زندگي گُذاري رهيا آهن. جن جي هر طرف پاڻي هجي جهينگر مڇر ، ڪُت ۽ اونداهي هجي.هنن کي ته بس جيئڻو آهي مانيءِ ڳيو ميسر هجي يا نه، هر حال ۾ اتي ئي پنهنجي اباڻن ککن ۾ رهڻو آهي، معاشيات جو اصول آهي ته غربت جو اصل ڪارڻ غربت ئي آهي، اسان غريب آهيون ان ڪري اسان نه ته سٺي تعليم حاصل ڪري سگهون ٿا، نه زندگيءِ جا ٻيا سڌريل طريقا ۽ لوازمات ماڻڻ اسان جي اختيار ۾ آهي، نه صحت آهي نه صفائي، اڌ تن اگهاڙا، اڌ پيٽ بکيا، شايد اهوئي اسان جو مقدر آهي، ته پوءِ بهتر زندگي گذارڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت به ڪهڙي آهي رهنداسين ته اهيئي اڌ بکيا، اڌ اگهاڙا. اهو سڀ سوچي اسان پاڻ کي قسمت جي ڌارا تي ڇڏي ڏيندا آهيون، ته ٻئي طرف اسان جا اختيار ڌڻي به اسان کي اسان جي مقدر جي حوالي ڪري صرف پنهنجي ۽ پاڻ جهڙن لاءِ سڀ لوازمات ۽ وسيلا استعمال ڪرڻ کي ترجيح ڏيندا آهن ۽ اسان اڪتفا پسندن ۽ قسمت تي ڀاڙيندڙن کي اسان

جي حال تي ڇڏي ڏيندا آهن ائين اسان پنهنجي ان خول مان ٻاهر نڪري ئي ناهيون سگهندا. اهو به زندگيءَ جو هڪ روپ آهي. ٻئي طرف جن کي سڀ ڪجھ ميسر هجي ٿو ان جي باوجود به هو ڪيڏا نه ناشڪرا آهن.

ٻيڙيون جيئن جيئن اڳتي وڌي رهيون هيون ڪنارو گم ٿيندو پئي ويو. آس پاس ٻيون به ڪيتريون ٻيڙيون روان دوان هيون . ڇپو ڇوريندڙ مهاڻا واٽ تي هڪ ٻئي سان حالي احوالي ٿيندا پئي ويا. جيئن جيئن سج جا پاڇا لڙندا پئي ويا ته جهينگرن ۽ مڇرن پنهنجا راڳ آلاپڻ شروع ڪيا، انهن جي پون پون جا آواز سوايا ٿيندا پئي ويا، ته ٻيڙين جو تعداد به وڌندو پئي ويو. اهو ڏسي سيني جي چهرن جي مايوسي حيرت ۾ بدلجندي پئي وئي اهڙو جهان ته هنن پنهنجي تصور ۾ به نه سوچيو هو. هو هڪ عجب دنيا جو سير ڪري رهيا هئا.

ڪنارو زري گهٽ غائب ٿي ويو هو ۽ چوڌاري جيستائين نگاه پئي وئي، پاڻي ئي پاڻي هو. زمين جو نالو نشان به باقي نه رهيو هو. بس هو ته صرف ٻيڙين جو شهر آباد هو. جيڪي به هڪ ترتيب سان هڪ ٻئي کان ڪجھ پَر پرو لنگر انداز هيون. هر ڪنهن کي ٻئي جي پرائيوسيءَ جو خيال هو.

ان وقت سج به اڃي لاهو پاهو ٿيو. ڇا ته سج لهڻ جو منظر هو. سيني پنهنجون آندل ڪيميرائون ڪڍي فوڪس ڪيون ۽ رات گهري ٿيڻ کان پهرين انهن حسين منظرن کي ڪيميرائن ۾ پنهنجي اک سان محفوظ ڪري رهيا هئا.

اهو سڀ ڪجھ هنن لاءِ بلڪل نئون ۽ انوکو هو. سج آهسته آهسته پاڻيءَ ۾ ٽبي هٽي رهيو هو. دور پري پهاڙي سلسلي جا ڌنڌلا پاڇا پسجي سگهيا پئي. شام گهري ٿيندي ئي هر ٻيڙي ۾ اونداهي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ لالٽينن جون وٿيون اُپيون ڪيون پئي ويون. اونداهي جي ڪري ڪجھ ٻيڙين ۾ ننڍڙن ٻارڙن جي ڪيهاٽن جا آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا يا شايد ٻک ۾ پاھ ٿي احتجاج رڪارڊ ڪرائيندا هجن. آخر ڪار سندن ٻيڙيون به هڪ پر پري جاءِ تي وڃي لنگر انداز ٿيون. رات به گهري ٿيندي پئي وئي ته ٻک به سوائي ٿي وئي هئي. مهاڻين کانئن رات جي ماني بابت پڇيو. هنن آندل

سامان ۽ ٿانو ٿپا کين ڏنا تہ هنن گڏجي مانيءَ جي تياري شروع ڪئي. ٻيڙيءَ جي مٿئين ڊيڪ تي مٽيءَ جي نهيل چُلهہ ۾ ڪاٺيون وجهي باهہ ٻاري وئي. اهو سڀ ڪراچيءَ جي پُر آسائش زندگي گهاريندڙن لاءِ اچرج جهڙو هئو. هو اهو سڀ ڪجھ حيرت سان ڏسي رهيا هئا ۽ اهڙي هر ايڪشن کي ڪيميرائن جي اک قيد ڪري رهي هئي. ان وقت سياري جي آمد هئي. هلڪو هلڪو سياٽ محسوس ڪندي هنن آندل ڪمبل سان پاڻ ڍڪيو. مهاڻيون رڌ پچاءُ ڪري رهيون هيون. ۽ هي سڀ کين اهڙي ڪسمپرسيءَ جي حالتن ۾ بہ سندن ڪم خوش اسلوبي سان ڪندي ڏسي اندر ئي اندر ۾ پشيمان ٿي رهيا هيا. تہ اسان اهڙن آسائشن ڀري زندگي جيئندي بہ ڪيڏا نہ ناشڪرا ٿي ويندا آهيون ننڍڙين مشڪلن کي بہ نباهڻ جي سگهہ ساري نہ سگهندا آهيون ۽ هي عورتون آلين ڪاٺين جي باہ دونهين ۽ هوا جي باوجود بغير ڪا شڪايت ڪندي پنهنجو فرض پورو ڪرڻ جي ڪوشس ۾ رڌل آهن شاباس آهي هنن جي صبر ۽ همٿ کي. اهو سڀ سوچيندي وقت جي گذرڻ جو احساس ئي نہ ٿيو ۽ مهاڻين تازي ورتل مڇي ۽ ٻئي سامان مان هنن لاءِ مذيدار مڇي پلاءِ تيار ڪري ورتو هو. سندن آندل ٿانون ۾ کين ماني وڌائي ڏني وئي. ان وقت هنن کي بک بہ ڏاڍي لڳي هئي، ۽ جڏهن اهڙو مزيدار طعام آڏو هجي تہ بک اجان بہ سوائي ٿي وئي هئي. هنن سيني خوب دل ڀري ماني کاڌي. ڪجھ ئي دير ۾ چانهہ بہ تيار ٿي وئي جيڪا پئندي سڄي ڏينهن جو ٿڪ ئي لهي ويو هو.

هلڪا ڦلڪا بسترا هنن وٽ هئا، ڪجھ رليون ٻيڙيءَ ۾ موجود هيون، پر هو ننڊ ڪرڻ تہ ڪونہ آيا هئا. هنن کي تہ هتي جي رات کي انجواءِ ڪرڻو هو. رات جي وقت ڪيتريون گشتي ٻيڙيون لالٽينن جي روشنيءَ ۾ سندن ڀرسان لانگهائو ٿيون تہ گائيڊ ٻڌايو تہ هي گيم واردن جون ٻيڙيون آهن، جيڪي گشت ڪندي چيڪ ڪنديون آهن تہ ڪو غير قانوني شڪار تہ نہ ٿو ڪري. بس سيڪو پنهنجي ڊيوٽي پيو نباهيندو آهي، ٿيندو اهو ئي آهي جيڪو ٿئي پيو.

بهرحال هي پاٽيءَ جو شهر نہ صرف عجيب و غريب هو پر دل لڀائيندڙ بہ هو. اهي سڀ نظارا ۽ زندگيءَ جو حقيقتون هنن ڀرين ڪڏهن بہ نہ ڏٺيون

هيون. هو سڀ سوچي رهيا هئا تہ ڪيڏي نہ مشڪل هوندي هنن جي زندگي، زندگيءَ جا سڀ معاملا هو هتي ڪيئن اُڪلائيندا هوندا. شايد هو هري مري ويا هوندا. هو پوري رات ڪچهري ڪندا رهيا هئا. پنيرڪي مهل منچر جي عجيب دنيا هئي، انهي وقت پرديسي پکين جي آمد آمد هئي ۽ ڪيترا شڪاري جيڪي صرف شڪار سانگي هتي آيل هئا، اهي پنيرڪو ٿيندي ئي ننڍڙين ٻيڙين ۾ سوار ٿين لڳا، جن ڪي بتيلا پئي سڏيائون. ٻہ ٻہ شڪاري انهن بتيلن ۾ سوار ٿي شڪار ڪرڻ لاءِ ڪُلي ڍنڍ ڏانهن هن ٻيڙين جي شهر کان پري نڪري ويا. ۽ پوءِ پري کان ڪارتوسن جي ڇُٽڻ جا ڪن ڦاڙيندڙ آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا. تہ غزل جي اکين ۾ اداسي ڇانئجي وئي. هوءَ هڪ دفعو وري قنوطيت جو شڪار ٿي سوچڻ لڳي تہ هي ويچارا پکيئڙا پنهنجو ديس ڇڏي جيئدان حاصل ڪرڻ لاءِ سوين هزارين ميلن جا مفاصلا طيءِ ڪري هتي اچن ٿا تہ شايد هو موسمن جي اذيت ناڪ اثرن کان محفوظ ٿي ويا آهن ۽ ماري هنن جي تاڪ ۾ ڏند تکا ڪيو ويٺا آهن. ڪاش ! هنن کي ايتري سمجھ هجي تہ هزارين ڪوهن جو مفاصلو طيءِ ڪري پرديس ۾ وڃي بارود وگهي دردناڪ موت مرڻ کان بهتر پنهنجي ديس جي سرد موسمن ۾ جان ڏجي. پر ويچارا بي زبان جاندار اهو سڀ سهندي بہ هر سال ڪتڪن جا ڪتڪ پرواز ڪري اچي هتي جان جا نذرانہ پيش ڪن ٿا. اهو سڀ سوچيندي هو گهٽي ڏکاري ٿي وئي هئي.

ڪجھ ئي دير ۾ ناشتو ۽ چانھ پي موٽڻ جي تياري ڪئي تہ ٻيڙين وارن بہ لنگر کنيا، پنهنجا ونجھ سنڀاليا ۽ واپسيءَ جي راھ تي هلڻ لڳا. صبح جو بہ ساڳيا منظر هئا، جيئن جيئن ڪنارو ويجهو پوندو پئي ويو تہ ڪناري جي زندگي بہ روان دوان ڏسڻ ۾ آئي، فرق صرف اهو هو تہ شام مهل عورتن سان گڏ مرد بہ ڪمن ڪارين کان واندا ٿي ڪٽن تي ويٺل هئا، ليڪن صبح جي وقت صرف عورتون ۽ ٻار ئي موجود هئا. مايون ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ مصروف هيون تہ ٻار وري راند رهي رهيا هئا.

ٻيڙيون ڪناري سان اچي لڳيون تہ لهي ڳچ پنڌ ڪري اچي وين ۾ چڙهيا. جلد ئي سيوهڻ ريسٽ هائوس پهچي ويا. جتي فريش ٿي پنهنجي لاءِ مخصوص ڪيل ڪمرن ۾ ڪجھ دير لاءِ آرام ڪيو. اجان هڪ ڏينهن

موڪل جو هيو. گائيڊ ٻڌايو تہ اي سي صاحب صبحاڻي لاءِ توهان لاءِ لڪيءَ جي چشمن جو پروگرام رٿيو آهي. اڄ توهان پلي آرام ڪيو. سڀني فيصلو ڪيو تہ اڄ شام سيوهڻ ۾ ترسي اتي ڪجھ جايون گهمڻ گهرجن ۽ شام جو شڪريہ ادائي لاءِ اي سي صاحب سان بہ ملجي، جنهن پرنسپال جي گذارش تي هي سمورو انتظام ڪيو آهي.

ڪجھ ڪلاڪن جي آرام ڪرڻ ڪان پوءِ هنن جو رات جي اوجاڳي جو ٿڪ بہ لهي ويو. هو تازه توانا ٿي چانهہ پي رهيا هئا تہ سندن لاءِ مقرر ڪيل سونهون بہ اچي پهتو. تہ سڀني پنهنجون ڪيمرائون سنڀاليون ۽ نڪري پيا سيوهڻ ۽ ان جي آس پاس جا علائقہ گهمڻ لاءِ. چئو ٿنڀي، لعل باغ وغيره گهمي ڦري واپس موٽي آيا. ريسٽ هائوس مان ئي ايس ڊي ايم جي آفيس فون ڪيائون تہ خبر پئي تہ صاحب موصوف ڪنهن ميٽنگ سانگي حيدرآباد ويل آهي ۽ ٻن ڏينهن ڪان پوءِ واپسي ٿيندي. ان لاءِ پيغام نوٽ ڪرائي رات جي ماني ڪائي سڀڪو وڃي آرامي ٿيو.

❤

صبح جو سوير پرو سجاڳ ٿي ناشتو پاڻي ڪري رهيا هئا ته سونهون به اچي پهتو. پروگرام اهو ٺهيو ته هتان لڪيءَ جا چشما وغيره گهمڻ کان پوءِ هو ڪراچيءَ لاءِ روانه ٿي ويندا.

ٻاهر نڪتا ته وين تيار هئي، ناصر صاحب جيڪو هونئن ته چترڪار هو پر في الحال هو قدرت جي خوبصورت منظرن کي پنهنجي ڪئمرا ۾ قيد ڪندو پئي ويو. جڏهن هو لڪيءَ جي پهاڙي سلسلي وٽ پهتا ته اهو ڏسي کين حيرت لڳي ته اتي هڪ ٽڪريءَ جي دامن ۾ هڪ ننڍڙو مندر ٺهيل هو. جنهن مان اندازو پئي ٿيو ته هتي قديم زماني کان هندو مذهب سان واسطو رکندڙ پنهنجي مذهبي تهوارن تي متي چشمن تي وهنجڻ کان پوءِ ضرور هتي پوڄا پاٺ ڪندا هوندا. بلڪ سونهين اهو پئي ٻڌايو ته هو اڄان تائين هتي تهوار تي وهنجڻ ايندا آهن. هو چاڙهيون چڙهڻ لڳا ته جبلن مان وهي ايندڙ هڪ جهرڻي جي ٿڌي ۽ شفاف پاڻيءَ سندن استقبال ڪيو. جيتوڻيڪ جهرڻو تمام ننڍو هو پر هنن جي دل چاهيو ته ڪجهه دير لاءِ هتي ويهي پير پُسائجن. سيني جوتا لاهي جهرڻي جي ٻنهي پاسن تي اچي ديرو ڄمايو. جيتوڻيڪ موسم ڪي قدر سرد هئي، پر اهڙي شفاف پاڻيءَ ۾ پير پُسائڻ کان روح رهي نه سگهيو. پهرين ته ڪانئن هلڪو ڇرڪ نڪتو پر پوءِ سندن اندر جي تپش پاڻيءَ جي ٿڌاڻ کي ماٺو ڪري ڇڏيو هو.

غزل جنهن جو اندر سڙي پڄري رهيو هو اها پير پسايو عجيب فرحت محسوس ڪري رهي هئي. ۽ دور خلائن ۾ ڪجهه تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. شايد پنهنجو پاڻ، جيڪو الائي ڪيڏانهن وڃائجي ويو هو. بس ان وقت هن جي دل چاهيو پئي ته سسئيءَ وانگي پنهنجو پنهون تلاش ڪرڻ لاءِ بجاءِ ڏونگر ڏارڻ جي اُتي ئي ويٺي رهي، هميشه لاءِ، اڪيلي، تنها، ڀلا ڪڏهن جبل جهاڳيندي به ڪنهن پنهون پَسيو آهي، ته پوءِ هي ويچارو پورڙو انسان سدائين سرابن ۽ رُڃ جي پويان اهڙو خوار و خراب ڇو ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪيس اها پَروڙ پئجي وڃي ته هو صرف پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسي، ڪيس سڀ ڪجهه سمجهه ۾ اچي ويندو، ته اهو ڏک ، اهو درد وڏيڪ سوايو آهي ڪنهن کي ڳولهي وڃائڻ کان. اها تڪيف، نسبت ان

تڪليف جي جيڪا اڪيلاين جو عذاب ڀوڳي، پنهنجي وجود کي ڳولهي لهڻ جي. غزل اڄ صرف ۽ صرف پنهنجي وڃايل وجود جي متلاشي هئي، جيڪو آدرشن جي تمنا لاحاصل ۾ الائي ڪٿي ڀڃي ڀُري ريزه ريزه ٿيو پيو هو. انسان جي زندگي آخر ايتري اڙانگهي ۽ ڏُکي ڇو هوندي آهي، جنهن ۾ جهريل ۽ پاش پاش ٿيل اميدون ۽ آرزوئون، لُٽيل ڦريل حسرتون هن دردن ڀري ڌرتيءَ تي ڦٽجي پيل دليون نامڪمل رهجي ويندڙ آسون. آخر انسان زندگيءَ جي هر قدم هر موڙ تي انهن حالات، انهن لا محدود تمنائن جي وَرِ پنهنجو پاڻ کي ڇو ٿو چاڙهي چڙهي. انسان تہ سمجه رکي ٿو، هو سڀني مخلوقن کان وڏيڪ عقلمند ۽ مرتبي وارو آهي. تہ پوءِ پاڻ کي انهن حالتن ۾ اڻ کُٽ خواهشن آڏو ايترو لاچار ۽ بي وس ڇو سمجهي ويهي ٿو. هو تہ ڏونگر ڏارڻ ۽ سمنڊ اُڪرڻ جي همٿ ۽ حوصلو رکي ٿو تہ پوءِ پاڻ ، انهن فضول ۽ بي سود تمنائن ۽ آرزوئن آڏو سر نوائڻ لاءِ ڇو مجبور ٿي وڃي ٿو. جو اهي سڀ درد پيڙائون نا اميديون نراسايون ڪنهن خوفناڪ جن ڀوت جيان سندس من اندر واسو ڪري ويهي رهن ٿيون. ۽ پوءِ انسان ان زندگيءَ کي بار سمجهي ڍوئڻ جي بي لاڀ سعي ڪرڻ لڳندو آهي. آخر اسان انهن فضول ۽ لاحاصل تمنائن جا غلام ۽ محتاج  ڇو بنجي ويندا آهيون. اسان کي انهن پوريون نہ ٿيڻ وارين خواهشن کي پنهنجي مٿان حاوي ڪرڻ ڀلا ڪو چڱو عمل آهي.

”هزارين خواهشون اهڙيون جو هر خواهش تي دم نڪري.“

اهو سڀ سوچيندي هن جي اکين مان هڪ ڀٽڪيل لڙڪ نمودار ٿيو ۽ ڳلن تي پهچڻ کان اول ئي پلڪن ۾ جذب ٿي ويو. مونيڪا جيڪا هن جي بلڪل ڀرسان ويٺي هئي ۽ ڪافي دير کان هن جي چهري جي بدلجندڙ رنگن جو بغور جائزو پئي ورتائين. هن غزل کي اهڙي ڪيفيت ۾ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو هوءَ تہ ڪيس هميشہ برد بار، سنجيده ۽ هر فڪر کان بي پرواه لڳندي هئي، تہ پوءِ اهڙي خوب صورت ماحول ۾ هن جو موڊ ايترو نااميدي ۽ مايوسيءَ جو شڪار ڇو ٿي ويو آهي. اهڙي وڻندڙ صبح ۾ جڏهن آس پاس ايڏا حسين ۽ سحر انگيز منظر هجن، جن کي پسندي انسان پنهنجون سڀ پريشانيون، مونجهارا ۽ دک درد هڪ پاسي ڪري صرف زندگي کي جيئڻ

چاهيندو آهي. اهڙي مقام تي تہ اسان تي هڪ طلسماتي ڪيفيت طاري ٿي وئي آهي ۽ هيءِ عورت اهڙي اداس ۽ غمگين ڇو ٿي وئي آهي. سندس نيڻ ڇو پِجي ويا هئا جن کي هوءِ اکين ئي اکين ۾ پيئڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ٻيا سڀ هن جي اندر جي ڪيفيت کان بي خبر انهن خوبصورت گهڙين کان لطف اندوز ٿي رهيا هئا. اچانڪ ان خاموشيءَ جو سحر ٽُٽي ويو جڏهن ناصر صاحب جي خوشيءَ ۾ هلڪڙي رڙ نڪري وئي. هن جي آواز تي سڀني هن ڏانهن نهاريو ۽ هنن جو نظرون، سندس نگاهن جو تعاقب ڪنديون اوڏانهن ڪِجي ويون. هڪ تمام اوچي ٽڪريءَ تي هڪ ننڍڙو ٻڪري جو ٻچڙو ٽينگ ٽپا ڏيندو تمام اوچائي تي پهچي ويو هو ۽ شرارت مان هيٺ چَرندڙ ٻڪرين کي ڏسي رهيو هو. ناصر صاحب سان گڏ باقي سڀني بہ هن جي هر چُر پُر جون تصويرون پئي فوڪس ڪيون ۽ پوءِ چاڙهيون چڙهي مٿي پهتا. ڪافي بلند پهاڙي سلسلو هو. ڪجهہ پنڌ تي هڪ پاسي مسافر خانو هو جنهن جي سامهون هڪ ڪوٺڙي هئي جنهن لاءِ اتي وينل ڪجهہ ماڻهن ٻڌايو تہ هن جي اندر هڪ غار جو رستو آهي. اهو ڏسي اڳتي وڌيا تہ ڪجهہ پنڌ تي گرم پاڻيءَ جا چشمہ هئا جن مان گندرف جي بوءِ پئي آئي . هڪ پاسي کان اندران پاڻي نڪري رهيو هو ۽ شايد ڪنهن طرف کان چشمي جو وهڪرو هو جيڪو ان پهاڙي سلسلي جي ڪنهن ٽڪريءَ مان پنهنجو رستو ٺاهي جهرڻي جي صورت ۾ وهي رهيو هو. ائين چشمي جو پاڻي هر وقت صاف و شفاف بنجي پئي ويو. جتي ڪِٽن ڦرڙين جا مريض شفا ياب ٿيڻ لاءِ ايندا رهندا آهن. چشمي جي بلڪل وچ ۾ پردو ڏئي عورتن لاءِ الڳ ڪيو ويو هو. پاڻيءَ ۾ هٿ وجهڻ سان ڪافي گرم پئي لڳو. قدرت جو بہ عجب انتظام آهي، هيٺ جهرڻي جو پاڻي جيترو سرد هو اوترو ئي مٿي هي پاڻي گرم هو. ڪجهہ دير ترسي فوٽو گرافي ڪيائون. قدرت جي هنن حسين منظرن مان حِظ حاصل ڪندا رهيا.

ڪجهہ دير کان پوءِ واپسيءَ جو سفر شروع ٿيو. سونهين کي بس اسٽاپ تي ڇڏيائون. آخر اچي ڄامشورو پهتا. وقت بہ ڪافي ٿي ويو هو. ۽ بک بہ کين بي حال ڪري ڇڏيو هو ان ڪري هو سنڌوءَ ڪناري لان تي پيل ڪرسين تي اچي ويٺا، پرسان هڪ ننڍي ڍابي نما هوٽل هئي. جتي تازي

ماريل مڇي فراءِ ٿي رهي هئي. جنهن جي خوشبو هنن جي بُک جي اشتها کي سوايو ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي. درياءَ ۾ ايترو پاڻي ڪونہ هو صرف وچ تي واهہ وانگر پاڻي موجود هو. جتي مهاڻا ٻيڙين تي پنهنجي ڄارن ۾ مڇي ڦاسائي رهيا هئا.. جيستائين سندن آرڊر تيار ٿئي، هو پُل جي چئني طرفن جو نظارو پسڻ لاءِ پسار ڪندا، المنظر هوٽل طرف وڌي ويا. ان وقت ٿڌي هوا گهلي رهي هئي جيڪا ڪراچيءَ جي دونهاٽيل ۽ گهميل موسم جي مقابلي ۾ هنن کي فرحت جو احساس ڏياري رهي هئي. واڪ ڪندي تصويرون بہ ڪڍندا رهيا.غزل تہ يونيورسٽي ۾ پڙهائيءَ دوران ڪيترائي ڀيرا هتي اچي چڪي هئي. باقي سيني لاءِ اهڙي پُر فِضا مقام تي اچڻ جو هي پهريون موقعو هيو. هو ان سڄي ماحول کان ڪافي لطف اندوز ٿيندا رهيا. مونيڪا گهڙي ڏسي کين ياد ڪرايو تہ ڪافي دير ٿي وئي آهي، ڪاٽي ڊاهي وارا اهو نہ سمجهي وٺن تہ اسان هنن کي آرڊر تيار ڪرڻ جو چئي رفو چڪر ٿي ويا آهيون. هن جي ياد ڏيارڻ سان سيني کي بُک جو احساس بہ شديد ٿي ويو. هو جيئن پُل وارو روڊ ڪراس ڪري پُل جي ٻئي طرف وڃي رهيا هئا، ان وقت هڪ اڇي رنگ جي سرڪاري نمبر پليٽ سان جيپ اتان گذري، گهڙي پل لاءِ ان جي رفتار ڪجھ جهڪي ٿي، تہ غزل جي نگاهہ اتفاقيہ طور تي ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺل شخص تي پئي، هڪ لمحي لاءِ سندس اکين ۾ حيرت جو احساس اُجاگر ٿيو. ليڪن ٻئي لمحي سندس چهري تان اهو تاثر ختم ٿي ويو. هوءَ سوچڻ لڳي،

”پلا اهو ڪيئن ممڪن آهي، جيپ ۾ ويٺل شخص افراز جهڙو پئي لڳو پر افراز تہ اسلام آباد ۾ آهي. هن جو هتي ۽ اهو بہ سرڪاري جيپ ۾..... ماڻهو ماڻهن جهڙا. اهو منهنجو وهم ٿي سگهي ٿو. پر، جيپ واري بہ تہ کين ڏسي گهڙي پل لاءِ گاڏيءَ جي رفتار گهٽائي ڇڏي هئي......... نہ افراز جو هتي ڪهڙو ڪم........ اسان کي گذرندو ڏسي شايد رستو ڏيڻ لاءِ هن گاڏي ڍري ڪئي هجي؟ “

اهو سڀ سوچي مٿو جهٽڪي اچي لان تي پيل ڪرسيءَ تي ويٺي. ان لمحي ماريہ ۽ سندس گهر وارن جي ياد شدت سان اچي رهي هئي. سڀ ڪٿي آهن؟ ڪهڙي حال ۾ آهن؟ اهڙو وڃي اسلام آباد وساين جو ڪڏهن

پلجي بہ ڪراچيءِ جو رُخ نہ ڪين. حيدرآباد ۾ تہ هن جي مائٽن جو گهر هو. اتي تہ ايندا هوندا. پوءِ بہ منهِنجي سڪ نہ ستاين جو ٻن ڪلاڪن جو مفاصلو طيءِ ڪري مونسان اچي ملي وڃن ها. پر ڇو مونسان هنن جو هڪ سرسري ناتو هو دوستيءِ جو يا منهنجي ضرورت ۽ مجبوريءِ جو جڏهن مان ٻئي هنڌ ٽانيڪي ٿي ويس، تہ اهو ضرورت جو رشتو بہ وقت جي دز ۾ ڪٿي گم ٿي ويو نوان ساٿي نيون دوستيون. هي دنيا ئي ائين آهي، جيڪي اڳتي وڌيا سي نڪري ويا پوئتي مڙي ڏسڻ جي بغير، جيڪي بيٺا، اهي اتي ئي ساڪت ۽ جامد بيهجي ويا، پند پهڻ ٿي ويا، پلاڪو اهڙن پند پهڻ ٿي بيٺلن لاءِ بہ ڪير پنهنجو وقت ڪوٺو ڪرڻ چاهيندو تہ پوءِ مان ڪنهن کي ڪهڙو ڏوهہ ڏيان،انهن ئي خيالن ۾ هئي تہ ماني تيار ٿي اچي وئي هئي، سڀني ڏاڍو انجوءِ ڪيو. ۽ پوءِ ڪراچي لاءِ نڪري ويا.

❤

غزل جي زندگي بي مقصد ۽ بي رونق بنجي وئي هئي، گهر کان انسٽيٽيوٽ ۽ اتان گهر. ڪئي دفعه ڪيس خيال آيو ته هتي ائين رهيو پيو هجڻ کان بهتر آهي ته ڳوٺ موٽي وڃجي ڪجه به هجي اُتي سڀ پنهنجا آهن، انهن سان رت جا رشتا جڙيل آهن. پر بس هوءِ ڪنهن اڻڄاتل وقت جو انتظار ڪري رهي هئي، نه ڪو نياپو نه سنيهو نه وري واپسيءَ لاءِ ڏياريل ڪا آس ڪا اميد. پوءِ به هوءِ انهن اڻ ڄاتل راهن تي هلندي پئي وئي. ته متان هڪ ڏينهن فواد پنهنجو سڀ ڪجه ڇڏي واپس موٽي اچي، انسان به ڪهڙو عجيب جناور آهي، هر طرف اونداهين مايوسين جي گهور انڌيرن ۾ به اميد جو دامن ناهي ڇڏيندو، متان ڪو روشنيءَ جومڏم ڪرڻو ڪنهن جهروڪي مان ليئو پائي، ۽ مان ان گهڙيءَ موجود نه هجان. بس اها ئي آس لڳائي اُتي رهي پئي هئي.

هن جي مونيڪا جارج سان ڪافي ويجهڙائي ٿي وئي هئي. مونيڪا به هينئر تائين شادي نه ڪئي هئي، ليڪن هوءِ پنهنجي گهر وارن سان گڏ هڪ مطمئن زندگي بسر ڪري رهي هئي. هوءِ جڏهن غزل کي اهڙي ياس ۽ نراسائيءَ جي ڪيفيت ۾ ڏسندي هئي، ته ڪيس ڪافي دلاسا ڏيندي هئي، جيئڻ جي اميد جاڳائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي ۽ هميشه چوندي هئي،

"اور بهي دک هين زماني ۾ محبت ڪي سوا. "

هن کي غزل جي هنن اداسين جو ڪي قدر اندازو ٿي ويو هو پر هن ۾ ڪُريد جي عادت نه هئي پوءِ به هوءِ هر موقعي تي سندس دلجوئي ڪندي رهندي هئي.

هنن محرومين ۽ اداسين جي دنيا مان نڪري ڏس، ڇو نٿي ان ياسيت کي مِٽائڻ جي ڪوشش ڪرين. دنيا ايتري به بدصورت ناهي، بس اسان کي ان ۾ پنهنجي تسڪين جا رنگ ڀرڻ اچن. غزل جو ته هاڻي پنهنجي ان فن سان به ڪو چاهه نه رهيو هو جنهن سان ڪنهن زماني ۾ سندس عشق هو

تڏهن ئي تہ هن جي هٿن جي جنبش سان شاهڪار مجسمہ سرجي پوندا هئا. ڪنهن ڪنهن مهل تہ ساڳيو ڪم سيڪاريندي ڪيس سخت بيزاري ٿيندي هئي. بي جان مجسمن مان هاٺي دل پرجي وئي هئس.، جن ۾ نہ احساس هئا، نہ جذبہ، تہ پوءِ هوءِ چند سڪا ڪمائڻ ۾ وقت ڇو پئي وڃائي.

❤.

هڪ ڏينهن جڏهن موسم ڪافي خوشگوار هئي، هوء مونيڪا سان گڏ پيانو تي هڪ نئين ڌُن ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ۾ هئي تہ اچانڪ مونيڪا کجھ ياد ڪندي چيو

”اڄ شام جو اسان جي گھر هڪ ننڍڙي تقريب آهي، اصل ۾ منهنجي ياءُ جي برٿ ڊي آهي ۽ تون مونسان گڏ اسان جي گھر هلين پئي.“

غزل انهي سڄي عرصي ۾ جڏهن کان فواد ويو هو تمام گھٽ ڪيڏانهن ايندي ويندي هئي، ان ڪري هن گھڻئي حيلا بهانا ڪيا، ڪيئن هلي سگھان ٿي، گھر وڃين تيار ٿيان تہ سواري ناهي، اڪيلي واپس ڪيئن موٽنديس، وغيره وغيره. پر مونيڪا سندس هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ کيس سمجھايو تہ هيء ڪا عام روائتي برٿ ڊي پارٽي ناهي، جتي بنجي سنورجي وڃڻ ضروري هجي ٿو. بس هيء تہ هڪ رسم آهي ۽ ڪيڪ ڪاٽڻ جو بهانو. تون هلنديئہ تہ توکي ضرور مزو ايندو. هن جي ايتري خلوص ۽ زور ڀرڻ تي هوء شام جو اُتان ئي مونيڪا سان گڏ سندس ننڍڙي فوڪسي ڪار ۾ سوار ٿي مونيڪا جي گھر پهتي. مونيڪا جو گھر ننڍو پر نهايت خوبصورت ۽ آرٽسٽڪ انداز ۾ تعمير ٿيل هو. هوء مونيڪا سان گڏجي سندس بيڊ روم ۾ هلي آئي، جتي فريش ٿي هن جي بيڊ تي اچي ويٺي. ان وقت مونيڪا جي ننڍي ڀيڻ ٻارهن تيرهن سالن جي لانگ فراڪ ۽ لانگ ساڪس پهريل ٽري ۾ بہ ڪوپ چانھ ۽ ڪجھ سنيڪس کڻي آئي. سادگيء سان سلام ڪري چانھ رکي هلي وئي. غزل ۽ مونيڪا چانھ پي، جلدي جلدي ڊريسنگ آڏو وار سنواري ٻاهر لائونج ۾ اچي ويٺيون. ڪجھ ئي دير ۾ هڪ اڌ وهي ڪٽڪ رنگي عورت سادي ساڙهي پهريل، نظر جو چشمو لڳل ڪمري ۾ داخل ٿي، تہ غزل سمجھي وئي تہ اها يقيناً مونيڪا جي ماء هوندي. هن اٿي کيس سلام ڪيو تہ هن بہ وڌي نرڙ تي چمي ڏئي کيس دعا ڏني. خاتون انتهائي مهذب ۽ پُر خلوص هئي.. مونيڪا غزل کي ماءُ سان ويهاري پاڻ ٻئي ڪمري ۾ هلي

وئي. ڪجهہ ئي دير ۾ سندس پاءُ جيڪو بلڪل مونيڪا جو هم عمر پئي لڳو پنهنجي گهر واري ۽ ٻن پيارن ڌيءُ پُٽ سان گڏ ڪمري ۾ داخل ٿيو غزل کي سلام ڪري هو هڪ طرف اچي ويٺا تہ مونيڪا ۽ پيٽرس ٽراليءَ ۾ هڪ گهر جو ٺهيل ڪيڪ ۽ ڪجه پليٽون کڻي آيون. ڪيڪ سندس پاءُ چارلس سادگيءَ سان ڪٽي سڀني کي کارايو. ۽ هڪ پليٽ ۾ غزل ڏانهن بہ وڌايو. غزل اهڙي سادي سالگره تقريب پهرين ڪڏهن ڪونہ ڏٺي هئي. ان کان علاوه ٻيو ڪوبہ اهتمام ٿيل ڪونہ هو.

ڪيڪ جي رسم کان فارغ ٿي چارلس ٻاهر نڪري ويو تہ مونيڪا غزل کي چيو تہ هل تہ توکي هڪ نئين دنيا ٿي ڏيکاريان. ائين چئي کيس ٻانهہ کان جهلي ٻاهر نڪري آئي، جتي هڪ وين موجود هئي. ٻئي وين ۾ اچي ويٺيون تہ ڪجه ئي دير ۾ مسٽر ۽ مسز جارج، چارلس پنهنجي خاندان سان گڏ، سڀ اچي وين ۾ سوار ٿيا. وين جي باقي سيٽن تي ڪوڙ ساترا ننڍا ننڍا پئڪيٽ رکيل هئا. غزل وائڙي ٿي اهو سڀ ڪجه پسي رهي هئي. مونيڪا هن جي حيرانگي دور ڪرڻ لاءِ کيس ٻڌائڻ لڳي،

”چارلس منهنجو ٽوئينز ( جاڙو ڀاءُ ) آهي، هو هڪ بين الاقوامي اين جي او ۾ ڪم ڪندو آهي ۽ پنهنجي سالگره مونکان هڪ ڏينهن پوءِ الڳ سان اِن طريقي سان ملهائيندو آهي. “

انهي وقت هو هڪ اهڙي جاء تي پهتا، جتي هر طرف جهُڳيون ٺهيل هيون ۽ غريبن جا ٻارڙا اڌ اُگهاڙا هيڏانهن هوڏانهن راند رهي رهيا هئا. هو غربت باوجود بہ پنهنجي حال ۾ مست مگن هئا. گاڏيءَ کي پنهنجي گهرن جي طرف ايندو ڏسي سڀ راند ڇڏي تجسس مان گاڏيءَ جي ويجهو اچي بيٺا، تہ گاڏيءَ جي آواز تي ڪجه عورتون بہ جهڳين مان نڪري آيون. ڊرائيور گاڏي ڪجه مفاصلي تي بيهاري تہ سڄي جارج فيملي گاڏيءَ مان لهي آئي. ان وقت هنن سڀني کي تمام ساده لباس پهريل هئا، ايستائين جو ٻنهي ننڍڙن ٻارڙن کي بہ معمولي لباس پاتل هو. ڊرائيور ساڳي ٽرالي وين مان ٻاهر ڪڍي تہ چارلس پاڻ هڪ وڏو دٻو کڻي آيو ۽ اهو اچي ٽراليءَ تي رکيائين. غريب وسنديءَ جا ٻرڙا تجسس سان اهو سڀ ڏسي رهيا هئا. جارج ۽ فيملي بہ اچي پرسان بيٺي. مونيڪا غزل کي پاڻ سان گڏ اڳتي وٺي آئي ۽

سيني ننڍڙن ٻارڙن کي اشاري سان پاڻ ڏانهن سڏيائين. سڀ ڊڄندا ڊڄندا ڦهرين ماٿرن ڏي ڏناٿون ۽ پوءِ اڳتي وڌي آيا. ته چارلس پنهنجي ٻارڙن کي انهن سان گڏ ٻيهڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ ڪيڪ ڪٽي آندل ڊسپوز ايبل پيالين ۾ وجهندو پنهنجي ٻارن کي ڏيندو ويو ۽ انهن سيني ٻارن ۾ ڪيڪ ورهايو ته مونيڪا ۽ غزل بينل عورتن ۾ پڻ ڪيڪ ورهايو. ۽ پوءِ پاڻ به کائڻ لڳا. ٻارڙن ۽ عورتن جي چهرن تي خوشي ڏسڻ وٽان هئي. ڪنهن گاڏيءَ مان لهندڙ خاندان ڦهريون دفعو هنن مسڪينن کي پنهنجي خوشين ۾ ائين شريڪ ڪيو هو جو ڪين اهو احساس به ٿيڻ نه ڏنو هو ته هو ڪپڙي لٽي ۾ هنن کان بهتر آهن ۽ اهو سڀ ڪندي سندن چهرن تي عجيب اطمينان، آسودگي ۽ خوشي ٻَکي رهي هئي. هنن کي بناوت کان پاڪ خوشي ۾ ٻهڪندو ڏسي، غزل جي به عجيب ڪيفيت هئي. هن ڦهريون ڀيرو اهڙي ڪا تقريب ڏٺي هئي ۽ انهن غريب وسنديءَ وارن جي چهرن تي به اهڙو اطمينان ظاهر هو جيئن هو پنهنجي رَب جي رضا تي راضي هجن. بس هو اڄ وڏيڪ خوش ان ڪري پئي لڳا جو ڪنهن خاندان پنهنجين خوشين ۾ هنن کي شريڪ ڪيو هو.

غزل جي ان گهڙِيءَ عجيب ڪيفيت هئي. هي اڌ اگهاڙا ٻارڙا ڦاٽل ڦوٽل لباس ڦهريل، ميرانجهڙيون عورتون هن حال ۾ به بي فڪر پئي لڳيون. نه حاصل ڪرڻ جي حسرت ۽ نه وڃائڻ جو خوف. بس جيڪا زندگي هنن کي هن معاشري گذارڻ تي مجبور ڪيو هو بغير ڪو شڪوه شڪايت ڪئي، بس گذاريائون پئي. رب جي رضا تي راضي رهڻ سِکي ورتو هئائون ۽ اسان جن کي خدا جي هر نعمت حاصل آهي، پوءِ به خود ساخته حسرتون ۽ آشائون اندر ۾ پالي، هرو ڀرو پاڻ کي دڌڪارو ۽ مظلوم ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل رهون ٿا. جڻ زندگيءَ صرف اسان سان بيواجبي ۽ بي انصافي ڪئي هجي. اڄ هن زندگيءَ جو نئون سبق پڙهايو هو. چارلس ۽ فيملي گهڙي پل لاءِ ئي سهي، هن وسنديءَ جي مڪينن ۾ اهو احساس ضرور روشن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ته هو به باقي انسانن سان، جيڪي هنن جي خوابن جي دنيا کان ڪوهين دور رهن ٿا. هنن سان پنهنجو هجڻ جو احساس جاڳائڻ جي هڪ معمولي سهي،ڪوشش ضرور ڪئي اٿائون.

ٻارن ڪيڪ ڪائي ڪاغذ جو پيالين اڇلائڻ جي بجاءِ پنهنجي مائرن کي سانڍڻ لاءِ ڏنيون. ايتري ۾ جارج سمورا پئڪيٽ گاڏيءَ مان لهرائي سيني ٻارن ۾ ورهايا نہ صرف انهن ٻارن ۾ پر يڪجهتي طور ساڳيو هڪ هڪ پئڪيٽ پنهنجي ٻارن کي بہ ڏنو متان ٻيا ٻار پاڻ کي هنن آڏو الڳ محسوس ڪن, ۽ ائين پنهنجون خوشيون انهيءَ وسنديءَ وارن سان ونڊي واپس موٽي آيا.

رستي ۾ مونيڪا غزل کي ٻڌايو تہ هو شروع کان پنهنجون سالگرهون اهڙين ئي بستين ۾ ملهائيندا آهن ۽ شايد ائين هو پنهنجي لاءِ تسڪين جو سامان ڪندا آهن.

❤

اڄوڪو ڏينهن غزل لاءِ ڪيترائي سرپرائيزز ۽ نياپا ڪٺي آيو هو. هوءِ پاڻ کي هلڪو ڦلڪو ۽ هوائن ۾ محسوس ڪري رهي هئي. مهينن بلڪ ورهين جا ٿڪ ڄڻ لهي ويا هئس. هن کي زندگيءِ جيئڻ جو هڪ نئون حوصلو هڪ نئون رُخ ملي ويو هو. هن ايترو عرصو رُڄ پوپيان ڊوڙندي ڊوڙندي پير پِٿون ڪري ڇڏيا هئا. اڄ ڪيس ڄاڻ پئي هئي ته اسان انسان ڪيڏا نه خودغرض مطلبي ۽ موقع پرست آهيون. پاڻ ئي خواب لهون ۽ وري انهن کي ساپيان ٿيندو نه ڏسي پاڻ کي ئي لهولهانِ ڪري وجهون. ڇا اسان کي جيڪا زندگي صرف هڪ دفعو ملي آهي، اها بس ائين رُڄ ۽ سَرابن جو پيڇو ڪندي گذاري ڦٽي ڪيون. صرف ڪنهن سان محبت ڪري حاصل ڪرڻ جي تمنا ۾ پنهنجي ئي جذبن کي رسوا ڪري ڇڏيون. اطمينان ته تڏهن ملندو جڏهن اسان هڪ ڀيرو هن مليل جيون کي ڀرپور انداز ۾ جيئون ۽ زندگي جيئڻ ته آهي ئي ٻين سان گڏجي جيئڻ جو نالو. اهڙن انسانن سان پنهنجا حوصلا، پنهنجون تمنائون، گڏجي گهارڻ جو مزو باقي سڀني خوشين کان وڌيڪ اُتم ۽ سڪون ڏيندڙ آهي.

هوءَ اڄ ڪيتري عرصي کان پوءِ سڪون جي ننڊ سُمهي هئي، جنهن ۾ نه هن ڪو خواب لڌو هو ۽ نه بي چين ننڊ سمهي هئي. خواب ته هوندا ئي نا آسوده تمنائن ، اڻ پوريون ٿيندڙ خواهشن جو پرتوو يا عڪس. جڏهن انسان پنهنجي زندگي ۾ اهڙين آرزوئن کي جاءِ ڏئي ويهندو آهي جيڪي اڻ ٿيڻيون هونديون آهن ته انهن جو اسان جي لاشعور ۾ اهڙو ته گهرو عڪس رهجي ويندو آهي جو اسان جڏهن بي چين ننڊ سمهندا آهيون ته اهي عڪس لاشعور جو ديوارون ٽپي خوابن جي صورت ۾ اسان جي آڏو اچي ويندا آهن ۽ اسان انهن جي پنهنجي مرضيءِ جي تعبير ماڻڻ لاءِ سرگردان ٿي ويندا آهيون. ڀلا اهڙن خوابن جي ڪا تعبير به ماڻي سگهبي آهي.

موڪل هئڻ ڪري هوءَ صبح جو گهڻي دير تائين سمهي رهي ۽ جڏهن سُجاڳ ٿي ته صبح جا ڏهه پئي ٿيا. هوءَ اطمينان سان اٿي باٿ روم ۾ وڃي گهڻي دير تائين مٿي تي پاڻي نائيندي رهي، ۽ ورهين جي ٿڪ کي لاهي تازي توانائي ٿي ٻاهر نڪري ڀرپور ناشتو ڪري اچي بيڊ تي ويٺي ڪالهوڪي واقعي هن جي دنيا ئي تبديل ڪري ڇڏي هئي. سوچ جو انداز ئي مَنجي ويو هوس. ڪيس جيون گهارڻ جو هڪ نئون رستو نئون ڏَس ملي ويو هو. هوءَ سوچي رهي هئي ته هاڻي ڪافي نوڪري ڪئي، گهڻئي پرديس ڪاٽيو. سڀ ڪجه ڇڏي واپس پنهنجن ڏانهن ورجي. هن کي گهران ڪئي دفعا فون آئي هئي ته سندس بابا جي طبعيت ٺيڪ نه ٿي رهي.

بس اهو سڀ سوچي هن ٻئي ڏينهن انتظاميه سان ڳالهايو ۽ ڊگهي موڪل ورتي.

ٻئي ڏينهن هن واپس وڃڻ لاءِ سامان سهيڙيو پئي ته نائله وچون دروازو هلڪي آواز ۾ کڙڪائي اندر داخل ٿي، هن کي سامان سهيڙيندو ڏسي چوڻ لڳي،

”آپ ڪهين جارهي هئين“

”هان، مين ڪچهه دير مين آپ لوگون کو بتاني آني والي تهي. ڪه مين ني لمبي چهٽي لي هي، اور واپس گهر جا رهي هون.“

اهو ٻڌي نائله اداس ٿي وئي، هنن جو ڪافي عرصي جو ساٿ هوان ڪري هن سان ڪافي انسيت ٿي وئي هئي،

”اب آپ بهي چلي جائين گي تو هم تو بلڪل اڪيلي ره جائين گي. خير هر ايڪ کو جانا هي هوتا هي، ڪوئي جلدي چلا جاتا هي تو ڪوئي دير سي، الله آپ ڪو بهي اپني گهر جاکر ڍير ساري خوشيون سي همڪنار ڪري. مين تو آپ سي ايڪ اچهي خبر شيئر ڪرني آئي تهي، ليڪن آپ کي جاني کا سن کر ساري خوشخبري دهري ره گئي.“

”نهين ، نهين سنائو نا کوئي اچهي خبر. مين آج ايسي هي خبرين سنني کي خواهان هون. “

”دراصل مين آپ کو يه بتاني آئي تهي ڪه وه زرتاج آپي، جو چند دنون مين آپ کي اچهي دوست بن گئي تهي، اس کي اپني کسي کزن سي شادي

هوگئي. اور وه بهي اس کي مرضي سي, اور وه کيناڊا چلي گئين. “
”اري واه ! يہ تو واقعي بهت بڙي خبر هي, آج کا دن واقعي بهت اچها دن هي. ميرا رب بڙا کارساز هي, مجهي تو اب بهي اس کي روني چلاني کي آوازين کانون مين گونجتي رهتي هين. اچها هوا اس ني اپني آپ کو ڍهونڍ ليا. خدا اس کي خوشيون کو سلامت رکهي, آمين.“
اهڙيون ئي کوڙ ساتريون ڳالهيون کنديون ۽ پيڪنگ کنديون رهيون. ان ئي ڏينهن ايما وارن شام کان هن کي پنهنجي طرف سڏي ورتو هو. شام جي چانهہ رات جي ماني هنن کيس ڪرڻ ئي نہ ڏني هئي.هو گهڻي دير تائين ڪچهري کنديون رهيون.
ٻئي ڏينهن ايما آنتي ۽ نائلہ کان موکلائي ڳوٺ هلي آئي.

❤

گهر وارن کيس ائين اچانڪ سامان سوڊو ايندي ڏنو ته واٽڙا ٿي ويا. ”هن کي ڇا ٿيو جو سڀ ڪجھ ميڙي سهيڙي اچي پهتي آهي. پهرين ته ڪڏهن به ائين نه آئي آهي. پڪ نوڪريءَ کان جواب مليو هوندس.“

هن به ڪنهن کي ٻڌائڻ ضروري نه سمجهو ۽ سيني سان ملي پنهنجي ڪمري ۾ سامان کڻي هلي وئي. ڪجھ ڏينهن ائين ئي گذري ويا. هڪ ڏينهن ائين ڳالهين ڳالهين ۾ سرسري انداز ۾ ڀاڄاين کان پڇيائين ته هتي سکر ۾ ڪي اهڙيون سماجي تنظيمون ته ضرور هونديون جيڪي ٻين لاءِ پاڻ پتوڙينديون هجن.

هن جون ڀئي ڀاڄايون شهر جي پڙهيل ڳڙهيل گهرن جون هيون ۽ اٿڻ ويهڻ ڪافي سٺن گهرن سان هين. انهن کيس ڪجھ سماجي تنظيمن جي باري ۾ ٻڌايو. هن ڪجھ ڏينهن رکي، پاڻ مرادو انهن تنظيمن سان رابطو ڪيو ۽ روبرو سندن آفيسن ۾ وڃي ملي به. ليڪن هن کي ائين لڳو ڄڻ هر ماڻهو نام نهاد شهرت ۽ صرف پاڻ کي نمايان ڪرڻ لاءِ اهڙين تنظيمن سان ڳانڍاپو رکيو پيو وتي. انسان ذات جي خدمت ڪرڻ جو ٻي لوث جذبو بس نالي ماتر آهي. هر تنظيم پنهنجي منشور ۾ بس چند ڪم ناهي ڇڏيا هئا ۽ لڪير جون فقير بنجي پئي هليون.

هن کي اهڙي ڪنهن تنظيم جوحصو بنجڻ جو حوصلو نه ٿيو. هوءَ سوچ ۾ پئجي وئي ته اجايو نوڪري ڇڏي هتي هلي آئي. هن موقعي پرست دنيا جو هر ماڻهو مفاد پرست بنجي ويو آهي. زندگيءَ کي ان انداز سان جيئڻ جو ڪنهن ۾ جذبو ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي، جيڪو هن جارج فيمليءَ ۾ ڏٺو هو. ائين هوءَ ڪافي بد دل ٿيندي پئي وئي.

هاڻي هن پنهنجو وڏ کان وڏ وقت پيءُ سان گڏ گذارڻ شروع ڪيو هو. جيڪو پنهنجي عمر جي تقاضائن سبب ڪافي ڪمزور ۽ نبل ٿي ويو هو. هوءَ سندس ننڍڙا ننڍڙا ڪم ڪندي وتندي هئي.

مٿئين پورشن ۾ جتي ٻه ڪمرا هئا، هڪ ۾ سندس ماء پيء رهندا هئا ۽ ٻئي ۾ هاڻي هوء پاڻ اچي رهي هئي. سڄو وقت پيء جي پرسان ويهي ڪيس ڪراچيء جا احوال ڪندي رهندي هئي. هن زرتاج جي ڪهاڻي ٻه پيء کي ٻڌائي ته مونيڪا جارج جي متعلق به احوال ڏنو بلڪه پيء کي اهو ٻڌايائين ته هوء انهن ڪان متاثر ٿي سڀ ڪجه ڇڏي هتي آئي آهي. هوء ته بس هاڻي ٻين لاءِ جيئڻ ، ٻين لاءِ ڪجه ڪرڻ جي آرزو پنهنجي اندر ۾ سانڍي هتي پهتي آهي.

❤

احمد شفيع هڪ ديانت دار سرڪاري آفيسر ٿي رهيو هو ۽ هميشہ حق حلال جي روزي حاصل ڪرڻ لاءِ محنت مذدوري ڪري پنهنجي ڪٽنب جي ڪفالت ڪندو رهيو هو. ڌيءَ جي اهڙي جذبي کي ڏسي ڪيس فخر ۽ ستائش ڀرين نظرن سان ڏسندو رهيو.

غزل ڪيس ٻڌايو تہ هوءَ هتي اچي ڪيترين نالي چڙهين تنظيمن جي ڪارڪنن ۽ سرڪرده اڳواڻن سان ملي آهي، ڪي صرف شهرت ماڻڻ خاطر سماجي ڪم ڪيون ڪن، تہ ڪي نمائش ۽ نمود لاءِ نالي ماتر تنظيمون جوڙي غريبن جي علائقن ۾ وڃي اين جي اوز معرفت ملندڙ فنڊن مان بہ چار ڪاڏي پيتي جون شيون تہ ڪي ڪپڙا لٽا ورهايو فوٽو سيشن ڪرايو سوشل ميڊيا تي يا اخبارن ۾ اهي تصويرون ڏئي پنهنجو اُلو سِڌو ڪرڻ ۾ مصروف آهن.

پڻس مرڪندي چوڻ لڳو.

”پُٽ ! اهوئي تہ اڄ جي دور جو طريقو ۽ وتيرو وڃي رهيو آهي. اهي نالي چڙهيا سماجي خدمتگار هجن يا سياستدان، ڪنهن کي بہ ڪنهن جي عملي ڀلائيءَ يا خدمت سان ڪو واسطو ڪونهي. بس اهي سڀ ڏيکاءَ خاطر اهو سڀ ڪري اسان جي هن معاشري جي ابوجه ماڻهن جي احساسن ۽ جذبات سان راند رهي رهيا آهن، هنن کي انهن انسانن جي نہ غربت سان ڪو سروڪار آهي ۽ نہ ئي عزت نفس سان. مان توهان کان هڪ ڳالهہ معلوم ڪرڻ چاهيندس، توهان مونيڪا جارج ڪٽنب جي متعلق پئي ٻڌايو تہ هنن پنهنجو جنم ڏينهن ان غريب وسنديءَ جي ٻارڙن ۽ عورتن سان گڏجي ملهايو. ڇا انهن اتي اهي تحفہ يا ڪيڪ ڪٽيندي ڪجھ فوٽو بہ ڪڍرايا هئا. “

”نہ بابا مون اتي اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪونہ ڏٺي هئي. “

”هنن ان غريب بستيءَ جي ماڻهن ۾ راشن پاڻي وغيره ورهايو يا ٻارن

ڪي ڪپڙا لٽا تحفي طور ڏنا هئا. “

”نہ بابا اهڙي ڪا بہ ڳالهہ اتي ڪونہ ٿي هئي،. بس هنن اهو وڏو ڪيڪ ڪٽي ٽڪرا ڪري ٻارن جي پليٽن ۾ رکيا ۽ پوءِ جيڪي تحفہ ڏنا، اهي بہ خاص قيمتي نہ هئا. ڊبن ۾ ننڍڙا جهاز، سائيڪلون، اسڪوٽر، هيلي ڪاپٽر، رڇ پچاء جا ٻاراڻا رانديڪا ۽ اهڙي ئي قسم جا پلاسٽڪ جا رانديڪا هئا. شايد 20_30 روپين تائين هوندا. جنهن ڪان پوءِ انڪل جارج مونيڪا ۽ چارلس پنهنجي ميوزڪ انسٽرومينٽ تي هڪ ٻاراڻي ڌن وڄائي ۽ سندن ننڍڙا ٻارڙا نچڻ لڳا، تہ وسنديءَ جي ٻارن بہ سندن ساٿ ڏنو. هو سڀ ان گهڙيءَ ڏاڍا خوش پئي لڳا. “

احمد شفيع صاحب هن جون ڳالهيون غور سان ٻڌي رهيوهو ۽ انهن آڏار پنهنجي نياڻي جي پُرخلوص جذبي جي پوئواري لاءِ ڪنهن خاص سمت ڪنهن خاص جِهت جو تعين ڪرڻ جو سوچي رهيو هو.

”پُٽَ ! ان سموري وارتا مان توهان کي يقيناَ ڪو پيغام سمجه ۾ آيو هوندو. تڏهن تہ توهان سڀ ڪجه ڇڏي واپسي جي رستي تي نڪري پيو“

” نہ بابا سائين، مون کي ان وقت تہ ڪا ڳالهہ سمجه ۾ ڪونہ آئي هئي، ليڪن اتان جي ٻارن ۽ عورتن جي چهرن تي عجيب قسم جي رونق ۽ اطمينان ضرور محسوس ٿيو ۽ انهي احساس ئي منهنجي اندر ۾ هڪ آسودگي ۽ طمانيت جو احساس جاڳايو. لڳو تہ ڪنهن ۾ لمحن لاءِ خوشيون ورهائڻ سان انسان پنهنجي اندر ۾ ڪيڏو نہ آسودو ۽ سرشار محسوس ڪري ٿو ۽ اهو سڀ جارج فيملي جي چهرن کي ڏسي سمجه ۾ آيو ٿي ۽ ان احساس ئي منهنجي اندر ڪايا پلٽ ڪري ڇڏي هئي ۽ مان ان طرف متوجہ ٿي وئي هئس.“

احمد شفيع کيس سمجهائڻ لڳو تہ جيڪي بقول سندس، نالي چڙهيون تنظيمون اسان جي هن سماج ۾ ڪم ڪن پيون، اهي بہ ايتريون غلط ناهن، اگر سُنائي ۽ نيڪيءَ طرف ڪو قدم وڌائجي ٿو، پوءِ ڪٽي ان ۾ اسان جو پنهنجو ڪو مقصد يا مفاد سلهاڙيل هجي ٿو. پلي اهو ڪم اسان ڏيکاء يا نمائش لاءِ ڪيون ٿا. بيشڪ اسان انهن سان نڪتل تصويرون اخبارن يا ٻي ميڊيا تي آڻيون ٿا، ان ۾ ڪٽي اسان جو ڪهڙو بہ مقصد ڪار

فرما هجي، ليڪن اهي تصويرون ڏسندڙن کي اسان جي اندر جي حال جي پروڙ ته ڪانه ٿي پئجي سگهي نه. اهي فوٽو ڏسي ٿي سگهي ٿو ته ڪجه ٻين ماڻهن ۾ به ڀلائي ڪرڻ جو تحرڪ پيدا ٿئي. اها هڪ سُٺي ڳالهه آهي، پر ان سان اسان کي اهو به خيال رکڻ گهرجي ته ان ڀلائيءَ واري عمل سان ڪنهن جو عزتِ نفس ڪنهنجي خود داري ته مجروح ڪونه ٿي ٿئي، يا انهن جو قيمتي لباس يا وڏي گاڏي ڪنهن لاءِ احساس ڪمتريءَ جو سبب ته نه پئي بڻجي، يا اسان ماڻهن ۾ جاڻي واڻي ڪم چوري ، محتاجي ۽ پنڻ جي عادت ته نه پيا وجهون . هڪڙا ماڻهو واقعي دل سان محنت ڪري اڳتي وڌڻ چاهيندا آهن ليڪن هو ان جي طرف يا رُخ جو تعين ناهن ڪري سگهندا، ليڪن ڪجه ڪم چور ڪاهل ۽ سست هجڻ ڪري به ٻين جي مدد لاءِ پيا واجهائيندا آهن، هو بس ايترو چاهيندا آهن ته اسان وينا رهون ۽ ڪو خدائي فوجدار اچي ۽ اسان جي هٿ تي چند سڪا يا مانيءَ ڀُيو رکي وڃي. اهڙا ماڻهو به اسان جي هن معاشري ۾ اڻ ڳڻيا ملندا .توهان جارج خاندان جي ان سچي عمل کان صرف ان ڪري متاثر ٿيوَ ته هنن اصل ۾ اهڙين وسندين ۾ وڃي اتان جي رهاڪن کي سندن وجود جو سندن هئڻ جو احساس ڏياريو، ته هو به سندن جهڙا آهن ۽ هنن سان گڏجي هنن جيان زندگي گهاري سگهن ٿا. ڪيڪ جي ننڍڙي ٽڪري سان ڪنهنجو پيٽ ته ڪونه ڀرجي سگهندو نه، پر هنن ۾ اهو تحرڪ ضرور پيدا ٿيندو ته هو به باقي دنيا جهڙا آهن تڏهن ته هنن جي خوشين ۾ شريڪ آهن. ننڍڙا رانديڪا هنن يقيناً ان مقصد لاءِ چوند ڪيا هوندا ته مشينن ۽ جهازن ۽ ٻين رانديڪن کي ڏسي ٿي سگهي ٿو ته انهن ننڍڙن ذهنن ۾ اهو جهاز اُڏائڻ، اها مشين هلائڻ جي تمنا پيدا ٿئي ۽ ان تمنا کي پورو ڪرڻ لاءِ هنن ۾ ڪجه ڪرڻ جو اتساهه پيدا ٿئي. عام طور تي اسان جا اهي نام نهاد ادارا اهڙن هنڌن تي وڃي ڪجه ڪپڙا يا ڪاڏو تقسيم ڪري، انهن وسندين ۾ پيدا ٿيندڙ ٻارن کي نفسياتي طور اهڙو ته احساسِ ڪمتريءَ ۾ مبتلا ڪيو ويندو آهي، جو هو اهو سمجهڻ لڳندا آهن ته بس اهي چند ٽڪا، اهي اَن جا ڪجه داڻا ئي سندن مقدر آهي ڇو ته هو اهڙي هنڌ پيدا ٿيا آهن ۽ هو ته بس ان اوسيئڙي ۾ رهندا آهن ته ڪو ايندو ۽ سندن هٿ کان وٺي سندن نصيب تي

لڳل تالا کوليندو ۽ پوءِ بس هو ان فرشتي، ان مسيحا جي انتظار ۾ رهندي سڀ قسمت تي ڇڏي ڏيندا آهن. جي قسمت جي ديوي مهربان ٿي ته ڪير هنن جي بيمار ٻارن لاءِ مسيحا بنجي، چند دوائون ۽ خوراڪ جا ڪجھ داڻا ڪڻي سندن در تي پهچندو ۽ جي نه ٿي ته سندن معصوم ٻارڙو ٻلڪي ٻلڪي، سسڪي سسڪي يا ته هي جهان ڇڏي ويندو يا معذور بنجي زندگي تي بوجھ بنجي ويندو. اسان جا نام نهاد مسيحا، اڳواڻ، سماجي ڀلائيءَ جا ٺيڪيدار اڄ ڪلھ بس اهوئي ته ڪن پيا. انسان کي اپاهج بنائيندا پيا وڃن. ماڻهن کي قطارن ۾ ويهاري، ڪڏهن راشن ۽ ڪپڙن ورهائڻ ۾ پنهنجي تسڪين جو سامان پيا ڳوليندا، ته ڪڏهن پنهنجو ووٽ بئنڪ پيا ٺاهيندا ۽ اسان جا اهي غربت جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ انسان ته ان ۾ ئي راضي ۽ خوش ٿي ويندا ته سندن ليڊرن خيرخواه بنجي هنن جي ڪيتري نه سار لڌي آهي. ائين اهي غريب بک جون ماريل هٿ سان وٺي معذور بنايل وسنديون، اسان جي اقتدار پرست ٽولن جي هوَس ۽ لالچ جو هميشه ٻارڻ بنجي انهن جي حرص جي مشينن ۽ فيڪٽرين کي هلائي رهيون آهن.

هاڻي اسان کي صرف اهو ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي، ته اسان اهڙن ابوجھ ماڻهن جي ويجهو وڃون انهن سان گڏجي ويهون، انهن سان ڪچهريون ڪيون ۽ هنن کي سندن وجود جو سندن هئڻ جو احساس ۽ اُتساھ ڏيون. هنن کي ٻڌايون ته راشن جو ڪٿو چند ڪپڙا ۽ چند پئسه سندن مقدر ڪڏهن ڪونه بدلائيندا، بلڪ هو جيستائين پنهنجو پاڻ کي انهن چند هزار ماڻهن جي مقابلي ۾ آڻي نه ويهاريندا، پنهنجي پاڻ کي محتاج بنجڻ کان نه بچائيندا، پنهنجو پاڻ کي ڳولي نه لهندا، تيستائين سندن مقدر، سندن نصيب جو ڪو علاج نه ٿيندو. هو اُٿن ۽ ڌرتيءَ جو سينو چيري پنهنجي لاءِ اهو سڀ ڪجھ حاصل ڪرڻ جي همٿ ۽ ڪوشش ڪن، جيڪا سندن ۽ سندن ايندڙ نسلن جي قسمت بدلائي سگهي ٿي. باقي رزق ڏيڻ ته رب سائين جو واعدو آهي، اهو پٿر جي اندر ڪيڙي کي به پهچائي سگهي ٿو، ته پوءِ هنن جي ڪيل محنت ۽ همٿ سان هنن جو مقدر ڇونه ٿو بدلائي سگهي. جيڪڏهن انهن انسانن جي ڀلائيءَ لاءِ سوچڻو آهي ته پوءِ ان لاءِ نه ڪنهن سرمائي جي، نه ڪنهن وڏي تنظيم يا جماعت جي ضرورت

آهي، توهان ڇا ٿا ڪرڻ چاهيو بس ڪري گذرو.“

غزل پيءُ جون اتساهيندڙ ڳالهيون غور سان ٻڌندي رهي پنهنجي مستقبل جو لائحہ عمل سوچيندي ۽ ترتيب ڏيندي رهي، هوءَ ننڍپڻ ۾ بہ پيءُ جي پر ۾ ويهي اهڙيون ئي اتساهيندڙ ڳالهيون ٻڌي هنئين سان هنڊائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي پر سندس ڪچڙي معصوم ذهن ۾ ايڏيون وڏيون سمجهاڻيون سمائجي نہ سگهنديون هيون.اڄ ڪيس اهو سڀ سمجه ۾ آيو پئي تہ ،ڪيس ڇا ڪرڻو آهي ۽ اهو ڪيئن ٿيندو. بس مسئلو صرف اهو هو تہ هوءَ ڪٿان شروع ڪري.

❤

ڪجهہ ڏينهن جي سوچ ويچار کان پوءِ هوءِ پنهنجي پراڻين ڪلاسين سان وڃي ملي. جن مان ڪجه تہ شادي شده هيون . ليڪن انهن جا ٻارڙا ايترا وڏا ضرور هئا جو هنن جو خيال رکڻ ڪو مسئلو نہ هو ڪجه اجان هن وانگر گهرن ۾ ويٺيون هيون. انهن سان صلاح مشورو ڪري چند عورتن جو هڪ اهڙو گروپ تيار ڪري ورتائين, جيڪي اسڪول جي زماني ۾ سٺيون مقرر هيون, ۽ غزل جي مقصد سان سهمت پڻ هيون. اتفاق سان انهن ڏينهن ۾ اهڙي تہ برسات وسي جو ٻوڏ ٻوڙان ڪري ڇڏيائين. ڪچين وسندين وارن علائقن ۾ هر طرف تباه ڪاري نظر پئي آئي.

غزل پنهنجي گروپ سان گڏجي, پيءُ جي هڪ پراڻي جيپ ۾ چڙهي وڃي اهڙن هنڌن تي پهچندي هئي ۽ سرڪاي مدد جي آسري ۾ ويٺل ماڻهن جي اندر پنهنجي مدد پاڻ جي تحت حوصلو ۽ همت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون هيون تہ هو هن مشڪل مان پنهنجو پاڻ ڪي ڪيئي سگهن ٿا, هو کين سمجهائينديون هيون تہ جي توهان هنن جي مدد جي آسري ويٺا تہ ايندا ضرور, پر ان سان انهن جوئي پلو ڀرجڻ وارو اهي بلڪ ٻٽو فائدو. پهرين تہ توهان جي نالي تي ملندڙ ان امدادي سامان جو عُشر عُشير بہ توهانکي ڪونہ ملندو, باقي سڀ اهي ورهائيندڙ پنهنجا ڀيءِ ڀرڻ لاءِ لڪائي رکندا. ٻيو تہ هو ان سرڪاري مدد جي جيڪا هنن ڪڍهن بہ پنهنجي هڙان وڙان نہ ڏني هوندي آهي, ليڪن هو توهان تي اهڙو ٿورو ٿڦيندا ڄڻ هنن توهان مٿان قارون جا خزانا لُٽايا هجن. بدلي ۾ اسان جا ابوجه ماروئڙا هميشہ لاءِ سندن ٿورائتا ٿي سندن مٿان اوَل گهول پيا ويندا. اڳتي هلي هو انهي سرڪاري مدد کي ووٽ جي شڪل ۾ ڪيش ڪرائيندا. تہ اسان جا اهي ڪامورا بہ وهندي گنگا ۾ پنهنجا هٿ ٻوڙڻ کان ڪونہ گهٽائيندا. هو کين انهن ماڻهن جا مثال ڏينديون هيون, جن جا جهاز ٻڏي ويا, يا ڪريش ٿي ويا, تہ انهن مان جيڪي بچي ڪنهن ويران علائقي ۾ وڃي پهتا. پنهنجي همت ۽ حوصلي سان نہ صرف پنهنجي پر پنهنجي ساٿين جي بہ زندگي بچايائون.

اهي ماڻهون جيڪي هميشہ اهڙي صورت حال ۾ سرڪار جي آسري هوندا هئا ۽ سرڪار جي ڪوتاهين تي ان کي الزام ڏيندي پيا گهٽ وڌ

ڳالهائيندا هئا ۽ ميڊيا وارا صرف پنهنجي چينلن ۽ اخبارن جو پيٽ ڀرڻ لاءِ سندن ويچارپڻي کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪائنس انٽرويو وٺي پيا پنهنجي ميڊيا جي شهرت وڌائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ سرڪار کي خوار و خراب ڪندا هئا.. اهي هنن چند سرڦرين عورتن جي تقريرن جو مذاق اڏائيندا هئا، ڳوٺن جون عورتون ته انهن سان وڙهي پونديون هيون ته.

”هتي اسان هيڏي مصيبت ۾ آهيون ۽ هي ويچاريون ڀهرجي سهرجي گاڏين ۾ چڙهي آيون آهن اسان کي ليڪچر ڏيڻ ، جيڪڏهن اسان جي مدد نه ٿيون ڪري سگهو ته اسان جي غربت تي چرچا ته نه ڪيو. هو ڪين گهٽوئي سمجهائينديون هيون ته مشڪل مان نڪرڻ جا ڪئي رستا آهن، صرف همت ۽ حوصلي جي ضرورت آهي، صرف پاڻ کي ڳولڻ جو ارادو ڪرڻو آهي. پر اسان جي هن پيڙهيل ۽ مجبور سماج تي ورهين جي ڳٽ چڙهيل آهي، جيڪا جاڳي واٽي اسان جي پوتار طبقي مسلسل پنهنجي ڪوششن سان مٿن چڙهڻ ڏني آهي. جيڪڏهن توهان انتهائي پيار و محبت جو اظهار ڪري، ڪنهن جا هَٿ پير مفلوج ڪري ٻين جو محتاج بنائي رکڻ جي سعي ڪندا رهندا، ته انسان جيڪو فطري طور تي جيترو مضبوط، همٿ وارو ۽ محنت ڪرڻ وارو آهي، اوترو ئي آساني پسند به آهي ۽ جڏهن ڪنهن کي گهر ويٺي مانيءِ ڳيو يا ڪجه روپيه بخشش طور ملي وڃن ، ته هو ائين ئي سمجهي ٿو ته بس ايترو ئي سندن نصيب آهي جيڪو سولائيءِ سان ڪين ملي پيو.

اسان کي انهن سهل پسند ماڻهن جي اندر ۾ پنهنجي وجود کي ڳولڻ ۾سندن مدد ڪرڻي پوندي. منجهن چند روپين يا اَن جي داڻن لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ قطارن ۾ بيهي پنهنجي عزتِ نفس جي مجروح ٿيڻ جو احساس ڏيارڻو پوندو. جنهن لاءِ اسان کي صبر آزما حوصلي جي ضرورت آهي، ان لاءِ اهو سوچي قدم پُٽڻتي ناهن ڪرڻا، ته اسان هنن جي اندر اهو احساس نه ٿا جاڳائي سگهون. وقت کي ۽ حالتن کي بدلجڻو آهي ۽ ضرور بدلجندو. بس اسان کي همت ۽ حوصلي جي شمع روشن رکڻي پوندي.

❤

غزل اهڙيون ئي ڳالهيون پنهنجي گروپ جي ساٿين سان ڪندي هئي ۽ سندن حوصلن ۽ اميدن کي پست ٿيڻ نہ ڏيندي هئي. هوءِ هميشہ ڪين سمجهائيندي رهندي هئي تہ معاشري جي اندر ايترو تہ بگاڙ اچي ويو آهي، تنهن کي ايتري آسانيءَ سان درست ڪري نہ ٿو سگهجي. ماڻهو ان ڳالهہ تي هري ويا آهن ۽ هيرين کي ڦيرڻ ڪافي صبر آزما ڪم آهي، پر مايوس ٿي ويهڻو ناهي. اسان کي وري وري ڪوشش ڪرڻي پوندي. ۽ جيڪڏهن اسان پنهنجي ڪوشش سان هنن جي ذهنن تي چڙهيل ڪٽ جو پهريون پرت هٽائڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين تہ پوءِ باقي تهہ سولائي سان لهي ويندا. سندن ان جماعت جو ڪوبہ نالو نہ هو. بيا بہ ڪجه سر ڦريا ماڻهو هنن سان شامل ٿيندا ويا.هو بستي بستي ،ڳوٺ ڳوٺ وڃي ماڻهن ۾ اتساه پيدا ڪندا رهيا. هاڻي ڪجه ماڻهو هنن جي مذاق اڏائڻ جي بجاءِ سندن ڳالهہ سنجيدگيءَ سان ٻڌڻ لڳا هئا. انهي جاکوڙ دوران هنن اهو مشاهدو ڪيو تہ ڪجه گهرن ۾ ويچاريون عورتون صبح ساڻ پنهنجي ٻارڙن کي گهرن ۾ ڇڏي پاڻ ٻين گهرن ۾ ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ نڪري وڃن ۽ سندن مرد يا تہ جوا ۽ نشي جي بلي ۾ ٻيا ڪبوتربازي، ڪڪڙن ويڙهائڻ ۽ ٻيا فضول شوق پالي انهن جي پويان لڳا وتن ۽ عورتون جيڪي ڪمائي اچن، انهن کان زوري کسي پنهنجي ڪُڪڙن جي ويڙهہ يا ڪبوتر بازي جي شوق ۾ لُٽايو ڇڏن. يا نشہ پتہ ۽ جوا کيڏي هنن ويچارين جي سڄي مهيني جي ڪمائي گهڙيءَ ۾ اُڏائي ڏيندا مُستندا ٿيو ڊنا پيا هوندا. هڪ واندڪائي ٻيو ڏَل ٻارن جي پنيان. ويچاريون مايون پِني سِني ٻچن جي پورت بہ ڪن تہ هنن نِڪَتو مردن کي بہ پالن. بيشڪ اسان جي سرڪار جون پاليسيون انتهائي غلط آهن، تنهنجي ڪري سماج جو وڏو حصو غربت جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيو آهي ۽ صرف ڪجه آڱرين تي ڳڻجندڙ ماڻهو جائز ۽ ناجائز طريقن سان دولت لُٽي امير کان امير ترين ٿيندا پيا وڃن ۽ ڪجه ماڻهو صرف حسرت ڀرين نظرن سان

ڪين ڏسي پنهنجي ڪم ڪرڻ جي رهي سهي سگهه بہ وڃائيندو پيو وڃي. انهن ئي چند ماڻهن جي ناهيل پاليسين جي ڪري، اسان جو اهوجه ماڻهو نادانستہ طور هنن جي اٽيل ڄار ۾ ڦاسندو پيو وڃي، پر سڄو ڏوهہ سرڪار يا سندن پاليسين کي ڏئي پاڻ کي بري الذمہ ڪرڻ بہ نہ ٿو ڄڳائي. ڪجهہ ڪوتاهيون اسان جون بہ هجن ٿيون. اسان بہ ڏينهون ڏينهن يا تہ هڏ حرام ٿيندا پيا وڃون، ان چواڻي جيان،

" پڄي پاڻ کان ڪونہ لک لعنت گوڏن کي "

هن ڌرتيءَ تي اهڙا اهڙا ڪردار بہ موجود آهن جن پنهنجي غربت کي هٿيار بنائي ڏونگر ڏاري ڇڏيا . ان لاءِ هڪ ارادي جي قوت ۽ همت ۽ پوءِ دنيا ۾ اهڙا مثال قائم ٿيا، جيڪي ٻين لاءِ اتساهہ جو باعث بڻجي سگهن.

هنن بہ همت نہ هاري ۽ بار بار انهن وسنديـن ۾ ويندا رهيا، آخر ڪار هنن ڏٺو تہ وسنديـن جي چند ماڻهن هنن کي موٽ ڏيندي، غزل گروپ جي ڳالهين کي سنجيدگي سان هيئين سان هنڊايو. هنن اڳتي وڌي پنهنجي سيني سُستين ۽ ڪاهلين کي پسِ پشت رکي همت ۽ مردانگي ڏيکاري، اهي پنهنجي ڪٽنب، لاءِ خوشي ۽ خوشحاليءَ جو باعث بڻجندا ويا. هن گروپ جو مقصد بہ اهوئي هو تہ ڪو هڪ تہ اڳتي اچي، باقي ان جي پويان نڪري نروار ٿيندا.

ائين هنن پنهنجي ان مشن کي جاري رکيو هنن جي ڪوشش هئي تہ هو گهٽ کان گهٽ ماڻهن کي، جيڪي سندن اعتماد جوڳا هجن. پاڻ ۾ شامل ڪن. ڇو تہ هو پنهنجي خالصتاً سماجي خدمت کي ڪنهن سياست جي ور چاڙهڻ نہ پيا چاهن. هو گهڻا ماڻهو پاڻ سان گڏ ڪري ان مقصد کي ماٺڻ کان وڌيڪ انهن کي سنڀالڻ هنن لاءِ ڏکيو هو. جيترا ميمبر هئا سيني جي حيثيت يا پوزيشن جماعت ۾ هڪ جيتري هئي، ڪو بہ نہ صدر هو نہ سيڪريٽري ۽ نہ سربراهہ. جهڙو نام نهاد عهديدار. ائين هو ننڍين ننڍين ڳوٺن ۾ وڃي ڪم ڪندا رهيا. ڪڏهن ڪڏهن هو انهن ماڻهن لاءِ صاف پاڻي، صفائي وغيره لاءِ انتظاميہ کي بہ زيرِ بار ڪندا هئا ۽ ڪاٿئن مدد بہ وٺندا هئا. ليڪن گهڻو ڪري پنهنجي مدد پاڻ جي تحت هو ڳوناڻن کي سمجهائيندا هئا تہ پنهنجي گهر جيان پنهنجي ڳوٺ کي بہ صاف سٿرو رکڻ اسان جي

ذميداري آهي. ان لاءِ بہ اسان ٻين ڏانهن چو واجهايون. ۽ ماڻهو سندن ڳالهہ تي ڌيان بہ ڏريندا هئا.

اهڙي طرح غزل پنهنجو پاڻ کي ايترو تہ مصروف ڪري ڇڏيو هو جو ڪيس پاڻ سان ٿيل جذباتي استحصال ۽ ويساه گهاتي جي يادگيري بہ نہ ايندي هئي، يا هوءِ ان کي ياد ڪرڻ کان ڄاڻي واڻي لنوائيندي هئي. البتہ ڪن انڌيارين راتين ۾ جڏهن ننڊ ڪانئس رُسي ويندي هئي، تہ اچانڪ ڪا ڪسڪ، ڪا خلش ڪيس بيچين ڪري وجهندي هئي. هوءِ سوچيندي هئي، تہ هن تہ ڪنهن سان ڪا برائي نہ ڪئي هئي تہ پوءِ اهو سڀ ڪجهہ هن سان ڇو ٿيو. فواد آخر ائين پُراسرار نموني ڇو غائب ٿي ويو. ڪراچي ڇڏي اچڻ کان پوءِ بہ ماريہ وارن جو بہ ڪو حال احوال ڪيس ڪونہ مليو هو.

❤

هوءِ سندس گروپ، ماڻهن جي اها تربيت ڪئي هئي تہ هاڻي هو پين ڏانهن واجهائڻ بدران پنهنجي مدد پاڻ تحت گهرن ۾ ۽ گهرن کان ٻاهر پنهنجي لاءِ ننڍڙا معاشي وسيلا هٿ ڪري وٺندا هئا.

هڪ ڏينهن سندس ساٿي گروپ ڪيس ٻڌايو تہ هڪ ڳوٺ جي ڪجھ ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ جي تحت پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙو ميلو رٿيو آهي، جتي هو گڏجي ڪجھ اسٽال لڳائيندا، هنن اسان کي بہ سڏيو آهي، تہ ان سلسلي ۾ سندن رهنمائي ڪيون.

ٻئي ڏينهن سڄو ساٿي گروپ پنهنجين پنهنجين سوارين ۾ اتي پهتو. تہ اهو ڏسي کين خوشي ٿي تہ هنن کي ٻوڏ جي وقت جيڪي خيما مليا هئا، اهي هڪ قطار ۾ لڳائي، انهن ۾ پنهنجي هٿ جي پورهئي سان ٺاهيل ڪيتريون دستڪاريون ۽ ٻيون شيون رکيون هيون. انهن ڳوٺاڻن مان ڪجھ ماڻهن ساٿي گروپ کي چيو تہ هو سندن اهو سامان ڪنهن نموني شهرن تائين رسائڻ ۾ سندن مدد ڪن، يا ڪو اهڙو بندوبست ڪن، جيئن ٻين ماڻهن تائين اها ڳالهہ پهچي سگهي.

گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ فيصلو ڪيو ويو تہ ساٿي گروپ جا ڪجھ ساٿي ۽ ڪجهہ ڳوٺاڻا گڏجي ضلعي جي انتظامي عملدار سان ملي ان کان مدد وٺن. اهو طئي ڪري هنن چند ماڻهن کي ان ڪم لاءِ منتخب ڪيو ۽ پاڻ مان غزل کي ٺي هيڊ چونڊيو جيڪا اتي سڀني جي نمائندگي ڪندي.

ٻئي ڏينهن وقت وٺي ڇهن ڄڻن جو گروپ، جنهن ۾ چار عورتون ۽ ٻہ مرد هئا، اهي ڊي سي سان ملڻ ويا. جنهن هفتو کن اڳ۾ ئي ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر جي حيثيت سان چارج ورتي هئي.

غزل جي وهم و گمان ۾ بہ اها ڳالهہ ڪونہ هئي تہ اڄ هن جي ملاقات هڪ اهڙي شخص سان ٿيڻ واري آهي، جيڪو هن جي ڪرنڊ ڀيلّمن کي ڀيهر اُڌيڙي رکندو.

هو جيئن آفيس ۾ داخل ٿيا تہ سامهون ويٺل آفيسر تي هميشہ جيان غزل هڪ سرسري نگاهہ وڌي ۽ ان شخص جي بہ جڏهن غزل تي نظر پئي تہ هو ڪرسيءَ تان اُٿي بيٺو. غزل تي تہ حيرتن جا پهاڙ ڪري پيا هئا. هن جي سامهون نئين ڊي سي جي حيثيت سان ڪو ٻيو نہ پر افراز ماريہ جو ننڍو ڀاءُ هو. هوءَ حيران هئي تہ افراز تہ ڪراچيءَ مان ايم بي اي ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن نوڪريءَ جي سلسلي ۾ اسلام آباد ويو هو تہ پوءِ هن ڪڏهن ڊسٽرڪٽ مينيجمينٽ لاءِ امتحان پاس ڪيو. ڪيئن اهي سڀ مرحلا طئي ڪندي هو اڄ سندس سامهون موجود هو.

ٻئي طرف افراز بہ جڏهن غزل کي ڏٺو تہ سندس چهري تي حيرت گاڏڙ خوشيءَ جي جهلڪ ظاهر ٿي هن اهڙي اچانڪ ملاقات لاءِ سوچيو بہ ڪونہ هو.. بهرحال هن هڪدم سنجيده مسڪراهٽ سان ايترو چيو.

”مس غزل توهان هتي.......... ! “

ايتري دير ۾ غزل بہ پنهنجي حيرت تي قابو حاصل ڪري ورتو هو. هلڪي مرڪ لبن تي آڻيندي.

”مان پاڻ حيرت ۾ آهيان تہ هتان جا ڊي سي توهان ٿي سگهو ٿا. “

افراز جلدئي بين ماڻهن جو احساس ڪندي خوش دلي سان سيني کي ويهڻ لاءِ چيو. ڪجھ ئي دير ۾ پٽيوالو چانهہ کڻي آيو ۽ سيني کي پيش ڪيائين. افراز بہ پنهنجي پوزيشن جي لحاظ کان غزل کان ان وقت وڌيڪ ذاتي سوال ڪونہ ڪيا. بلڪہ هو جنهن مقصد لاءِ آيا هئا, ان جو ۽ پنهنجي ساٿي گروپ جو تعاف ڪرايو ۽ ڪانئس ان سلسلي ۾ مدد گهري. جنهن تي افراز ساڻن واعدو ڪيو تہ هو صبحاڻي پاڻ ان ڳوٺ ۾ اهو ميلو ڏسندو ۽ جيڪا مدد ٿي سگهي ضرور ڪندو.ان کان پوءِ هو موڪلائي هليا آيا.

❤

غزل ٿَڪي ٽُٽِي جڏهن گهر واپس پهتي ته ماني کائي حسبِ معمول پيءُ جي ڪمري ۾ وئي ۽ اڄوڪي سڄي ڳالهه کيس ٻڌائي ۽ اهو به ٻڌايو ته هتان جو نئون ڊي سي ماريه جو ننڍو ڀاءُ ٿي آيو آهي.ٻئي ڏينهن واري ڳوٺ سڌار ميلي جي متعلق به ٻڌايائين. احمد شفيع سندس حوصله افزائي ڪئي، پر کيس اها به تلقين ڪئي ته هوءَ پلي ساٿي گروپ جي حيثيت سان ڊي سي کان ڪم وٺي، ليڪن ذاتي حيثيت سان مٿس حاوي نه ٿئي ۽ نه کيس زيرِ بار ڪري. ڇو ته بيشڪ هو تنهنجي پياري سهيلي جو ڀاءُ آهي، توهان ڪجھ عرصو هڪ ٻئي سان گڏجي به رهيا آهيو ليڪن اهو بيو وقت هو، هينئر هو جنهن حيثيت سان هتي آهي، ان ۾ سندس رتبي جو خيال ڪرڻ لازمي آهي انهي جاءِ تي اڇي ماڻهو ڪافي سنجيده مزاج ۽ رزرو ٿي ويندا آهن هنن کي پنهنجي سيٽ جو خيال ڪرڻو پوندو آهي. ۽ وڌيڪ حجت يا بي تڪلفي سان ٿي سگهي ٿو ته توهان جي لاءِ سندس ڪا ناپسنديده راءِ قائم ٿئي.ان لاءِ توهان کي هر طرح جو احتياط ڪرڻو پوندو. غزل پيءُ کي اطمينان ڏياريو ته هوءَ ڪڏهن به وڌيڪ ذاتي نه ٿيندي.

ٻئي ڏينهن ساٿي گروپ تيار ٿي سوير ئي ڳوٺ پهتو. ته ڳوناٺن ڏاڍيون تياريون ڪيون هيون. هڪ وڏو سرڪاري عملدار سندن ڳوٺ، سندن ئي ڪاوشن کي هَٿي ڏيڻ جي سلسلي ۾ اچي رهيو هو.

غزل ۽ ساٿي گروپ کي پڪ هئي ته هر وڏي سرڪاري عملدار جيان پنهنجي اهميت جو احساس ڏيارڻ لاءِ هو به دير ڪندو ۽ انتظار ۾ سُڪائيندو ان ڪري هو آرام سان هڪ طرف ويهي ڳوناٺن جي تيارين کي ڏسندا ۽ ساراهيندا رهيا. هنن کي پنهنجي تربيت جي ڪاميابي تي خوشي محسوس ٿي رهي هئي. هو سوچي رهيا هئا ته ڪاش ! هنن کي سندن محنتن جي لاءِ ڪا مارڪيٽ ملي وڃي ورنه هو وري بد دل ٿي همت هاري ويهندا.

هو اجان اهوئي سوچي رهيا هئا، تہ اهو ڏسي کين حيرت ٿي تہ افراز ڏنل وقت تي اتي اچي پهتو. هن سان گڏ ڪجه ٻيا عملدار بہ هئا. سڀني گڏجي ڳوٺاڻن جي محنت کي ستائشي نظرن سان ڏٺو ۽ ڪافي ساراه ڪئي. ساٿي گروپ ان دوران الڳ ٿلڳ بيٺو رهيو. جيئن هو سڀ خود اعتماديءَ سان پنهنجي مسئلن کي بيان ڪري سگهن. ڳوٺاڻن طرفان مقرر ڪيل ٻن عورتن ۽ هڪ مرد کين اهي ڏهہ ئي اسٽال ڏيکاريا.

اسٽال گهمڻ کان پوءِ ڳوٺاڻن ڪٺن تي رليون وڇائي هڪ جاءِ تي کين ويهارڻ جو انتظام ڪيو هو. هو اتي اچي ويٺا، ساٿي گروپ بہ ساڻن گڏ هو. افراز پنهنجي مختصر خطاب ۾ چيو تہ هو تمام جلد ضلعي هيڊ ڪوارٽر جي سطح تي اهڙوئي هڪ ميلو منعقد ڪرڻ جو اهتمام ڪندو. جتي سڀئي ڳوٺاڻا پنهنجو ٺاهيل سامان کڻي ايندا ۽ اهڙي طرح هو سندن محنت ۽ ڪاوش لاءِ مارڪيٽ مهيا ڪري سگهي ٿو. جنهن لاءِ هن ساٿي گروپ جي هن پنهنجي مدد پاڻ جي تحت روزگار پيدا ڪرڻ جي مشن کي ساراهيندي چيو تہ اسان جي هن پوري ميلي جي انعقاد جو ڪم ساٿي گروپ کي سونپجي ٿو. باقي جيڪا انتظامي مدد درڪار هوندي اها ڪنداسين. ائين ڳوٺاڻن لسي پاڻيءَ سان سندن مهمانداري ڪئي.

❤

ان ڏينهن کان پوءِ غزل جو افراز سان ڪنهن بہ قسم جو رابطو نہ ٿيو. البتہ ميلي جو سمورو انتظام، انتظامي عملدارن ساٿي گروپ سان گڏجي ڪيوهو. جنهن ۾ ڳوٺاڻا پڻ شامل هئا. نہ صرف ان ڳوٺ جا بلڪ جتي بہ ساٿي گروپ ڪم ڪيو هو اتان جي بہ ڪجھ ڪٽنبن هن ڳوٺ سڏار ميلي ۾ شرڪت ڪئي.

ائين ئي ڪافي ڏينهن گذري ويا هڪ ڏينهن غزل جي گھر جي لينڊ لائين فون جي گھنٽي وڳي، سندس پياء فون اٽينڊ ڪيو تہ چيو ويو تہ غزل صاحبہ لاءِ ڊِي سي صاحب جي بنگلي تان فون آهي. غزل جيئن ئي فون کنئي تہ پي اي فون ملائي. تہ هڪ عورت جو ڄاتل سڃاتل آواز سندس سماعت سان ٽڪرايو.

”وڏا ماڻهو ڪٿي پيا هلندا وتو. “

هن اهو آواز هڪدم سڃاڻي ورتو جنهن لاءِ هن طويل عرصي کان واجهايو پئي. هوء ماريہ هئي، هن جي پياري سهيلي، جنهن پنهنجو اتو پتو ئي گم ڪري ڇڏيو هو. سندس آواز ٻڌي هن جا ورهين جا ڦٽ ٻيهر اُڌڙي پيا هئا . هن روئڻهارڪي آواز ۾ ۽ نهايت عجلت ڀرئي انداز ۾ چيو.

”ماريہ ! تون ڪيڏانهن غائب ٿي وئي هئينء. نہ خبر نہ چار, نہ اتو نہ پتو. ڇا پنهنجن کي ائين وساري ڇڏبو آهي. اهو بہ نہ سوچئي تہ تنهنجي هيء پيڙ الائي اُتي اڪيلي ڪيئن هوندي. “

ٻئي طرف ماريہ کي اهو اندازو بہ نہ هو تہ هوء هن کي ائين مِس ڪندي رهي هئي. هوء تہ اسلام آباد جي مصروفيتن ۾ ايڏي تہ مگن ٿي وئي هئي، جو هن کي پوئتي جي سار ئي نہ رهي هئي. هن جو روئڻ هارڪو آواز ٻڌي ماريہ کي بيچيني ٿيڻ لڳي. هِن کيس ٻڌايو تہ هوء ڪجھ ڏينهن لاءِ هتي افراز وٽ رهڻ آئي آهي. هو ڪيترن ڏينهن کان کيس هتي اچڻ لاءِ چئي رهيو هو.

هوء غزل جي ڏکاري لهجي جي ڪري پريشان ٿي وئي هئي، هن کيس

دلداري ڏيندي چيو تہ.

”مان گاڏي موڪليان پئي، تون فورا“ مونسان اچي ملي وڃ. يا پنھنجي ائڊريس ٻڌاء تہ مان ٿي توسان ملڻ اچان. “

غزل اھو ٻڌي سوچڻ لڳي تہ. جيڪڏھن ھوء ماريہ کي ھتي سڏيندي تہ گھر ۾ اڪيلائيء ۾ کيس ڳالھائڻ جو موقعو نہ ملندو. چونہ ھوء سندس گھر وڃي ماريہ سان ملي اچي. اھو فيصلو ڪري ھن ماريہ سان سندس گھر اچي ملڻ جو چئي کيس گاڏي موڪلڻ کان بہ جھليو تہ ھوء پاڻھي اچي ويندي.

❤

شام جو تيار ٿي پيءُ جي جيپ ڪٽي هوءِ ماريہ سان ملڻ ڊي سي هائوس هلي وئي. جيئن هوءِ اتي پهتي، تہ ماريہ کي پنهنجو منتظر ڏٺائين. ٻئي ڊوڙي ياڪر پائي هڪ ٻئي سان مليون. تہ غزل جي ضبط جا بند ڀڄي پيا ۽ سڏڪا پري روئڻ لڳي. ايتري عرصي کان اندر ۾ سانڍيل درد ڳوڙها بنجي سندس ڇهري کي پِجائيندو رهيو. ماريہ هن جي اندر جي ڪيفيت کان بيخبر هن جي اهڙي حالت تي حيران و پريشان ٿي رهي هئي. ڪيس هٿ کان جهلي پنهنجي بيڊ روم ۾ وٺي آئي، جيڪو افراز سندس لاءِ مخصوص ڪيو هو. ڪيس بيڊ تي ويهاري ٿڌو پاڻي کٽي آئي. پاڻي پي غزل ڪجه سامت ۾ آئي. هوءِ پنهنجي اهڙي ڪيفيت تي دل ئي دل ۾ شرمسار ٿي رهي هئي. ماريہ ڇا سوچيندي هوندي، تہ مونکي ڇا ٿي ويو آهي، ڇو ائين ضبط جو دامن ڇڏي ڏنو اٿم. ماريہ بہ ڪجه دير لاءِ ڪيس نہ ڇيڙيو. ڪجه ئي دير ۾ هن پاڻ تي ضابطو آڻي ورتو هو ۽ ماريہ کان حال احوال وٺڻ لڳي. ماريہ ڪيس ٻڌايو تہ،

” افراز اتي اسلام آباد ۾ نوڪري ڪندي سي ايس ايس جي بہ تياري ڪئي ۽ پوءِ ڇٽاپيٽيءَ جو امتحان پاس ڪيو اڪيڊميءَ جي ٽريننگ کان پوءِ سندس پوسٽنگ بلوچستان ۽ پوءِ سنڌ جي مختلف هنڌن تي ٿيندي رهي. مرينہ جي تعليم اڃان مڪمل ئي نہ ٿي هئي تہ هڪ سنو رشتو آيو تہ ان جي شادي ڪري ڇڏي سين. ائين اسلام آباد ۾ صرف مان عاشر ۽ ارسلان رهجي وياسين، ان ڪري مون نوڪري بہ ڇڏي ڏني ۽ اتي ئي سيٽ ٿي ويس. سنڌ ۾ ڪڏهن اچڻ ٿيندو هو تہ صرف حيدر آباد امان وارن سان ملي هليا ويندا هئاسين. مون سوچيو هو تہ تون بہ ضرور پنهنجي زندگيءَ ۾ اڳتي وڌي وئي هوندينءَ. پر جڏهن افراز ٻڌايو تہ تو پنهنجي زندگي سماجي ڪمن لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي، تہ مان حيران ٿي ويس.“

ماريہ ڪيس پنهنجي متعلق سڀ ڪجه تفصيل سان ٻڌائيندي رهي.. آخر ماريہ هن جي اهڙي ڪيفيت جي باري ۾ سوال ڪيو. پهرين تہ هوءِ

نتائڻ لڳي، ليڪن پوءِ هن الف کان ي تائين سربستو احوال ماريہ سان ڪيو.

هوءَ جيئن جيئن پنهنجي دکدائڪ وارتا ٻڌائي رهي هئي، ماريہ حيرت ۽ صدمي ۾ وڪوڙجندي پئي وئي ، هن جي پياري سهيليءَ سان هن جي سادگي ۾ ايڏو وڏو فريب ٿي ويو ۽ کيس خبر ئي نہ پئي. هوءَ کيس ٻڌائي رهي هئي تہ هن ايترو عرصو ماريہ جو انتظار صرف ۽ صرف ان ڪري پئي ڪيو جيئن کانئس فواد جي پُراسرار شخصيت ۽ رويي جي متعلق ڄاڻي سگهي.

غزل جيئن جيئن فواد ۽ پنهنجي داستان متعلق ٻڌائي رهي هئي، ماريہ هڪ ٽڪ سندس چهري کي تڪيندي رهي، هن کي غزل جي اُن مورت ۽ فواد جي صورت جي هڪجهڙائيءَ وارو قصو حيران ڪري رهيو هو. غزل هڪ پختہ ذهن ۽ سنجيده عمر جي ڇوڪري هئي ، هن مان کيس اهڙي پاگل پڻي جي بلڪل اميد نہ هئي. ڀلا ڪا ڇوڪري ان حد تائين بہ پنهنجي آئيڊئل جي جستجو ۾ وڃي سگهي ٿي، ان جو کيس ذرو بہ احساس نہ هو. هن کي ان ڳالهہ جو سخت افسوس ٿي رهيو هو، تہ هن غزل کي فواد جهڙي گهاگه ۽ شاطر شخص سان ڇو ملايو. ڪاش ! کيس ان مورتيءَ جي باري ۾ ٿوري بہ ڄاڻ هجي ها، تہ هوءَ غزل کي اهڙي غلطي ڪرڻ ڪڏهن بہ نہ ڏئي ها. پر ڇا ٿو ڪري سگهجي، قسمت يا شيطان غزل کي فواد سان ملائڻو هو، تڏهن تہ هو سندس اسلام آباد وڃڻ کان چند مهينہ پهرين اتي اچي ويو. غزل سان ايڏو دوکو ٿيندو. اهڙي پياري عورت، جيڪا اڳ ۾ ئي پنهنجن جي ستايل هئي. اها بہ منهنجي ڪري اهڙي شخص جي ڄار ۾ ڦاسي وئي.

هوءَ دل ئي دل ۾ اهو سڀ سوچيندي رهي، شرمسار ٿيندي رهي، هن کي رکي رکي پنهنجو پاڻ تي ۽ فواد تي ڪاوڙ اچي رهي هئي وس نہ ٿي پُڄِس تہ فواد سندس سامهون هجي، تہ هن جو اهو حشر ڪري جو دنيا ڏسي. ڏاڍڻ بہ هڪڙو گهر تاري ويندي آهي، هن کي پيڻ جهڙي ڪزن جو بہ خيال نہ ٿيو. آخر غزل منهنجي پياري سهيلي هئي، منهنجي گهر ۾ رهائش پذير هئي. ان جو ئي لحاظ پويس ها. .

غزل هن کي اهڙي گهري سوچ ۾ ٻڏل ڏٺو تہ وري هڪ سوال ڪري ويٺي،

" ماريہ آخر فواد اهو سڀ ڇو ڪيو. "

ماريہ هن جا ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهلي نهايت ڳنڀير تا مان ڇيو.

”چري ڇوڪري ! فواد بيشڪ منهنجو ڪزن آهي، پر هو انتهائي چالاڪ ۽ گهاگهه انسان آهي. اتي شارجه ۾ سندس زال ۽ ٻار آهن ۽ جنهن پراسرار فون جي ڳالهه تي ڪرين ٿي، اها ضرور سندس زال جي هوندي، هو زال کان تمام گهڻو ڊڄندو آهي، تڏهن سندس اهڙي ڪيفيت ٿي ويندي هوندي، ڇوته هوءِ به ڪي قدر هن جي ڪرتوتن کان واقف آهي ۽ ڪيس ڇڪي رکندي آهي، بلڪه هوءِ کيس حدن کا تجاوز ڪرڻ ناهي ڏيندي.

هن جڏهن ڏٺو هوندو ته تون هن سان گهڻي محبت ڪرڻ لڳي آهين ۽ هاڻي اهو سڄو سلسلو سندس ڳچيءِ پئجي رهيو آهي، ته هُن تومان جان ڇڏائڻ لاءِ پئسن جو ڊرامو ڪيو. يا ٿي سگهي ٿو ته هو پهرين به ماڻهن سان ائين فريب ڪندو رهيو هجي.مونکي ان جي ڄاڻ ناهي، هن سان اسان جو ملڻ ڪڏهن ڪڏهن ٿي ٿيندو آهي، ان ڪري سندس سرگرمين جي مونکي ڪا خاص خبر ڪونهي.

جڏهن غزل جي سامهون ان شخص جي حقيقت کُلي ۽ سندس اصل چهرو سامهون آيو، ته هن جي وجود اندر ڪيترا ئي خوابن ۽ آرزوئن جا شيش محل ڊهي پورا پورا ٿي وچي پَٽِ پيا هئا. هوءِ ڪنهن زخمي هرڻيءِ وانگيان بي وس، لاچار، لُڇي پُڇي ، پَڇري ۾ ڪامي رهي هئي. هن جي اندر جي آڳ کيس جلائي ڀسم ڪري رهي هئي، هن جو عزت نفس ايترو ته مجروح ٿيو هو، جو هن جي دل چاهيو پئي ته زمين ڦاٽي پوي ۽ هوءِ ان ۾ سمائجي وڃي. هر ڳالهه ياد ڪري هوءِ پاڻ کان ڪراهت محسوس ڪري رهي هئي. مان اهڙي شخص کي پنهنجي من مندر جو ديوتا سمجهي هن سان پرستش جي حد تائين محبت ڪري ويٺس، ايتري پخته عمر جي عورت هوندي، ڇوڪرين وانگر هن جي خوبصورت ڳالهين جي ڄار ۾ ڦاسندي ويس. ڀلا ان ۾ ڪنهن ٻئي جو ڪهڙو ڏوهه.

”پنهنجي ڪئي جو نڪو ويڄ نه طبيب.“

ڪجه دير هو ٻئي ٻا. ۾ ڏک سور اورينديون رهيون. ڳالهين ڪندي غزل جي ذهن تي هڪ ڳالهه تري آئي ته هن ماريه کي ٻڌايو ته،

”ڪجهه عرصو اڳ۾ هوءِ پنهنجي استاف سان منڇر ۽ پوءِ سيوهڻ گهمڻ وئي هئي، ڄامشورو پل ڪراس ڪندي هن هڪ شخص کي جيپ ۾

ويندي ڏٺو هو ڪجهه لمحن لاءِ کيس لڳو هو ته اهو افراز هو. ليڪن ٻئي لمحي هن کي اها خام خيالي لڳي، ته پلا افراز جو هتي ڪهڙو ڪم ، چو ته مان ته اهوئي سمجهي رهي هئس ته هو اتي اسلام آباد ۾ هوندو. ها البته ان وقت دل چاهيو هو ته ڪاش اهو واقعي به افراز هجي ها ته کيس روڪي مان تنهنجو پتو ئي معلوم ڪري وٺان ها.“

سندس ڳالهه ٻڌي ماريه کلڻ لڳي.

”واه جي ڳالهه ٻڌائي، افراز مونسان ذڪر ڪيو هو ته هن توهان کي اسٽاف سان گڏ ڄامشورو پل تي ڏٺو هو پر توهان کي روڪڻ مناسب نه سمجهائين. ان وقت سندس پوسٽنگ ايس ڊي ايم طور سيوهڻ ۾هئي..“

”ان جو مطلب ته سيوهڻ ۾ هن سان ان ڪري ملڻ نه ٿي سگهيو جو هو ڪنهن ميٽنگ ۾ حيدرآباد ويل هو. “

”اهو ته هُن ڪونه ٻڌايو هو. ڪاش توهان جو ملڻ ٿي وڃي ها ته گهٽ ۾ گهٽ منهنجو توسان رابطو ته ٿي پوي ها.۽ ائين تون اڪيلي ايڏو وڏو صدمو سهڻ کان بچي پوين ها. چوندا آهن ته دردن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ سان اهي اڌو اڌ گهٽجي ويندا آهن، جيئن خوشي ۾ حصو ونڊائڻ سان اها ٻيڻي ٿي ويندي آهي.“

هو ٻئي اهڙيون دنيا جهان جون ڳالهيون ڪنديون رهيون جو وقت گذرڻ جو احساس ئي نه رهيو۽ ملازم اچي چيو ته صاحب مانيءَ تي انتظار پيا ڪن.

غزل گهٽوئي ننڊايو ته هوءَ ماني ڪونه کائيندي، پر ماريه سندس هڪ به نه ٻُڌي ۽ هو ٻئي ڊائننگ روم ۾ آيون، جتي افراز سندن انتظار ڪري رهيو هو. هو ڪين ايندو ڏسي آڏرياءَ لاءِ اٿي بيٺو، سلام دعا کان پوءِ ماني کائڻ لڳا. ڊنر ۾ ڪافي اهتمام ٿيل هو.ان دوران افراز جيڪو پهرين به ڪافي سنجيده مزاج هو. وڌيڪ مهذب ۽ متين ٿي ويو هو. بيشڪ هن جو رويو آفيس جهڙو دٻدٻي وارو نه هو. ليڪن پوءِ به عمر ۽ عهدي جي لحاظ کان هن ۾ ڪافي رک رکاءَ اچي ويو هو.

ماني ختم ڪري هوءَ وڃڻ لاءِ اُٿي کڙي ٿي ته ٻئي ڄڻا کيس دروازي تائين خداحافظ چوڻ لاءِ آيا.

❤

غزل جي وڃڻ کان پوءِ، جڏهن ٻئي ياءُ پيٽر لائونج ۾ ڪافي پي رهيا هئا ته ماريه ڪيس غزل جي پوري ٻڌايل تفصيل سان ٻڌائي ۽ اهو به ذڪر ڪيو ته فواد جي صورت ڪيپٽن سندس ناهيل ان مجسمه سان مشابهت پئي رکي، جنهن جي عرصي کان ڪيس تلاش هئي.

افراز غزل جهڙي ميچئور عورت کان اهڙي بيوقوفانه حرڪت جي توقع نه پئي رکي، ان ڪري هو پيٽر جي ٻڌايل ان ڳالهه تي مسڪرائي بغير رهي نه سگهيو.

ماريه ڪيس ان معني خيز انداز ۾ مسڪرائيندو ڏسي مصنوعي ناراضگي واري لهجي ۾ چيو.

" توهان سڀ مرد هڪ جهڙا هوندا آهيو، عورت ويچاري پنهنجي سادگيءَ ۾ هميشه مردن جي چالاڪين جي فريب ۾ ڦاسي ويندي آهي"

پيٽر جي اهڙي تبصري تي هو مسڪرائي پهرين ته چپ ٿي ويو ليڪن ڪجه توقف کان پوءِ نهايت سنجيدگي سان چوڻ لڳو.

" ماڻهو بلڪل درست چوندا آهن ته عورت ڪيترو به پڙهي لکي وڃي، عمر جي سنجيدگي جي باوجود انهن کي سولائي سان بيوقوف بنائي سگهجي ٿو به ٻول همدردي يا پيار جا چئي هن جي سڄي توجهه پاڻ ڏانهن مبذول ڪرائڻ ڪو ڏکيو ڪم ناهي. "

" بس، بس، ڊي سي صاحب، عورت ايتري به پوزڙي ڪونهي، پر رستي ۾ جو فواد جهڙا شاطر مرد پنهنجا چار پکيڙيو تاڪ ۾ بيٺا هجن، ته ويچاري عورت ڪٿي ٿي پاڻ بچائي سگهي. "

" مونکي ته توهان جو اهو نام نهاد فواد صاحب شروع کان پسند نه هو.

توهان ئي ان کي ايتري لفٽ ڪرائيندا هئا. “

” بس اهو سڀ ڪجه ائين ئي ٿيڻو هو. مان واقعي پنهنجي دوست لاءِ ڏکي آهيان، پر هاڻي ڇا ٿو ٿي سگهي. “

ڪجه دير اهي ڳالهيون ڪندا رهيا ۽ ڪافي پئندا رهيا،پوءِ افراز اٿي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. .

❤

ائين ئي ڪجھ ڏينهن گذري ويا، غزل ۽ ماريہ ڪنهن مهل موبائيل تي ڪچهري ڪري هڪ ٻئي کان حال احوال وٺنديون رهنديون هيون.

هڪ ڏينهن شام جو غزل وهنجي سهنجي ٻاهر نڪتي ۽ آئيني جي آڏو وارن کي برش ڪري رهي هئي تہ دروازي جي گهنٽي وڳي، تہ سندس پياء دروازي تي ويو ۽ انهن ئي پيرن تي موٽي آيو. هن پنهنجي نٺيڙي پٽ کي مٿي موڪليو تہ پڦو کي ٻڌائي تہ ڊي سي صاحب جي گاڏي آئي آهي ۽ توهان جي باري ۾ ڊرائيور پڇي پيو. پٽ کي موڪلي پاڻ مهمانن جي آدرڀاء لاءِ ٻاهر نڪتو تہ هن جي حيرت نہ رهي تہ هڪ عورت سان گڏ ستٽيهن انٽيهن سالن جو هڪ سنجيده صورت جوان شخص گاڏي مان لٿو. هو اڳتي وڌي ساڻس اچي مليو ۽ ڪيس ٻاهرين طرف ڪلندڙ اوطاق ڏانهن وٺي ويو.

ٻاهريون در کولي ماريہ اندر داخل ٿي تہ غزل ڊوڙ پائي اچي ساڻس ڀاڪر پائي ملي.

”تون واعدو ڪري ايترن ڏينهن ۾ وري نہ آئينءَ. تہ مون ئي سوچيو تہ پاڻ اچي توسان ملي وڃان..“

غزل نٽائيندي چيو تہ،

”بابا سائين جي طبعيت ٺيڪ نہ هئي.“

اصل ۾ هوءَ ان ڏينهن جي ڳالهين کان پوءِ ٻيهر هنن سان نظرون ملائڻ جي پاڻ ۾ همت ساري نہ پئي سگهي. هن کي هر وقت اهو خيال پريشان ڪندو رهيو تہ ڪٿي ماريہ افراز کي اهو سڀ نہ ٻڌايو هجي. هوءَ سخت شرمندگي محسوس ڪري رهي هئي.

هوءَ ماريہ کي ڊرائينگ روم ۾ وٺي آئي ۽ ڀاڀيءَ کي چانھ لاءِ بہ تاڪيد ڪندي آئي.

ماريہ هڪ صوفي تي ويهندي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. ڪمري ۾ هنن کان سواءِ ٻيو ڪير بہ ڪونہ هو. ماريہ بغير ڪنهن تمهيد جي چوڻ لڳي،

”غزل منهنجي هڪڙي صلاح مڃيندينءَ. “

”ڪهڙي صلاح.........؟ “

”تون شادي ڪري وٺ، گهڻئي بيوقوفيون ڪيئي، جيڪي ڇوڪريون آدرشن جي تلاش ۾ پٽڪنديون وتنديون آهن انهن کي ڪجھ حاصل ناهي ٿيندو سواءِ خوارين ۽ دوکن جي اهو تہ تون خوش قسمت آهين جو ڪنهن وڏي دوکي کان خدا توکي پناھہ ۾ رکيو ورنہ اهڙي قسم جون الهڙ ڇوڪريون پنهنجي غزت ناموس سڀ ڪجھ وڃائي رسوايين جي گهري کاھيءَ ۾ وڃي ڪرنديون آهن. اهڙا مڪر و فريب سان ڀريل ماڻهو ڇپي ڇَپي وِڪ تي انهن جي تاڪ ۾ هوندا آهن. “

ڪجھ لمحن جي لاءِ خاموشي اختيار ڪندي، ماريہ وري چوڻ لڳي،

”هاڻي گهڻو ٿيو ڇڏ انهن سماجي خدمتن کي، تنهنجي اڪيلي سان سماج ڪونہ سڌري پوندو. اسان پنهنجي دنيا ۽ عاقبت سنواري تہ بہ ڪٿيو سين. “

غزل هن جون ڳالهيون غير سنجيدگيءَ سان ٻڌندي رهي ۽ زير لب مرڪندي رهي. جڏهن ماريہ خاموش ٿي پنهنجي ڳالھہ جي اثر ڏسڻ لاءِ ڪيس سواليہ نگاهن سان ڏٺو تہ هوءَ چوڻ لڳي،

”ماريہ لڳي ٿو تہ هاڻي تون چري ٿي پئي آهين. مان پنهنجي ڪم مان مطمئن آهيان ۽ اهو ڪم ڪندي مونکي جيڪا ذهني آسودگي ۽ سرشاري حاصل ٿي آهي، اها شاديءَ جهڙي فضوليات ۾ ڀلا ڪٿي ملي سگهندي، ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جي جذبي هيٺ مان باقي زندگي گذارڻ جو پاڻ سان ڪيل عهد ڪڏهن بہ ۽ ڪنهن بہ قيمت تي ٽوڙي نہ ٿي سگهان. سڀ کان وڏي ڳالھہ تہ منهنجي هينئر شاديءَ جي عمر بہ ناهي رهي.. “

”ڇو ناهي رهي، تون صرف ها تہ ڪري ڏس، قطار ئهي ويندي تنهنجي اميدوارن جي. “.

”ڇڏ ان ڳالھہ کي، ڪا ٻي ڳالھہ ڪر. “

هن ٽٽائيندي چيو.

ماريہ ڪيس ٻانهن کان جهلي پنهنجي ويجهو ڪندي، سندس اکين ۾ پيار ۽ پاٻوھہ ڀرين نگاهن سان نهاريندي،

”غزل منهنجي پيءُ ! ائين نثاء نہ اڄ مان توکي هڪ حسين زندگي ڏانهن قدم وڌائڻ لاءِ تنهنجو ساٿ ڏيڻ جي نويد کڻي آئي آهيان. اڄ مان تنهنجو ڪوبہ انڪار ڪونہ ٻڌنديس. رهيو سوال توکي پاڻ سان ڪيل عهد نڀائڻ جو تہ اهو شاديءَ کان پوءِ بہ نڀجي سگهي ٿو تون پوءِ بہ پنهنجي مرضيءَ جي زندگي جئِي سگهين ٿي.“

”ماريہ پليز! ڇڏ نہ. ان ڳالهہ کي، عمر هئي تہ ڪنهن منهنجي لاءِ سوچيو ڪونہ. تہ پلا هينئر ڪير سوچيندو. “

ماريہ مسڪرائيندي چوڻ لڳي،

”ءِ جي مان چوان تہ ڪنهن انسان ورهين کان صرف ءِ صرف تنهنجي باري ۾ سوچيو آهي، تنهنجي ساٿ جي آرزو ڪئي آهي. هو تنهنجي هن بي رونق ، بي رنگ ءِ نا اميد زندگيءَ ۾، اميدن، امنگن ءِ تمنائن جا اهي سيئي رنگ پرڻ لاءِ هميشہ کان تنهنجو منتظر رهيو آهي،بغير توکي احساس ڏيارڻ جي، توکي دل ئي دل ۾ چاهيو آهي، هن ڪنهن بہ موٽ جي تمنا نہ ڪئي. هو اڄ بہ انهيءَ آس ۾ زندگيءَ جو سفر طئي ڪري رهيو آهي تہ هڪ ڏينهن تون سندس جيون ۾ شامل ٿي هن جي زندگي کي خوبصورت بنائي ڇڏيندينءَ. تہ پوءِ ان جي باري ۾ تنهنجو ڪهڙو جواب ٿي سگهي ٿو. “

اهو سڀ ٻڌي غزل هڪ دفعو وري ڏُڪاري ٿي وئي، سندس نيڻن جا ڪنارا پِسجي ويا. پريل آواز سان چوڻ لڳي،

”ماريہ پليز ! هڪ ڀيرو وري مان اهڙي ڪنهن خواب ۾ جيئڻ نہ ٿي چاهيان، جنهن جي تعبير ماضيءَ جيان ڀيانڪ ءِ ڊيڄاريندڙ هجي، مان خوش ءِ پرسڪون آهيان، منهنجي زندگي هاڻي پنهنجي لاءِ نہ پر ٻين جي خوشين لاءِ آهي. مون تہ توکي پنهنجي ماضيءَ جي تڙپائيندڙ ءِ خوفائتي تصوير ان ڪري ڏيکاري هئي، جيئن مان ان جي حقيقت ءِ پس منظر پروڙي سگهان، جيئن مونکي سڪون حاصل ٿي سگهي، جيئن اها خلش دور ٿي سگهي تہ ڪاٿي مون پنهنجي ڪنهن عمل سان پاڻ کي دکي تہ ناهي ڪيو.ان کان علاوه منهنجو ڪوبہ مقصد نہ هو. نہ ئي ڪنهن همدرديءَ جي ضرورت.“

ائين چوندي سندس لهجو ڪجي قدر تلخ ٿي ويو هو. ماريہ هن جي

لهجي جي پرواه نہ ڪندي پيھر چوڻ شروع ڪيو.

”جيڪڏھن ڪو انسان پوري زندگي ھڪ آس، ھڪ انتظار ۾ گذاري ڇڏي، تہ ڪڏھن تہ سندس اڌوري زندگي مڪمل ٿيندي، توکي ان جو بہ احساس ڪونہ ٿيندو.“.

”تون غلط ٿي چوين، ھينئر اگر ڪو شخص منھنجي طرف ھٿ وڌائيندو بہ تہ صرف ھمدرديءَ ۾ ۽ مونکي رحم، قياس جھڙن لفظن کان چڙ ٿي وئي آھي......... ان ڪري پليز ماريہ......... ! “

اھو چوندي ھوءَ ڪجھ دير لاءِ سوچ ۾ پئجي وئي تہ آخر اھو ڪير ٿي سگھي ٿو.ڪاٿي فواد تہ واپس موٽي ناھي آيو ۽ ڪيس پنھنجي ڪئي تي پڇتاءُ ھجي، پر ھو ھاڻي ڪٿي سون جو بہ ٿي پوي، ھُن سان ھاڻي منھنجو ڪوبہ واسطو نہ ٿو جُڙي سگھي. خير ڪير بہ ھجي. منھنجو فيصلو اٽل آھي، تہ پوءِ مان ان جي باري ۾ ڇو فڪرمند ٿيان.

ماريہ ڪيس سوچيندو ڏسي سندس جواب جو انتظار ڪندي رھي، ليڪن ھن ڪوبہ جواب نہ ڏنو تہ ماريہ وري سِرڪي سندس ويجھو ٿي ويٺي ۽ نھايت ئي نھنائي ۽ سنجيدگيءَ سان چوڻ لڳي،

”تون آخر احساس ڪمتري ۽ خود رحميءَ جو شڪار ڇو ٿي رھي آھين، تون ڪنھنجي نگاھن ۾ اڳ ۾ بہ سيني کان وڌيڪ ھئينءَ ۽ ھاڻي بہ آھين.

غزل پليز! انڪار نہ ڪر، مان ھڪ آس ڪٽي پنھنجي پياري سھيليءَ جي جيون کي سنوارن چاھيان ٿي. شايد خداوند ڪريم کي تنھنجي صبر تي رحم اچي ويو ھجي ۽ ھن تنھنجي لاءِ ھڪ خوبصورت زندگيءَ جو اھتمام ڪيو ھجي.. مونکي بہ پنھنجي ڪيل ھڪ غلطي جي تلافي تہ ڪرڻ ڏي. “

”ماريہ ! تون آخر ايڏو اصرار ڇا لاءِ پئي ڪرين. ھونئن تہ مونکي ان ڳالھ سان ڪا دلچسپي ڪانھي، پر ھاڻي ٿورو تجسس ضرور ٿيو آھي. ٻڌاءُ عمر جي ھن حصي ۾ ڪير پيدا ٿي پيو آھي، منھنجي زندگي سنوارڻ لاءِ مونکي پنھنجي جيون ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ، ڀلا ڪنھن کي ڪُتيءَ ڪنيو آھي.. “

ماريہ کي اھو ٻڌي ڪجھ اطمينان ٿيو تہ گھٽ ۾ غزل ان شخص

کي ڇاڻڻ لاءِ تيار ته ٿي. نهايت پيار پرئي انداز ۾ هٿ پڪڙي چوڻ لڳي،

”پهرين ته مونکي به يقين نه آيو هو. مان به حيران ٿي وئي هئس. مون سمجهيو هو ته تنهنجي زندگي جي الميه تي رحم کائي توکي اپنائڻ ٿو چاهي. ليڪن جڏهن مونکي خبر پئي ته هو ته توکي ان وقت کان پنهنجي دل اندر هڪ اوچو مقام ڏئي ويٺو آهي، جڏهن کان هن توکي ڏٺو هو. هن تنهنجي خاطر پنهنجي دوست فهد جي پيڻ کي جيڪا اڻ ڄاڻائيءَ ۾ هن کي دل ڏئي ويٺي هئي ۽ اسلام آباد تائين هلي آئي هئي، ان کي انڪار ڪري ڇڏيو هو. مان پاڻ حيران ٿي وئي هئس ۽ سندس ئي اصرار تي ان سان گڏجي توهانجي گهر آئي آهيان، چاچا ۽ تنهنجي گهر وارن سان ڳالهه ٻولهه کان پوءِ ئي مان سندس خوشين لاءِ تو وٽ سوالي بنجي آئي آهيان، توکي ان جو نالو ڄاڻڻ جو تجسس آهي نه، ته ٻڌ اهو ڪو ٻيو نه، پر ” افراز “ آهي منهنجو ياءُ.“

اهو چئي هوءَ خاموش ٿي وئي. پر اهو ٻڌي غزل جو ردِ عمل انتهائي شديد هو. هن ڪيس ذري گهٽ ڏونڌاڙيندي چيو،

”تون پاڳل آهين، ڪاٿي افراز ڪاٿي مان، اهو ڪيئن ممڪن آهي، نه اهو نه ٿو ٿي سگهي نه بلڪل به نه...... “

هن جي اکين آڏو اهي سڀ منظر هڪ هڪ ڪري ڦرڻ لڳا، فواد سان بي تڪلف ٿين تي هُن جو سخت ردِ عمل. سندس ڪمري جي دروازي تي بهاني بهاني اچڻ . هن جون نظرون بچائي چوري چوري نهارڻ. هر منظر ٿي وي اسڪرين جيان هن جي سامهون اچي رهيو هو. هاڪس بي تي زوري سيني کي وني وڃڻ، اتي معني خيز جملا ڳالهائڻ . ليڪن هن انهن ڳالهين کي نندڙو سمجهي ڪڏهن ڪا اهميت نه ڏني هئي. ۽ هو هو جو ورهين کان هينئر تائين ائين تنها پيو ڦري. هوءَ ڪيتري دير تائين صدمي هيٺ اهڙيون ئي ابتيون سبتيون ڳالهيون سوچيندي رهي، ماريه به خاموشيءَ سان هن جي چهري جي بدلجندڙ تاثرات کي ڏسندي رهي، بهرحال هن ان دوران افراز کي هڪ ميسيج ڪري ورتو هو ته هوءَ نيم رضامند ٿي وئي آهي، هاڻي هن جي اچڻ جو وارو آهي. هو ته ڪافي دير کان اوطاق ۾ سندس والد احمد شفيع سان ڳالهين ۾ مصروف هو جنهن کيس واضع لفظن ۾ چيو هو ته جيڪڏهن

ڏيءِ ماريه کيس مجرائي ورتو ته اسان کي ڪوبه اعتراض ڪونهي. ماريه به غزل کي ايستائين سوچڻ ۾ فيصلو ڪرڻ جو پورو پورو موقعو فراهم ڪيو هو ان يقين سان ته هوءِ پڪ سان پنهنجي خوبصورت مستقبل جي باري ۾ ئي فيصلو ڪندي.

هوءِ اڃان انهن ئي ئي خيالن ۾ گم هئي ته هن جو پاءِ ڊرائينگ روم جو دروازو ڪڙڪائي، اندر گهڙي آيو ۽ ان سان گڏ پيو ڪيرنه پر افراز هو گلن جو بُڪيٽ هٿن ۾ ڪنيو اندر داخل ٿيو ۽ اچي سندس هٿن ۾ ڏنائين.

غزل ان وقت هلڪي سبز رنگ جي لان جي سوٽ ۾ ان وقت به تمام حسين ۽ پُر ڪشش پئي لڳي. افراز کي پنهنجي سامهون هڪ نئين روپ ۾ ڏسي هوءِ شرم وچان ڀاڙهي ٿي وئي ۽ ماريه سندس اها ڪيفيت ڏسي مطمئن ٿي وئي.

---

**ختم ٿيو**

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

